# مون ڏات انوکي آندي آ

محمد ابراهيم جويو



ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

# مون ڏات انوکي آندي آ

(محمد ابراهيم جويي جا شيخ اياز جي ڪتابن تي لکيل مهاڳ ۽ مضمون)

محمد ابراهيم جويو

سهيڙيندڙ

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

ڪراچي- 2012ع

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪِتابَ جو نالو: مون ذات انوکي آندي آ
ليکڪ: محمد ابراهيم جويو
سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
پهريون ڇاپو: آگسٽ 2012ع
ڇپيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي
ڇپائيندڙ: عبدالعزيز عقيلي سيڪريٽري ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

قيمت: -/250 روپيا

ملڻ جو هنڌ:
ثقافت کاتو، ڪتاب گهر
سامهون ايم. پي. اي هاسٽل، سر غلام حسين هدايت الله روڊ،
ڪراچي- 74400، سنڌ
فون: 021-99206073

# فهرست

| | | |
|---|---|---|
| پبلشر جو نوٽ | عبدالعزيز عقيلي | 5 |
| ٻه اکر | سسئي پليجو، وزير ثقافت | 7 |
| سهيڙيندڙ پاران | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 9 |

## مهاڳ

| | |
|---|---|
| 'جل جل مشعل جل جل' [مهاڳ] | 15 |
| 'هي گيت اُڇايل مورن جا' [مهاڳ] | 22 |
| جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪا پڙي [مهاڳ] | 35 |
| وڄون وسڻ آيون [مهاڳ] | 40 |
| ڪي جو ٻيجل ٻوليو [مهاڳ] | 49 |
| راڄ گهاٽ تي چنڊ [مهاڳ] | 80 |
| ٻڙجي چانوا ڳي ڪان گهاٽي [مهاڳ] | 104 |
| نارائڻ شيام | 122 |
| جهلڪون [”اڳتي قدم“ سيپٽمبر 1947 جو ايڊيٽوريل] | 123 |
| اياز ۽ اڳتي قدم | 132 |
| لڙيو سج لڪن ۾ [ناشر طرفان] | 136 |
| منهنجي خواب جي ساپيان – 1 | 139 |
| منهنجي خواب جي ساپيان – 2 | 143 |
| اياز شناسي – اڄ جي ضرورت | 145 |

مون کان سنڌ نہ وسري! 148
پيش لفظ 160

## سنڌ جو آواز

اياز کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ - قومي فرض 169
اياز زندهہ آهي، هو ڪڏهن بہ مري نٿو سگهي 188
اياز جي خدمتن جو هڪ مختصر احوال 194
آءٌ توکي دعا ٿو ڪريان، سنڌڙي! 207
عظيم سنڌي شاعر: شيخ اياز 220
شيخ اياز: پنهنجي تحريرن جي آئيني ۾ 233
سنڌ جو آواز - شيخ اياز 246

# پبلشر جو نوٽ

ثقافت کاتي سنڌ حڪومت، گذريل چئن سالن دوران ثقافتي سرگرمين سان گڏ ڪتابن جي اشاعت جي سلسلي ۾ پڻ جوڳا قدم کنيا، جيڪي تاريخي اهميت رکندڙ آهن. هن ئي دور ۾ خاص طور سنڌ جي اساسي شاعرن جي ڪلام ، سوانح، فڪر ۽ فلسفي تي تحقيقي ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن. هن چئن سالن جي عرصي ۾ پهريون ڀيرو سنڌ جي ڪلاسيڪل ادب ۽ شاعريءَ سان گڏوگڏ جديد ادب ڏانهن بہ توجهہ ڏنو ويو. هن حڪومت جي شروع ۾ جيئن ئي محترمہ سسئي پليجو صاحبہ ثقافت جي وزارت سنڀالي تيئن ئي هن جديد سنڌي ادب تي تحقيق ۽ اشاعت لاءِ هدايتون جاري ڪيون. ٻين ڪتابن سان گڏ سنڌ جي جديد شاعري ۽ ادب جا شاهڪار ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن. ويهين صديءَ جي تمام وڏي شاعر شيخ اياز جي شاعري ۽ نثر جي سيني ڪتابن ۽ اڻ ڇپيل مواد کي 21 ضخيم جلدن ۾ هن جي صفحن جو تعداد لڳ ڀڳ 16 هزار تين تا، شايع ڪيو ويو. اهو هڪ تاريخي ڪارنامو آهي، جيڪو هن دور ۾ سرانجام ڏنو ويو. شيخ اياز جي اشاعت جي سلسلي ۾ ”پبليڪيشن ڪميٽيءَ“ جو چيئرمئن مانوارو عالم، اديب، دانشور محترم محمد ابراهيم جويو صاحب رهيو ۽ سندس ئي نگرانيءَ ۽ رهنمائيءَ ۾ اهو ڪم ثقافت کاتي تڪميل تائين پهچايو.

محمد ابراهيم جويو صاحب سنڌي ٻولي ۽ ادب جو تمام وڏو نالو آهي، جنهن لڳ ڀڳ پنهنجي حياتيءَ جا اسي کان مٿي سال سنڌي ادب ۽ علم کي ارپيا آهن. هو هڪ اهڙو عالم، اديب ۽ محقق آهي

جنهن پنهنجي دور تي گهرا اثر ڇڏيا آهن. هيءَ بہ حقيقت آهي تہ سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز تي بہ سندس اثر رهيا آهن. جنهن جو ذڪر شيخ اياز پاڻ بہ مختلف وقتن تي ڪندو رهيو. محترم محمد ابراهيم جويو شيخ اياز جو دوست ۽ ساٿي رهيو. هو مختلف وقتن تي شيخ اياز جي ڪتابن تي مهاڳ وغيره لکندو رهيو آهي. هن ڪتاب "مون ڏات انوکي آندي آ" ۾ اهو سمورو مواد موجود آهي، جيڪو مختلف ڪتابن ۾ مهاڳن ۽ تقريرن وغيره جي شڪل ۾ شايع ٿيو آهي. هيءُ ڪتاب سنڌ حڪومت جي وزير محترمہ سسئي پليجو جي خاص هدايتن تي شايع ڪيو پيو وڃي ۽ هوءَ ڪتاب جي ڇپائي وغيره جي سلسلي ۾ رهنمائي بہ ڪندي رهي آهي، جيڪو سندن علم ۽ ادب دوستيءَ جو هڪ چٽو ثبوت آهي.

هن ڪتاب جي اشاعت جي حوالي سان، ثقافت کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل رفيق احمد ٻرڙي جون ڪوششون بہ قابل تعريف آهن، جنهن جي ڪري وقت سر ڪتاب اچي سگهيو. محترم محمد ابراهيم جويي صاحب جا شيخ اياز تي لکيل مهاڳ ۽ ڪجهہ ٻيا مضمون/مواد ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ سٺي نموني سان سهيڙي، هن ڪتاب جي صورت ۾ اسان جي سامهون آندو آهي، ڪتاب جي سهڻي سٽاءَ ۽ ترتيب لاءِ هو جس لهڻي.

شيخ اياز جي ڪتابن تي لکيل محمد ابراهيم جويي جي مهاڳن ۽ مضمونن تي مشتمل هي ڪتاب اياز شناسيءَ جي حوالي سان هڪ اهم ڪتاب آهي. مون کي اميد اهي تہ اسان جي هيءَ محنت سنڌ جي ادبي حلقن خاص ڪري سائين محمد ابراهيم جويي ۽ شيخ اياز جي مداحن وٽ وڏو مانُ ماڻيندي.

**عبدالعزيز عقيلي**

سيڪريٽري

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

# پهاڪر

سائين محمد ابراهيم جويو سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو تمام وڏو نالو آهي. جديد ادب ۾ سندس بي مثال ڪاوشون رهيون آهن. پاڻ جديد ادب، فڪر ۽ فلسفي متعلق اسان جي ماڻهن کي آگاهه ڪيائون. سنڌ جي جديد علم، ادب ۽ سوچ ۾ جويي صاحب جو وڏو هٿ آهي.

پاڻ اسي سالن کان مٿي عرصي تائين سنڌ جي علم، ادب ۽ ٻوليءَ جي خدمت ڪئي اڻائون ۽ اڃا تائين لڳاتار ڪري رهيا آهن. اها اسان لاءِ تمام گهڻي خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته محمد ابراهيم جويو اسان سان سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جي خدمت ۾ گڏ رهيو آهي. سنڌ جو عوام ۽ سنڌ حڪومت، خاص طور تي ثقافت کاتو سندن ڪم مان فيضياب ٿيندو رهيو آهي، اسان مٿن فخر محسوس ڪندي دل جي گهراين سان سندن شڪر گذار آهيون.

جويي صاحب سان اسان جي گهر جو تعلق رهيو آهي. اسان ننڍي هوندي گهر ۾ جيئن ئي اک کولي ته جويي صاحب کي ڪچهريون ڪندي ڏٺو. ساڻس اسان جي گهر ۾ سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي ڪچهريون ٿينديون رهنديون هيون. منهنجي لاءِ اها تمام گهڻي خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته اسان ننڍي هوندي کان ئي جويي صاحب جهڙي دانشور، مفڪر، استاد، عالم، اديب، مترجم ۽ ٻوليءَ جي ڄاڻو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي چاهيندڙ کي ڀڳو، پڙهيو ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اسان 2008ع ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ سنڌ جي تمام وڏي شاعر شيخ اياز جي سموري شاعري ۽ نثر کي گڏي مختلف جلدن ۾ تمام خوبصورت نموني سان تڪڙو شايع ڪرڻ جي لاءِ قدم کنيا. حقيقت ۾ هي تمام وڏو پراجيڪٽ هيو. شيخ اياز جي سموري تخليقي مواد کي سهيڙڻ ۽ سنڀالڻ سان آڻڻ لاءِ جيڪا ڪميٽي جوڙي وئي، اُن سربراهيءَ جي سائين محمد ابراهيم

جويي صاحب جن اسان جي اها آڇ قبول ڪئي. هيءَ خوشيءَ جي ڳالهه آهي تہ انهيءَ عظيم رتنا جي تڪميل سندس ئي رهنمائيءَ ۽ نگرانيءَ ۾ ٿي آهي. سائين ابراهيم جويو نہ رڳو شيخ اياز جو همعصر، ننڍپڻ جو دوست ۽ ساٿي رهيو آهي پر سندس ادبي ۽ فڪري رفيق بہ رهيو آهي.

13 آگسٽ 2012ع تي سائين جويي صاحب جي سالگرهہ آهي، اسان سوچيو تہ سندس 98 هين سالگرهہ تي هن پيري ڪيس سڪڻيون ڄَنم واڌايون ڏيڻ ۽ گلدستا پيش ڪرڻ بدران ڪا اهڙي پيتا پيش ڪريون، جيڪا مختلف هجي. سو اسان بهتر سمجهيو تہ هن پيري سائين ابراهيم جويي جو ڪتاب شايع ڪري ڪيس خراجِ تحسين پيش ڪريون.

مون اڳ ۾ ئي هدايت ڪئي هئي تہ چاچا محمد ابراهيم جا شيخ اياز جي شاعريءَ تي جيڪي شاهڪار مُهاڳ تقريرون آهن، انهن کي گڏي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو وڃي. هن موقعي تي انهن مهاڳن ۽ تقريرن کي سهيڙڻ جو ڪم ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ کي ڏنو ويو آهي جنهن منهنجي هدايتن تي هن ڪم کي فرض سمجهي سرانجام ڏنو آهي. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ هُن اهو ڪم نہ رڳو وقت سر مختصر وقت ۾ سٺي نموني سان ڪري ڏنو آهي پر اُن ۾ ڪجهہ واڌارا ڪري، اُن کي اڃا بہ وڌيڪ اهم ڪتاب بنايو آهي.

ثقافت کاتي جو سيڪريٽري عبدالعزيز عقيلي بہ جس لهڻي، جنهن هميشہ وانگر هن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ خاص دلچسپي ورتي. کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل رفيق احمد ٻرڙي پنهنجا فرض سٺي نموني سان نڀايا آهن.

مون کي اُميد آهي تہ هيءَ ڪتاب "مون ڏات انوکي آندي آ" پڙهندڙن وٽ ضرور پسند پوندو بلڪ سنڌ جي ماڻهن، خاص ڪري نئين نسل کي هيءَ ڪتاب ضرور پڙهڻ گهرجي.

**سسئي پليجو**

**وزير ثقافت**

**سنڌ حڪومت**

# سهيڙيندڙ پاران

سنڌي ادب ۾ خاص ڪري جديد ادب جي پيڙهه جا پٿر، جن عظيم انسانن رکيا، انهن ۾ ويهين ۽ ايڪيهين صديءَ جي استاد، عالم، اديب، محقق، مترجم، ٻوليءَ جي ماهر ۽ سنڌي ادب جي معمار سائين محمد ابراهيم جويي جو نالو پهرين صف ۾ شمار ٿئي ٿو. منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ سائين ابراهيم جويو جديد سنڌي ادب جي پيڙهه رکندڙ اهو دانشور آهي، جنهن سنڌي ادب جي جيڏي خدمت ڪئي آهي، اُن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. هڪ مثالي استاد ۽ ماهر جي حيثيت سان، هڪ اديب ۽ محقق جي حيثيت سان، هڪ مترجم جي حيثيت سان، هُن جيڪي ڪارناما سرانجام ڏنا آهن، انهن متعلق اسين جيترو بہ لکون، اهو گهٽ ٿيندو. اڄ بہ سندس شاگرد گواهہ آهن تہ هو ڪيئن نہ پنهنجي شاگردن جي ادبي تربيت ڪندو هو، ڪيئن نہ شاگردن ۾ سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ لاءِ چاهہ ۽ اتساهہ پيدا ڪندو هو ۽ ڪيئن نہ سندس شاگرد وٽانئس فڪري سگهہ حاصل ڪري ناليوارا اديب ۽ دانشور بڻيا ۽ ڪيئن نہ هُن پنهنجن شاگردن جي ذهنن کي جديد ادب ۽ ترقي پسند رجحانن سان مالا مال ڪيو.

شيخ اياز جهڙو عظيم شاعر خود لکي ٿو تہ: ”جويو ڪرست ۽ ڪرانتيڪاريءَ جو ڳوڙهو ڳانڊاپو آهي. تو تہ هن جي اُٽت ڏٺي آهي، پر جڏهن سنڌڙيءَ لانئون لڏيون، تڏهن ڪير چوندو تہ اُن جو سارو لباس، هُن جي آڏاٽي تي اُٽيل آهي. هُو اُهو آدي جڳادي الوپ ماٺهو

آهي، جو نؤورنيءَ جي سينڌ ۾ ستارا سجائي گُم ٿي ويندو آهي. هن ئي مون کي سيکاريو ته شاعري زمهرير جي برف نه آهي، جهنم جي آڳ آهي ۽ جڏهن اُن جا شعلا تيز ٿي وڃن ٿا، تڏهن اوچتو جنت جا دروازا کلي پون ٿا.“ اهو هڪ اهم اعتراف ۽ مڃتا آهي.

هڪ مترجم جي حيثيت سان سائين جويي صاحب جيڪو ڪم ڪيو آهي، سچ پچ اهو سنڌي ادب جو لازوال سرمايو آهي. هن هر ميدان تي نئين نسل جي تربيت ڪئي آهي، جنهن جي گواهي شيخ اياز جهڙو جڳ مشهور شاعر به ڏئي ٿو. هڪ هنڌ هو پنهنجي پيارن دوستن حشو ڪيولراماڻي ۽ ابراهيم جويي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته: ”حشو ته 1948ع جي شروع ۾ هندستان هليو ويو پر ابراهيم جويي جون مهربانيون اڄ تائين مون تي مينهن وانگر وسنديون رهيون آهن. هن نئين سنڌ جي ذهني تربيت ڪئي آهي.“ وڌيڪ لکي ٿو ته، ”هن (جويو صاحب) لاءِ هر ترقي پسند ڪتاب، هر اُهو ڪتاب، جنهن سان ٻوليءَ ۽ ادب جو واڌارو ٿئي، هن جو پنهنجو ڪتاب آهي ۽ هُن جو جيترو وس پڄو آهي، هن ليکڪ کي انهيءَ ڪتاب سنوارڻ ۾ مدد ڪئي آهي.“ حقيقت ۾ هيءَ وڏي مڃتا آهي. هيءَ مڃتا جهڙي تهڙي نه، پر تاريخ جي هڪ تمام وڏي شاعر پاران آهي، سائين محمد ابراهيم جويو هڪ اهڙو استاد ۽ رهبر آهي، جيڪو هميشه درست دڳ تي هلڻ جو درس ڏيندو رهيو آهي. هو سنڌ جي شاعرن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪرڻ لاءِ صلاحون ڏيندو رهيو آهي. جڏهن شيخ اياز اردوءَ ۾ شاعري ڪندو هو تڏهن جويو صاحب کيس سنڌيءَ ۾ شاعري ڪرڻ لاءِ زور ڀريندو هو. شيخ اياز پنهنجي شاهڪار ڪتاب ”ساهيوال جيل جي ڊائريءَ“ ۾ لکيو آهي ته ”مون اردو شاعري 1954_55ع ۾ ڇڏي ڏني ۽ وري سنڌي شاعريءَ ڏانهن موٽي آيس.

ابراهيم صحيح چيو هو تہ مان اردوءَ ۾ پنهنجي ڏات کي منطقي نتيجي تي پهچائي نہ ٿو سگهان. اڄ منهنجن سنڌي شعرن تي هزارين ماڻهن جون دليون ڌڙڪن ٿيون ۽ ايوب خان جي حڪومت بانورجي پئي آهي. اها ڳالهہ منهنجي اردو شاعري پيدا نہ ڪري سگهي ها.

جويي صاحب سڄي زندگي، سوين گڏجاڻين ۽ پروگرامن ۾ جيڪي تقريرون ڪيون ۽ ليڪچر ڏنا آهن، انهن جا بہ جديد سنڌ ۽ جديد سنڌي ادب تي گهرا اثر پيا آهن. هن سنڌ جي ڪيترن نسلن جي ذهني ۽ فڪري تربيت ڪئي. هو مختلف وقتن تي جيڪي پُر مغز مضمون ۽مقالا لکندو رهيو آهي، اُهي ادبي ۽ فڪري لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ آهن. هن ڪيترن ئي ڪتابن لکڻ سان گڏ ڪيترن ئي شاعرن ۽ ليکڪن جي ڪتابن جا مهاڳ لکيا ۽ مهاڳ شناسيءَ کي هڪ صنف جي صورت ڏئي ڇڏي آهي. هن ويهين صديءَ جي وڏي ۽ عظيم شاعر شيخ اياز جي ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ بہ لکيا آهن. جيئن تہ هُو هڪ ادبي استاد آهي، هُن وٽ جيڪي علمي، ادبي ڄاڻ آهي، اُها گهٽ ماڻهن وٽ هوندي. وٽس پرک جو معيار بہ جديد ۽ اعليٰ آهن. شيخ اياز هڪ هنڌ لکيو آهي، تہ "ابراهيم جويو سنڌي شاعريءَ جو وڏو پارکو آهي. مان جڏهن بہ نئون شعر لکندو آهيان تہ چاهيندو آهيان تہ اُن تي پهرين سنڌ جي هن عظيم دانشور جي نظر پوي ۽ اُهو شعر ابراهيم کي پسند ايندو آهي تہ مون کي اُن جي امرتا جي پڪ ٿي ويندي آهي."

سنڌ حڪومت جي ثقافت کاتي جي وزير محترمہ سسئي پليجو هوندئن ئي سنڌ جي ثقافت، علم، ادب، فن، خاص ڪري جديد ادب سان تمام گهري دلچسپي رکي ٿي. ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي استاد، عالم، اديب ۽ مترجم سائين محمد ابراهيم

جويي جي 98 سالگره جو ذڪر نڪتو تہ پاڻ هڪدم جويي صاحب جي شيخ اياز جي مهاڳن ۽ شيخ اياز بابت ڪيل تقريرن کي گڏي ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ جي هدايت ڪيائون. مون لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ اهو ڪم اعتماد ڪندي مون کي سونپيو ويو. آءٌ ذڪر ڪري چڪو آهيان تہ محترمہ سسئي پليجو صاحبہ جي سنڌ جي علم، ادب خاص ڪري تحقيق ۽ جديد ادب سان گهري دلچسپي رهي آهي، تنهن ڪري هن ڪتاب" مون ڏات انوکي آندي آ" جي تياري ۽ اشاعت ۾ سندن خاص دلچسپي رهي. هيءَ حقيقت آهي تہ سندن ئي صلاح ۽ هدايت تي مون هي ڪتاب سهيڙيو آهي ايتري قدر جو ڪتاب جو نالو بہ پاڻ ئي تجويز ڪيائون جيڪا مون فخر جي ڳالهہ آهي.

ثقافت کاتي جي سيڪريٽري عبدالعزيز عقيلي صاحب انهيءَ حوالي سان منهنجي رهنمائي ڪئي ۽ لڳاتار هدايتون ڏنيون جنهن لاءِ آءٌ سندن شڪرگذار آهيان. کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل رفيق احمد ٻرڙي صاحب جا بہ وڏا وڙ جنهن منهنجي حوصلا افزائي ڪئي ۽ ڇپائيءَ جي مرحلن جي نگراني ڪئي. آءٌ سائين تاج جويي جو بہ احسان مند آهيان، جنهن مواد جي سلسلي ۾ منهنجي مدد ڪئي.

هن ڪتاب ۾ محمد ابراهيم جويي صاحب جا شيخ اياز جي مختلف ڪتابن تي لکيل مهاڳ، مضمون ۽ تقريرون شامل آهن. شيخ اياز جي ڪتابن "جل جل مشعل جل جل"، "هي گيت اُڇايل مورن جا"، "ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي"، "وڄون وسڻ آئيون"، "ڪي جو ٻيجل ٻوليو"، "ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي" يا ٻين ڪتابن تي جيڪي مهاڳ جويي صاحب لکيا آهن، سچ پچ اُهي سمورا شاهڪار مهاڳ آهن. اُهي مهاڳ شيخ اياز جي فڪري ۽ فني تشريح بہ آهن تہ تاريخي

رڪارڊ بہ. هنن مهاڳن پڙهڻ سان اياز جي شاعري وڏيڪ نکري ۽ واضح ٿي بيهي ٿي ۽ شاعريءَ جو پسمنظر واضح ٿئي ٿو. منهنجي خيال ۾ هن قسم جا مهاڳ ۽ اپياس سنڌي ادب ۾ تمام گهٽ لکيا ويا آهن. هنن مهاڳن ۽ تقريرن ۾ موجود مواد ۽ ٻولي يقينن پڙهندڙن جي ڄاڻ ۾ اضافو ڪندي ۽ ذهني اُج اُجهائڻ ۾ ڪردار ادا ڪندي. آئيون پڪ سان چوان ٿو تہ هي ڪتاب"مون ذات انوکي آندي آ" مواد جي لحاظ کان هڪ شاهڪار ڪتاب آهي. هن ڪتاب جو مطالعو يقيني طور سنڌي ادب جي پڙهندڙن لاءِ ٻنهہ لاياڻتو ثابت ٿيندو.

ڪراچي
19 آگسٽ 2012ء

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

# 'جل جل مشعل جل جل'

## مهاڳ

....جنهن شعر کي شاعر هيئن چٽي پيش ڪري رهيو هجي ته:

گوريءَ گُجري پيرَ ۾، چوريءَ ڪيئن اچي؟
گهر گهر گهنگهرو گونجندا، ميڙو پل ته مچي!

- اُن جي پيشبنديءَ طور، آءٌ سمجهان ٿو ته وڌيڪ ڪنهن فوري ڳالهه جي چوڻ جي گنجائش ڪانهي. بهرحال، هڪ ته شاعر جي مرضي اِها آهي، ٻيو ته سنڌي ادب جي هِن نئين انقلاب آفرين قدم ۾ پڻ ڀاڱي ڀائيوار هجڻ جو شرف حاصل هجيم. تنهنڪري هن موقعي تي، هڪ ڀيرو وري به، هيءَ ڀاڻَ اڳي ڪرڻ جي جرئت ڪري رهيو آهيان. سچ پچ ته اياز جي هن تازي شعر جي مهاڳ جا هي به لفظ لکندي، جو فخر ۽ جا خوشي مون کي ٿئي ٿي، تنهن جو آءٌ بيان نٿو ڪري سگهان.

اياز جي هِن ڪلام جي هڪ غزل جو شعر آهي ته:

ماڳر ساري ٿانگر – واس، لوئي ناهه مڇيءَ جي لِيءَ!

_ مون کي پڪ آهي تہ اسان جي ادب شناس پڙهندڙن کي اياز جي هيءَ شاعري اُنهيءَ معيار تي پوري نظر ايندي اڄ. روس جي انقلابي شاعر ماياڪووسڪيءَ وانگر، اياز جو ٻڌندڙ اَياز جو عوام آهي. اياز جون علامتون بہ اُهي آهن، جن سان هن جو عوام چڱيءَ طرح آشنا آهي. انهن علامتن وسيلي هُن قومي ۽ طبقاتي جدوجهد جو اظهار ڪيو آهي، جنهن جدوجهد ۾ سندس ٻڌندڙ سنڌ جو سمورو عوام اڄ مصروف آهي. اياز جي ٻولي بہ عوام جي ٻولي آهي، ۽ ان ٻوليءَ ۾ هن پنهنجي ماضيءَ جي روايت ۽ مستقبل جي تصور جو اظهار ڪيتريءَ بيساختگيءَ سان آندو آهي، تنهن جو اندازو سندس باذوق پڙهندڙ خود ڪري سگهن ٿا. اردوءَ جي عظيم شاعر فيض احمد "فيض" جي شاعري عوام جي باري ۾ تہ آهي، پر پوري جي پوري عوام لاءِ نہ آهي. اُها گهڻي قدر فقط وچئين ۽ مٿئين طبقي جي سمجهڻ جي آهي –_ ڇو تہ ان جون علامتون ۽ زبان عوامي نہ آهن. انقلابي شاعريءَ لاءِ عوامي روايتن ۽ عوامي زبان سان رابطو ضروري آهي.

اياز جي شعر جي فني عظمت تي علمي طور ڪي ڄاڻو ئي لکي سگهن ٿا. بهرحال، عام طرح جڏهن ڪنهن شاعر جو شعر ٻڌبو يا پڙهبو آهي، تڏهن ان ۾ ڪٿي ڪو لفظ يا ڪو اکر گهٽ – وڌ يا اَجوڳي انداز ۾ آيل هوندو آهي، تہ هڪدم اُهو ذهن ۾ ڪٽڪندو آهي. شعر ۽ موسيقيءَ جو هريل ڪَنُ، آواز توڙي لفظن جي تارَ مڪانَ، لئي ۽ ترنم تي ايڏو تہ نهي وڃي ٿو، جو انهن جو اهڙو جهڙو ڪو سقم شايد ئي ان ڪان ڪڏهن بچي وڃي. آءٌ سمجهان ٿو تہ ڪَنَ جيِ اها چُستي ۽ ٻُوجهہ، شعر ۽ راڳ جي هر پياسيءَ جي قسمت ۾ آيل آهي – تنهنڪري ان کي ڪا خصوصي اهميت بہ ڪانہ ٿي ڏجي. پر شعر ۽ راڳ مان پورو لطف

حاصل ٿئي، اُن لاءِ اهو ڳڻ جو رس ضروري آهي ۽ ان لطف جي صحيح ۽ پيڙهائتي هجڻ جي يڪ تڪ ڪسوٽي پڻ اِهو ئي ڪن- رسُ آهي.

اياز جي شاعريءَ جي ترنم ۽ موسيقيءَ کان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ، هرويرو شعر جي فني مهارت جي ضرورت بہ ڪانهي؛ ڇو تہ ان کي پڙهندي ۽ ٻڌندي، ازخود ان جي لئي ۽ ترنم کان ماڻهو متاثر ٿئي ٿو. اها فطري موسيقي اياز جي شعر ۾ ڪيئن ٿي پيدا ٿئي، ان تي ڪجهہ ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. مثال طور اياز جي هِن نئين ڪلام جو هيءَ تعارفي بيت وري پڙهي ڏسو:

گوريءَ گُجري پير ۾، چوريءَ ڪيئن اچي؟
گهر گهر گهنگهرو گونجندا، ميڙو پل تہ مچي!
نانگي اڄ نچي، داتا تنهنجي دوار تي.

پهرين ڳالهہ اوهان ڏسندا تہ هِن بيت جي پهرينءَ سِٽ جي پهرئين بند ۾ "گوري" ۽ ٻئي بند ۾ "چوري" لفظ هم قافيہ آهن، جي سٽ جي اندر ترنم پيدا ڪن ٿا. ٻيو تہ پهرينءَ سٽ جي پهرين ٻن لفظن 'گوري' ۽ 'گجري' ۾ اکرن: گ، ر ۽ ي جو تڪرار آهي. گ جو تڪرار پوئينءَ سٽ جي 'نانگي' لفظ ۾ بہ آهي. پهرينءَ سٽ ۾ بہ پيرا گ ۽ ٻيءَ سٽ ۾ هڪ ڀيرو گ ۽ چار ڀيرا 'گهہ' اکر پڙهڻ کان پوءِ، جنهن جو صوتي اثر لڳ ڀڳ 'گ' جهڙو ئي آهي، جڏهن اهو آواز تحت الشعور ۾ ويهي ٿو وڃي تہ پوئينءَ سٽ ۾ آيل 'گ' وري ان جي صوتي اثر (Sound effect) کي اڀاري ٿو. ساڳيءَ ريت پهرينءَ سٽ جي لفظن ۾ چار ڀيرا ر، ٻيءَ سٽ ۾ ٽي ڀيرا ر ۽ هڪ ڀيرو ڙ (جنهن جو آواز بہ لڳ ڀڳ ساڳيو آهي) ۽ پوئينءَ سٽ ۾ هڪ ڀيرو ر ڪم آندل آهي. پوري

بيت ۾ نَوَ پيرا اهو رجو تڪرار ترنم پيدا ڪري ٿو. تجنيس حرفيءَ لاءِ لفظن جي پهرين اکرن جو تڪرار ڪافي نہ آهي. لفظن جا وچان ۽ پويان هم آواز اکر شعر ۾ وڌيڪ ترنم پيدا ڪن ٿا. اهڙيءَ طرح پهرينءَ سٽ ۾ ڇهہ پيرا ي اکر آيل آهي ۽ ٻيءَ ۾ ٽي پيرا ۽ ٽينءَ ۾ چار پيرا. سڄي بيت ۾ نَوَ پيرا ن اکر اچي ٿو. ٽينءَ سٽ جي پوئين اَڌ ۾ ٽي پيرا ت جو آواز موجود آهي. حرفن جي اها ۽ ايتري سڄي تجنيس شاعر طرفان ڪا شعوري ڪوشش نہ آهي، ڇو تہ ڪٿي بہ آواز جي تاثر لاءِ معنيٰ کي قربان نہ ڪيو ويو آهي- اِها شاعر جي سڄيءَ زندگيءَ جي رياض جو نتيجو معلوم ٿئي ٿي. جرمن شاعر Rilke يا انگريزيءَ جي شاعرن T.S.I liot ۽ Dylon Thomas جي ڪنهن ڪنهن سِٽ ۾ جيڪڏهن اهڙي بيساختہ Alliteration اچي ٿي، تہ مغربي نقاد خوشيءَ ۾ ماپيا نٿا سمائجن. سنڌيءَ ۾ اها ڳالهہ يتائيءَ ۾ ڪيترن هنڌن تي نظر اچي ٿي- ۽ اياز يتائيءَ کي پنهنجو ادبي مرشد ڪوٺيو آهي. اياز جي سڄي شعر ۾ حرفي تجنيس جي اِها يڪتائي نظر ايندي.

تنهن کان پوءِ اياز جي شعر جي هيءَ خصوصيت بہ پنهنجيءَ جاءِ تي اڄ يڪتا آهي، تہ هن جي شعر ۾ (تقطيع وقت) ڪنهن بہ اکر کي حذف ڪرڻو نٿو پوي.- توڙي جو انهن کي شعري صنعت هيٺ حذف ڪرڻ جائز پڻ آهي. ڪم از ڪم مشرقي شاعريءَ ۾ اهڙو ڪو ورلي شاعر آهي، جنهن پنهنجي پوري ڪلام ۾ ڪيترائي اکر ائين حذف نہ ڪيا هجن. اکر جي حذف ڪرڻ ڪري نہ فقط شعر جي رواني گهٽجي ٿي، پر ڇاڪاڻ تہ ان کي صحيح پڙهڻ لاءِ شعر جي تقطيع وغيره جي آشنائي ضروري آهي، تنهنڪري عوام شعر کي ائين نٿو پڙهي سگهي، جيئن ان کي پڙهڻ گهرجي. اياز جي پهرئين شعري مجموعي "يـؤنر

پري آڪاس“ ۾ ڪٿي اکر حذف ٿيل ڏسي سگهجن ٿا، پر ان کان پوءِ جي سندس ڪلام ۾ ڪٿي به اکر حذف نہ ٿيو آهي.

اياز جي شاعري سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ڪرشمو آهي. ٻولين جا اهڙا ڪرشما جُڳن کان پوءِ ظاهر ٿيندا آهن، ۽ جڏهن ٿيندا آهن، تڏهن اُهي، ٻولين سان گڏ، پنهنجي پنهنجي دور جي ڪايا پلٽ جا داعي ۽ اٿل سبب بنبا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي هن ڪرشمي پاڻ سان گڏ پنهنجي دور کي پيا شاعر ۽ پيا اديب بہ ڏنا آهن. هن سرزمين تي انساني عظمت جي نئين انقلاب جي سج- اُيارَ جا اُهي بہ داعي آهن ۽ سڀ گڏجي ان جو سبب بنبا. اسان جي سنڌي شعر ۽ سنڌي ادب جو اڄ اِهوئي مقصد آهي: اسان جي هر مادياتي ۽ روحاني ڪاوش جو سماجي ڪارج پڻ اڄ اِهوئي آهي. اسان مان جيڪو بہ هِن ڏس ۾ جيترو حصو وٺندو ۽ اُن جي پورائيءَ جي جيتري ڪوشش ڪندو اوترو هو پنهنجي همعصر نسل ۽ آئنده نسلن جو معمار ۽ محسن شمار ٿيندو ۽ تاريخ ان جا اوترا ئي ڳڻ ڳائيندي:

مرنداسين تہ متيءَ مان پنهنجي جڙندا ڪيئي جام،

نوان نوان متوالا ايندا هٿندا تن جي هام!

(اياز)

اياز جو هيءَ نئون ڪلام پڙهندڙن جي اڳيان آهي- اسان جي پنهنجي ٻوليءَ ۾ آهي، ۽ اسان جي پنهنجي تقدير جو داستان آهي، ۽ اُن جي مُنهن تان نقاب هٽائي، اُن جي حسناڪي بہ اهو اسان کي ڏيکاري ٿو. ڪابہ چڱي ڳالهہ اهڙي ڪانهي، جنهن جو ڪو دشمن نہ هجي. اڳي وانگر، هاڻي بہ پڪ آهي تہ اياز جو هيءَ ڪلام ڪِن کي چيڙائيندو، پر حضرت سچل سرمست رح جي چوڻ موجب:

سچ تا مرد چون، ڪنهن کي وٺي نہ وٺي!
ڪوڙيءَ دوستيءَ جو دم، ٻٽي نہ ٻٽي!

_ سچ چوڻ وارا سچ چوندا رهندا، ۽ سختيون سهندا رهندا. ڇو تہ هو ڄاڻن ٿا تہ ڪوڙ ترار کان ايترو ڪونہ ٿو ڊڄي، جيترو قلم کان۔ ۽ زبان قلم کان بہ طاقتور آهي، ۽ ڪوڙ ڪيرائڻو آهي، تہ قلم ۽ زبان کي وارو وار هٽبو ۽ هلائبو ئي رهبو.

آگسٽ 1966ع ۾ اياز سان گڏ بہ چار دوست ٽر گهمڻ ويا هئاسين. ڪجهہ مينهَن وسيا هئا، پر نہ جهڙا. ٿر جي مارن کي پنهنجا پنهنجا رُڃائتا کيت کيڙيندي ۽ 'همرچا' ڳائيندي، ڏٺوسين ۽ ٻڌوسين. ٿر جي مورن جون رڙيون بہ ڪتي ٻڌيونسين، جن مينهن کي پئي سڏ ڪيا، ۽ ٿر جي مارن جون اُجايل دليون اُنهن کي ڳنائي بهار پئي ٿيون. پارڪر ۽ ڪارونجهر کان ٿي موٽياسين، تہ لاڙ ۾ ننَد جي ٿٽل ڪوٽ ۽ رَڙيءَ جي پڙيانگ ميدان کي ڏٺوسين، ۽ اُتان ڦري مڪليءَ تي سنڌ جي عظمت کي پٿر تي اُڪريل ڏسي، ٺٽي تڙ۔ ڄام جي ڪينجهُر، جا هاڻي ڦِري 'ڪلري'* ٿي پيل آهي، تنهن جي ڪناري تي نماڻيءَ نوريءَ جي پونيرن، گندرن غريبن، وٽ رات رهياسين، جن پنهنجي ڪسمپرسيءَ جا سڄي رات دل ڏاريندڙ داستان ٻڌايا. جتي وياسين اُتي مسڪين ۽ مظلوم ماڻهن پنهنجا اوراڻا اوريا ۽ اُهي اسان ڏينهن رات ۽ صبح شام ٻڌا. شاعر جي دل تي اُنهن جي ڳالهين ۽ ڳاراڻن جا ڪهڙا گهاوَ ٿيا، اُن جو اندازو اسان کي پوءِ ٿيو جڏهن اياز جي ڳِهيلي ڳِوتا، پنهنجا وار ڳُنڊي ۽ ڇري بنجي، پريل دل ۾ اُڏميل

* پنجن سالن کان پوءِ، ون يونٽ جي ٽٽڻ ۽ سنڌ صوبي جي ٻيهر قائم ٿيڻ تي سنڌ سرڪار ڪينجهر تان ڪلري نالو هٽائي ان جو اصلوڪو نالو بحال ڪيو.

آواز ۾ اسان جي اڳيان آئي، ۽ ٻئي مهيني جي رسالن ۾ هيءَ سندس پهريون غزل ڇپيو:

نہ تڙ تي تماچي، نہ گندريءَ گذارا!
اَسارا اَسارا، ڪينجهرَ جا ڪنارا!

.........

اجا رڃ مان رڙ اچي ٿي، اچي ٿي،
متان ايئن سمجهين، مُئا مور سارا!

.......

اڙي هي آمارا! مُئي ناهہ مڪلي،
اياز اڄ وتاسي، پٿر جا پنارا!

اياز جي شعر جي هيءَ موتين مُٺ، جا هتي "جَلُ جَلُ مشعل، جَلُ جَلُ" جي نالي سان پيش ٿي رهي آهي، سا سرزمين سنڌ جيِ انهيءَ تر ۽ لاڙ جي ياترا ڪان پوءِ جي ميڙيل آهي. ادب شناس پڙهندڙن کي ان ۾ تر ۽ لاڙ جو وَڙاءُ ۽ وَرنُ وڏيڪ ڏسڻ ۾ ايندو. ڏسجي تہ پهڻ ۽ پارس جا پارکو هِن وَٿُ جو ڪهڙو تا مُلهہ ڪٿين!

- محمد ابراهيم جويو

حيدرآباد، 2، مئي 1967ع

# ’هي گيت اُجايل مورن جا‘

## مهاڳ

....... ڏهہ مهينا ٿيا تہ ”جل جل مشعل جل جل!“ جا سدا ملوڪ ۽ روح ۾ اَمر جوت جاڳائيندڙ گيت شايع ٿيا. اُهو اپريل جو مهينو هو. بہ مهينا پوءِ، اُن سَٽَ مان رهجي ويل بہ وايون- ”پنهنجي رت ۾ ريٽو جهنڊو اُڀ تائين جهوليندو- اهڙو ڏينهن بہ ايندو!“ ۽ ”هَيءِ هَيءِ ڪونج نہ مار- اڙي آهيڙي!“ ۽ بہ غزل- ”وسٽو آهي، هانءُ نہ لاهہ _ چورا، ٻج بہ تي ڪي ڇٽ!“ ۽ ”ڪهڙيءَ ڪوهہ- ڪنئيءَ جي لاءِ _ تون هي ڪيرائين ٿو ڪوٽ؟“ _ ”روح رهاڻ“ جي جولاءِ 1967ع واري پرچي ۾ شايع ٿيا. ان کان پوءِ، ”اياز“ اسان کي تي ’لوڪ گيت‘ _ ”ڏيهہ نہ آئيٽي منهنجو ڏانءُ!“، ”انبڙيون ڳول نہ ڇورا- ڏينهن تتي ۾!“ ۽ ”اوءِ ڪَجَري گُجر، پير هوريان تہ ڌر!“ ۽ بہ گيت_ هڪڙو ناچ ڏُن تي رچيل، ”پريت پرينءَ جي پايل پايل، -آيل آيل!- گهايل گهايل- منهنجا پيرا!“ ۽ ٻيو ”هيءَ ويچاري ڪير؟ - پنهنجي! ڏاري! ڪير؟ - هيءَ پاٽيارِي

ڪير؟" ۽ ٿي وايون- "لالي نيٽ تہ لهٽي آهي! -هَيءِ هَيءِ مينديءَ ٻوٽو ڙيءَ_ هاءِ جواني جهووٽو ڙيءَ"، "منهنجي من ۾ ڪوئي سپنو تو ڪان سندر ڦول، موتيا!" ۽ "مانجهاندي جا ماڳ سوين، پر منهنجو پنڌ پريا" ۽ بہ غزل- "ڪنهن ڪيئن چيو ڪنهن ڪيئن چيو - پر وائي سڀ ڪي وات هئي!" ۽ "چارڻ سو جو چنگ سوا، - لاهي سڀ لاڳاپا لڳا" ۽ بہ نظم- "منهنجي ڪوتا جاپ جڳن- جا، - اڻ ڳاڻل آلاپ جُڳن جا" ۽ "تون مان دور نہ آهيون پيارا! - توکي مون ڪي روز مِلائي، سنڌوءَ جو سپنو!" ۽ آخر ۾ بہ بنهہ ننڍ مان جاڳائڻ ۽ هانوَ ۾ هُرڻ واريون لوليون- "شال دولهہ ٿئين! شال دودو ٿئين! - شال سورهيہ ٿئين! سنڌ تي سر ڏئين! - لوليون! او ابا! - لوليون! لوليون!" ۽ "لولي لال! جيئين شال! - جيئي سنڌ، تنهنجي سنڌ! - جيئي جند، تنهنجي جند! - لولي لال!"-اِهي سڀ اُجرا اُجرا، املهہ گيت اسان جي شاعر هِنن ڏهن مهينن ۾ اسان کي ڏنا آهن. اڄ اسان جي سامهون اياز جا "هي گيت اجايل مورن جا" موجود آهن. ڪل 47 گيت آهن ۽ ڪيڏا نہ مند ماس جا، رسيل ۽ رسيلا آهن، هي سيئي گيت! هيتري مختصر عرصي ۾ ڪو جوهري هيترا موتين جا ٿالهہ پري آٽي اسان جي آڏو رکي، ۽ پوءِ اسان کان فقط انهن جي سڃاڻڻ ۽ سانڍڻ جو دام گهري- تہ اسين پاڻ کي ڪيترو نہ خوش نصيب سمجهي سگهون ٿا.

اياز پنهنجي شاعريءَ متعلق لکنديءَ، پاڻ کي هڪڙي اهڙي موتين جي ميڙيندڙ ٽوبي سان مشابهت ڏني آهي، "جو جڏهن ٽبي هڻي، مٽ پريہ متاچري تي ايندو آهي، تڏهن هن جون اکيون پاٽيءَ ۽ مٽيءَ سان ايترو تہ لُڙاٽيل هونديون آهن، جو هن کي ٻيءَ ٽبيءَ لاءِ ڪافي ساهي پٽڻي پوندي آهي." پنهنجيءَ شاعريءَ کي هن هڪ چڙهندڙ وير سان پڻ پيٽيو آهي*، جا جڏهن لهندي آهي تہ پوئتان "فقط سڪل

نوٽ پهاڙيون چڙهي ويندي آهي.* شعر جي آمد. يا لفظي پيراهن ۾ اجهل ۽ اَمُل خيالن ۽ جذبن جي ٻڌجڻ متعلق لکنديءَ. شاعر جي ”تحت الشعور جي هيجان“ کي گهاٽن جهنگن ۾ شڪار ڪندڙ وحشي آفريڪين جي دهلن سان ڀيٽيو اٿس. جن جي ”هل هلاچي تي شڪار هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي. آخر انهن جي چار ۾ اٽڪي ڦاسي ويندا آهن. ۽ پوءِ دهل جو آواز ڍرو ٿيندو ويندو آهي ۽ نيٺ ان جي جهيڻي جهانءِ پاتار ۾ پيهي ويندي آهي. ۽ جيستائين اهو شڪار وندبيو ورهائبو نہ آهي ۽ وري آهيڙين جا آنڊا بک ۾ وٽبا نہ آهن. تيستائين اهي دهل ٻڌڻ ۾ نہ ايندا آهن.* اياز هن سلسلي ۾ شاعر جي خود محويت کي بت تراش جي جنون سان پڻ ڀيٽيو آهي•. جنهن جا هٿ ”ڇيڻيءَ تي زبرا ڌڪ هڻي، لهولهان ٿي پوندا آهن.- ۽ وري پٿر ۾ پيهي، ٻيءَ مورتيءَ کي ڇڪي اچڻ لاءِ انهن ڇتيل ڇچريل هٿن کي ڪجهہ آرام جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي.“ ست سال اڳي پڻ هڪ خط ۾ اياز فنڪار جي تخليقي جذبي جي انهيءَ دير ۽ آلُٽ، هل هلاچي ۽ ماٺ، پالوٽ ۽ نوٽ سوڪهڙي جي ڪيفيت جو ذڪر ڪندي•. پنهنجي شاعريءَ جي ڏات کي ”بيوفا سريت“ ڪوٺيو هو. جيڪا ”مون کي هميشہ ڇڏي ويئي آهي!“ ۽ ٻہ سال پوءِ جڏهن اها ”بيوفا سريت“ هڪ ڀيرو وري وٽس موٽي آئي هئي ۽ کيس جاڳايو هئائين*. تڏهن ائين ٿي لڳو تہ ”لکڻ وقت، هن جو مينديءَ رتو هٿ منهنجي هٿ تي رکيل هو ۽ گذريل واقعات رکيل انگوري شراب وانگر مدمستيءَ واري خوشبوءِ ڏيئي رهيا هئا. شمع تي شمع جلندي رهي،

---

• ”روح رهاڻ“ جولاءِ 1967ع_ ”ڪانارتا ڪٽڪن“ ص_ 50.

• ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“_ ص 27، ص 62_63.

ڪوئي پتنگ ڪونہ هو فقط منهنجا خيال ڪنيڙاٽيون هٽي رهيا هئا ۽ منهنجيءَ جاڳ ۾ جرڪي رهيا هئا!“

”جل جل مشعل جل جل“ جي پالوٽ کان پوءِ، ائين، وچ وچ ۾ ڪو ڪو شعر تخليق ٿيندو رهيو نہ تہ شاعر جي دل جو ساگر سانت ۾ رهيو. پڇاڙيءَ ۾ ”هي گيت اجايل مورن جا“ جبل تان لهندڙ ڪنهن مست نئن وانگر، سپ جا سپ، انن ڏهن ڏينهن ۾ جڙي راس ٿيا. جن جي رواني ۽ موج مون تقريباً هر روز ڏٺي ۽ جن جو مدمست آواز مون هر روز ٻڌو. اها منهنجي مخالفن جي مون سان مهر ٿي، جو بيمار سنڌ جي پيرانديءَ کان اٿاري، ان جي سَيرانديءَ کان ويهڻ جو شرف ڏنائون* ۽ ائين، ٻيهر، عمر جي پوئين دور ۾“ سنڌ جي هن اجهل ۽ امر آواز منهنجي ماڪيءَ کان مٺي ۽ موتين کان املهہ دوست جي ايڏي قريب رهڻ جو وجهہ مليم.

هڪ ڀيري، منهنجي هڪ ٻئي پياري دوست ۽ رفيق، محترم گرامي صاحب وٽني وٽني، شاعريءَ جي ڪرشمہ آرائيءَ متعلق حيرت جو اظهار ڪندي، چيو تہ ’هي آخر ڪهڙو اسرار آهي، جو صدين کان وٺي سوين بلڪ هزارين شاعر محبوب جي حسن ۽ عشق جي هڪ ئي موضوع تي ايترين ٻولين ۾ ايترا نئين کان نوان خيال، ۽ ايتري نئين کان نئين انداز ۾، چئي ٿا سگهن!‘ شعر ۽ شاعريءَ جو هيءُ اسرار واقعي حيرتناڪ آهي. محبوب ۽ ان جو حسن ۽ انساني دل ۾ عشق جو اُڏمو-اِهي زمان ۽ مڪان سان واسطو رکندي بہ زمان ۽ مڪان کان آجا ۽ اوچا، سوچ جي دام ۾ ڪڏهن بہ نہ ڦاسڻ جهڙا گهڻ- روپي ۽ گهڻ- رنگي ڪرشما آهن، ۽ شاعر جي انوکي ذات، اُنهن جي انهيءَ پهچ کان

* سنڌ دوستيءَ جي الزام ۾“ ون يونٽ سرڪار ليڪ ڪي حيدرآباد مان بدلي ڪري، جيڪب آباد موڪليو.

ٻاهر سراب ۾ جذب ٿي، جو ڪجھ اسان کي ڏئي ٿي، اهو نئين ڪان نئون آهي ۽ ان جي حيرتناڪي اسان جي عقل ۽ احساس کي عاجز ڪيو ڇڏي. هن مجموعي ۾ اياز جا ٻہ گيت۔ ”ڇا ڇا نہ سمندر سرجي!“ ۽ ”ڦيرين ڦيرين لفظ خدا جو ’ڪُن فَيَڪُون‘“ شاعر جي انهيءَ تخليقي هيجان ۽ شاعريءَ جي انهيءَ پراسرار ڪرشمہ آرائيءَ تي ڪجھ روشني وجهن ٿا.

بهرحال، شاعر جي ’تحت الشعور جو هيجان‘، جيڪو هن جي شعري تخليق جو فوري باعث بنجي ٿو سو ڪو بي سبب ۽ ڪنهن سماجي خلا ۾ ڪونہ ٿو پيدا ٿئي. شاعر پنهنجي سماج سان واڳيل انسان آهي، ماضيءَ سان هن جو ڳانڍاپو ۽ مستقبل ڏانهن هن جي ذميداري ئي هن کي حال جي فرض شناسيءَ ۽ فرض ادائيءَ لاءِ تيار ڪري ٿي، ۽ ان ڏانهن آماده ڪري ٿي. تخليقي ڪيفيت ۾ شاعر جي ذات جي اظهار لاءِ ”گذريل واقعات رکيل انگوري شراب وانگر مدمستيءَ واري خوشبوءِ“ جو ڪم ڏين ٿا. ”هي گيت اڄايل مورن جا“ تخليق ٿيا، انهن جو سبب، انهن جو مواد ۽ پس منظر پنهنجي ديس ۽ ٻاهرئين عالم جا اهي دک ۽ پيڙا جا واقعا ئي معلوم ٿيندا، جيڪي گهٽي زماني جا پراڻا بہ آهن ۽ هلندڙ وقت جا تازا پڻ آهن. پنهنجي ديس توڙي ٻاهر، اڳي، ۽ هاڻي هن ٿوري وقت ۾، جو ڪجھ گذريو آهي، ۽ گذري رهيو آهي، اهو ڪنهن کان ڳجهو نہ آهي. فردن کان قومن تائين جيترو ڪو هيٺو ٿي رهيو آهي، اوترو اُن سَنو آهي. سنڌ ۾ اسين رهون ٿا ۽ دنيا جي بساط اسان جي اڳيان موجود آهي. آزاديءَ جي راهہ ۾ ويٽنام جي بي مثل قوم جا بي مثال ڪارناما هنن ڏهن مهينن ۾ پنهنجي معجزه نما حد کي پهتا. هن ئي عرصي ۾ عالمي انقلاب جو شيردل سرويچ، چي گئويرا، شهيد ٿيو. هابيل ۽ قابيل، بابل جو شهر،

دهليءَ جو سرمد شهيد، جهانسيءَ جي راڻيءَ جو لاش، ٽيپوءَ جو ڪنڌ، مسدس حالي، شو جو ڪوڙو ناچ، ڦاسي گهاٽ، ڪار مان لهندڙ نازنين، مزدور جو ٻار، ورديءَ وارا بوٽ، 'جيل جو بلئڪ آئوٽ' جنهن ۾:

بمباريءَ جي ڀَوَ کان بجلي
آهي روز وسائي ويندي،
پر هو چوڏهينءَ چنڊ ڪڙيو آ
(رات تہ ناهي ڏينهن ڏنو آ)
اُن کي ڇو نہ وسائي ٿو ڪو؟
اُن کي ڪير وسائي سگهندو!

- هي ۽ ٻيا سڀ اهڙا واقعا، جن جا بيان "هي گيت اجايل مورن جا" آهن- اِهي اسان جي پنهنجي انساني زندگيءَ جي لاڳيتي ۽ اکٽ داستان جا ئي واقعا آهن. انهن ۾ ڪهڙا وقتي اهميت جا آهن ۽ ڪهڙا دائمي اهميت جا- ان جو فيصلو ڪيئن ٿو ٿي سگهي! فن جو بهرحال ڪمال هيءُ آهي تہ اهو وقتي اهميت جو رول بہ ادا ڪري ۽ ان ۾ دائميت ۽ امرتا جو روح پڻ برقرار هجي. سماجي ڪارج جي ڀرپور ادائگي، فقط اهڙي پد تي پهتل فنڪار ۽ ان جو فن ئي سرانجام ڏيئي سگهي ٿو. اياز جي هر شعر ۾ انهيءَ قسم جي تاريخي ۽ سياسي ذمہ برداريءَ جو احساس موجود ملي ٿو.

هيءَ ذمہ برداري، جيڪا هر سچي فن جي تخليق لاءِ لازمي ۽ بنيادي شرط آهي، شاعر يا اديب محض وعظ ۽ نعريبازيءَ سان پوري ڪري ڪونہ سگهندو. ان لاءِ هن کي فن جي اثر آفرينيءَ کان ڪم وٺڻو پوي ٿو. چونڊ ٻولي، تشبيهہ ۽ استعارو، علامت ۽ تمثيل ان اثر آفرينيءَ جا آزمايل وسيلا آهن، جيڪي شاعر کي استعمال ڪرڻا پون ٿا. اياز جي ٻوليءَ ۾ انهيءَ سلسلي جون نيون ترڪيبون بيشمار آهن-

هنن ئي گيتن ۾ اوهان کي آواڪ اُج، ڪنڊ ڪنورن جا، سپني ول، تارونءَ ۾ تلوارون، آنڊيءَ ۾ آڪيرا، ڌرتيءَ تي دستارون، چپر مان چاٽ، آڪيري جي اوٽ، ڌر جو ڏيل، ڏاڍ جي آڍ، چنگ جي چٽنگ، گلابي گهڙيون، ماڪ مهل، لهوءَ جي ندي، گهنڊ گناهن جا، ۽ ٻيون اهڙيون ڪيئي ترڪيبون ملنديون، جن مان اڪثر، پنهنجي اصطلاحي مفهوم توڙي علامتي مقصد ۾، شاعر ڀريون ڀيرو استعمال ڪيون آهن. مثلاً: ”تارونءَ ۾ تلوارون“ جي ترڪيب (”سرمد چا ٿو سوچي“ واري گيت ۾) فتوي باز مُلن جي زبانن لاءِ ڪم آيل آهي، زبانن کي تلوارن سان تشبيهه ڏيئي (تلوار جو وڍ چٽي وجي، زبانن جو وڍ نه چٽي-) ۽ انهن جي چوٽين کي تارونءَ ۾ ڪتل چئي، متعصب ملن جي انهيءَ پريشانيءَ ۽ حيرت کي ظاهر ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ڪين سرمد تڏهن به وڌو هو ۽ هاڻي به هو آهن، ۽ هو تارونءَ ۾ تلوارون لڳايو سوچ ۾ ورتا وينا آهن ته سرمد تي آخر ڪهڙي ۽ ڪيئن ڪا يڪ ٽُڪائي فتوي ڪڍي وجي. فن جي ڪمال جو هيءُ گيت هڪ عجيب مثال آهي. هن سڄي گيت ۾، تاريخ جي ان ڀيانڪ ۽ روح مُٺ ۾ آٽيندڙ گهڙيءَ کي، صديون گذريل وقت جي پاتال مان لفظن جي جار ۾ ڦاسائي، هڪ بت تراش يا رنگن جي چترڪار وانگر، اهڙي دائميت ڏني ويئي آهي، جو پڙهندي ائين ٿو محسوس ٿئي، چڻ اُها هوبهو اڄ به اسان جي آڏو بيٺي آهي.

هونئن به، هر دور جو حقيقي شاعر پنهنجي مضطرب روح جي اظهار ۽ پنهنجي انقلاب آفرين پيغام جي بيان لاءِ پنهنجي جدا ٻولي پيدا ڪندو آهي. ان ٻوليءَ ۾ هن جي سڃاڻپ هوندي آهي. هن جو هر لفظ ۽ سٽ درسني هوندي آهي، جنهن ۾ هن جي شخصيت جي جهلڪ ڏسبي آهي. ٻيا شاعر هن جي ٻولي استعمال ڪري سگهن ٿا،

پر اها انهن جي ٻولي تي نٿي سگهي. دراصل، ٻين همعصر ۽ پوءِ ايندڙ شاعرن جي اهڙيءَ پيروءَڪاريءَ سان ئي ان اڳواڻ شاعر جي ٻولي مقبول عام ٿيندي آهي، ۽ قومي ٻوليءَ جي لفظي، اصطلاحي، ترڪيبي ۽ علامتي ذخيري جو حصو بنجي، ان جي اظهاري صلاحيت جي اپرڻ جو سبب بنبي آهي.

اياز جي ٻولي، خالص سنڌي ٻولي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪا پنهنجي خالص موڙي آهي، وس پڄندي، هو ان کي ئي ڪم آڻي ٿو. "پونر پري آڪاس" جي ڪجهه اوائلي نظمن ۽ غزلن کان سواءِ، هن جي سڄي شعر ۾ اها نيٺ پنهنجي ٻولي ڪم آيل آهي. سنئين سڌي ۽ سادي ٻوليءَ سان گڏ شعري رواني ۽ ميناج، جيڪو هن جي ڪلام ۾ موجود آهي، ۽ شعري خيالن ۽ صورتن لاءِ عام سنڌي ماحول جو استعمال، جيڪو هو بار بار ۽ هر موقعي تي ڪري ٿو ان مان هن جي شعر ۾ بنهه موسيقيءَ جي پنهنجائپ، سادگي ۽ معصوميت پيدا ٿئي ٿي- ايتري قدر جو ٻڌڻ سان ڪلام جي فڪري مواد ڏانهن پهرئين پيري ڌيان ئي نٿو وڃي. حقيقت ۾ هر فن جو ڪمال پڻ ان جي اُها معصوميت، سادگي ۽ پنهنجائپ آهي-اُها سادگي ۽ معصوميت، جا ساڳئي وقت بي انتها پيچيده جذبات ۽ گهريءَ فڪري ولوڙ جو اظهار ٿئي ٿي، ۽ اُها پنهنجائپ، جنهن کي پڙهڻ سان ائين سمجهبو ۽ ائين دل ٿيندي تہ اهڙو شعر آءٌ بہ ناهي سگهندس ۽ اجهو ناهي ٿو وٺان!

شاعر جي ٻوليءَ جو خاص حصو اهي علامتون پڻ آهن، جيڪي هو پنهنجي مقصد جي ادائگيءَ لاءِ ڪم آڻي ٿو. غزل جي شاعريءَ جون علامتون-ساقي ۽ مئخانو گل ۽ بلبل، شمع ۽ پروانو وغيره، حسن و عشق ۽ تصوف جي ڪيفيتن کان سواءِ هاڻي سياسي ۽ سماجي خيالن جي اظهار لاءِ پڻ ڪم آنديون وڃن ٿيون. سنڌي ڪلاسيڪي

شاعريءَ جون علامتون_ چانگو ڪانگ، ائٺ، ساموندي، چارڻ، ٽوبو، ڪاهوڙي، جوڳي، وڻجارو وغيره_ ۽ سنڌ جي رومانوي داستانن جا سڀ ڪردار، واقعا ۽ حالتون بہ عشقيہ ۽ تصوف جي مضمونن کان علاوه هاڻي سماجي ۽ سياسي فڪر جي ترجمانيءَ لاءِ ڪم اچن ٿيون (۽ انهن کي ائين سماجي ۽ سياسي فڪر جي اظهار لاءِ علامت طور ڪم آڻڻ ۾ بہ اياز جو پهريون ۽ مکيہ هٿ رهيو آهي). پر، تاريخ ۽ سياست جي هڪ شاعر جي حيثيت ۾، پنهنجي فڪري اظهار لاءِ، سنڌي ٻوليءَ جي اِنهيءَ سموري مروج اصطلاحي، تشبيهي ۽ علامتي ذخيري ۾ اياز ڪافي اضافا ڪيا آهن_ مثلاً آرائين، ڄَرَ، اڄ، آهيڙي، مڏ ماتا، ناگاساڪي، ينيٽ، سپنو ماڪ، مور، نڙ، گوري، گجري، پلر پيئڻ، ٻاٽ، راڳي، سَرُ (تلاءُ)، ڇَر، ڪارونجهر، ڪينجهر، اروڙ اُمارُ_ اهي ۽ ٻيا اهڙا ڪيئي لفظ ۽ نالا اياز پنهنجي قومي ۽ بين الاقوامي پيغام جي اظهار لاءِ علامتي انداز ۾ ڪم آندا آهن. اهي سڀ علامتون نيٺ سنڌي آهن، جيڪي هن پهريون ڀيرو ڪم آنديون آهن. هر اهڙي لفظ جي علامتي ڪارج جي ظاهر ڪرڻ لاءِ، هن جي شعر ۾ ڪنهن اهڙيءَ رعايت جو اهتمام موجود رهي ٿو جنهن سان اهو لفظ پنهنجي معمولي حيثيت مان ڦري علامتي حيثيت جو حامل بنجي وڃي ٿو_ مثلاً، "او آرائين!" واري گيت جو هيءُ بند:

"او آرائين!
تنهنجيءَ جهوليءَ ڪهڙا گل؟"
"دوها، سائين!
_پيار لُٽايا جيڪي پَل"

گيت جي هن بند ۾ ”دوها“ لفظ آئي، ان جي رعايت سان ”آرائينءَ“ کي شاعرَ، انقلابي مفڪر ۽ مبلغ جو درجو ڏنو ويو آهي؛ ۽ ان کان پوءِ سڄي گيت ۾ جيڪي بيا اهڙا لفظ ڪم آيا، مثلاً: ”سرءُ“، ”ڳاڙها گل“، وغيره، ان پهرينءَ مرڪزي رعايت سان، پنهنجي پنهنجي علامتي حيثيت ۾ پڙهندڙ جي ذهن ۾ ازخود اڀري اچن ٿا.

گيتن جي هن مجموعي جو نالو- ”هي گيت اڇايل مورن جا“- خود علامتي اهميت رکي ٿو. ”گيت“ دانهن، فرياد يا سڏ جي علامت آهي؛ ”مور“ وطن دوست انقلابيءَ جي علامت آهي؛ ۽ مور جي ”اڃ“ کي آزاديءَ ۽ انقلاب جي پياس يا خواهش چئي سگهجي ٿو. ۽ ڇاڪاڻ ته هي گيت سنڌي ٻوليءَ ۾ آهن، ۽ سنڌ جي شاعر پنهنجي وطن جي بيوسيءَ ۽ مجبوريءَ جي پس منظر ۾ چيا آهن، تنهنڪري هي گويا سنڌ جي وطن دوست انقلابين جا آزاديءَ ۽ انقلاب لاءِ فريادَ يا سڏ آهن. هي گيت پنهنجي علامتي مفهوم سان وقتي ۽ مقامي اهميت کان سواءِ دائمي ۽ عالمي اهميت پڻ رکن ٿا، ڇاڪاڻ ته جن انساني اعليٰ قدرن جا اُهي حامل آهن، اُهي قدرَ زمان ۽ مڪان جي حدن کان بالاتر آهن. اياز جي فن جي عظمت انهيءَ ۾ ئي آهي، جو سندس شاعرانه علامتون نه فقط پنهنجي معاشري ۽ حالات جي تصويرڪشي ڪن ٿيون، بلڪ انهن مان سندس پڙهندڙَ ساريءَ انسان ذات جي تاريخ ۽ تقدير جي جهلڪ پڻ ڏسي وٺن ٿا. اياز جو هيٺيون ننڍڙو گيت انهيءَ سلسلي ۾ خاص ڏيان لهڻي:

ڪتا پوئنڪن

يا ڳيا پوئنڪن

چور به پوئنڪن ٿا!

ڪيڏي آ اوناڙ هوا ۾!
هر هر هينئين ڦاڙ هوا ۾!
جارا چرڪن
چارا چرڪن
تارا چرڪن ٿا!
ڪير اويرو آيو آهي؟
هن وستيءَ ۾ ڇا ٿو چاهي؟

ڪتا۔ ڏاڍ جا غلام ۽ چاري پاڳيا۔ عوام ۽ چور۔ ڏاڍ جا ڏٽي. جارا_ آزاديءَ ۽ علم (هوا ۽ روشنيءَ) جا وسيلا (اخبارون، ڪتاب، تعليم گاهه وغيره)، چارا۔ سياسي (قومي) جدوجهد جا رستا (آئيني ۽ غير آئيني)، ۽ تارا۔ عظيم مقصد، اوچا آدرش. لفظ "پوئنڪڻ" تي پيرا ڪم آيو آهي ۽ ٽيئي پيرا ان جي اصطلاحي معنيٰ مختلف آهي۔ ڪتن جو پوئنڪڻ پوئنڪڻ ئي آهي، پاڳين جو پوئنڪڻ معنيٰ انهن جو آزاديءَ ۽ انصاف جي حقن لاءِ بيسود رڙڻ، يا انهن مان ڪن جو خود ڏاڍن سان ملي، حق جي آواز جي خلاف دانهڻ، ۽ چورن جو پونڪڻ معنيٰ سچ کي لڪائڻ، نڳڻ ۽ هيسائڻ لاءِ ڪوڙي پروپيگنڊا ڪرڻ. جارا، چارا ۽ تارا تي ئي چرڪن ٿا (تفرقي ۽ تحرڪ ۾ اچن ٿا)، پر ٽنهي جو چرڪڻ الڳ الڳ سبب ڪان ۽ الڳ الڳ نوعيت جو آهي. اوناڙ۔ هانءُ نپوڙيندڙ رڙ آهي، جا رات جي سناٽي ۾ ڪنهن ماريل جانور تي ويهي، ڪو اڪيلو بگهڙ ڪندو آهي، ۽ "هرهر" اِنهيءَ ڪري، جو هڪڙي اوناڙ ڪان پوءِ ٻئي هنڌ وينل ٻيو بگهڙ ٻئي ماريل جانور تي رڙي ٿو ۽ ٽئين هنڌ ٽيون، وغيره. "ڪير اويرو آيو آهي،۔ هن وستيءَ ۾ ڇا ٿو چاهي؟" معنيٰ۔ 'هن ديس ۾ ۽ هن مهل آزاديءَ ۽ انقلاب لاءِ سڏيندڙ ڪو ته آيو آهي! اهو ڪير آهي، ۽ اهو ڇا ٿو گهري؟'

هي نںڍڙو گيت ڀهراڙيءَ جي ڪنهن ڳوٺ جي ڪنهن بہ رات جو منظر چٽي ٿو. رات جي سناٽي ۾، ستي لوڪ، ان ۾ ڪو خير جو گهورو شخص لنگهي آيو آهي، ۽ هڪدم رڙورڙ ۽ سڏوسڏ پئجي ويئي آهي! هِن، تقريباً هر روز واقع ٿيندڙ صورتحال ڪي سڄي جو سڄو علامتي طور پنهنجي ملڪ، ڪنهن بہ ملڪ، بلڪ دنيا جي موجوده توڙي آئنده واقع ٿيندڙ ڪنهن بہ فسطائي ظالمانہ دور جي بيان لاءِ ڪم آندو ويو آهي، ۽ ساڳئي وقت پڙهندڙ جي ذهن کي ڏونڌاڙي، ڀڙايو ويو آهي تہ هو پاڻ ڳولي، سوچي ۽ سمجهي تہ ههڙي ڀوساٽيندڙ ماحول ۾ ڪير شخص يا ڪهڙو فلسفو ۽ فڪر آهي، جو نجات ڏياريندڙ يا نجات جي راهہ ڏيکاريندڙ آهي: ۽ اُهو هر ڪنهن ڪان ۽ خود ڪانئس ڇا ٿو چاهي!

اياز پنهنجي شعر جي فني هيئت تي پاڻ هڪ جدا تفصيلي مضمون لکي رهيو آهي•. هنن گيتن ۾ هڪ ٻن هنڌ حاشيي ۾ پڻ هن پنهنجي فن جي انهيءَ پهلوءَ ڏانهن اشارا ڏنا آهن•. هن موضوع تي منهنجي پنهنجي ڄاڻ ڪا خاص ڪانهي، ۽ ان سلسلي ۾ ڪجهہ وڌيڪ لکڻ مناسب نٿو سمجهان. بهرحال، ايتري ڳالهہ تہ صاف آهي تہ شعر جي ترنمي سانچن ۾ اياز اڪثر فارسي بحر وزن ۽ هندي ڇندن جو ميلاپ ڪيو آهي. مثلاً: هي زيرنظر سڀ گيت ماترائن جي حساب سان ٻڌا ويا آهن، پر فارسي بحر وزن تي بہ انهن مان اڪثر شعر ٺهڪي بيهن ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ ماترائن جي حساب سان شعر چوڻ مان فائدو اهو ٿو ٿئي تہ ان ۾ سنڌيءَ جي ڪنهن بہ متحرڪ حرف کي ساڪن ڪرڻو ڪونہ ٿو پوي، جيئن فارسي بحروزن جي تقاضائن مطابق ڪرڻو پوندو آهي، ۽ اهڙيءَ طرح ٻوليءَ جي بگاڙي جو امڪان نٿو رهي. اياز

---

• افسوس جو اسان جو شاعر هيءُ مضمون اجا پورو ڪري نہ سگهيو آهي.

• "مزدور جي ٻار جو گيت" (ص 152)

جيتوڻيڪ شعر جي ماپن ۽ نمونن جا ڪيئي تجربا ڪيا آهن، پر انهن مان هرهڪ ۾ هن شعري هيئت جي خالص سنڌي روايتن کي بنيادي طور قائم رکيو آهي، بلڪ انهن کي اڳتي نيئي، اُنهن مان نوان شعري ماپا ۽ نمونا ايجاد ڪيا آهن. مثال طور، هنن گيتن ۾ وائيءَ ۽ پڻ غزل جي نمونن کي ٿوريءَ ڦير گهير سان نظم لاءِ ڪم آندو اٿس- "ڇاڇا نہ سمندر سرجي!" وارو نظم، غزل جي ڦيرگهير، ۽ "ڇٽندڙ پن، وڇوڙيل يار- ڳالهہ تہ هڪڙي آهي!" وارو نظم، وائيءَ جي ڦيرگهير جا مثال چئي سگهجن ٿا.

هر فن جي اصلي ۽ آخري عظمت ان جي سچائي آهي. اياز کي ڪجهہ چوڻو آهي، ۽ هو چوي ٿو. هن جي شعر، جو هيترو چؤبول پيدا ڪيو آهي، ۽ سنڌي ادب جي دنيا ۾ ايتري يڪتائي حاصل ڪئي آهي، ان جو خاص سبب هن جي پنهنجي فڪر، پنهنجي اندر جي آواز ۽ پنهنجي فن سان سچائي آهي ۽ سچ جي هوندي ماڻهوءَ جي ٻي هر لياقت، جنهن کي ذات ٿو سڏجي، ثانوي حيثيت وٺي ٿي ويهي- سندس پنهنجي هڪ گيت جو بند آهي تہ:

"ذات وڏي شيءِ ناهي،
"پر سچ وڏي شيءِ آهي-
"۽ جو سچ مڃائي
"سو مچ وڏي شيءِ آهي!"

-محمد ابراهيم جويو
جيڪب آباد،
19. 2. 1968ع

# جي ڪاڪ ڪوريا ڪاپڙي

## مهاڳ

1955ع جي شروع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي رسالي "مهراڻ" جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾، سنڌي اديب دوستن کي خط لکيم. جن ۾ ڪين گذارش ڪيم تہ وقت بوقت علمي ۽ ادبي نوع جا خط اسان ڏانهن لکي موڪلين. جيئن اهي "مهراڻ" ۾، ان خاص عنوان هيٺ شايع ڪري سگهجن. ۽ "مهراڻ" ۾ اهو هڪ مستقل ۽ خصوصي عنوان قائم ٿي وڃي. منهنجي عزيز دوست 'اياز' کي ڳالهہ ڳڙيئي من ۾ پيئي، ۽ هڪڙو نهايت پيارو خط لکي موڪليائين، جو هن مجموعي جي صفحي 134 تي ڏنل آهي. ان هڪڙي خط کي ڪافي نہ سمجهي، ڪانئس اهڙن ٻين خطن جي گهر ڪيم. ۽ اهو سلسلو ايئن شروع ٿيو ۽ اياز جا پهريان پنج خط 'مهراڻ' 1955ع جي 'اونهاري' واري پرچي ۾ "اسان جي شاعر جا خط" عنوان هيٺ پيش ڪيا ويا. جن مان پهرئين خط ڪان علاوه چار خط پڻ هن مجموعي ۾ (صفحي 136، 138، 140، ۽ 144 تي) شامل ڪيا

ويا آهن. ان کان پوءِ اياز جا ٽي خط ”ادب لطيف“ جي عنوانن هيٺ ”مهراڻ“ (1955ع جي ”سرءُ“ واري پرچي ۾ پيش ڪيا ويا. جي پڻ هن مجموعي جي صفحي 146، 150 ۽ 153 تي موجود آهن. اهڙيءَ ريت سواءِ هڪ خط جي، جو هتي صفحي 126 تي آندل آهي، هن ڪتاب جا باقي 21 خط پهريائين ’مهراڻ‘ ۾ ئي شايع ٿيا: انهيءَ لحاظ کان، اياز جو هيءُ ڪتاب گويا ’مهراڻ‘ جي ئي ’دين‘ آهي.

اياز جي پهرين پنجن خطن شايع ٿيڻ تي، ڪن سنڌي ادبي حلقن ۾ عجيب تاءُ پيدا ٿيو جو تپي تپي، ڪافي دير کان پوءِ ڪجھ قدر وڃي مانو ٿيو. ڪن خاص اخبارن ۾، ادبي تنقيد جي نالي ۾، ادارين ۽ مضمونن جا لاڳيتا ۽ ڊگها سلسلا شايع ٿيا. جن ۾ ادب گهٽ ويڙ وڙيڪ ۽ تنقيد بدران تهمت بازي زياده هئي. ڪن صاحبن ”اسان جي شاعر جا خط“ عنوان مان، لفظن جي آڙ وٺي، اها به تهمت گهڙي ورتي ته ”مهراڻ“ وارا رڳو اياز کي ئي ”اسان جو شاعر“ سمجهن ٿا ۽ ٻئي ڪنهن کي شاعر تسليم ئي نه ٿا ڪن. ”مهراڻ“ ۾ ٻين شاعرن جو شعر به پيش ٿيندو رهيو پيش ٿيندو ٿو رهي، ۽ ان ۾ ٻين شاعرن ۽ نظر نويسن جا ادبي خط به شايع ٿيندا رهيا، ۽ شايع ٿيندا ٿا رهن. پر اها ڳالھ ويچار ۾ ڪا نه آندي ويئي ۽ اهي قلم ۽ قرطاس جا صاحب اياز جي خلاف، ”مهراڻ“ جي خلاف، ۽ هر انهيءَ ڳالھ جي خلاف، جنهن کي هنن نه سچاتو ۽ نه سٺو پنهنجي تحرير بازيءَ جا جولان ڏيکاريندا ئي رهيا. سهپ جو مادو ۽ سڃاڻپ جي صلاحيت، جيئن زندگيءَ جي ٻين ڳالهين ۾ تيئن ادبي سرچاءَ لاءِ پڻ بنيادي ضرورت جو درجو رکي ٿي. خوددار ۽ صاحب ڪمال شخصن ۾، خودپسنديءَ جي جيڪي سو زياده هجڻ سبب، اڪثر هيءُ سهپ جو مادو ۽ سڃاڻپ جي صلاحيت قدري گهٽ ٿئي ٿي. حساس دليون هڪ پيرو بگڙي بيهن، ته انهن جي وري

ريجهڻ ۽ سرچڻ لاءِ وقت گهرجي. بهرحال ورهاڱي واري سال 1947ع کان پوءِ خاص طرح سنڌ جي سنڌي ادبي دنيا ۾، جيڪا چوپاسي ماٺ پئجي ويئي هئي، تنهن ۾ اياز جي شعر ۽ اياز جي نظر جي طفيل هڪ پيرو وري هلچل پيدا ٿي، ۽ سنڌي ادب جيڪو پنهنجي بي مثل ڪلاسيڪي شاعرن ۽ نثر نويسن جي گود ۾ ننڊ مان اکيون کولي، هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، آرس ڀڃي، وري پرِيات جي مٺيءَ هير تي ٻيهر سمهي رهيو هو تنهن اياز جي ان آواز تي پاسو ورايو ۽ پنهنجي آئيندو لافاني زندگيءَ ۾ هاڻي پير رکيو آهي. اياز ان جي هن صبح صادق جو پهريون نديم ۽ پهريون پورهيت آهي.

اياز جڏهن پنهنجي هن ڪتاب جي مهاڳ لکڻ لاءِ مون کي چيو، تڏهن سچ پڇ ته آئون منجهي پيس ته ڇا لکجي ۽ ڪيئن لکجي. اياز ۽ سندس ادب تي گذريل ڏهن پندرهن سالن ۾ ايترو ڪجهه لکيو ويو آهي ۽ اڪثر مخالفت ۾ لکيو ويو آهي، جو محض رسمي تعارف طور مٿس يا سندس ادب تي ڪجهه سٽون لکي ڇڏڻ ڪا معنيٰ ڪانه ٿيو رکن ۽ جيڪي ڪجهه واقعي لکڻ گهرجي، تنهن جي لکڻ جي سندس ٿي ڪتاب جي مهاڳ طور، منهنجي خيال ۾ گنجائش به ڪانهي. خاص طور هن حالت ۾، جڏهن مون کي اها خبر آهي ته اهو ڪتاب، جيڪو سچ پڇ پڙهڻ لائق آهي ۽ پڙهندڙ لاءِ ان ۾ اوجهل ڪشش موجود آهي. تنهن جي مهاڳ کي پڙهڻ جي تڪليف ڪو وٺي به ڪو نه ٿو ۽ ڪنهن کي وٺڻ به نه گهرجي.

اياز جي هن ڪتاب ۾ سندس 22 خط ۽ سندس نوٽ بڪ جا ڪجهه ورق آهن، جن ۾ سندس شاعراڻي ٻولي به آهي ۽ سندس انوکا ۽ تازه دم فڪري نڪتا به موجود آهن. خطن جي ترتيب تاريخ وار فقط ايتري قدر آهي، جو هڪ ٿي قسم جي ذهني ڪيفيت وارن خطن کي

هڪ هنڌ تاريخن پٽاندڙ پيش ڪيو ويو آهي. مثلاً ، پهريان ٻه خط (ص 25ـ 46) سنڌ جي لافاني عظمت کان متاثر ٿي ۽ سنڌي عوام سان دلي وابستگيءَ جي جذبي هيٺ لکيا ويا آهن. انهن کان پوءِ ڇهه خط (ص 47ـ 78) ٽيڪسلا، ڪوهه مريءَ ۽ پورين مان، ٽيڪسلا جي قدامت ۽ بي مثل فن کان متاثر ٿي ۽ ان جي پس منظر ۾، اردو پنجابي ۽ بنگالي ادب متعلق ۽ ملڪ جي عام انسانن جي دک ڀريءَ زندگيءَ جي مشاهدي جيڪا سندس حساس روح کي اذيت رسائي آهي، تنهن بابت لکيل آهي ۽ اهڙيءَ ريت ص 79 کان ص 110 تائين چار خط ص 111 کان 125 تائين هڪ خط مشرقي بنگال جي سندربن مان لکيل، ص 134 کان ص 154 تائين سڀ کان اول لکيل اٺ خط، سندس جدا جدا رومانی ڪيفيت جي عڪاسي ڪن ٿا. هڪڙي خط ۾ جيڪو ص 126 کان 133 تائين آيل آهي، اياز پنهنجي ننڍپڻ جا واقعا ۽ مٺيون مٺيون ۽ ڪڙيون ڪڙيون چند يادگيريون بيان ڪيون آهن. ڪتاب جي ص 157 کان ص 180 تائين اياز جي نوٽ بڪ مان جستہ جستہ ڪي اقتباس پيش ڪيل آهن.

سنڌي ادب ۾ هيءَ ڪتاب پنهنجو نوع جو پهريون ڪتاب آهي. ادبي خط ادب جي هڪ اهڙي پياري صنف آهي، جنهن جي نثر ۾ شعر، شعر ۾ پنهنجائپ ۽ پنهنجائپ ۾ دل جي گهراين جي اپٽار ملي سگهي ٿي. بشرطيڪ لکندڙ دلي اخلاص، جذبي، نئين نگاهه ۽ سجاڳ دل جو صاحب هجي. جڳ مشهور فرانسيسي مصور پال گاگن (1848ـ 1903) جنهن جي زندگي ايڏي تہ شايد غربت ۾ گذري، جو هڪ هنڌ پنهنجي وچڙيل زال کي پنهنجي ۽ پنهنجي معصوم پٽ "ڪلووس" متعلق لکندي چئي ٿو "ڪلووس جي ٻڪتي نہ ڪج. هن جي عمر جا ٻار دک کو نہ سڃاڻن. بشرطيڪ کين ٿوري پيار

ڪرڻ وارو ڪو هجي. باقي ڪاڏي جي ڳالهه. سو اها ڪا مشڪل ڳالهه ڪانهي. ڪائيندي چڱو چڱو گرهه آءُ هن لاءِ ڇڏي ڏيندو آهيان.... آءُ ڪاٺ جي تختي تي پنهنجي سفر جي ڪتي ۾ ويڙهيو ليٽيو پيو آهيان. ڏينهن جا ڏک ۽ رات جو اوجاڳو بيئي هڪ ٻئي کي برابر توريو بيٺا آهن... منهنجي ڪيسي ۾ ويهه پئسا هئا ۽ تن ڏينهن کان اسان اوڌر تي سڪل روٽي پئي ڪاڏي آهي." جنهن جي مرڻ کان پوءِ سندس تخليق ڪيل هڪ هڪ تصوير هزارن کان لکن رپين ۾ وڪاڻي، فرانس جو هي عظيم مصور پال گاگن پنهنجي هڪ دوست ڏانهن ان پنهنجي شديد غربت جي حالت ۾ پنهنجي تازي تخليق ڪيل تصوير بابت لکندي هڪڙي خط ۾ چوي ٿو. "ماٺهوءَ جي هٿن جي حاصلات ٿي ان ماٺهوءَ جي تشريح آهي." اياز جو هيءُ ڪتاب اياز جي "هن جي حاصلات" آهي. اياز جي تشريح اياز جا هي خط آهن.

محمد ابراهيم جويو
حيدرآباد
25 ڊسمبر 1963ع

# وڄون وسڻ آيون

## مهاڳ

”اياز“ جي شعر جو هيءُ چوٿون ڪتاب آهي، جو پيش ٿي رهيو آهي. هِن ڪتاب ۾ آيل شعر 1964ع 1968ع جي دور جو شعر آهي. سنڌ جي تاريخ جا هي چار سال نئين سنڌ جي قومي جدوجهد جا خاص يادگار سال آهن. اِنهن چئن سالن ۾ محب وطن سنڌي اديبن ۽ دانشورن ون يونٽ جي سامراج خلاف قومي جدوجهد جي اڳواٽيءَ جا فرض پوريءَ چاڙ، حوصلي ۽ ثابت قدميءَ سان ادا ڪيا. سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن جو هيءُ ڪردار سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ سدا روشن باب ٿي رهندو.

1955ع ۾ اولهه پاڪستان جي ننڍين قوميتن جي پيرن ۾ ون-يونٽ جي غلاميءَ جا زنجير وڌا ويا. 1958ع ۾ ملڪ سان مارشل لا لڳائي، انهن زنجيرن کي مضبوط ڪيو ويو. 1958ع کان 1968ع وارا ڏهه سال اولهه پاڪستان ۾ هر طرف سياسي هيبت ڇانيل هئي، پر سنڌ

۾ اهي ڏهه سال سنڌ جي وطن دوست اديبن ۽ شاعرن جو آواز ڪڏهن به خاموش نه ٿيو. هِن دور جا پويان چار سال ايوبي آمريت جا سخت ترين سال هئا. سنڌ جي باغي اديبن جي جدوجهد جو زور پڻ پنهنجي چوٽيءَ تي هِنن ئي چئن سالن ۾ رهيو.

"اياز" جو 1962ع ۾ ڇپيل پهريون شعر جو ڪتاب "ڀونر ڀري آڪاس" 1964ع ۾ ضبط ٿيو. "اياز" جو ٻيو شعر جو ڪتاب "ڪُلهي پاتم ڪِينرو" ۽ سندس نثر جو ڪتاب "جي ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙي"

1968ع ۾ ضبط ٿيا. محب وطن سنڌي اديبن جا گهڻي ۾ گهڻا ڪتاب ۽ گهڻي ۾ گهڻا سنڌي رسالا به هِنن ئي چئن سالن ۾ ضبط ٿيا. 1965ع (سيپٽمبر ـ ڊسمبر) ۾ پهريون ڀيرو "اياز" کي جيل موڪليو ويو. سندس لافاني نظم "زندان، هزارين مان نه رڳو" (جيڪو هن ڪتاب جي 55 ص. تي آيل آهي) اُن قيد جي ڏينهن جو رچيل آهي. 1968ع جي آخر ۾ مٿس قلم 123 ـ الف (ڏوهه: بغاوت، سزا: عمرقيد، ڦاسي) هيٺ ڪيس داخل ڪيو ويو. هِن قلم هيٺ، پاڪستان ۾ اُن دور تائين، سواءِ خان غفار خان جي، ٻئي ڪنهن تي به ڪيس داخل نه ٿيو هو. هِن ڪيس ۾ گرفتاريءَ کان اڳ ضمانت جي درخواست هاءِ ڪورٽ ۾ فيصل ٿئي ئي ٿئي، اُن کان اڳ نومبر 1968ع ۾ ايوب شاهيءَ جي تيرهن وڏن ڏوهارين (سنڌ مان ٽن ذوالفقار علي ڀُٽي، ممتاز علي ڀُٽي ۽ مير رسول بخش خان ٽالپر) سان گڏ "اياز" کي پڻ قيد ڪيو ويو ـ جن مان گهڻا پنجاب جي ساهيوال جيل ۾ بند ڪيا ويا. ۽ "اياز" به ساڻن گڏ اُتي هو. جهلجڻ کان ٿورو اڳ جون سندس رچيل وايون ("سنڌڙيءَ ساڻ سچوم، ڪوري ڪنڌ ڏنوم، گهوريس گهوريس سنڌ تي!" ۽ ٻيون) هِن ڪتاب جي آخر ۾ 201 ۽ 202 صفحن تي ڏنل آهن.

مطلب تہ جيئن متي چيو ويو هِن ڪتاب ۾ "اياز" جو پيش ٿيل سڄو شعر سنڌي ادب جي 1964ع کان 1968ع تائين وارن چئن سالن جي شديد قومي جدوجهد جي دور جو شعر آهي. سنڌي ادب جا پڙهندڙ ۽ پارکو هن شعر جي فڪري ۽ فني اهميت پڻ سنڌ جي قومي تاريخ جي اِن اهم دور کي خيال ۾ رکي، ڪري سگهن ٿا.

فيبروري 1969ع ۾ جيل مان نڪرڻ کان فوراً پوءِ "اياز" جو ٻن مهينن، يعني مارچ-اپريل، جو نئون چيل ڪلام، اُن جي وقتائينءَ اهميت سبب، "ڪي جو بيجل ٻوليو" جي نالي هيٺ بروقت شايع ٿيو. پر ان کان اڳ جو سنڌس هيءَ رچيل ڪلام جيڪو هاڻي هِن ڪتاب ۾ پڌرو ٿي رهيو آهي، اُن جي اشاعت کي اُن پيري روڪيو ويو هو. هيءَ ڪلام گهڻي ڀاڱي پنهنجي پنهنجي وقت تي هڪ پيرو ڇپجي بہ چڪو هو-اڪثر طور انهن ڏينهن جي سڄاڳ، ذميدار ۽ پختي قومي شعور رکندڙ ماهياني ادبي رسالي "روح رهاڻ" جي ورقن ۾. "جل جل مشعل جل....". "هي گيت اُجايل مورن جا" ۽ "رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي" وارا ننڍا ننڍا مجموعا، الڳ الڳ، ڦهريائين اُن رسالي ۾ ئي ڇپيا هئا، جن مان ڦهرين ٻن مجموعن تي، تعارف طور، راقم جا مهاڳ بہ انهن موقعن تي ڇپيا هئا. اُهي بہ مهاڳ بہ هِن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ شامل ڪيا ويا آهن، تہ جيئن پڙهندڙن جي سامهون ان وقت جي مخصوص ادبي ۽ سياسي فضا جو نقشو اُڀري سگهي.

مئي 1971ع ۾ "اياز" کي وري جيل وجھو پيو جتان هو جنوري 1972ع ۾ آزاد ٿيو. هي اٺ مهينا "مسلم بنگال" سڙندو رهيو پر هتي اولهہ پاڪستان ۾، 'قومي ٻوليءَ' جا شاعر، وڏي ٺٺ سان، "غالب ڪِي دربار ڪي آم" جا جشن عام ملهائڻ ۾ مشغول رهيا! "اياز" اِهي اٺ مهينا قيد ۾ رهيو ۽ بنديخاني جي اُنهن مهينن ۾ هُن سنڌ کي لڳ ڀڳ

ٿن سؤ صفحن جو وڏيڪ ڪلام ڏنو. قومن جي عظمت ۽ بقا جي ضمانت قومن جا خاص خادم پنهنجي اعليٰ پورهئي جي اهڙين بي بها ۽ لافاني تخليقن جي شڪل ۾ ئي پيش ڪندا آهن. سنڌ جڏهن قورو نادر شاهه ۽ اُهڙي ئي شيطان صفت سندس جُٽ ۽ پونير احمد شاهه ابداليءَ جي خوني گهوڙن جي سُنبن هيٺان چيٿاڙجي رتورت ٿي رهي هئي، تڏهن بيواهيءَ سنڌ جو سُوراڻيتو سپوت، شاهه عبداللطيف، پري پنهنجيءَ پٽ تي پاڻ کي بند سمجهي، سنڌ جي لازوال عظمت ۽ بقا جو صحيفو تخليق ڪري رهيو هو. اڄ سنڌ وٽ "شاهه جو رسالو" نه هجي ها، ته سنڌ جي قومي وجود جي دعوا جو دليل ئي ڪيترو هجي ها! "اياز" جو هيءُ نئون ڪلام، جيڪو هُن پاڪستان ۾ بنگال جي رتوڇاڻ هلندي، قيد جي اٺن مهينن ۾ تخليق ڪيو، سو جدا مجموعي ۾ "ڪپر ٿو ڪُن ڪري" جي نالي هيٺ گڏ ڪيو ويو آهي؛ ۽ اُميد آهي ته هن زيرنظر ڪتاب جي اشاعت کان هڪدم پوءِ پريس ۾ موڪليو ويندو.

ڪجهه ڏينهن اڳ، هلڪِي ۽ پاڻَ هُرتڙي سياست، رڳو پاڻ اڳي ڪرڻ لاءِ، جُڙتو سنڌ دوستيءَ جو جامو پائي، قومي جدوجهد ۾ محب وطن سنڌي اديبن جي تاريخي ڪردار کي لوڙڻ ۽ گهٽائڻ شروع ڪيو. افسوس، جو ان ۾ هُن سنڌ ۽ سنڌي عوام جي ڄاتل سڃاتل ۽ آزمايل قومي دشمنن ۽ ماُٺهن جي نجس ۽ لوُسي بولڙين جي پاسي کڻڻ ۽ پاسي جهلڻ کان به حذر نه ڪيو. هن قسم جي خودپسند سياست ئي پهريائين اسان جي محب وطن شاگرد تحريڪ ۾ تفرقا وڌا ۽ ان کي ڏانوانڏول ڪيو. خوشيءَ جي ڳالهه آهي، جو اسان جي ادبي دنيا ۾ هن سوليءَ ۽ سَستيءَ سنڌ دشمن سياست کي هيل تائين ناڪاميءَ جو مُنهن ڏسڻو پيو آهي، ۽ محب وطن سنڌي اديب ۽ دانشور پنهنجيءَ

ڳالهه تي اڄ بہ اُنهيءَ ئي ثابت قدميءَ سان قائم بيٺا آهن، جهڙا اڳي هئا. هو پنهنجي ادب جو واحد سماجي ڪارج هي سمجهن ٿا تہ اُهو سنڌ جي قومي جدوجهد ۽ سنڌي عوام جي وطن دوست انقلابي جدوجهد ۾ هڪ ڪارگر ۽ مضبوط هٿيار جو ڪم ڏيئي سگهي.

اسان جي سڄاڻ ۽ پياري ساٿيءَ، رسول بخش پليجي جي لفظن ۾، "اسان جي قومي ادب کي اجا ڪئين ڪوتن ۽ ڪمزورين تي غالب پوڻو آهي- ان کي اجا صحيح معنيٰ ۾ انقلابي ۽ عوامي ٿيڻو آهي." وقت آيو آهي، جو اسان جا سمجهہ ۽ ساڃهہ رکندڙ اديب ۽ شاعر، وطن دوست عوامي انقلاب جي راهہ ۾-جيڪا راهہ اسان لاءِ تاريخ اڄ مقرر ڪئي آهي- پنهنجون سموريون فڪري ۽ فني ڪوششون ظالم ۽ ڦورن طبقن جي ظلم ۽ ڦرلٽ کان پنهنجي محبوب وطن کي آزاد ڪرائڻ ۾ صرف ڪن. اميد آهي تہ "اياز" جي هِنن ٻن ڪتابن- "وڄون وسڻ آئيون" (جيڪو پڙهندڙن جي هٿ ۾ آهي) ۽ "ڪپر ٿو ڪُن ڪري" جي شايع ٿيڻ سان سنڌي ادب، پنهنجي منصب ۽ معيار جي خيال کان، نئين سر اڳتي وڌڻ شروع ڪندو.

ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ شعر جي فهرست ڏني ويئي آهي، جنهن ۾، بيتن کان سواءِ، ٻئي هر شعر، يعني واين، گيتن، نظمن، غزلن، لوڪ گيتن وغيره جي پهرين پهرين سٽ ڏنل آهي، تہ جيئن پڙهندڙن کي خاص خاص شعر کي ڳولي پڙهڻ ۾ سولائي ٿي سگهي. شعر جي فهرست کان پوءِ، "اياز" جي شعر ۾ ڪم آندل ڪن نيٺ سنڌي لفظن جون معنائون بہ ڏنيون ويون آهن، جي سنڌ جي عوام لاءِ تہ اوپرا نٿا ٿي سگهن، پر عوام جي دنيا کان پري شهرن ۾ رهندي رهندي، اسان جي ڪن لکيل پڙهيل ياڻرن لاءِ البت نوان ٿي سگهن ٿا.

قومون جڏهن پاڻ کي سڃاڻڻ ۽ سمجهڻ چاهينديون آهن، تڏهن پهريائين پنهنجي ٻوليءَ کي سڃاڻنديون ۽ سمجهنديون آهن، ڇو تہ ٻولي ئي سندن سڃاڻپ جو اصل نشان ٿئي ٿي. هر قوم جي پنهنجي پيڙهائتي ٻولي آهي. اُڏاري ٻوليءَ يا گاڏڙ ٻوليءَ تي هلندڙ قوم جي زندگي جُڙتو ۽ کوکلي ٿئي ٿي. جيتري نبار ۽ نج ٻولي، اوترو ان قوم لاءِ پاڻ سڃاڻڻ سولو ۽ پنهنجي آزادي ماڻڻ آسان ٿئي ٿي. اِهو ئي سبب آهي، جو تاريخ ۾ جڏهن بہ ڪنهن قوم پاڻ کي قوم سڏائڻ جي لائق سمجهيو آهي، تڏهن پهريائين اُن پنهنجي ٻوليءَ کي جيارِيو آهي ۽ وڌايو آهي- توڙي جو سندس اُها ٻولي سوين سال ڪم نہ آئي هجي، يا ان جو ادب ڪٿي ڪيترو بہ پوئتي پيل ۽ اڻپورو رهجي ويل هجي، ۽ ان جا لفظ ڪٿي ڪيترا بہ ڪم ڪان نڪري ويل هجن، يا رڳو اڻ پڙهيل جهانگين ۽ جهوپڙن ۾ رهندڙ ماڻهن وٽ باقي وڃي بچيا هجن. ٻوليءَ جي پنهنجي لفظن ۾ جيڪا ڇڪ ۽ ويجهڙائي ٿئي ٿي ۽ سمجهہ پريل رهي ٿي، اُها ڌارين لفظن ۾ ڪڏهن بہ ڪانہ ٿي رهي. پنهنجا لفظ ڪٿي ڪيترا بہ خيالي دنيا جا هجن، پر اُهي ڏٺل وائٺل دنيا سان لاڳاپيل رهن ٿا- جيئن ڌارئين لفظ "اتحاد" جي سامهون پنهنجو لفظ "ايڪو" يا "ٻڌي" آهي، يا ڌارئين لفظ "قرارداد" جي سامهون پنهنجو لفظ "ٺهراءُ" آهي، ۽ اِئين ٻيا لفظ- ۽ انهيءَ ڪري اُهي نج پنهنجا لفظ ڳائهائيندڙ ۽ ٻڌندڙ ٻنهي کي هڪ سمجهہ ۽ هڪ سياءَ جي ڏور ۾ ٻڌي ڇڏين ٿا. جيڪڏهن ادب کي قومي ادب ٿيڻو آهي ۽ قومي ادب کي اڳتي وڌي صحيح معنيٰ ۾ عوامي ادب ٿيڻو آهي، تہ ان لاءِ ادب جي ٻوليءَ کي پهريائين ڇڙجي ڇنڊجي قومي ٻولي يا عوامي ٻولي بنجڻو آهي.

قومي ۽ عوامي ادب جي راهہ ۾، ٻين ڳالهين سان گڏ، "اياز"پنهنجي شعري ٻوليءَ کي جو قومي ۽ عوامي رنگ ڏنو آهي، اِهو سندس ڪم سنڌي قوم ۽ اُن جي آئيندي لاءِ آب حيات کان گهٽ نہ آهي.

”ڪپر تو ڪُن ڪري“ جي ڪلام ڪان پوءِ (جيڪو پوئين پيري جيل ۾ ”اياز“ چيو)، بيو ڪو وڏيڪ ڪلام هِن ڏيڍ سال ڪن جي مدت ۾ هُن ڪونہ رچيو آهي. شايد شاعريءَ جي ذات، جنهن کي ”اياز“ پنهنجي هڪ مضمون ۾ ”بيوفا سُريت“ ڪوٺيو آهي، هڪ ڀيرو وري ڪانئس رُسي ويئي آهي. پر اُها وٽس وري ايندي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هڪ نئين ڪوتا ملندي، جا پڻ مهانُ هوندي، جا پڻ اَمر هوندي. هن سلسلي ۾، ”اياز“ پاڻ سان گڏ هر شاعر جي دل کي سمنڊ سان، اُن ۾ اٿندڙ امنگن کي سِپُن سان، خيالن کي موتين سان ۽ آسمان ۾ ٻرجي ايندڙ بادلن ۽ انهن مان وسندڙ مينهن کي حالات سان ڀيٽيندي، شاعريءَ جي هِن ڪرشمہ آرائيءَ تي پاڻ بہ وڏي اچرج جو اظهار ڪيو آهي:

چا چا نہ سمندر سَرجي!
تا بيتَ اَچوتا سِپجن،
جنهن وقت گهتا تي گرجي-
چا چا نہ سمندر سَرجي!
چا وِيرُون وِيرُون وايون!

هي جيءُ جڏهن تو ٻرجي،
چا چا نہ سمندر سَرجي!
- پوءِ اُڏما آلڙَ آلڙَ
پو چاچَر ۾ چا ترجي!
-چا چا نہ سمندر سُرجي!
(اياز)

_ سو اسان جي هيءَ هاٺوڪي سنڌ جڏهن پاڻ سجاڳ ٿيندي ۽ پاڻَ پري ٿيندي، ۽ ان جو پورهيت عوام پنهنجا پنهنجا بند ڇني آٿندو ۽ پنهنجي انقلابي جدوجهد سان پنهنجي هِن سونهاري ديس جي پاڪ ڌرتيءَ تي پرمارن جا ڪُتل نيش ۽ خوني چنبا ڀَڃي، ڀيجي ۽ پاڻ ڇڏائي، اڳتي وڌندو. تڏهن ان اَجهل ۽ عظيم عوامي انقلاب جي "ڪاريءَ گهٽا" سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جو عظيم عوامي ادب بہ اَوس اُڀرندو. ان ادب جا شهڪار ڪير رچيندو؟ سنڌي نثر ۽ نظم ٻيئي، اُنهن لاءِ انتظار جون اکيون راهہ ۾ وڇايون ويٺا آهن.

انقلاب پنهنجا اديب پاڻ پيدا ڪندو آهي، پر اِهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ "اياز"، جو ڪجهہ سنڌي ادب کي ڏنو آهي، اهو پنهنجيءَ جاءِ تي املهہ ۽ بي مِثل آهي، ۽ "اياز" کان سنڌي ادب کي اڃا جو ڪجهہ ملڻو آهي، اُن جو اَسٽان اڃا ئي ڪجهہ مٿي هوندو ۽ اُن جو ملهہ اڃا ئي ڪجهہ اوچو هوندو:

پهريون پهريون
لفظ خدا جو ڪُن فَيَڪُونُ!"
شاعر، موسيقار، مصور
سڀ ۾ ساڳيو جوشِ جنون-
ڪُن فَيَڪُونُ!
ذات خزانو آهي،
پل تہ وراهي
موتي هيرا،
نيلم نيرا!
پل تہ ڪري سينگار صدين جا!
روڪ نہ تن کي

توڪ نہ تن کي
هي جي سرجڻهار صدين جا۔
(اياز)

”اياز“ شاعر، موسيقار ۽ مصور کي ”صدين جا سرجڻهار“ سڏيو آهي. ”اياز“ پاڻ بہ ”صدين جو سرجڻهار“ آهي. ”اياز“ جي شاعري اڄ لاءِ بہ آهي ۽ آئيندي لاءِ بہ آهي. ”اياز“ جي شاعري پنهنجي بي ساختگيءَ ۽ ٻوليءَ جي سادگيءَ سبب عام جي شاعري تہ آهي، پر ساڳئي وقت ڪجهہ عام ۽ مٿاڇريءَ سمجهہ کان مٿي بہ آهي. رواجي نموني ۾ هرڪو اُن کي هوُڙهہ سان پڙهيو وڃي، ۽ ائين بہ پاڻئين سگهي ٿو تہ اهڙي سولي ۽ سڌي شاعري هو پاڻ بہ ڪري سگهي ٿو ۽ هوند ڪري بہ تہ ڏاڍو چڱو.... پر، خود ”اياز“ جي لفظن ۾۔

جوڳڻ سيڪا جيءَ ۾، ميران مَٺُ نہ ڪا،
ٿيندي گيڙوءَ گيت سان، ڪهڙي مُنڌَ مَٺا!
ڪيرتَ ڪاٽياريون گهٽيون، ڪنهن ڪنهن مَنجهہ ڪلا،
جنهن ۾ جيءَ جِلا، ڪانکِي ٿَنهن جو ڪينرو.

حيدرآباد سنڌ
15. 8. 1973ع

— محمد ابراهيم جويو

# ڪي جو پيجل پوليو

## مهاڳ

شيخ اياز جي شعر جو هيءَ ٽيون مجموعو آهي، جو ڪتابي صورت ۾ پيش ٿي رهيو آهي. سندس پهريون مجموعو "ڀؤنر ڀري آڪاس"، جون 1962ع ۾ 'پاڪستان رائيٽرس گلڊ' وارن پڌرو ڪيو. جنهن کي سنڌ دشمن ون-يونٽي حڪومت، سنڌ ۽ سنڌي ادب جي بدخواهن جي چرچ تي، ٻه ورهيه پوءِ، مئي 1964ع ۾ ضبط ڪيو. سندس ٻيو مجموعو "ڪلهي پاتم ڪينرو"، 1963ع ۾ شايع ٿيو جنهن کي پڻ پنج سال پوءِ، 1968ع ۾ ساڳيءَ حڪومت، ساڳين ماڻهن جي چوڻ تي ضبط ڪيو. تنهن کان پوءِ سنڌ جي هِن بي مثل شاعر ڪافي ڪجهه شعر چيو جيڪو سنڌ جي بحاليءَ ۽ خوداختياريءَ جي جدوجهد هلندي، وقت بوقت، خاص طرح ماهياني رسالي "روح رهاڻ" ۾، ڇپبو رهيو. اُن دؤر جو سندس شعر، جنهن ۾ "جل جل مشعل جل!"، "هي گيت اجايل مورن جا" ۽ "رُت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي" جا ننڍا ڳُتڪا ۽

ڪيترو ئي بيو ڪلام شامل آهي، جيڪو مارچ 1969ع ۾ لڳل ٻيءَ مارشل لا تائين دور جي پيداوار آهي. ”وڃون وسڻ آئيون!“ نالي هيٺ گڏ ڪيو ويو آهي ۽ اميد تہ ترت ئي الڳ ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو. هيءَ مختصر مجموعو جيڪو ”ڪي جو بيجل ٻوليو“ جي نالي سان هِتي پيش ٿي رهيو آهي، اُن ۾ جيڪو بہ شعر آندل آهي، اُهو مارچ 1969ع کان پوءِ جي ٻن مهينن جي عرصي ۾ تخليق ٿيل آهي. شعر جي مٿين ٻن ڪتابن جي ضبطيءَ کان سواءِ، اياز جو هڪ نثري ڪتاب، ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“، ٻڻ، 1963ع ۾ شايع ٿيڻ کان پنج سال پوءِ، خالص سنڌ دوستيءَ جي سزا طور، 1968ع ۾ ضبط ٿيو. ڏسجي تہ هاڻي سندس هِن تازي ڪلام جي اشاعت تي سنڌ، سنڌي عوام، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي دشمن حضرات جو ڪهڙو تو ردعمل ٿئي! چڱائيءَ جي اميد تہ منجهن اڄ بہ ڪانهي. تاريخ جي ثابت ٿيل حقيقت وطن جي غدارن بابت هيءَ ئي آهي تہ هنن جي خمير ۾ سواءِ بدديانتيءَ ۽ بدڪرداريءَ جي بيو ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ سندن جواب بلڪ علاج اِهوئي آهي تہ سنڌ جا انقلابي محب وطن پنهنجي وطن پرستيءَ جي جذبي ۽ عمل کي جيئن پوءِ تيئن وڌائين ۽ تيز کان تيز تر ڪندا رهن. اياز جي هِن شعر ۾ بہ وطن تان سِرُ گهورڻ وارن لاءِ پنهنجي اعليٰ جذبي ۽ مقدس عمل کي وڌائڻ ۽ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ تيز ڪرڻ جو سڏ موجود آهي.

آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو. 1949ع ۾ سنڌ کان ڪراچيءَ کي ڇني ڌار ڪيو ويو. 1954ع ۾ سنڌ کي چوڪنيو بڌي، ون يونٽ جي آڏو اُڇلايو ويو. سنڌ جي سنڌي ٻوليءَ جي جاءِ تي اردوءَ جا وڏي طمطراق سان طبل وڄڻ شروع ٿيا. سنڌي ٻارن کي اردو زوريءَ سيکارڻُ جاري رکي ويئي ۽ اردو ٻارن کي سنڌي سيکارڻُ بند ڪئي

ويئي! عوام جي تنگ گذراني وسيلن تي قبضا ٿيا. ماڻهن جي زبانن تي ماٺ جون مُهرون لڳنديون رهيون. ايوبي دؤر جي آمريت پنهنجي ننگي روپ ۾ نروار ٿي. "پاڪستانيت" ۽ "مسلمانيءَ" جي نالي ۾ عوام جي هر قومي امنگ کي نهوڙڻ جي ڪوشش عمل ۾ آئي. اختيارَ ۽ اقتدار جي صاحبن پنهنجي پوري طاقت اُن تي صرف ڪئي تہ سنڌ پنهنجي ذهني ۽ سياسي غلاميءَ مان اُپري نہ سگهي. ايتري لُٽ ۽ انڌڪار ۾ سنڌي شاعر ۽ سنڌي اديب اميد جو ڏيئو ٻاريو... ۽ اُهو ٽمڪندو رهيو:

هي ڪارو ڪارونڀار تہ ڏِس، هو ڏورانهون ڏهڪار تہ ڏس!
مون ڪيڏيءَ ڄرَ جي جهاڳ مٿان هِي ديپ جلايو آ، پيارا!

تان جو نومبر 1968ع ۾ هي سحر ٿُٽو عوام جون اکيون کليون. ۽ عوام اُٿيو ۽ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جا قلعا ڀُرڻ شروع ٿيا. نومبر 1969ع ۾ ون يونٽ جي اشڪنجي مان پاڪستاني قومن جي ڇوٽڪاري جو اعلان ٿيو ۽ پهرين جولاءِ 1970ع تي اولهہ پاڪستان جي ٻين صوبن سان گڏ سنڌي عوام جو سڳورو سنڌ ديس پڻ ٻيهر دنيا جي نقشي تي اُڀريو برحق ۽ بحال ٿيو.

وطن جي انڪار جو فلسفو يا نظريو محڪوم ۽ مظلوم قومن لاءِ هر صورت ۽ هر حالت ۾ تباهيءَ ۽ ذلت جو فلسفو آهي، اُهو فقط ملڪ جا غدار ۽ ملڪ جا دشمن پيش ڪندا ۽ پکيڙيندا آهن. اياز جو شعر وطن جي تسليميءَ، وطن جي بچاءَ ۽ وطن جي آبروءَ ۽ عظمت جو شعر آهي ۽ اُن لاءِ محب وطن نوجوانن، ٻارن ۽ ٻُڍن کان اُهو هر قسم جي جُهد ۽ قربانيءَ جي طلب ڪري ٿو. اُن ۾ وطن جي غدارن ۽ وطن جي دشمنن لاءِ اَجهل نفرت ۽ بي پناهہ غصو موجود آهي. اِنهيءَ ڪري وطن جا غدار ۽ وطن جا دشمن ۽ غاصب پڻ اياز ۽ اياز جي شعر کي برداشت

نتا ڪري سگهن ۽ هر وقت ٻنهي کي خاموش ڪرڻ لاءِ نُنهَن چوٽيءَ جو زور لڳائيندا رهيا آهن. جيئن ئي 1954ع ۾ ٽـ-ماهي رسالو "مهراڻ" شايع ٿيو ۽ اُن ۾ اياز جو ۽ ٻين قومي شاعرن جو شعر باقاعدي اچڻ شروع ٿيو تيئن هِنن غدارن ۽ غاصبن جي ڪکر ۾ چڻ ڪڙو لڳو ۽ هو ڀوُن ڀوُن ڪري، پنهنجا زهريلا ڏنگ نئين نئين زهر سان ڀري، چوڌاري مِڙي آيا ۽ اج تائين اُنهن ۾ اهوئي شور ۽ غوغاءُ، اُهوئي ڏنگُ ۽ اُهوئي زهر اوترو ئي موجود آهي، جيترو پهريائين منجهن هو. پر وطن جي چمن ۾ جا بهار اَچڻي آهي، سا آهستي آهستي ايندي ئي رهي ٿي ۽ وطن جا باغبانَ ۽ وطن جا پاسبان اُن بهار جي آڻڻ لاءِ ۽ اُن کي ساهه لڳ سنڀالڻ لاءِ هر گهڙيءَ وڏندا ۽ اڳتي ايندا رهن ٿا. آزاديءَ ۽ انسانيت جو ادبُ ۽ فنُ ۽ اُن ادب ۽ فن جا اُپائيندڙ اديبَ ۽ شاعر اِئين ئي اَجهل ۽ اَڏول، پنهنجا ڪنڌ اُوچا ڪيو سَرها ۽ سوڀياوان، هڪُ هڪُ ٿي ۽ گڏجي، وطن جي دشمنن ۽ غدارن جي مڪر ۽ فريب، ظلم ۽ ڪوڙ کي، وڏي وڏي، چيڙائيندا ۽ للڪاريندا ٿا رهن.

**تون ڪنهن ڪنهن کي خاموش ڪندين، اعلان هزارين، مان نہ رڳو!**

اياز تي ۽ سنڌ کي ذهني سجاڳي ۽ سياسي خودداري ڏيندڙ فڪر تي پهريان وارَ جن ڪيا ۽ جتان ٿيا، اُهي ڪنهن کان ڳجها ڪونهن. پنج، ڏهه، ويهَ نہ، پر ستر ستر، اَسِي اَسِي بلڪ سوين ۽ هزارين ليک، الڳ الڳ ۽ سلسليوار لکيا رهيا، ڇپيا رهيا، ۽ ترجما ٿي، غدارن جي آقائن وٽ رَسندا رهيا. سنڌي ليکن ۽ اُنهن جي ترجمن کان اڳتي وڌي، اردوءَ ۾ ليک ۽ ڪتاب لکيا ويا ۽ پنهنجن اَن-داتائن کي پهچايا ويا. بي نام، گمنام ۽ بدنام نالن سان عريضيون ۽ اظهارناما هُنن جي حضور ۾ الڳ پيش ٿيندا رهيا. هڪ ئي مخصوص ۽ نامَ ڳنيءَ اخبار ۾ هڪ

نہ ڏهہ نہ ويهہ نہ پر سوين ايڊيٽوريل آيا. هر آرٽيڪل، ايڊيٽوريل، عريضيءَ توڙي اظهارنامي جي تانَ ڪفر ۽ اسلام، الحاد ۽ ايمانَ جي هڪ ئي تار تي ٽُٽندي رهي. ظاهر آهي تہ غدار ۽ غاصب جو واسطو ڪفر ۽ اسلام، الحاد ۽ ايمان سان رڳو نالي جو هوندو آهي. پهريون ۽ آخرين واسطو سندُن پنهنجي غرض سان ٿئي ٿو. اياز ۽ سنڌ جي نئين فڪر کان سندن پنهنجو وجود نامسعود خطري ۾ هو ۽ آهي. جيڪي هزارن ۽ لکن پاڻ جهڙن انسانن کي جانورن وانگر پنهنجي پنيان چُچڪاري هلائڻ يا پنهنجي اڳيان هڪلي هلائڻ تي هِريل هجن: جن جي پيٽ پروريءَ ۽ خرمستيءَ جو دارومدار اُنهن ئي ماڻهن جي رَتَ سَتَ تي هجي ۽ ڏهڪاءَ ۽ ڏيکُ ئي فقط جن وٽ پنهنجي بچاءَ جا هٿيار هجن: تن جو سڄو سارو اسلام ۽ ايمانُ، سواءِ اِن جي ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو تہ ڪوبہ سندن فرعوني طاقت ۽ قاروني دولت جي قلعي تي هلان تہ ڇا، پر اُن ڏانهن اک کڻي بہ نہ ڏسي، ۽ جي ڪوائين ڪندو تہ ظاهر آهي تہ اُهو سندن اُنهيءَ اسلام ۽ اُنهيءَ ايمان جي دائري کان ٻاهر نڪتل ئي شمار ٿيندو. اِهوئي سبب آهي، جو هِنن هِيءُ سڄو عرصو پنهنجيءَ سڄيءَ ڪاوڙ ۽ ڪدورت جو نشانُ، اياز کي ۽ سنڌ لاءِ نئين پيغام رکندڙ سنڌ جي نئين شعر ۽ نئين ادب کي بڻايو.

اجوڪيءَ سنڌ جي پاڪ ڌرتيءَ تي، ادب ۽ فن جي ميدان ۾، سچ ۽ ڪوڙ جي هِن جنگاهہ ۾ دشمن جا سڀيئي وارَ اياز وڏي پاڻَ ڏانهُن موڙيا ۽ پنهنجي اڪيلي سِر تي سَٺا. اسان جا سمورا ساٿي۔خود اُهي جيڪي بنهہ مُهَڙَ ۾ هئا۔ سي سڀيئي دشمن جي مورچن منجهان ڇُٽل تيرن کان گهڻي قدر محفوظ رهيا، ڇاڪاڻ جو ايازُ سندَن تيرن آڏو پڻ پنهنجو سينو سِپَرَ بنائي بيٺو. پاڪستان جي 23 سالن ۾ سنڌ جي شايد سڄيءَ تاريخ ۾، نِجي فَن ۽ ادب لاءِ، ڪنهن کان ايتري قرباني نہ

ڪڏهن گُهري ويئي ۽ نہ ورتي ويئي. گلائون، تهمتون، گاريون، دڙڪا، حملا، شهر نيڪاليون، نظربنديون، ڪال ڪوٺڙيون ۽ ڪيسن مٿان ڪيس-هي تہ اياز ۽ سندس پنهنجي مقصدَ عظيمَ سان پنهنجي ساهہ کان وڌ محبت هئي، جنهن هي سڀ ڪجهہ ٻُڌو، ڏٺو ۽ سٺو ۽ اُن کان پوءِ بہ نہ هيٺڙو ٿيو ۽ نہ پنهنجي راهہ تان هڪ پير هَٽِيو ۽ هِچڪيو. سچ آهي تہ مقصد جي مومل کي، جي ماڻهو آهي تہ ڪاڪ محل کي سَر ڪرڻو ئي پوندو. ميهر سان ملڻو آهي تہ دهشت ڀرئي درياءَ جي لهرين ۾ لُڙهڻو ئي پوندو. پنهنجي پنهل کي پهچڻو آهي تہ ڪيچ جا جبل جهاڳڻا ئي پوندا. ملير جي مارن سان ملي مَرڪڻو ۽ مهڪڻو آهي تہ عمرَ جي قيد جا ڏيهاڙا ڪاٽڻا ئي پوندا:

ڏک سکن جي سُونهن، گهوريا سک ڏکن ري،
جنين جي وروُنهن، سجڻ آيو مون ڳري

اُهو انسانُ، جو آزاد مَنُش آهي ۽ پنهنجي اندر جي اَجهل آواز کي ئي حق جي ڪسوٽي سمجهي ٿو ۽ پنهنجي عمل لاءِ آخري فيصلي جو اختيار ڏئي ٿو، هر حالت ۾ ۽ هر گهڙيءَ اهو ماڻهو دنيا کي پنهنجي ارادي جي آڏو جهڪائڻ جي جدوجهد ۾ رُڌل رهي ٿو. اُن راهہ ۾ هيءَ جدوجهد ئي اَهڙي ماڻهوءَ جي نيڪ نيت ۽ اعليٰ ارادي جي ضمانت آهي. سرچاءِ اُن ماڻهوءَ لاءِ خسيس سَڌن ۽ ادنيٰ ارادن اڳيان هار مڃڻَ جي برابر آهي. هن جو پڪو ۽ اَٽل ويساهُہ جبل کي بہ هٽائي سگهي ٿو-”آڏو تڪر تَرُ، مٿان روهَہ رَتيون ٿئين!“ هُن جو مٿو رتو رتُ ئي سَهي، پر اُهو هميشہ اُڀو ۽ اوچو رهي ٿو.

خود قربانيءَ، صبر ۽ سيڪجهہ سهڻ جو هيءُ سبق، پنهنجيءَ پيڙهيءَ ۽ پنهنجين آئنده پيڙهين لاءِ سنڌ جي تاريخ ۾ جن بہ سنڌ جي

سپوتن پنهنجي قول ۽ فعل سان قائم ڪيو آهي. اُنهن جي سَٿ ۾ اياز جي جڳهه پهرينءَ صف ۾ آهي. پنهنجي دؤر جي اديبن ۽ فنڪارن جي ٻاريءَ ۾، بلڪ هند-پاڪ جي سڄيءَ ادبي تاريخ ۾ ” اياز جو هيءُ درجو يڪتا چئي سگهجي ٿو. ڪاليداس، اَمير خسرو، شاهه عبداللطيف، غالب، ٽئگور، سر محمد اقبال-برصغير جا هي سڀيئي عظيم ۽ لافاني اديب ۽ شاعر پنهنجي پنهنجي دور جا لاڏلا ٿي رهيا. (غالب جو ڪجهه سَنو اُهو ڪو پنهنجي ادب ۽ فن ۽ اُن جي فڪري للڪار جي سزا ۾ نہ، پر سندس پنهنجي ذاتي لاچارين جو نتيجو هو. ۽ اقبال تہ اسان جي ست سمنڊ پار کان آيل حڪمرانن جي لقب خاص جو نوازيل هو ۽ پنهنجي دؤر جي پست کان پست پيل جاگيرداري اقتدار جو آخر تائين وظيفہ خوار بہ رهيو!) بهرحال، هو سڀيئي پنهنجي پنهنجي دؤر جي بيٺل ۽ مچيل اقتدار جي ڏاڍ ۽ ڏمر کان محفوظ رهيا، بلڪ، ڪجهه گهٽ ڪجهه وڌ، اُن جا دلبند ۽ پيارا بنيا رهيا. اِهو اِنهيءَ ڪري هو جو هو پنهنجي پنهنجي دور جي اُن مچيل ۽ بيٺل اقتدار جا ڪافر يا مُنڪر نہ هئا. هُنن جي سڄي انسان دوستي ماڻهوءَ جي اڪيلي مَنَ ۾ جهاتي وجهي، اُن جي اسرارن کي پڌري ڪرڻ ۽ ان کي حيواني حد تان کڻي انساني حد تائين آڻڻ ۽ اُن کان مٿي نِيڻَ تائين محدود هئي. اِها ڪا پنهنجيءَ جاءِ تي رواجي ڳالهہ ڪانہ هئي، بلڪ واحدُ مقصدُ انساني اصلاح ۽ ارتقا جي سمورين ڪوششن ۽ ڪاوشن جو اصل ڪان اِهو ئي رهيو آهي. پر هُنن انساني خير واسطي حقَ ۽ حسن جي تلاش ۽ تبليغ جي سلسلي ۾ اِهو لازمي نٿي ڄاتو تہ سندَن دؤر جي سماج کي قائم رکندڙ اڪيلن انسانن کان الڳ ۽ پرانهين، عام مچيلَ ۽ سوگهي بيٺلَ سياسي يا مملڪتي اقتدارَ کي بہ رد ڪيو. للڪاريو ۽ ڊانو وجي. منجهانئن جيڪي اُن اقتدار جا نوازيل ۽ وظيفہ خوار نہ هئا، اُنهن جي

طبع جي ڪيفيت ۽ تخليقي عمل جي پڪيڙ ۽ پهچ بہ افلاطون جي 'فيلسوف' کان گهٽي متي ڪانہ هئي، جيڪو:

"ڏسي ٿو تہ ڪيس ڪو ساٿي ڪونهي، جنهن جي مدد سان هو وڏي حق جو بچاءُ ڪري ۽ سلامت رهي سگهي! پاڻ کي هو اِئين سمجهي ٿو جيئن ڪو ماڻهو وحشي درندن جي وچ ۾ رهندو هجي. اُنهن جي اَنياءَ ۽ پاپ کي نظرانداز ڪري يا قبولي، اِئين تہ هو نٿو ڪري سگهي. پر اڪيلي سر سيني سان مقابلي ڪرڻ جي سگهہ بہ ڪانهيس ۽ مقابلو ڪري ٿو تہ وستيءَ جو يا ڪنهن ٻئي جو ڪو ڀلو ڪري سگهي، تنهن کان اڳي پنهنجي جان گنوائي ويهندو... ۽ اِئين اجايو پنهنجي ڪم کان بہ ويندو ۽ دنيا جي ڪم کان بہ ويندو. اِهي ويچار دل ۾ آڻي، هو ماٺ ۾ رهي ٿو ۽ پنهنجيءَ پر ۾ جو ڪم هو نيڪ ۽ ضروري سمجهي ٿو سو ڪم ڪندو رهي ٿو-بلڪل اهڙي ماڻهوءَ وانگر، جيڪو سخت طوفانَ ۽ آنڌيءَ ۾ ونجي ويو هجي ۽ متيءَ ۽ ڳڙن جي بوڇاڙ کان بچڻ لاءِ ڪنهن ڀت جي آڏ ۾ ويهي رهيو هجي."(1)

دنيا جي ههڙي ماٺ مِيٺ ۾ پيدا ٿيل عظيم فلسفي ۽ عظيم ادب جتي انسان جي حيواني امنگن کي ٺاري ۽ نيڪ ڪري انسانيت جا معيار آهستي آهستي وڏايا ۽ انساني زندگيءَ جي هر دائري ۾ اعليٰ اخلاقي قدر پيدا ڪيا، اتي اُنهن معيارن ۽ قدرن تي نہ پهچندڙ بلڪ اُنهن جي ضد ۾ هلندڙ سياسي اقتدار جي مالڪن کي هر وقت مجبور پڻ ڪري ٻيهاريو ٿي تہ، جي سچ پچ نہ تہ ڪم از ڪم دعويٰ جي صورت ۾ ئي سهي، هُو اُنهن معيارن ۽ قدرن سان پنهنجي اقتدار جي وابستگيءَ ۽ مطابقت جا وڏي واڪ اعلانَ ضرور ڪندا رهن! جنهن جو

(1) افلاطون جو ڪتاب "دي ريپبلڪ"، ص-496

بهرحال هيءُ تہ نتيجو ضرور نڪتو ٿي تہ جيڪڏهن افلاطون جا ’فيلسوف‘، سندس خواهش پٽاندڙ پاڻ بادشاهہ نٿي بڻجي سگهيا، تہ خود بادشاهہ اُنهن جي فلسفي کي پنهنجي مفاد ۾ هر وقت ۽ هر هنڌ، ڏاڍيءَ چالاڪيءَ ۽ چرب زبانيءَ سان استعمال ۾ ضرور آڻيندا رهيا ٿي. ظاهر آهي تہ جڏهن انساني فلسفو ۽ ادب اِئين وقت جي اقتدار جو سدّيءَ يا اڻ سڌّيءَ ريت، هَٿيو ٿي ڪم اچڻ لڳي، تڏهن هڪ تہ اُهو فلسفو ۽ ادب حڪمرانن جي ضبطيءَ ۽ ظلم کان بچيو رهي ٿو ۽ ٻيو تہ اُن حالت ۾ ادب ۽ فلسفي جي بنهہ نئينءَ جنس جي گهرج ٿئي ٿي ۽ ان جا اُپائيندڙ دستوري اديبن وانگر مانيٽا ۽ ڪنهن پت جي آڏ ۾ آجهاپي وٺندڙ نہ، پر ميدان جا مرد ۽ ڪوٽن جي ڪُنگرن تي ڪمند وجهڻ وارا ڪي لينن، ڪي مائوزي تنگ، ڪي هوچي مِنَ، ڪي جيولس فيوچڪ، ڪي حيدر بخش جتوئي، ڪي اجمل خٽڪ، ڪي گل خان نصير، ڪي جي.ايم.سيد، ڪي اياز ۽ ڪي رسول بخش پليجا هوندا آهن. نئين دؤر جا هي نوان ڏاها ۽ نوان اديب ۽ شاعر قيبلي ٿي ٻئي جا آهن ۽ هُنن جو ادبُ ۽ هُنن جو فڪرُ پُختي ڪُتل ۽ سڀ کان آڳ ۽ عقيدتَ جي ڏنَ وصول ڪندڙَ هر اقتدارَ هر تقدسَ، هر ڍونگ ۽ ڍڪوسلي کي رد ڪري ٿو، للڪاري ٿو ۽ اُن سان وڏي وڇڙي ۽ وڙهي ٿو:

**او شال عقابن سان اٽڪان، مان واهر ٿي وانهيرن جي!**

اياز جا انقلابي گيت ۽ نغما، سندس طالب علميءَ جي ڏينهن ۾ بہ ڳايا ويندا هئا:

**او باغي، او راڄ دروهي، پارت ۾ بلوي جا باني!...**

مون کي ياد آهي تہ پاڪستان کان اڳ سنڌ جي صوبائي اليڪشن ۾ اياز ۽ بہ چار ٻيا دوست ڪراچيءَ مان هڪڙيءَ ريتي ڊوئينڊڙ ڪٽاري لاريءَ ۾ چڙهي، ٿرپارڪر ضلعي ۾ هڪ سيٽ لاءِ ڪامريڊ عبدالغفور جان سرهنديءَ جي چونڊ لڙڻ واسطي گڏجي نڪتا هئاسين ۽ پورو مهينو ٿر جي پٽن ۾ اُن لاريءَ جي ڊانڊي تي چڙهيا، پٽڪندا رهيا هئاسين، ۽ لائوڊ اسپيڪر تي اياز سان گڏ اياز جو گيت:

انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب، ڳاءِ!
جئن زمينَ آسمانَ
جي ڪلي پٽي زبانَ؛
ڪنڊَ ڪنڊَ، چونڪُ چونڪُ،
شهر شهرُ، ڳوٺُ ڳوٺُ،
جئن ڏئي اتي جواب_ انقلاب!....

- ڳائيندا رهيا هئاسين. پوءِ 1946ع ۾ رسالو "اڳتي قدم" نڪتو جنهن سنڌي ادب جي ترقي پسند لاڙن کي جاڳايو، گڏ ڪيو ۽ پاڙيرو ڪيو. اياز اُن رسالي جا فقط ٽي پرچا ڪڍيا، پر ان ٿورڙيءَ حياتيءَ ۾ هِن رسالي، سنڌي ادب جي نَڪَ ۾ جا غلاميءَ جي ناڪيلي پيل هئي، اُها لاهي ڦٽي ڪئي، ۽ اُن کي اڳتي وڌڻ لاءِ پنهنجو مقصدُ، پنهنجي راهہ ۽ پنهنجو ارادو عطا ڪيو. ترت ئي انگريزن ملڪ ڇڏيو ۽ ساڻن گڏ لکن ماڻهن پنهنجا هزارن سالن جا ٿهيل ماڳ ۽ مڪانَ ڇڏيا ۽ ڪروڙن انسانن انسانيت جا سمورا سکيل سبق-محبت جا، مروت جا، شرافت ۽ فضيلت جا-الف کان ي تائين اِئين وساريا، جڻ اُهي اُنهن سکيا ئي ڪونہ هئا. دُوئيءَ ۽ ڌڪار جا دَئيت پنهنجين اونداهين ۽

پيانڪ ڇڙن منجهان نڪري، سيني پاسي پکڙي پيا. درندگيءَ جي هن عام دبڙدوئنس ۾ هڪ ديانتدار آرٽسٽ کو وقت، افلاطون جي 'فيلسوف' وانگر، کا پت آڏ ڏيئي، پنهنجي ڏک ۽ پيڙا جون گهڙيون ڳڻي ويهي نہ گذاري، تہ بيو ڪري بہ ڇا ٿو سگهي! ناساز گار ماحول سان ٽڪر کائڻ بيسود سمجهي، وقتي پاسو جهلي ويهڻ ۽ ابدي سچ ۽ صداقت ۾ سهارو ڳولڻ -اِهو فرارُ نہ آهي، ۽ جي فرار آهي تہ اهڙو فرارُ ڪو ڏوهہ نہ آهي. هر انقلابيءَ کي ڪڏهن اهڙيءَ صورتحال ۾ گهارڻو ئي پوي ٿو- بشرطيڪ هو ماحول سان سَرچاءُ نہ ڪري. هن جي اهڙي وقت ۾ ماٺ، سا خود بہ وڏو جهاد آهي. اياز جي هِن دؤر جي شاعريءَ ۾ "ازل" جو لفظ بار بار اچي ٿو-ڇو تہ هڪ مجبور فنڪارن ۾ ئي داخلي سُڪون حاصل ڪري ٿو تہ 'انت حق ۽ صداقت کي فتح آهي، ۽ آءُ اُن سان آهيان.' 1954ع ۾ ٽِماهي رسالي "مهراڻ" جي شروع ٿيڻ تائين جيڪي سال گذريا، اُهي اياز جي اُنهيءَ داخلي زندگيءَ جي دور جا سال هئا. "پؤنر پري آڪاس" وارو شعر جو مجموعو گهڻي قدر اياز جي اُنهيءَ داخلي ڪيفيت جي پيداوار آهي.

1956ع ۾ ون يونٽ نهڻ کان پوءِ، سنڌ سان جيڪو ناحق ٿيو ان جي خلاف جدوجهدَ. سنڌ ۾ ساڳي بغاوت جاڳائي، جيڪا انگريز سامراج جي خلاف سڄي ملڪ ۾ اُٿي هئي. سنڌ جي تهذيب ۽ زبان تي ڏاڍي ڪنهن نحس ستاري جو پاڇو آيل هو. اِئين ڏسجي رهيو هو تہ سنڌ جا شاعر ۽ اديب چاڻ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۽ ڪنهن ٻيءَ تهذيب جا بنهہ ڪي ٽرڊ ريٽ نقال بنجي ويندا. عين هِن آزمائش جي گهڙيءَ ۾ اياز جي شاعريءَ سنڌي شاعريءَ کي پنهنجي ٻولي، پنهنجون روايتون، پنهنجي تهذيب جو احساسُ، پنهنجي ڌرتي ۽ پنهجو آڪاس موٽائي ڏنو. اُن کان اڳ جو جديد سنڌي شاعر شيراز ۾ لکنؤ جو ڪو لوڏيل ۽

واٽڙو پيئو معلوم ٿيندو هو. جنهن جي ٻولي تي حصا اردو ۽ فارسي، جنهن جي شاعريءَ جو مڪاني رنگ بہ غير سنڌي، اُن جا گل، ٻوٽا، وڻ، جبل، درياهہ، لوڪ ادب، اشارا، تمثيلون، ڪنايا، روايتون ۽ ڪردار بہ سڀ غير سنڌي هئا. هر ڳالهہ اُنهن جيءَ مان ڌارياڻپ جي بوءِ ٿي آئي. هڪ پوئلڳ ۽ پاڻ کان بيزار قوم جا اِهي ئي پرڪار هوندا آهن. سنڌ جي نجات ۽ آبرو منديءَ لاءِ اِنهيءَ ڪري پهرين ڳالهہ ضروري هيءَ هئي تہ سنڌ جي ادب کي سنڌي ڪري جياريو وڃي، ۽ اُن لاءِ منجهس هر ڳالهہ جي پنهنجائپ پيدا ڪئي وڃي. اُن ۾ سنڌ جي ڪارونجهر ۽ کيرٿر، منڇر ۽ ڪينجهرَ، ڪاڇي ۽ ڪوهستان، ڪراچيءَ ۽ ڪيٽي بندر، سنڌ جي لاک رتيءَ لوئيءَ ۽ اجرڪَ، سنڌ جي سونهن ۽ سَت سان سينگاريل سهاڳڻين جي هارَ سينگارَ ۽ ڳهن ڳٺن، سنڌ جي سدا ملوڪ جوانمردن جي پٽڪن ۽ کهاڙين، سنڌ جي همرچي، موري ۽ هو جمالي، ۽ سنڌ جي وڻن ٻوٽن، جيتن ۽ جانورن، سنڌ جي پکين ۽ گلن ۽ اُنهن جي آزاد آڏامر ۽ پُربهار رنگينين ۽ ساهہ سيباڻيندڙ سُڳنڌَ جو ورائي ورائي ذڪر آندو وڃي- ۽ جڏهن سنڌ جي اڳيان هِي شعر پيش ٿيو تڏن دنيا ڄاتي تي تہ سچي سنڌ جهومي اُٿي ۽ اُن جي لُونءَ لُونءَ سُرندي جي تندن وانگر ٻُري اُٿي ۽ اجا تائين ٻُرندي رهي ٿي. هِن شاعريءَ جي پنهجائپ سنڌ جي نوجوانن تي اُهو اثر ڪيو جو سنڌ سان وفاداريءَ جي ڏوهہ ۾ جهليل هي سَوَن جا سَوَ قيدي جوانَ، جيلن ۾ اَئٽ ڪتيندي، ڪتا اُٽندي ۽ چڪيون پيهندي، اُن کي گڏجي ڳائيندا رهيا ۽ هينئر بہ جتي آهن، اُتي ڳائيندا رهن ٿا. نومبر 1968ع-فيبروري 1969ع جي عوامي جمهوري تحريڪ ۾ قيد ٿيل سنڌي ۽ مهاجر ڪراچي جيل ۾، سڀ جا سڀ گڏجي، تاڙين جي تار تي- "هُڙڪ هلو هو! ڏيمي هلو هو!"- ڳائيندا هئا ۽ لاڳيتو ڪلاڪن جا ڪلاڪ

ڳائيندا رهندا هئا. سنڌ جي سپوت ۽ مَتانس ساهه صدقي ڪندڙ سرويچ، حفيظ قريشيءَ، جو چوڻ آهي تہ "جي سنڌ آزاد ٿيڻي نہ هجي ها تہ شيخ اياز پيدا نہ ٿئي ها!" "سنڌ جو آواز شيخ اياز!"_ نئين سنڌ جو هڪ عوامي نعرو بنجي چڪو آهي، ۽ جتي بہ سنڌ ۾ ڪو عوام دوست ۽ انقلاب پسند ماڻهن جو جلسو يا ميڙ ٿئي ٿو، اُتي اڄ وڏي جوش ۽ اوچي آواز سان اِهو نعرو ٻُري ٿو.

**"سنڌڙيءَ کي سر ڪير نہ ڏيندو! سهندو ڪير ميار او يار!"**

**"سنڌ ديس جي ڌرتي توتي پنهنجو سِيسُ نمايان، مِٽي ماٿي لايان!"**

هِي ۽ ٻيا ڪيئي لافاني قومي گيت، اڄ سنڌ جي هر راڳيءَ جا پنهنجا دلپسند ترانا بنجي چڪا آهن ۽ ڪانئن هر مجلس ۽ محفل ۾ گهُري گهُري ڳارايا وڃن ٿا. اُهو ساڳيو ايازُ جنهن کي پنج سال اڳ حيدرآباد منجهان گهڙيءَ جي نوٽيس تي، پنجاهه پوليس وارن جي پهري هيٺ، شهر بدر ڪيو ويو. جڏهن ڪراچي جيل مان ڇُٽي جنگشاهيءَ جي اسٽيشن تي پهتو، تڏهن هزارها ماڻهن "جيئي سنڌ!" جا نعرا هنيا ۽ سندس ريل گاڏيءَ کي زوريءَ روڪائي، کانئس "سهندو ڪير ميار! او يار! سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو!" چوارايو ۽ اُن کان پوءِ ڪوٽڙيءَ جي اسٽيشن تي انبوهن سندس آجيان ڪئي، ۽ نيٺ جڏهن حيدرآباد اسٽيشن تي پهتو تڏهن ويهه هزار ماڻهو اُتي کيس ڏسڻ لاءِ موجود هئا. ۽ اُتان کيس جلوس ۾ نيئي، هُنن پڪي قلعي ۾ سنڌ جي امر سپاهيءَ هوشوءَ شيديءَ جي قبر تي ويهاري، کانئس سندس شعر ٻڌو_ ۽ اهڙي ئي عقيدتمنديءَ جي جذبي ۾ سرشار ٿيل لکن ماڻهن اياز کي حيدرآباد کان سکر تائين هر

ريلوي اسٽيشن تي ماڻُ ڏنو ۽ سکر اسٽيشن تان ڪُلهن تي کڻي، ڳائيندي، نعرا هڻندي، پراڻي سکر ۾ سندس گهر تائين ڪيس پهچايو.

انقلابي شاعر جي دنيا جون ٻه صورتون ٿين ٿيون: هڪ داخلي ۽ ٻي خارجي. هو هڪ ئي وقت پنهنجي دنيا جي اُنهن ٻن نظارن منجهه رهي ٿو. داخلي صورت هُن جي دنيا جي اُها آهي، جتي هو حقيقتن جي تلخيءَ کان بيزار ٿي، پنهنجي عوام ۽ دنيا جي عوام جي مستقبل جا خواب لهي ٿو ۽ اُهي خواب سندس من جي پيڙا جا پاڇا بڻجي، هن جي شعر ۾ ظاهر ٿين ٿا، ۽ هيءُ سندس شعر يا اُهو اُن جو ڪيف ۽ رنگُ، عالمي ۽ آفاقي ٿئي ٿو. هن جي دنيا جي خارجي صورت اُها آهي، جڏهن هن جي پنهنجي سماج جون انقلابي قوتون ايتريون اُپريل هونديون آهن يا هو سمجهندو آهي ته اُپريل آهن، جو اُهي اڳتي وڌي، پنهنجي وَس ۽ مرضيءَ سان سماجي ڦيرگهير آڻي سگهن. تڏهن هو پنهنجي شاعريءَ کي اُنهن ميدانَ ۾ ٻيڻلَ، جهيڙي ۾ رُڌلَ ۽ اڳتي وڌندڙ انقلابي قوتن جي جولاني اُمنگن ۽ اَٽل ارادن جو ترجمانُ بڻائي، ويڙهاند جي ميدانَ ۾ انهن سان گڏ آڻي بيهاري ٿو ۽ سندس اها شاعري سندس سماج جي، پوري عوام جي پنهنجي شاعري بڻجي وڃي ٿي. اياز جي شاعريءَ ۾ سندس هِنن ٻنهي دنيائن جون تجليون موجود آهن. عظيم لينن ”آرٽ اينڊ لٽريچر“ جي نالي سان پنهنجي هڪ تصنيف ۾ اِنٽرنئشنل تراني جي خالق، گاٽئيئر (Gautier)، لاءِ چيو ته: ”هو گيت ۾ بهترين پروپيگنڊا ڪندڙ آهي!“ اياز جو هر گيت پروپيگنڊا ڪندڙ آهي، ۽ ساڳئي وقت جيئن ئي ۽ جڏهن ٻه- هاڻي يا ڏهن سالن، ويهن سالن يا سئو سالن کان پوءِ- اُن جو اُهو رول پورو ٿيو ته ٻه اُهو پنهنجي عالمي ۽ آفاقي معنيٰ سان ادب ۽ فن جي املهه ماڻڪ طور اُئين ئي قائم رهندو. فرانس جي اديب، ژان ڪاڪشُو (Jean Cocteau)، کان ڪنهن

پڇيو تہ ’جيڪڏهن ڪنهن گهر ڪي باهہ لڳل هجي ۽ اُن ۾ اندر هڪ ٻار هجي ۽ هڪ فنپارو هجي، تہ توهان اندر وڃي اُن مان ڇا ٻاهر ڪڍي ايندين؟‘ جواب ڏنائين تہ ’آءٌ اُتان باهہ ڪڍي ايندس!‘ اياز جي شاعريءَ ۾ اُها باهہ بہ آهي، پر اُن ٻار ۽ فنپاري ٻنهي جي بچاءَ لاءِ آهي. اياز اُها باهہ ڏاڍ ۽ ڪوڙ جي ڪوٺ کي لڳائي، اُن ڪوٺ ڪي ڏاهڻ ۽ ڀسم ڪرڻ گهري ٿو، ڇو تہ اُتان ڪروڙن ٻارن ۽ ڪروڙن فنپارن جي تباهيءَ ۽ بربادي جا سبب ۽ سامانَ هر وقت گهڙبا، نهندا ۽ ٻاهر ايندا رهن ٿا. ٽراٽسڪيءَ ميڪسيڪو جي جلاوطنيءَ ۾ ميڪسيڪو جي عظيم انقلابي آرٽسٽ، ڊيگوري ويرا (Diego Rivera)، سان گڏجي، دنيا جي اديبن ۽ فنڪارن جي انجمن ٺاهي هئي، جنهن جو پڌرنامو پاڻ لکيو هئائين. اُن ۾ چيو اٿس تہ: ”فن انقلاب جو بهترين ساٿي آهي.“ هيءَ هڪ عجيب اتفاق جي ڳالهہ آهي، جو ون يونٽ جي پوين ڏينهن ۾، اولهہ پاڪستان جي ٽنهي مظلوم قومن جا وڏي ۾ وڏا فنڪار هڪ ئي وقت هڪ ئي جيل ۾ بند هئا. بلوچي ٻوليءَ جو بهترين قومي شاعر گل خان نصير، پشتو زبان جو بهترين قومي شاعر اجمل خٽڪ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بهترين قومي شاعر شيخ اياز 1968ع جي پوين مهينن ۾ ملڪ جي 13 ٻين چوٽيءَ جي سياسي قيدين سان گڏ، ساهيوال ۽ پشاور جيل جا قيدي هئا. فن جو انقلاب سانِ اِهو بهترين ساٿ ئي انقلاب جي بهترين پروپيگنڊا آهي، جا ئي انقلاب-دشمن قوتن جي راوڻ کي جلائي ڀسم ڪرڻ لاءِ بهترين اُماڙيءَ جو ڪم ڏئي ٿي. انقلابي شاعر ۽ اديبُ اِهو ڪم زندگيءَ جي خارجي نظاري منجهہ رهي ڪري ۽ اُن جي اثر ۽ تقاضا هيٺ، سرانجام ڏئي ٿو.

ادب جو انقلاب سان ساٿُ ۽ اُن لاءِ بهترين پروپيگنڊا ٿي ڪم اچڻ فقط اُن صورت ۾ ممڪن آهي، جو ادب ڀرپائين ادب هجي.

عالمي انقلاب جي وڏي ۾ وڏي زنده سالار، مائوزي تنگ، چيني اديبن جي يَنان ڪانفرنس ۾ چيو آهي تہ: "فن جيسين پهرين فنُ نہ آهي، تيسين اُهو پروپيگنڊا جو اهل ٿي نٿو سگهي." اياز جي فن کي سنڌي قوم جي انقلابي تحريڪ لاءِ بهترين پروپيگنڊا جي اهميت اِنهيءَ ڪري ملي آهي، جو اُهو پهرين فن آهي ۽ پروپيگنڊا پوءِ آهي. جيئن حسن جو ڇيهہ ڪونهي، جيئن محبت جو ڇيهہ ڪونهي، جيئن حق جو ۽ نيڪيءَ جو ڇيهہ ڪونهي، ايازُ پنهنجي ادبي تخليق جي فني اوچائيءَ جا سَنڌا پاڻ قائم ڪري ٿو ۽ پاڻ ئي انهن کان مٿي اُڀري ٿو۔ "عدد ناهہ عشق پڄاڻي پاڻ لهي!" سادا ۽ سهڻا لفظ، اُنهن جي چونڊَ ۽ اُنهن جو پورو پورو استعمالُ، شعر جي رواني ۽ نغمگي ۽ اُن جو دليرانہ انداز، ڪڏهن ننڍڙا ۽ نزاڪت ڀريا وزن ۽ بحر، ڪڏهن ڏگها بحر ۽ سنگلاخن مان ويندڙ سوارن جو جولاني ترنم، زبان تي بنهہ هوا کان هلڪا لڳندڙ رديف ۽ قافيا، هندي ڇند جو بنهہ معصومانہ ۽ من موهيندڙ استعمالُ، لوڪ گيتن جون ڏنون، ۽ انوکيون علامتون ۽ اشارا اهڙا، جو معنائن جي موتين سان خالي جهولَ ڀرجيو وڃن ۽ دل ورائي ورائي اُنهن کي ٻُڌڻ لاءِ آتي ۽ زبان اُنهن کي ورائي ورائي جهونگارڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي! ڪهڙيون ڪهڙيون سِٽون آهن، جي اياز جي شعر جون پنهنجي ترنم، حسنڪاريءَ ۽ ميناج سبب دل ۾ گهر ڪري نٿيون ويهن! مون سَوَن اهڙن نوجوانن کي ٻڌو آهي، جن کي اياز جا سڄا سڄا نظم، گيتن جا گيت ۽ سَوَن جا سَوَ بيت، دوها ۽ وايون برزبان ياد آهن. قومي جدوجهد جي هر دؤر ۾ اياز ڪي اهڙيون ٽُڙ سٽون لکيون آهن، جيڪي اُن دور جي تاريخ جي روح جون ترجمان هئڻ سان گڏوگڏ فن جي لطيف ۽ پهچ کان ٻاهر بلندين جا نشان پڻ آهن، مثلاً:

جاڳ ڀِنائي گهوٽَا سنڌڙي ٿي توکي سڏي.......

●

ڏسي ڏکيا ڏِيلَ، ڳوڙها ڳِلِ ڳڙي پيا.....

●

او ڌرتي، او ماءُ، تنهنجي کِهَہ منهنجون اکيون.....!

●

ڳوڙها ڳاڙِ نہ سنڌڙي، وري ورندو واءُ.....!

●

واسينگن جي واٽ، آهي سفر سچ جو.....

●

سانڍيا منهنجي ساهہ، ڏکڙا ساري ڏيهہ جا.....

●

شال کسي مان توتي تاٽيان، تنهنجا ڪانَ ڪمانَ.....!

●

جهجِي پيو مَنُ جهونجهڪڙي جو سانجهي آ سُنسانُ.....

●

منهنجي سنڌڙي، منهنجي سنڌڙي، سنڌڙي منهنجي ماءُ!

●

مرنداسِي تہ متيءَ مان پنهنجي ڦُٽندا سُرخ گلاب.....

●

پري پري پيءُ، جيسين جيئين، گهڙيءَ گهڙيءَ جو جام.....

●

جيون-نيا منڙي سُر ۾ پِٽِي ڪجهہ ڳائي.....

●

ترس اي حسنِ ازل، اڄ تہ منهجو روح رججي ئي نٿو!

●

اي زمانن جا ضمير! تنهنجي ڪهڙي منزلِ مقصود آ؟

●

راتڙي، هيءَ نور جي برساتڙي....

•

مسافر سوين ڪاروانِ عدم جا، ڪٿي سڀ الائي ويا، ڪير سمجهي!

•

توتان واريان جند، منهنجي منڙي سنڌ!

•

ڪنهن جي لاءِ ڪُماچُ، صديون رهيو سانت ۾؟

•

تو جا سمجهي سِٽَ، سا آڳ اَٿئي اَنمول.....

•

سنڌڙي تنهنجو ساهه، جرڪيو منهنجي جِيءَ ۾.....

•

روئي پيئي رت، سُڏڪا پري سنڌڙي....

•

ڪڏهن ڪِرندي ڪاڪ، ڪڏهن ملندو مينڌرو؟

•

اوري اَڇ تہ اُگهان، ڳوڙها تنهنجي ڳل تان.....

•

شال وسن او سنڌڙي، تنهنجا ڪيت وسن!

•

ڪانئڙ ڳولي ڪالهہ، سياڻ سرويچ جو.....

•

ڌرتي منهنجو ديس، مگر مان سنڌڙي جندڙيءَ لايان.....!

•

سنڌڙي، مون کي سڏ تہ ڏي، تون چپ چو آهين، چاهي!

•

## مون ڏات لنوڪي آندي آ

اي ڏورانهان! ڏُسڪي توڏي ڪيسين پنهنجا نيڻ ڪٺان؟

●

سنڌڙي تنهنجو ساهه 'اياز'، مري نہ تيٺو آهي مات.....

●

ڪرندا آخر ڪوٽ ڪڏهن، ماروئڙا! او ماروئڙو!

●

ٻولي گولي ناهه 'اياز'، اُن جو وس فقط واڪو.....

●

تنهن جِيونَ کي آڳ لڳاءِ، جنهن ۾ ناهه ڪَرَم جو قلُ.....

●

او منهنجا محبوب وطن! توسان ساڳيو لونءَ لڳاءِ.....

●

سَهنجو سمجهه نہ سِٽ کي، نُور نچوئي لڪ!.....

●

ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌُ، پوءِ بہ نعرا نينهن جا،
سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ، مرنداسين پر مُرڪندي!

●

هِن گهڙيءَ، هن ويرَ، هلندي ڪائي هوت ڏي؟

●

سنڌڙي شاهه لطيف جي، لهر نہ ڪو لوڏو.....

●

سُک نہ سنيري سنڌڙي، اُيري سج لٿا.....!

●

گهات مٿان گهنگهور گهٽا ۾ اڄڪلهه جو انسانُ.....

●

ساپيا ءِ سپني ۾ ويچا جو بہ مِٿائي ٻولَ اُنهيءَ جي ٻانهڙي آهيان.....

●

ڳاڙها ڳاٽ، سگهارا ڳيرو پنڌ، پرينءَ جو پور،
الو ميان! ديسُ نہ دل کان دُور.....

●

سَڌَ سهانگي، مَڌُ مهانگو سِر جو سودو ڪير ڪري!
- موکي ويئي مَٺ پري!

●

عشق عقاب، پکي پرڏيهي، جهڙپ ڏئي تو جهٽي!
_ ڪير اُنهيءَ کان ڪٽي؟

●

سنڌڙي، تنهنجو نانءُ وٺو جڻ ڪاريهر تي پيرُ پيو.....!

●

هيءَ پنهنجي ڪرٽي پرٽي آ، پر سنڌ 'اياز' نہ_مرٽي آ!

●

هي ماٺهو وِهَہ جو ڏِڪ ٽيا، جئن لُڪ لڳي تئن رُڪ ٽيا.....

●

ميهار ملڻ جي ويلا آ،
ڪر ڳالهہ گهڙن ۾ گهيرن جي.

—

گُجري توتي گَج تہ آ، پر
جُهڙ ۾ ڪاوا جهڙا ڪک- چَرَ تي چوهُہ چَمر جا پاچا......

—

تانگهہ نہ تاڙي تانگها تڙ، اَوتڙ اَوتڙ آءُ ميان!.......

—

## مون ڏلت انوکي آندي آ

تون تہ ڪنڌيءَ جو ڪانڌ ميان!
هاءِ ڪُنڊيءَ ۾ مُنهنجو مَن!......

—

اوءِ ڪَجري ڳُجر، پير هوريان تہ ڌر،
هاءِ ڳهاڳهر نہ ڇَلڪي پوي!

—

اي ڪينجهر! تنهنجي ڪنڌيءَ تي
ڪوئي تہ تماچي اچڻو آ!

—

جنهن وقت بہ ڪو مون گيت چيو هن ڌرتيءَ جو
چڻ ڪوئي قرض چُڪو آهي.....

—

رات آئي وئي، تون نہ آئين ڪهي،
ماڪ مينڌرا ڪاڪ روئندي رهي!

—

ڇڻندڙ پَن، وڇوڙيل يار، ڳالهہ تہ هڪڙي ناهي.....

—

ڪنول ڪنول تي تنهنجا ڳل، ٽيندي ماڪَ مهل.....

—

انڌو اُپ انڌاري ڌرتي، ڏيئا ڏيئا ڳاٽ اسان.....!

—

پنهنجي رَت ۾ ريتو جهنڊو اُپ تائين جهوليندو
اهڙو ڏينهن بہ ايندو!.....

پنهنجي پنهنجي ڏينهن ۾ توڙي پوءِ، هي ۽ اهڙيون ڪيتريون ئي مُنڊيءَ تي ٽِڪ جيئن جَڙيل، هيرن جي لَڙهين ۾ پوُتل سِٽون، سنڌ جي

قومي جدوجهد ۾ مصروف نوجوانن، اديبن ۽ ادب سان واسطي رکندڙ هزارها ماڻهن جي ورد زبان رهيون ۽ انهن لاءِ مشعل راهہ ثابت ٿيون ڪم آيون. قومي جدوجهد سان اِهو ساٿ ۽ اُن لاءِ بهترين پروپيگنڊا جو هيءُ ڪم، اياز جو شعر خاص طرح ۽ سنڌ جو نئون ادب مجموعي طور فقط تڏهن ادا ڪري سگهيو جو سنڌ جي عوام اُن ۾ پنهنجي ۽ بني نوع انسان جي امنگن جو عڪس ۽ ساڳئي وقت اعليٰ فن جي حسن آرائي ۽ جاذبيت موجود ڏٺي. هيءُ هڪ ناقابل انڪار حقيقت آهي تہ هڪ وڏيءَ حد تائين، سنڌ جي نئين سياست شيخ اياز جي هِن شعر ۽ جي.ايم.سيد جي نثر جي ئي پيداوار آهي.

اياز جي شعر جو هيءُ مجموعو جيڪو ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“ جي عنوان سان هتي پيش ٿي رهيو آهي، اُن ۾ بہ منظوم ڊراما، جن کي مغربي ادب ۾ اوپيرا (Opera) سڏجي ٿو 19 وايون ۽ گيت، 37 غزل ۽ 18 نظم آيل آهن. منظوم ڊرامائن ۾ ”دودي سومري جو موت“ هڪ علامتي ڊرامو آهي، جنهن جا ڪردار پراڻا بہ آهن ۽ هاڻوڪا بہ آهن. هيءُ ڊرامو قومي جدوجهد جي پڌر تي زندگيءَ ۽ موت بابت ٻن مخلتف نظرين جي عملي اظهار جو ڊرامو آهي- هڪ نظريو اُهو جنهن ۾ موت کان ايترو ڊپ ۽ زندگيءَ لاءِ ايترو موهہ آهي، جو انسانُ هر قيمت تي جيئڻ ۽ جيئڻَ جو لطف وٺڻ گهري ٿو. عزت ۽ ذلت توڙي ٻيو ڪو اخلاقي قدر انفرادي توڙي اجتماعي نوع جو هن لاءِ اِن سلسلي ۾ بي معنيٰ ٿين ٿا: ٻيو نظريو اُهو جنهن ۾ زندگيءَ لاءِ ايترو پيار ۽ پابوهہ ۽ موت کان ايتري لاپرواهي ۽ بي اونائي آهي، جو جيئڻ لاءِ جيڪڏهن ماڻهوءَ کي مرڻو بہ پوي، تہ بي ڌڙڪ موت جي مُنهن ۾ هليو وڃي. زندگيءَ جي سهڻين ۽ سٺين شين کي ٻنهي منورتين وارا ماڻهو چاهين ٿا- پر هڪڙا اُنهن شين کي مفت ۾ ائين ماڻڻ گهرن ٿا، جيئن

اُهي آهن يا ڪين ميسر ٿين: ٻيا اُهي جيڪي پنهنجي جاڪوڙ سان زندگيءَ ڪي وڏيڪ سهڻو ۽ سٺو بنائڻ ٻه گهرن ٿا تہ جيئن ڪين تنهان ئي وڏيڪ سهڻيون ۽ سٺيون شيون ماڻڙَ لاءِ ملي سگهن ۽ اُن جاڪوڙ ۾ جدوجهد ۾ ڪين جيئڻ جو اُهوئي رسَ ملي ٿو جيڪو خود انهن شين جي ماڻڻ مان ڪين ملي ٿو. چنيسر جو مَنُ موت جي خوف ۾ ورتل مَنُ آهي، ۽ هو عزت جي موت کان ذلت جي زندگي بهتر سمجهي ٿو ۽ گيدڙيءَ وانگر ڏهہ ڏهہ ڀيرا موت مَري بہ زندهہ رهڻ گهري ٿو ڇو جو:

"ڏاهپ جو آ ڏس اِهوئي\
جيئڻ جهڙو جس نہ ڪوئي."

—

"هر شيءِ اڇڻي وڃڻي آهي،\
"هر شيءِ ڀيري ڀڃڻي آهي؛\
"جيڪي آهي سو هي پَل آ،\
"موت اٽل آ موت اٽل آ؛\
"ڏوهيءَ جو ساٿيهہ بہ ساڳيو\
"بي ڏوهيءَ جو ڏيهہ بہ ساڳيو.\
"ڇو جو هرڪنهن کي مرڻو آهي،\
"پوڻ ۽ جو اُنهو ڀِيڻ پرڻو آهي"......

—

"ــ موت ائين آ هُن جي من ۾،\
ڇِڇڙ جئن ڪُتي جي ڪَن ۾."

هِن ڊرامي جو ٻيو ڪردار ڇولي ڪنيارڻ، سنڌ ۽ سنڌي تهذيب جي علامت طور آندل آهي، جا پنهنجي اصليت وڃائي ويٺي هئي ۽ اوچتو پنهنجو هر روحاني قدر ڊانوان ڊول ٿيندي ڏسي، وري پنهنجيءَ

اصليت ڏانهن واپس وري ٿي. ٻئي پاسي دودو آهي، جو زندگيءَ جو سرواڻ ۽ اُن جو معمار آهي، هو زندگيءَ جي حال ۽ مستقبل جي بقا ۽ بهتريءَ لاءِ موت ضروري سمجهي، کلندي ۽ خوش ٿيندي، پاڻ کي موت جي مُنهن ۾ اڇلي ڇڏي ٿو-اِنهيءَ لاءِ تہ زندگيءَ جو سلسلو قائم رهي، وڏي ۽ ان ۾ وڏيڪ حسن پيدا ٿئي:

هر روز پتنگا ڇرڪن ٿا،
ڏس، ڏيئي لاٽ اُئين ئي آ!
هڪ جوت ٻُجهي، ٻي جوت جلي،
هر وقت جهروڪا جهرڪن ٿا-
ڏس، ڏيئي لاٽ اُئين ئي آ!
هر اوندهہ ۾، هر اوجهڙ ۾،
ڪي ماٺهو مُرڪن مَرڪن ٿا-
ڏس، ڏيئي لاٽ اَئين ئي آ!
ڏس، ڏيئي لاٽ اَئين ئي آ!

ٻيو منظوم ڊرامو ”رني ڪوٽ جا ڌاڙيل“، پڻ هڪ علامتي ڊرامو آهي، جنهن ۾ پڻ، طبقاتي جدوجهد جي پڌر تي، زندگيءَ ۽ موت جي ساڳين ٻن متضاد نظرين جو عملي اظهار ٿيل آهي. اُن جا ڪردار: ولهار ۽ وينگس، ۽ آدو، ڪادو ۽ ڏادو- بہ ڪي رڳو پراڻي جُڳ جا يا ڪي لڪل ڪردار نہ آهن. پڙهڻ سان چوڌاري هرڪو ماڻهو اُنهن کي پنهنجي آسپاس ڏسي ۽ سڃاڻي سگهي ٿو. وينگس کي سنڌ جي سونهن ۽ سوڀيا ۽ ولهار کي سنڌ جي آباديءَ ۽ خوشحاليءَ ۽ آدي، ڪادي ۽ ڏادي کي اُنهن جي دشمن ڪردارن، مثلاً: سامراج، جاگيردار ۽ سرمايہ دار جي صورت ۾ چئي سگهجي ٿي.

مارچ 1969ع کان پوءِ جا ٻه مهينا قومي جمهوري جدوجهد جي نتيجي ۾ آمريت جي خاتمي کان پوءِ جا ٻه مهينا هئا. جن ۾ عوام جي اُن عظيم فتح تي چوڏاري خوشي به هئي، ۽ پيهر مارشل لا جي اچڻ تي، رنج ۽ نراسائيءَ سان گڏ. اڳتي وڌي اڻ-پوري انقلاب کي پوري ڪرڻ جو جذبو ۽ عزم پڻ عام هئا. اياز جو هن مجموعي ۾ آيل سڄو شعر، جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو اُنهن ٻن مهينن جي دور جي تخليق آهي، ۽ اُن ۾ اِهائي اُن دور جي خارجي حقيقت عڪس ٿيل ڏسي سگهجي ٿي. ذڪر ٿيل ٻن منظوم ڊرامائن کان علاوه اِها رنج، نراسائيءَ ۽ اڳتي وڌڻ جي عزم جي عڪاسي هن مجموعي جي باقي شعر جي گهڻي ڀاڱي ۾ پڻ موجود آهي. مثلاً: هينيان گيت، غزل ۽ نظم اُن سلسلي ۾ پڙهي سگهجن ٿا-

هئه هئه ٻيريون ڇاڳريون!
هئه هئه اَرتيون آڳريون! (ص. 62)

●

وٽ جلائي ويهه!
آئي رات اُماس جي........ (ص. 64)

●

گهَرَ گهَرَ جوت جلائي،
سانجهي آئي...... (ص. 65)

●

آڏا لَڪَ تہ ڏس!
چنڊ پيو اُڀري.... (ص. 68)

●

ڪنب نہ تون ڪاپائتي،
ڪنبڻ واريون ڪوهہ ڪتيندّيون! (ص. 69)

●

ڳاڙها ڳيرو آئيا۔
دولهہ منهنجي ديس جا! (ص. 9)

●

ونجهہ تکيرا وانجهيو!
گهاٽ پري آهي.... (ص. 70)

●

ڇٽ پورا ڪيا گهڙي تي مون،
ڏس، نهائين اجا تتي نہ تتي! (ص. 74)

●

شاعري، جي روح گرمائي نہ تي.... (ص. 83)

●

هر منزل کان اڳتي وڃ!
ڪنهن منزل تي پير نہ ٺارا! (ص. 87)

●

تي ماڪ وسي مئخاني تي،
ڪي رند ڪڙو ڪڙڪائِن ٿا.... (ص. 107)

●

ڇا سوچيان ٿو مان ! ڪيئن چوان! (ص. 107)

●

دل روز چوي ٿي دور وڃان..... (ص. 112)
گهايل سوار ڪي
ڪارا ڪُميت تون

ڪيڏانهن نيندين!...... (ص. 123)

●

جت لُڪ لڳي، جت آڪ تپن،
سو ديس مسافر، منهنجو ڙيا (ص. 125)

●

ڪٿي تہ پيجبو ٽڪ،
مسافر،
ڪٿي تہ پيجبو ٽڪا!...... (ص. 127)

ادب ۽ فن جا ڪي نقاد، اعليٰ ادب ۾ انهيءَ نموني "پنهنجي وقت جي مسئلن جو ذڪر پنهنجي وقت جي ماڻهن لاءِ" نہ رڳو غيرضروري، پر معيوب سمجهن ٿا. سندن راءِ موجب، ادب ۽ فن جي آفاقي ڪيفيت زمان ۽ مڪان جي اهڙي تعلق سبب قائم رهي نٿي سگهي. هنن جو چوڻ آهي تہ ادب ڪنهن خاص قوم يا ڪنهن خاص وقت لاءِ نہ، بلڪ عالمي اهميت جو ۽ مستقبل يعني ايندڙ نسلن لاءِ هوندو آهي. هو ادب جي سماجي ڪارج کان گويا هِن معنيٰ ۾ انڪاري آهن تہ ادب ڪي ڪنهن هلندڙ وقت ۾ ۽ ڪنهن خاص سماج لاءِ ڪو ڪارج ادا ڪرڻ گهرجي. پر، ڪيوبا جي انقلاب جي سالار اعظم، فيڊل ڪئسترو جي لفظن ۾: "اسين چئون ٿا تہ اهڙا ڪي بہ فنڪار ڪين آهن، جيڪي فقط ايندڙ نسلن لاءِ پنهنجي فن جي تخليق ڪندا هجن. پنهنجي اِن راءِ کي ردَ ڪدَ کان مٿي نہ سمجهندي، اسين اِهو يقين رکون ٿا تہ جيڪو بہ اِنهيءَ مفروضي تي هلي ٿو، اُهو خودفريبيءَ جو شڪار آهي. اِن جو اهو بہ مطلب نہ آهي تہ جيڪو فنڪار پنهنجي وقت جي ماڻهن لاءِ ڪاوش ڪري ٿو، تنهن لاءِ اِهو ڪو امڪان ئي ڪونهي تہ هُن جي تخليق ايندڙ نسلن وٽ مقبول ۽ معروف ٿي سگهي- چاڪاڻ تہ جڏهن

فنڪار ڪا تخليق پنهنجي وقت جي ماڻهن لاءِ ناهي ته پوءِ اُهي سندس پنهنجي وقت جا ماڻهو اُن کي سمجهي به سگهن يا نه. تڏهن، بلڪل اُن سبب ڪري ئي، اڳتي هلي، اُها تخليق تاريخي ۽ عالمي اهميت حاصل ڪري سگهي ٿي. اسين انقلابُ ايندڙ نسلن لاءِ ڪونه آڻي رهيا آهيون، اسين انقلاب هِن نسل جي ساٿ سان ۽ هِن نسل لاءِ آڻي رهيا آهيون- پوءِ اَهو ايندڙ نسل لاءِ ڪيتري قدر به ڪٽي فائدي وارو ٿئي ۽ ڪيتري قدر به ڪٽي اُهو تاريخ جو هڪ عظيم واقعو ثابت ٿئي. اسين مستقبل جي ماڻهن لاءِ انقلاب ڪونه آڻي رهيا آهيون. هيءُ انقلاب مستقبل جي ماڻهن لاءِ اهميت رکندو چاڪاڻ ته اِهو اڄ لاءِ ۽ اڄ جي مردن ۽ اڄ جي عورتن لاءِ انقلاب آهي. جيڪڏهن اسين مستقبل جي نسلن لاءِ انقلاب آڻيندا هجون، ته اُن حالت ۾ اسان کي هوند ڪير مڃي ۽ ڪير اسان جي پوئتان هلي؟ سچ پچ ته اسين فقط پنهنجي وقت جي ماڻهن لاءِ ئي ڪاوش ڪريون ٿا، ۽ اسان جي تخليق اُنهن لاءِ ئي آهي- ۽ ائين ڪرڻ سان ڪابه فني تخليق لافاني شهرت جي اعزاز کان محروم نٿي ٿي سگهي.*

اياز جي شعر جي فني تجزيي کان مون هميشه پاڻ کي مجبور پئي سمجهيو آهي ۽ شايد هيءُ ڪم سواءِ خود اياز جي ٻئي ڪنهن نقاد کان پوريءَ طرح نه به ٿي سگهي. خاص طرح اياز جا نظم انهي لحاظ کان مون کي ڏاڍا انوکا پئي معلوم ٿيا آهن. اُنهن کي نظم جو ڪوبه مروج روپ نه آهي ۽ ائين ٿو لڳي، ڄڻ ڪنهن نشي ۾ آيل مصور ڪيئي رنگ ڪئنواس تي هاري، بُرش جي زوردار جهٽڪن سان، گهڙيءَ ۾ عجيب غريب نقش ٺاهي ورتا هجن! ”هي گيت اڃايل مورن

* فيدل ڪئسترو- ”دانشورن کي خطاب“. جون 1961

جا“ ۽ ”رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي“ وارا سندس نظم پڙهي، محسوس ٿو ٿئي تہ اُهي ڪنهن شيش محل جي گهڙيل ۽ ماپيل هڪگرن شيشن وانگر نہ آهن. پر جڙ اونداهيءَ رات ۾ ڪنهن جوالا اوچتو ڦاٽ ڪاڏو آهي ۽ ٻرندڙ اڱرن ۽ ڏاتن چوڌاري پکڙجي هڪ عجيب جهرمر لائي ڏني آهي. نظمن جي انهيءَ بي ساختگيءَ، روانيءَ، رنگارنگيءَ ۽ انوکائيءَ ۾ ساڳئي وقت هڪ گهَرِي، رچي ريتي ٿيل انقلابي شعور جو اظهار پنهنجي ڪمال تي پهتل آهي، جنهن ۾ سنڌ، پاڪستان ۽ برصغير جي ماضيءَ، حال ۽ مستقبل جو اُهو يگانو تصور آهي، جو صدين تائين اسان جي ديس واسين جي روح کي گرمائيندو رهندو ۽ انقلابي سياست جي هر لاهي چاڙهي ۾ اُن جو ساٿي ۽ سونهون ٿي ڪم ايندو. مون کي اِنهيءَ لکڻ ۾ ڪائي هبڪ نہ ٿي ٿئي تہ اياز جي اڳين ۽ هن مجموعي جي نظمن ۽ ٻئي ڪلام ۾ هن ڌرتيءَ جي پيڙهيءَ پيڙهيءَ جي هزارين سال پراڻي پيڙا چڪجي آئي آهي ۽ اُن پيڙا مان چوٽڪاري جو اَمر سپنو بہ هن جي ساڳيءَ شاعريءَ ۾ آهي، جنهن سپني کي ساڀيا بنائڻ لاءِ هن پنهجي آرام جي زندگي ترڪ ڪري، قيد ۽ ملامتون قبوليون آهن.

هن مجموعي ۾ آيل اياز جا غزل بہ غزل جي ايراني ۽ اردو روايت سان پوري بغاوت آهن. انهن کي فقط فارم غزل جو آهي، پر انهن جي ٻولي ۽ انهن جو فني حسن سنڌ جي تهذيب ۽ ڌرتيءَ مان ائين اُسريو آهي، جيئن برسات کان پوءِ ٿَرُ اوچتو سائو ٿي ويندو آهي ۽ اُن جي ساوڪ ۽ سُرهاڻ لونءَ لونءَ ۾ گهر ڪري ويهندي آهي. هر غزل کي گيت جو ترنم ۽ نظم جي معنوي گهَرائي آهي، جا بہ ان کي روايتي غزل کان بلڪل انوکو ۽ نرالو ثابت ڪري ٿي ۽ شاعريءَ جي هن صنف ۾ هڪ نئينءَ روايت جو بنياد رکي ٿي.

هن مجموعي، جون وايون ۾ گيت بہ فارم ۾ ترنم جي خيال کان ساڳين صنفن ۾ اڳ ڪيل تجربن کان مختلف ۾ وڌيڪ موهيندڙ آهن۔مثلاً:

ڪنڊيءَ نہ سگري، ٻير نہ پلڙو
سائو نہ سلڙو چانگون نہ ڇيلڙا!
مارو اَڪيلڙا!

•

جيجل منهنجو جيئڙو!
هئہ هئہ منهنجو جيئڙو!
آئي منڊ گلاب جي.......

•

هئہ هئہ منهنجي چولڙي
ڌوءِ نہ ڌوٻيءَ گهاٽ تي!......

•

هن مجموعي جي سڄي شعر ۾ اياز سوين نوان قافيا استعمال ڪيا آهن، جي هُن اڳ ڪڏهن بہ ڪم نہ آندا آهن. اردو شاعريءَ ڪي ڏسو تہ پوريءَ شاعريءَ ۾ ڪل سَؤ سوا ڪن قافيا نظر ايندا، جي ”ولي“ دکنيءَ کان فيض احمد ”فيض“ تائين شاعرن وري وري پئي ڪم آندا آهن. اياز هڪ ڀيري ”فيض“ کان پڇيو هو ”فيض! تنهنجن ڇئن ئي ڪتابن: نقش فريادي، دست صبا، زندان نامہ ۾ دست تہِ سنگ۔ ۾ ڪو اهڙو هڪ بہ لفظ يا قافيو آيل آهي، جو اڳ اردوءَ جي شاعرن ڪم نہ آندو آهي؟“۔ تہ فيض لاجواب ٿي ويو هو. اياز پنهنجيءَ ٻوليءَ کي ڪتابي ٻوليءَ مان ڪڍي ۾ عوامي ٻوليءَ سان مالامال ڪري، اُن کي ايڏي وسعت ۾ تازگي ڏني آهي، جو سنڌي شاعري سمورا بند

پڇي هڪ پيرو ٻيهر اڳتي وڌي آهي، ۽ اُن مان نوان لفظ نيون ترڪيبون ۽ نوان قافيا هاڻي ڪتٽا ئي نہ آهن ۽ ان جي فڪر ۽ جذبي جي اجهل پالوٺ هاڻي ٻيهڻي ئي نہ آهي.

آخر ۾ مان هي لکي، اياز جي هن ڪلام جو هيءُ مهاڳ ختم ٿو ڪريان تہ شايد ئي ڪنهن شاعر پنهنجي شعر ۾ فن ۽ انقلاب ٻنهي کي ايترو هڪ وقت اُڀاريو ۽ اُجاگر ڪيو هجي، جيترو اياز ڪيو آهي. نئين انقلابي سنڌُ اِن جي جيئري جاڳندي ثابتي آهي تہ ڪيئن هڪ عظيم انقلابي شاعرُ پنهنجي فن جي ذريعي قوم جي تقدير ڦيرائي سگهندو آهي. سنڌ جي آمر شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ فن جي مقصديت جي باري ۾ ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي:

**ريءَ مصلحت مڱڻا، قصر ڪين اچن!**

حيدرآباد سنڌ
21 .7 .1970ع

م.ا.ج

# راڄ گهاٽ تي چنڊ

## مهاڳ

اسان جي پياري دوست، شيخ اياز جي شعر جو هيءُ تيرهون مجموعو آهي، جو پيش ٿي رهيو آهي. لڳ ڀڳ ست سال اڳ، 1980ع ۾، اياز جو ڇهون مجموعو "لڙيو سج لڪن ۾"، شايع ٿيو جنهن ۾ ناشر طرفان ٻڌايل هو ته "شاعر شيخ ايازُ 1975ع جي شروع کان..... خاموش رهيو". ڇو ته فارسي شاعر ابوالفيض فيضيءَ جي بقول، اُن دور ۾ اياز جي ڇڻ اها ڪيفيت هئي، جو

باز گشتم از سخن زيراڪ نيست
در سخن معني ودر معني سخن

يعني "شعر ڇوڙ کان باز آيل آهيون، ڇو ته نه شعر ۾ معنيٰ رهي هئي ۽ نه معنيٰ ۾ شعر". اياز جي اُن ڪيفيت جو اشارو هُن جي اُن مجموعي جي نالي مان ئي پڌرو هو جيڪو لطيف جي ساڳيءَ ڪنهن

اهڙي ڪيفيت جي ترجماني ڪندڙ خود لطيف جي بيت مان هُن ڪنيو هو:

'لَڙيو سجّ لَڪن ۾، راسِيون رَتائين،
مون کي ماريائين، اديون اونداهي ڪريا'

اياز جي اُن شعري مجموعي کي شاعر جي "انتهائي نراسائيءَ جو ترجمان" چوندي، ناشر کي اُن مان نراسائيءَ کان وڌ شاعر جي "ناخوشيءَ يا ناراضپي" جي ڪيفيت محسوس ٿي هئي— "ناخوشي يا ناراضپو شديد کان شديد، ايترو شديد، جو اُن کان وڌ ڪنهن وصال جي تانگهه، ڪنهن تبديل جو اُمنگ ۽ اُن وصال يا اُن تبديل لاءِ وڏيڪ بيءَ ڪنهن تيز آسَ جو اظهار شديد ٿي ڪو ٿي سگهيو ٿي"

اڃ، 1980ع کان پوءِ، بلڪ1982ع ۾ "پتڻ تو پُور ڪري" جي اشاعت کان 1987ع جي سندس هِن تازي شعري مجموعي "راج گهاٽ تي چنڊُ" تائين، پنجن سالن ۾ اياز جي ستن شعري مجموعن جي تخليق ۽ اشاعت* مان پڌرو آهي تہ اياز جي اُها ڪيفيت ڪنهن شڪست قبولڻ ۽ فراريت ۾ پناهہ ونڻ واري ذهن جي ڪانہ هئي، پر راهہ ۾ لهندڙ سج ۽ رات جي اوندهہ ٿي ويڇڻ تي "سسئيءَ" جي ناراضپي، ڏک، ۽ ڪاوڙ جي ڪيفيت هئي، جن منزل ڏانهن هُن جي پنڌ ۾ رڪاوٽ ٿي وڌي، اياز پنهنجي اُن ڪتاب کي "ماضيءَ ۽ مستقبل" ڏانهن منسوب ڪيو هو۔ 'حالَ ڏانهن'يا 'حال ڏانهن بہ' نہ: اُن مان بہ اياز جي اُهڙيءَ ٿي پنهنجي 'حال' کان بيزاريءَ ۽ ڪاوڙ جي

---

• "پتڻ تو پُور ڪري" (1982)، "تُڪرا تُتَل صليب جا (1984)، "پَنَ ڇَڻَ کان پوءِ" (1985ع)، "چنڊ چنبيلي ول" (1985ع)، "رڻ تي رم جهم" (1986ع)، "ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي" (1986ع)، "راج گهاٽ تي چنڊ" (1987ع).

ڪيفيت جو اظهار ٿيو ٿي ۽ نه سندس هارَ ڪائي ڪنهن ڪنڊ پاسي ويهڻ يا ڪٿي پنجي پاڻُ محفوظ ڪرڻ جو.

وقت جو ڪرشمو واقعي به هڪ طرح، اهڙيءَ نوعيت جو لڳي ٿو جڻ 'حال' آهي ئي نه- رڳو 'ماضي' آهي ۽ 'مستقبلُ' آهي، ۽ ماڻهو 'حال' جو هر پَلُ 'مستقبل' جي پَلَ لاءِ پيو گهاري. اِن معنيٰ ۾ ماڻهوءَ لاءِ آس ۽ نراس، خوشيءَ ۽ ڪاوڙ شڪست ۽ فتح جي به ڪا ڳالهه ڪانه ٿي اُتي- هڪ لاڳيتي مجبوري هئي، جنهن ۾ ماڻهو ڳهندو ٿي رهيو. پر هيءَ جو لطيف چيو ته "ڪِنين 'ماضي' مَنَ ۾ ڪِنين 'استقبال'، حيفُ تِني جو حالُ، جن وساريو 'حال' ڪي!"-اِن جي معني ڇا؟ اِن مان ته اِئين ٿي لڳو جڻ 'ماضيءَ' ۽ مستقبل' جي ڳالهه ڪانه هئي، رڳو 'حال' هو- ۽ 'حال' ۾ ئي ماڻهو لڳاتار لوڙيندو ٿي رهيو!! برابر هيءَ وقت جي ڏارا، هيءَ وقت جو اَجهل سيلاب- ڪهڙيءَ به طرح اُن تي نظر رکجي-اِن جي آڏو ماڻهو پاڻ کي مجبور ئي ڏسي ٿو. پر حقيقت ۾، اُن اٽل مجبوريءَ ۾ به 'جيئڻ جي ضرورت آهي، جا ماڻهوءَ کي ارادو ڏئي ٿي- ارادو آزاديءَ سان ۽ رڪاوٽن کان آجي جيئڻ جو پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ جو- هيڪل توڙي گڏجي، پر جيئڻ جو ۽ جيئڻ کي مائڻ جو. ائين ارادي سان روش 'حال' جو رستو جڏهن، هلندي هلندي، لَڪن ۾ سڄَ لهي وڃڻ سبب، اونداهجي به ٿو ته ماضيءَ جو تجربيو ۽ ڏور 'جبل مٿي باهڙي'- مستقبل جو سدا چمڪندڙ پرانهون اُهو نشان ئي فردن توڙي قومن ۾ آڻ مچڻ ۽ جيئڻ تان هٿ کڻڻ بدران بهتر ۽ خوشتر جيئڻ جو جيئڻ جي جس ڪٽڻ جو اُمنگ ۽ ارادو تازو رکن ٿا.

وقتَ ۽ زندگيءَ جي جبر ۽ اختيار جو هيءُ وستار ائين ۽ اِن ئي منطق سان جاري رهندو آيو آهي.

-۽ ٻولي ۽ ادب. وقت جي مقابلي ۾ قومن جي اِنهيءَ جيئڻ ۽ جيئڻ جي ماڻڻ جي امنگ ۽ ارادي جا امانتدار تربيت ڪندڙ ۽ مسلسل روايت طور اُن امنگ ۽ ارادي کي نسل کان نسل تائين رسائڻ جا ثابت ۽ اڻ- ڳُس وسيلا پئي رهيا آهن. اِن مان قومن ۽ انهن جي با مراد زندگين کي اَٽوٽ سلسلو مليو ٿو ٻولي ۽ ادب. جنهن لاءِ تسبيح جي ڏاڳي جو ڪم ڏين ٿا.

ٻوليءَ ۽ ادب جي اِها حيثيت ۽ اِهو ڪارج تاريخي طور عام مڃيل آهي- اوائلي مذهبي برادرين (جيڪي جديد قومن جي وجودڻ جون پهريون جماعت بنديون ليکجن ٿيون) جي ٻولين جي سلسلي ۾، مثلاً اُنهن جون مقدس ٻوليون: سنسڪرت، هيبريو آوستا، پالي، يوناني/ لاطيني ۽ عربي وغيره: ۽ اُنهن کان پوءِ يا اُنهن سان شامل ۽ همعصر ملوڪيتي يا بادشاهي نظامن جي سلسلي ۾، جڏهن علائقائي حد بندين ۽ علائقائي ٻولين هرهنڌ اُنهن مذهبي برادرين ۽ سندن مقدس زبانن جي جاءِ ورتي ۽ اُهي لکيت ۾ اچڻ ۽ ماڻهن جون ادبي ۽ علمي ٻوليون بڻجڻُ شروع ٿيون: ۽ سڀ کان وڌيڪ، جديد قومي جمهوري نظامن جي سلسلي ۾، جڏهن قومي رياستون وجود ۾ آيون ۽ اُنهن جون قومي ٻوليون، پنهنجي سڄي فڪري ۽ تخليقي معجزي سان قومن جي سڃاڻپ جا بنيادي نشان بڻجي پيون، جيئن اج اُهي آهن.

قومي زندگيءَ ۾ قومي ٻوليءَ جي اِن اهميت ۽ اِن ڪارج جي ڳالهه ڪندي، تاريخ ۽ سماجيات جي هڪ عالم چيو آهي ته ”جيئن محبوب جي ڏسڻ لاءِ عاشق جي اک آهي، هُن جي پنهنجي اک، اصلي اک، تيئن محب وطن لاءِ ٻولي آهي- سڄيءَ هُن جي قوم جي تاريخ کان هُن کي مليل، هن جي پنهنجي اصلي ٻولي، مادري ٻولي. اُن پنهنجيءَ ٻوليءَ وسيلي، جا هو ڄمڻ سان ٻڌي ٿو ماءُ جي هنج ۾ سِکي ٿو ۽ قبر

تائين ساڻ نِئي ٿو هو گذريل وقتَ ياد ڪري ٿو سهيوگي سنگ ۽ رفاقتون خيال ۾ آڻي ٿو ۽ پنهنجا هو آئيندي جي وقتن جا خواب لهي ٿو.“

ٻوليءَ ۽ ادب جي اِها زندگي بخش روح افزائي ۽ اِها اُنهن جي مسيحائي، هر محب وطن فرد ۽ خاص طرح محب وطن قومي شاعرن ۽ اديبن جي واسطي سان قوم لاءِ سدا موجود. سدا زنده ۽ تر و تابنده رهي ٿي. سنڌي ٻوليءَ ۽ اُن جو ادب بہ اِنهيءَ طرح سنڌي قوم جي پنهنجي جيئڻ ۽ جيئڻ جي ماڻهن جي اِرادِي جدوجهد جي تاريخ جا محفوظ طومار يا رڪارڊ آهن. ۽ ائين ئي، خاص طور جديد قومي سنڌي ادب لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ اُهو سڄي جو سڄو اڄوڪي دور جو مخصوصاً 1947ع جي تقسيم برصغير ۽ اُن جي نتيجي ۾ سنڌ جي قومي ورهاڱي ۽ سنڌي قوم کي جنهن سياسي ۽ سماجي صورتحال سان ٻه چار ٿيڻو پيو اُن جو اُهو شعوري رد عمل ۽ پورو ۽ سڄو تفصيل آهي.

مون پنهنجي ڪتاب ”شاهہ- سچل- ساميءَ“ (1978) ۾ ارسطوءَ جو قول نقل ڪيو هو تہ ”شاعري، فلسفي کان وڌيڪ فڪر انگيز ۽ تاريخ کان وڌيڪ سبق آموز ٿئي ٿي.“ ۽ چيو هو تہ اِها حقيقت اِن طرح هئي، جو شاعريءَ مجموعي طور انساني فطرت ۾ زياده اونهو ڏنو ٿي- اُن جي خصوصيت بلڪ اُن جي عظمت جو دليل ئي اِهو هو تہ اُن اندر جي اسرار جي، ڳالهہ جي اصل جي، ’اکرن‘ جي نہ پر ’روح‘ جي صورتگري ڪئي ٿي: ۽ پيو تہ اُن پنهنجي دور ٿي، ۽ اُن جي ماڻهن تي وڌيڪ حساس روشني وڌي ٿي ۽ انهيءَ ڪري اُنهن سان زياده يڪدل ٿي، اُنهن کي وڌيڪ چٽو ۽ صحيح سمجهيو ٿي. ائين عظيم شاعريءَ جي توصيف ڪندي، مون وڌيڪ لکيو هو تہ اُن ۾ وقت جي حقيقتن جو سچو ۽ پورو عڪس موجود هجي ٿو ۽ اُن خيال کان اُن ۾ تاريخ جي

جهلڪ موجود هوندي آهي ۽ ساڳئي وقت اُن ۾ حقيقتن جو تعبير بہ موجود هوندو آهي، ۽ اُن لحاظ کان اُن ۾ فلسفي يا حڪمت جي بہ جهلڪ هوندي آهي.

جڳ مشهور ادبي نقاد ٽي. ايس. اِليٽ، جو چوڻ آهي تہ "شعر ۽ ادب جي دنيا ۾ جيڪڏهن اوهين ڪنهن جدت ڪار (innovator) جي ڪاوشن کي تاريخوار ويهي جانچيندا تہ اوهين هن کي سندس من جي ڪنهن اجهل ڏُن ۾ مصروف ۽ قدم بقدم اُن جي پورائيءَ ۾ اڳتي وڌندي ڏسندا". جديد سنڌي ادب جو اڳرو ۽ جدت ڪار اسان جو مهان اديب ۽ شاعر شيخ اياز اسان کي سندس سڄيءَ اعليٰ تخليقي ڪاوش ۾— پنهنجي ضبط ٿيل مشهور پهرئين شعري مجموعي "ڀونئر ڀري آڪاس" (1964ع) کان وٺي، سيني سندس نثري تصنيفن سميت، پنهنجي شعر جي هن زير نظر شاهڪار "راج گهاٽ تي چنڊ"، تائين— اهڙيءَ ئي ڪنهن هڪ پنهنجي لازم ڏُن ۽ اَجهل جذبي جي تڪميل ۾ اڳتي وڌندو پئي معلوم ٿيو آهي. "پتڻ ٿو پُور ڪري" جي مهاڳ ۾ يوسف شاهين لکيو آهي تہ "نثري نظمن تي مشتمل هيءُ بي مثال ڪتاب شيخ اياز جي سڄيءَ زندگيءَ جي تجربن، جاڻ، مطالعي ۽ مشاهدي جو نچوڙ آهي....." دراصل اُهو اياز جي مطالعي جو نچوڙ بہ هُن جي پنهنجي اُن اندر جي جذبي، پنهنجي آئيندي جي هڪ خواب کي اڳتي نِئي ٿو جيڪو هن جي دل ۾ پنهنجن ماڻهن لاءِ موجود پئي رهيو آهي ۽ جنهن ڏانهن هن جي سڄي شاعري ۽ بي هر ادبي ڪاوش مسلسل سفر ۾ رهي آهي. هن جي سڄي اعليٰ تخليقي ادبي اُپت، هن جا سڀ ادبي شاهڪار زندگيءَ جي همہ رنگ صورت جِي مصوري هوندي بہ اهڙا آهن، جو اُنهن سيني ۾ هڪ يڪرنگي، هڪ يڪسوئي ملي ٿي. شاعر جي پنهنجي هڪ 'ڏور_ نگاهہ' (vision) هن جي هر نظم

۽ هر شعر ۾ موجود آهي، ۽ وچ ۾ ڪٿي، خاص طرح پنهنجي قومي حال ۾ مايوسيءَ جي خفيف عڪاسيءَ جي باوجود، جا حقيقت پسندانه ٿي آهي- اُن ۾ هزارها سالن جي تاريخ، مستقبل جي اُن مثبت ۽ پُر- اُميد تصور سان وچي ملي ٿي:

اهڙي اڳ- ٻُٽتي
کهڙيءَ ڪؤتا ڪي هٿي؟
ڪنهن هٿن دانهن ٻڌي هٿي،
دکي ڌرتيءَ جي؟
چا اڳ ڏيهه ڏنا هيا
ڏاهپ هٿن ڏمري؟
من- پيڙا جي ٻولڙي
ڪنهن هٿن ڪُرلائي؟
(وائي)

سهڙي جا سيڪات تي، ڪنوڻ سا ڪاٽوٽ،
متان ڪائو موٽ، ساري سنڌ ٻري پئي.
(بيت)

هي جو ريتو رَتُ آ، ڪيسانو موريءَ،
اُٿي ڪنهن ڪوريءَ، ٻاڙهي اُٽت ڪيتري!
(بيت)

اوشل ڊهي ڊوهه، ڪائي آڳ ٻري پئي،

لوهر ڦوڪي لوهہ رُڪ ڪري ڪو پڏرو!
(بيت)

اڃي ٿو هيڪارَ موٽُ تہ سيني جي مٿان،
مُئي ناهہ ميارَ جي تون جيئين جسُ سان.
(بيت)

هي سرءُ چاليهہ سال!
روز ساڳا ڏينهڙا!
سج اُيري ٿو، اُٿن ٿا سوچ ۾ ساڳا سوال-
سجُ اُلهي ٿو، مُنهَن تي ٿا مِلن ساڳا ملال-
ها فقط سَرها لڳن ٿا، اڄ بہ ڌرتيءَ جا دلال-
هو وَسنتي ويس پائي، ٿا هڻن ڪوڙا گُلال-
ڪيترو تولئہ تڪيان؟ هاڻي پلائي آءُ پال!
روز ساڳا ڏينهڙا!
روز ساڳا ڏينهڙا!
روز ساڳا ڏينهڙا!
(وائي)

تي ٻري لينن گراڊ-
بم برسن ٿا پيا.
'اولگا' جي شاعريءَ ۾،
اڄ بہ تازي آهہ ياد- بم برسن ٿا پيا.

اڄ بہ منهنجا ديس تو ۾
چڙهہ تہ نازي بدنهاد! بم برسن ٿا پيا.

اي ڏکڙا گهُلندين ڪٿهن تون
آءُ اي بادِ مراد- بم برسن ٿا پيا.
(وائي)

ڌرتي! بس توسان،

ماڻهوءَ بولَ نہ پاڙيا!
آڌيءَ مانجهيءَ گيت ٿو ڳايان آءُ اجان...
سپني منجهہ رچي وچي ماڻهو نيٺ متان!
(ماڻهو سپنا ٿو اُٽي، پنهنجي رتُ پُنءِ مان)
رانئي جَرُ ٿَرُ آئيو، ڳاڙهو سجُ متان!
(وائي)

'تون' تي تون آهين
منهنجي پُون آهين،
او آيل! او سنڌڙي!
منهنجي ساري ڏات تون،
منهنجي 'مون' آهين- او آيل! او سنڌڙي!
تون ئي منهنجا بيت آن،
تون وايون آهين- او آيل! او سنڌڙي!
اجان نڪتي چو نہ ٿون،
ڪاهيءَ ڪؤن آهين؟- او آيل! او سنڌڙي!
ويريءَ جي والارَ ۾،
ڏينهن تہ ڏون آهين!- او آيل! او سنڌڙي!
(وائي)

بادل ٿا برسن،
جيڏا، وري جهوڪُ تي.
شاهہ عنايت اُيَ مان، چمڪي ٿو چَن چَن،
نہ ٿو سونگي سنڌڙي، نہ ٿو ڏاڍي ڏَن!
مٿن مٿي هٿڙا، سدا شهيدن،
آهن اسان سان اڃا، مري جي نہ مرن!
(وائي)

پير ڪوڙي رهو پهاڙن تي،
پٿّرن جي ڪِرڻ جيان نہ پڄو!
رتّ روڪي وڙهو ’اياز‘ اڃا،
ڪانئرن جي پڄڻ جيان نہ پڄو!
(غزل)

سمجهو ٿا لوڪو!
راهُو مرڻو ڪونہ آ،
مري ويو پيو ڪو.
(ٽِہ سٽو)

اڪيون پٽيو ڙي!
هيءَ جا باک بسنت جي
اُتي جهٽيو ڙي!
(ٽِہ سٽو)

موت نہ ڪاڏي مات،
وري سج لُهـولُهان
راهوڪيءَ تي رات! (ٽِہ سٽو)

چا تون ماضيءَ جا دروازا بند ڪرڻ چاهين ٿو؟
لاهور ۽ دليءَ جي رستن تان
رتُ ڌوپي چڪو آهي،
۽ اُها رُتِ ويجهي آهي،
جنهن ۾ مالتيءَ جا آچا پُشپَ،
من جي پوترتا وانگر نتڙي پوندا آهن......
(نثري نظم)

دور ستارا پوڙها آهن
چنڊ بہ پوڙهو آهي،
يا هو پوڙهو ناهي؟

هن ساري سنسار کي ڪوئي
چوڏاري ڪو لوڙهو ناهي
يا ڪو لوڙهو آهي؟

ديپ بُجهن ٿا ديپ ٻرن ٿا
ڏاڍو ڏور ڏياتيون آهن
جي وسِمئہ مان مَنش ڏسن ٿا.

وشِوُ جيئن ڪو مندر آهي
چا اِن ۾ ڪوئي در آهي؟

موڙتيون ۽ سڀ پوڄاري
اِن کان ٻاهر ڇو نہ وڃن ٿا؟

هونءَ وشال لڳي ٿو ليڪن
گهيرو ڪيڏو سوڙهو آهي!
(نظم)

منهنجا گيت ڪڏهن اي ڏرتي!
ڇئہ تو کان ڪو مُلهہ گهرن ٿا؟

مون کان پوءِ اِهي اِئن لڳندا
اِندَ مان جي چاندوڪيءَ ۾
جڻ ڪي هڏڙا پکڙيل آهن۔

هڏڙا ڪنهن کان ڇا ٿا چاهِن
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!
ڇا ڪوئي سوچي ٿو!
(نظم)

ڪنهن جو خون وهيو ٺوڙيءَ ۾،
او دايرَ؟
توکي ڪيئي سال مُئي ٿيا،
رُومَ رُومَ مان تنهنجي نڪتا،
جيڪي ڪيڙا،

سي بہ مٽيءَ سان مٽي ٿي ويا-
ڪالھہ مگر تو توڙيءَ ۾،
لڳ پڳ ساڳيءَورديءَ ۾،
ساڳي هولي کيڏي!......
(نظم، ص. 113)

وَڻُ بہ ساڳو واسُ بہ ساڳو
مَنُ بہ ساڳو ماس بہ ساڳو

.........................................

هڪبئي سان گڏ چو نہ جيون ٿا؟
هڪبئي کي سَڌُ چو نہ ڏيون ٿا؟
هڪبئي جو مڏ چو نہ ٿيون ٿا؟
(نظم)

هو سپ آڌيءَ رات اچن ٿا.
مُگرمانَ تي ناچ نچن ٿا.

مُگرمانَ جي چمڙي هيٺان،
تن جون ڪيئي پيڙهيون آهن،
هڪبئي پويان سيڙهيون آهن،
تن تي گڏجي هيٺ لهن ٿا،
دودي تائين، باگهيءَ تائين-
ڪُنڊَ ڪُنڊَ ۾ ديپ جلن ٿا.
مُگرمانَ تي ناچ نچن ٿا.

جيڪي ڪالهه اِنهيءَ ڌرتيءَ تي
ماريا ويا ها، سي بہ اُٿن ٿا،
۽ پوءِ پنهنجن پيرن هينان
لاش چنيسر جو چيپاٽي،
ڇاتي ڪولي، اوچي ڳاٽي،
ڏاڪولن سان ٺڪ ٺڪ ڪن ٿا،
مُڪرمانَ تي ناچ نچن ٿا.
(نظم)

.........اِن طرح، آءُ هوند هن ڪتاب تان اياز جا سڄي جا سڄا نظم- "سارو عرش منور آهي/ چنڊ ڳليءَ ۾ چمڪي ٿو......"، "ڪيڏو ياد ڪيان ٿو توکي/ تنهائيءَ ۾ /تون جو جيئڻ جو جس آهين، / ڪير چوي ٿو تون ڪس آهين!....."، "آزاديءَ لئہ روز مرن ٿا/ ماڻهو ٽڙا....."، "موت مسئلو ناهي/ مسئلو حياتي آ...."، "هي شاعر جي لهرائن ٿا/ هي جيڪي آداب عرض ڪن/ جن کي ڪوبہ ضمير نہ آهي..."، پنهنجي جيئري يارو/ انقلاب اچڻو آ..."، "حڪمرانن کي ڪونہ ميون ٿا/پوءِ بہ اسان محڪوم تہ آهيون!..."، "باک ڦُٽي جو روز ٻڌان ٿو/ 'وڪٽر جارا' کي...."، "عمر گذري وئي/ دک هن ديس جا/ اڄ بہ ساڳا هئا....."، "رات جي سياهيءَ ۾/ روشنيءَ جي جهرمر ۾/ڪيترا نوان ماڻهو/ سچ ڏي وڌن ٿا پيا..."، "جوت ٻرندي رهي.../رات ٺرندي رهي..." پيش ڪريان— بلڪ اياز جو ڪهڙو ڪهڙو بيت، ڪهڙو ڪهڙو شعر، ڪهڙو ڪهڙو نظم ۽ اُن جو ڪهڙو ڪهڙو بند پيش نہ ڪريان- جي پنن تي جاءِ جي گنجائش ڏسي سگهان، ۽ جيڪڏهن خبر نہ هجيم تہ هيءُ سڄو ڪتاب، پنهنجي واقعي هڪ ايڏيءَ امر شاعريءَ

سان لائق پڙهندڙن جي آڏو پاڻ موجود آهي ۽ سنڌ جا محڪوم ۽ مظلوم باشعور ماڻهو ضرور اُن جي سِٽ سِٽ پڙهندا ۽ اُن جي 'ايجاز'، 'ايما' ۽ علاماتي ادا ۾ جيڪي معنيٰ جي موتين جا انبار سندن آڏو آهن، اُهي هو پاڻ ئي ڏسندا ۽ گڏ ڪندا!

اياز جي هيءَ شاعري، اياز جي پنهنجي چواڻيءَ، هُن جي "زندگيءَ جي پوئين پهر جي شاعري" آهي. اِنهيءَ ڪري اُن ۾ لائق پڙهندڙن کي ڪٿي ڪٿي زندگيءَ جي اختصار ۽ اُن جي خاتمي کان پوءِ جي اوني جو اظهار به ملندو۔ جيئن هيٺينءَ وائيءَ ۾:

ويل آن ساهي پٽڻ جي،
موت، منهنجي لاءِ تون،
آخري منزل نہ آهين.

مان اُبن ۾ ڪيئن رهندس،
مون ٻُلائي نانهہ پون!

هو وسي تو وڏ ـ ڦڙو
سايون تين تر ۾ پتون!

جي اَچان موتي تہ مون کي
ڪنهن هرڻ ۾ پاءِ تون!
موتَا منهنجي لاءِ تون،
آخري منزل نہ آهين!

يا، جيئن هن نظم ۾:

اچا اُجهاٽل ڏيئو ناهيان
تون جو اچڻو آهين، آءُ!

تنهنجي ڪارڻ ليئا پاتا
ساري رات جَلي مون در تي،
ڪيڏو ڪارو انڌيارو آ
پنيرڪي تائين سانير تي!

جان پرهه جا پنڇي اُڏريا!
توڙي پوئين آهي ويرا،
منهنجي جوت اچا به ٻري ٿي
اچا تڪيان ٿو تنهنجا پيرا.

اچا به ساڳيو ليئو آهيان،
اچڻو آهين جي، تون آءُ!

يا، ”سارو عرش منوّر آهي“ واري نظم ۾:

..... چا، هي منهنجو بستر آهي؟
جنهن وٽ ڪوئي روئي ٿو:
چي، ”هي شعر اڌورو آهي،
”ويٺي ڪالهه لکيائين ٿي جو،
”جهو نگاري سو چيائين ٿي جو
”پانيان ٿو اڻپورو آهي!“.....

يا، جيئن سندس نظم:

عمر گذري وئي،
دکَ هن ديس جا،
اڄ بہ ساڳا هئا،
جي هئا مون ڏٺا،
سال چاليهہ اڳ،
ڪوبہ ڦيرو نہ آ
ديس جي دانهن ۾!....

1976ع کان 1979ع تائينءَ جي وائيس چانسيلريءَ واري دور ۾ ۽ اُن دور کان فوراً پوءِ واري ڪجهہ عرصي ۾ بہ نہ لکڻ سبب، اياز جي شعري آمد ۾ اُها رواني نہ رهي هئي، تہ هن فقط نثري نظم "پتڻ تو پورَ ڪري، (1982ع) وارا لکيا هئا- جيئن گرديو ٽئگور پنهنجي آخري دور ۾ ڪجهہ ڪتاب نثري نظمن جا لکي، وري پنهنجي منظوم شاعريءَ ڏانهن موٽيو هو. ٽئگور وانگر اياز جي اُنهن نثري نظمن ۾ اُها ڳالهہ نہ هئي، جا شاعر مان متوقع هئي. اُن سلسلي ۾ اياز مون کي پاڻ ئي ٻڌايو هو- ۽ ٻئي هڪ هنڌ آءِ اِئين لکي بہ چڪو آهيان- تہ ڪيترو وقت هن جي تخليقي قوتن جا سرچشما بيٺل رهيا، ۽ اُن ڪري هن ڪتي ڪتي (نثري نظمن ۾) پنهنجي مطالعي جو سهارو ورتو هو. پر اُن سان اياز جي اُنهيءَ پيشڪش جي بہ مخصوص اهميت کان ڪڏهن بہ انڪار نٿي ٿِي سگهيو. يوسف شاهين، اياز جي اُن مجموعي کي علم ۽ فلسفي جي دنيا جو "هڪ عظيم شاهڪار" چوندي، شاعر جي ڪن سالن جي لڳاتار ماٺ کان پوءِ جي پهرينءَ خوش آئند اشاعت طور "نئين نينهن جو نياپو"، "پرهہ ڦٽيءَ جو پيغام" ۽ "من اندرجون ڳالهيون" سڏيو آهي— "جن کي ٻڌڻ لاءِ سچي دل ۽ اُجرو من گهربل هئا، ۽ جن جي مطالعي کان پوءِ شيخ اياز جي سموري

شاعري (پاڻ) وڏيڪ اثرائتي انداز ۾ پڙهي ۽ پروڙجي سگهي ٿي." اج اياز جي هن "پوئين پهر جي شاعري" ۾ به سندس ان وسيع مطالعي ۽ جهان گرديءَ جون جهلڪون ملن ٿيون. هن جي مطالعي ۾ اِن طرح ڪيترا شاعر،اديب، فلسفي آيل آهن، جن جو ذڪر هن هنڌ هنڌ پنهنجي 'اندر' جي اظهار ۾ تمثيل (Allegory) طور ڪيو آهي- جيئن ڀٽائي، سچل، بيڪس، اولگا پر گال (لينن گراڊ جي شاعره)، ڪبير، فريد، بلي شاهہ روحل، يا ڳويانُ، ويد وياس، گوئٽي، بيٿوون، مولانا آزاد، اصغر گونڊوي، مايو ڪووسڪي، ڪنفيوشس، فيض، سبط حسن، دارا، شيوسانگ (قديم چيني عالم)، آلندي، امير خسرو، مرزا 'رسوا'، فيڊل ڪاسترو، وڪٽر جارا (هسپانوي راڳي ۽ شاعر)، وغيره. ائين ٿو لڳي تہ شعر ۽ ادب جي ساري دنيا هن جي آغوش ۾ آهي، ۽ هن کي پنهنجي ديس، پوري برصغير ۽ ساريءَ دنيا جو فڪر آهي، ۽ تنهي جي تقدير ۾ ڪوئي رشتو آهي، ۽ اُن رشتي جي بحاليءَ جي هن کي ان ترڻ آهي، جيڪو رشتو هيج، غصي، خوف ۽ تاريڪ خياليءَ سبب ڇڄي، ڇيهون ڇيهون ٿيو پيو هو ۽ جيسين اُن جا ٽُتل ڦٽل ڌاڳا ڳولي، ڳنڍي جوڙي، سلجهائي ۽ صاف ڪري نٿا سگهجن، تيسين هن جي پنهنجي قوم ۽ دنيا ۾ ٻئي مظلوم انسان جي نجات ممڪن نہ هئي.

پُڇڻ تي اياز مون کي ٻڌايو تہ پاڻ سڄو هيءُ شعر، جيڪو هن مجموعي ۾ پيش ٿيل آهي، سواءِ اُن جي ٻن ٽئن نظمن جي، مارچ ۽ اپريل 1987ع ۾، روزانہ علي الصبح ٽئين وڳي کان ڇهين وڳي تائين ڪم ڪندي جو ڙيائون، ۽ پڻ ٻئي شعر جو سندن مجموعو "ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي" بہ ائين آگسٽ سيپٽمبر جي ٻن مهينن جو تخليقيل، وٽن تيار آهي، جو عنقريب شايع ٿيڻ لاءِ ڏنو ويندو.

راتين جو جاڳي، صبح جي پهر ۾ پنهنجي ملڪ ۾ ماڻهن جي پابزنجير ۽ ڏکاريءَ زندگيءَ تي ائين ڪُرلائڻ جا آثار اسين اياز جي هن تخليق ۾ ڏسي ۽ پڙهي به سگهون ٿا:

رڻ -ٻارڻ ٻاري ويا، آڌيءَ اُٿي جي،
ساري ٿي تن کي، اُپري باک بسنت جي.
(بيت)

رات پر ٿُنهنجي پڪار
ننڊ کي نيندي رهي.
آڌ ڌرتي سرخ ٿي وئي، ايترا آيا ٻهار!
ڪوئلون ڪوڪن پيون، ڪوئي ته ناهي چپ يار!
ڇو اجا گلنار ناهن، روءِ تنهنجي جا اَنار؟
تو ڇڪين ڇوهي جيان، مون کي پراهين پار يار!
(وائي)
اُٿي اُڌيءَ رات جو
تو لئه ٻولن ٻولڙيون،
پکي ڪي پرڏيهه جا.
ڦڙا ڦڙا ماڪ جا،
جڏهن ڦُلن جهولڙيون،
تو لئه ٻولن ٻولڙيون،
پکي ڪي پرڏيهه جا.

جن تو لاءِ سڳنڌ جون،
ڪيئي ٻُليون ڳولڙيون،
تو لئه ٻولن ٻولڙيون،
پکي ڪي پرڏيهه جا.
پنير ڪي جو پُنءِ
مٿان،
ريکون نيٺ رتو لڙيون،
تو لئه ٻولن ٻولڙيون،
پکي ڪي پرڏيهه جا!
(وائي)

باک ڦٽيءَ جو شعر لهن ٿا
مون تي سج ـ اُهاءَ ڪريءِ
رت اَبڙڪا ڪائي تو اِيئن
ڏينهن ڌتو جئن تاءَ ڪري!
سارو وقت تہ رهندو ناهين،
ويندو آنهه سماءَ ڪري!
ڪيسين ڪُوءِ ڪلالن جي
۾
منهنجي ڏات هڳاءَ ڪري؟
آءَ تہ آڌرياءَ ڪري ڪو
تنهنجو آڌرياءَ ڪري!
(نظم، ص. 172)

باک ڦُٽيءَ جو روز ٻڌان ٿو
’وِڪٽر جارا‘ کي.
هي جو چِلّيءَ جو راڳي آ
منهنجي پيءُ جيان آ.
اُن جي دکياري ڌرتي جڻ
منهنجي ماءُ جيان آ.....!
(نظم)

اياز جي شعري فن تي لکندي، ”ڪي جو پيچل پوليو“ (1970ع) جي مهاڳ ۾ مون چيو هو تہ ”اياز پنهنجي ادبي تخليق جي فني اوچائيءَ جا سنڌا پاڻ قائم ڪري ٿو ۽ پاڻ ئي انهن کان مٿي اُيري ٿو. ۽ پوءِ مون هن جي ”سادن ۽ سهڻن لفظن ۽ اُنهن جي چونڊ ۽ پوري استعمال“ جو ذڪر ڪيو هو ۽ لکيو هو هن جي ”شعر جي نغمگيءَ ۽ اُن جي دلبرانہ انداز“ بابت، ۽ هن جي ”ننڍڙن ۽ نزاڪت ڀرين وزنن ۽ بحرن“ بابت، ۽ ”هوا کان هلڪن رديفن ۽ قافين، ۽ هندي ڇند جي بنهہ معصومانہ ۽ من موهيندڙ استعمال ۽ لوڪ گيتن جي ڌُنن ۽ انو کين علامتن ۽ اشارن بابت. جن سان هن جا پڙهندڙ هن جي آڇيل معنائن جي موتين سان پنهنجا جهول ڀري ٿي سگهيا ۽ سندن دل ورائي ورائي هن جي شعرن ٻڌڻ لاءِ آتي ۽ زبان اُنهن جي نغمن کي وري وري جهونگارڻ لاءِ تيار رهي ٿي. اياز جي هن تازي ڪلام جي فني اوچاين لاءِ پڻ آءٌ اِهو ئي ڪجهہ چئي سگهان ٿو. اياز جي شعري اظهار ۾ مون هميشه هڪ ڳالهہ ڏٺي آهي، جنهن کي آءٌ جذبي جي ڌارا ( Stream of Passion) بہ چئي سگهان ٿو شعور جي ڌارا (Stream of Consciousness) وانگر. ادب ۽ فن جي ڪاوش ۾ جڏهن اِهي بہ ڌارائون گڏجن ٿيون،

يعني جذهن شعور جي ڌارا کي جذبي جي ڌارا- اُمنگ، اُتساهہ، عشق جي ڌارا- ميسر اچي ٿي (جنهن کي ٽي. ايس. اِليٽ ”اندر جي ڏَنَ“ ۽ اسان جي لطيفَ ”اندر جي آگ“ چيو آهي). ۽ پوءِ جيتر اُهي ٻيئي ڌارائون ڪنهن اديب ۽ شاعر سان شامل حال هجن ٿيون، تيتر جيڪا تخليق وجودجي ٿي، اُها پنهنجي اظهار لاءِ ڪنهن خاص ڪوشش يا اڳ- رٿا جي بہ محتاج نٿي رهي. ائين ئي اياز جا ڪيترا نظم آهن، جن جي ڪائي مقرر يا ٻڌل صورت (Fixed Pattern) نہ آهي، جي پوءِ بہ پنهنجي فني تڪميل ۽ منطقي نتيجي تي پهچن ٿا، ۽ پوري آب تاب سان پهچن ٿا، ۽ توڙي جو اُنهن جي وچ جون سٽون هم قافيہ نہ آهن ۽ انهن جا ڪي پدَ يا مصرعون بہ ناتمام هجن ٿيون، تہ بہ اُنهن ۾ ترنم ۽ تاثر پابند شاعريءَ کان بہ وڌ ملي ٿو. اُنهن جون تشبيهون ۽ استعارا بنهہ نوان، جن جي نواڻ بہ نئين کان نئين، ڪابہ انهن جي سٽ اَجائي ۽ پرتيءَ جي نہ- تہ بہ معنيٰ جي ايتري اَوَليت، جو اُنهن جي ٻوليءَ جو حسن ۽ خوبي ثانوي ڳالهہ پيئي ڀاسي. اِن طرح جي فطري شعر جي هر صنف- بيت، گيت، وائي، ٽسٽي، نظم، نثري نظم- تي شاعر جي ڇاپ هجي ٿي، ۽ شاعر جي نالي جي خبر نہ هوندي بہ ڏسي ۽ پڙهي، چئي سگهجي ٿو تہ اُهي اياز جا شعر آهن.

منهنجي تخليقيل مثالي بہ نظم- ”ڪالهہ ڪڏهن مون وارياسي ۾/...، ۽ ”گيت بہ جڻ گوريلا آهن/....“ هتي لائق پڙهندڙن جي آڏو آڻي بہ سگهان ٿو. پهرئين نظم ۾، خاص طرح اُن جي آخري ڇهن سٽن جي بند ۾، شاعر ڏاڍي هڪ لنواز اندز جو اندروني ترنم حاصل ڪري سگهيو آهي- جيئن بند جي ٽين سٽ جي لفظ ’فلسطين‘ جو قافيو اُن جي مٿينءَ سٽ جي آخر ۾ ’جيسين‘ آهي، پر ان کان پوءِ باقي بند ۾ قافيو ڪونہ آهي، ۽ رڳو ’حسرت‘، ’فلسطين‘، ’ياسر‘، ’سارا‘ ۽ ’ڏسي‘ لفظن ۾ آندل ’سين‘ (س)

جي آواز ۽ ساڳيءَ طرح ’حسرت‘, ’ياسر‘, ’عرفات‘, ’سارا‘ ۾ ’رتو رت‘ ۾ آندل ’ر‘, ۽ ’حسرت‘, ’فلسطين‘, ’عرفات‘ ۽ ’رتورت‘ ۾ ’ت‘/’ط‘ جي تڪرار (Repetition) سان ترنم پيدا ڪيو ويو آهي. ساڳيءَ طرح ٻئي نظم ۾ آوازن ’گ‘, ’ر‘, ’ج‘, ۽ ’ڙ‘ جي تڪرار ۽ پڻ اندروني هم قافيائي لفظن ’جاڙ‘, ’آڙ‘, ’پهاڙ‘, ’تاڙ‘, ’لاڙ‘ ۽ ’آڪاڙ‘ سان نظم جي ترنم ۽ تاثر کي عروج تي پهچايو ويو آهي. اِهي تجربا ڪڏهن ڪڏهن مغربي شاعريءَ ۾ ملندا آهن. ته اُنهن جا نقاد هوندا آهن. جي شاعر تان ٻلهار ويندا آهن. اياز جي سڄيءَ شاعريءَ ۾ اهڙا سوين مثال موجود ڏسي سگهجن ٿا.

اياز جا اِهي هيٺ ڏنل ٻه نظم، جتي هن جي شعري فن جا ۽ اُن جي تمثيلي انداز جا، ۽ هن جي شعور ۽ جذبي، ذهن ۽ قلب جي فطري امتزاج جا نمائنده مثال آهن. اُتي اُهي سندس مجبور وطن ۽ محروم ۽ ستم رسيده قوم جي شاناتي ۽ جس پرئي جيئڻ لاءِ مٿن تاريخ جي عائد ڪيل جدوجهد جي طويل ۽ مشڪل رستي جي ڳالهه به ڪن ٿا: اسان جا محب وطن ۽ عوام دوست اديب ۽ شاعر اڄ اسان لاءِ اِهوئي ڪجهه ڪري سگهن ٿا: ۽ اڄ اِهوئي فرض ادا ڪرڻ کان اُنهن کي غافل رکڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ جاهه ۽ جلال جا صاحب ۽ ملڪ ۽ مال جا مالڪ، هم تن ۽ ڪل جِهت مصروف نظر اچن ٿا:

(1)

ڪالهه جڏهن مون وارياسي ۾
ٻاگيون، ٻَمَر ڳنڍيرَ ڏسي،
سچ جي پاڇي ڏانهن ڏنو،
سونَ وَني ساواڻ هئي
منهن ڦيري جيڏانهن ڏنو.

تيسين تـي تيڏانـهن ڏنو
سارو سچ ٻڌي ويو جيسين،
حسرت سا ڪنهن وقت فلسطين،
جئن ياسر عرفات ڏسي،
چَپَ ائين پيڪوڙي پنهنجا
سـارا رَتـو رتُ لـڳـن!

(2)

گيت بہ چڻ گوريلا آهن،
جي ويريءَ تي وارَ ڪرن ٿا.

جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جڳ ۾
هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا
موٽي منجھ پهاڙ ڇپن ٿا؛
ڪيڏي تِرڇي تاڙ رکن ٿا،
اُتر اُيري، لاڙ ڇپن ٿا؛
سانوڻ سنگ وسن ٿا ڏاڍو،
بادل تي آڪاڙ ڇپن ٿا.

ڪالھ هيا جي سرخ گلن جئن
اڄڪلھ نيلا پيلا آهن:
گيت بہ چڻ گوريلا آهن
جي ويريءَ تي وار ڪرن ٿا.

ــ محمد ابراهيم جويو

حيدرآباد، سنڌ.
20ــنومبر، 1987ع

# ٻڙجي ڇانوَ اڳي ڪان گهاٽي

## مهاڳ

اياز جي اڳئين شعري مجموعي 'راج گهاٽ تي چنڊ' جي پيش لفظ لکندي، منهنجو خيال هو تہ اُن جي هڪ نظم۔ "چاندني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان،/ ڇڻ تون هئينءَ...."۔ جو هڪ مطالعو آخر ۾ ڏيندس. پر، ڏيندي ڏيندي، ڪنهن طرح اُهو رهجي ويو جنهن لاءِ افسوس اٿم. هتي اُن جي پورائي طور، ڳالهہ جي سلسلي جا ٻہ لفظ لائق پڙهندڙن جي آڏو رکڻ ضروري ٿو سمجهان. اُهو سڄو نظم هيئن آهي:

چاندني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان،
ڇڻ تون هئينءَ.

يا سُڳنڌن ۾ پريل ڪنهن واءَ جي جهوٽي جيان،
ڇڻ تون هئينءَ.

کيرتر تان ڳَڏَ ڪونَئَن گاجَ تي جيئين جهُڪي،

### مون ڏاتَ انوکي آندي آ

تِئن مان هُيس.

رڻ ۾ ڪوئي هَرڻُ پاڻي ڏسي ڊاڊو ڊُڪي،
تِئن مان هُيس.

تون ملينءَ مون کي تہ سارو جڳُ مليو ٻيو ڇا کپي!
منهنجي سکي!

ماڳُ ڏاڍو آ پري، جي دڳُ مليو ٻيو ڇا پکي!
منهنجي سکي!

اياز جي عادت رهي آهي تہ پنهنجن شعرن کي اڪثر عنوان ڪونہ ڏيندو آهي. هن نظم کي بہ عنوان نہ ڏنو اٿس. دنيا جي ڪيترن وڏن شاعرن جو اهو دستور رهيو آهي، مثلاً: ٽئگور، خليل جبران ۽ ٻين جو۔ شايد اِنهيءَ هڪ خيال کان بہ، تہ پڙهندڙ سندن شعرن لاءِ عنوان پاڻ تجويز ڪن! اِئين اياز جي هن نظم کي بہ اسين چاهيون تہ پڙهندي پڙهندي، ڪو عنوان ڏيئي سگهون ٿا، ۽ اُن جو روح، اُن جو اصل نقطو ائين پاڻ تي واضح ڪري سگهون ٿا. اُن ۾ ڪم آيل ٻوليءَ لاءِ تہ هڪ نظر ۾ چٽي سگهجي ٿو تہ ڪو هڪ لفظ بہ اُن جو اهڙو نہ آهي، جو ڪنهن عام پڙهندڙ لاءِ بہ اوپرو يا اوکو هجي۔ ۽ اِها بہ، جيئن اياز جي اڪثر شاعريءَ جي، تيئن خاص هن نظم جِي بہ پنهنجي نوع جي هڪ وڏي خوبي آهي، ۽ اُن جي اصل مطلب کي سمجهڻ ۾ پڙهندڙ لاءِ مددگار ٿي سگهي ٿي.

هيءُ ٽن بندن جو هڪ مختصر مگر ڳُتيل ۽ هر طرح مڪمل نظم آهي. اُن جي پهرئين بند ۾، 'تون' جي اشاري سان انسان جي ڪنهن ويجهي کان ويجهي تعلق جي، ڪنهن خاص سُبنڌ جي، ڳالهہ ڪيل

آهي، جنهن سان شاعر مخاطب آهي 'تون'. رابيل جي اُن ٻوٽي جيان، جيڪو چانڊوڪين راتين ۾ ٽڙيو بيٺو هجي، جنهن جا سفيد گُلَ، پريل اُن چانڊوڪيءَ ۾ بہ نُورَ جيئن ٻهڪندا هجن: 'تون'، فضائن ۾ خوشبوئن پريل واءَ جو اُهو جهوٽو جيڪو لڳندو آهي ۽ گذري ويندو آهي، پر ڪڏهن۔ نہ۔ وسرندڙ ۽ سدا محسوس ٿيندڙ تازگي ۽ سُرهاڻ پوئتي ڇڏي ويندو آهي!

'هئينءَ' ماضيءَ جو صيغو ۽ گل (جي ڇڻي وڃن ٿا) ۽ واءَ اُن جي محدود ۽ بي ثبات هجڻ ڏانهن اشارو ڪندڙ آهن.

نظم جي ٻئي بند ۾، 'اُن جي اشاري سان، انسان جو پنهنجيءَ اُن 'تون' سان جيڪو ويجهي ۾ ويجهو اَٽوٽ واسطو آهي، تنهن جي ڳالهہ ڪيل آهي: مثلاً 'تون! جي وجود سان 'مان' جو وجودِ اِئين ٻڌل ۽ هڪ ٿيل آهي، جيئن 'ڪيرتر تي مٿي بيٺلّ گَدَ جو هيٺ وهندڙ نئين گاج سان'، يا 'رڻ ۾ پاڻ ڏسي اُن ڏانهن ڊوڙندڙ هرڻ جو'.

نظم جي ٽئين بند کي سمجهڻ جي ڪوشش کان اڳ اِن 'مان' ۽ 'تون' جي سڃاڻپ لازم آهي. 'مان' تہ شاعر پاڻ لاءِ ۽ پنهنجي ذات جي رعايت سان، 'عام انساني فرد' لاءِ ڪم آڻي ٿو. تہ اُن 'مان'، يعني فرد انسانيءَ جو اُهو خاص سپنڌ، 'تون'، ڇا آهي، جنهن کان سواءِ 'مان' مان ٿي ناهيان؟۔ 'تون' اُها جيڪا 'مون' لاءِ نُور بہ آهي، سونهن ۽ سرهاڻ بہ آهي، جيڪا 'مون' کي، فرد انسانيءَ کي، پنهنجي سِڪ ۽ ڇڪ ۾ جيئرو بہ رکي ٿي، ڇڏي بہ وڃي ٿي، ۽ جنهن ڪارڻ انسان پاڻُ بہ گهوري ڇڏين ٿا! ڪي اُن کي پنهنجو محبوب يا ڪوئي ٻيو مقصود يا ڪوئي 'ماڳ' يا منزل چئي سگهن ٿا: پر شاعر جي نظر ۾ اُها 'تون' ۽ اُن جو 'ماڳ' هڪ شيءِ نہ، پر بہ جدا شيون آهن۔ ''تون' جيڪا منهنجي 'سکي' آهين، منهنجو ساهہ آهين، جنهن جي

ملڻ سان مان سمجهان ٿو تہ مون کي سارو 'جڳ' ملي ويو باقي مون کي ڇا کپي؟" پر اُن جي منزل، اُن جو 'ماڳ' وري بہ هو اُن کان الڳ، پري ڪٿي، ٿو ڏسي، ۽ اُن 'ماڳ' تائين پهچڻ بلڪ اُن ڏانهن وڃڻ جي رڳو واٽ يا 'دڳ' ئي هن کي ملي ٿو تہ هو سمجهي ٿو تہ سڀڪجهہ هن کي ملي ويو ۽ ٻيو ڪجهہ هن کي سچ پچ بہ تہ ڪونہ ٿي کَتوا-

تون مليينءَ مون کي تہ سارو جڳ مليو ٻيو ڇا کپي!
منهنجي سکي!

ماڳ ڏاڍو آ پري، جي دڳ مليو ٻيو ڇا کپي!
منهنجي سکي!

تہ اِها 'تون'، اِها 'سکي'- شاعري جي، تنهنجي منهنجي، ۽ هر فرد انسانيءَ جي- ڇا آهي! اُن لاءِ شاعر جو چوڻ آهي، ۽ اِئين ئي ظاهر بہ آهي، تہ اُها خود ڪيس ۽ هر فرد انسانيءَ کي ملي ئي وڃي ٿي- مليل آهي- ۽ ڪُلي طور بي بدل، اَملهہ ۽ فقط هڪ ئي هوندي بہ 'ماڳ' جي چڪ کان سواءِ اڪارٿ ۽ فضول گذري ٿي وڃي! شاعر جي اُها 'سکي'، فرد انسانيءَ جو اُهو ساهہ سنئون سڀنڌ، چاندنيءَ جو چُٽڪو ۽ بي ثبات،- 'ماڳ' ۽ 'دڳ' جي حوالي سان خصوصاً- ڌرتيءَ تي خود انساني زندگي ئي تہ آهي! تہ پوءِ زندگيءَ جو اُهو 'ماڳ' ڪهڙو؟ ۽ اُن ماڳ ڏانهن نيندڙ 'دڳ' ڪهڙو؟ اِهي بہ سوال آهن، جيڪي شاعرَ، سڄي هن نظم کي استعارو بنائيندي، اُن ۾ پڙهندڙن لاءِ سوالن طور ئي ڇڏيا آهن، تہ اُنهن جا جواب هو زندگيءَ جي فلسفي ۽ فڪر جي پنهنجي حاصلات مان، پاڻ ئي وڏيڪ ڳولين ۽ لهن.

هاڻي اسين هن نظم جو هڪڙو ٽُڙ نالو بہ تجويز ڪري سگھون ٿا۔ مثلاً "زندگي ۽ اُن جو ماڳ"، "جيوت ۽ اُن جو آدرش"، "جيوت جو ڏڳ"، "زندگيءَ جي راهہ" وغيره.

شاعرَ، مفڪر، ڪو پيغام رکندڙَ جڏهن اِئين زندگيءَ جي 'منزل' ۽ 'راهہ' بابت پنهنجي ڳالهہ دوران پنهنجي ڪنهن ڪتاب ۾ يا شاعريءَ سان اِن قسم جا نِدائي سوال ڪندا آهن، تہ سندن ئي اُن خطاب ۾ اُنهن جا جواب بہ ضرور موجود هوندا آهن. مون اياز جي شعري مجموعي **"راج گهاٽ تي چنڊ"** جو مهاڳ لکندي، اُن ۾ خاص سندس اُهي جواب ئي ڏسڻ گهريا ٿي، ۽ عزيز پڙهندڙن جي ڌيان تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪيتري قدر آءٌ پنهنجي اُن مضمون ۾ اِئين ڪري سگهيو هوس، اُن جو فيصلو ظاهر هو تہ هنن کي پنهنجي لاءِ پاڻ ڪرڻو هو. بهرحال چوڻ مون اِهوئي ٿي گهريو تہ اياز پنهنجي ذري گهٽ سڄيءَ شاعريءَ ۾، ۽ اُن مجموعي ۾ بہ خصوصي طور، پنهنجن ماڻهن لاءِ اِهي ئي انساني زندگيءَ جي اهميت جا، اُن جي سُڪارج ۽ اَڪارج هجڻ جا، سوال ڇيڙيا هئا ۽ اُنهن جا ئي جواب سندن سوچ ۽ عمل لاءِ سندن آڏو رکڻ گهريا هئا.

هونئن تہ زندگي سڀ زندگي آهي- حيواني توڙي انساني- پر پوءِ بہ فرق بنهي ۾ ڏاڍو وڏو آهي. ۽ اُن فرق جي ظاهر ٿيندي ٿيندي ۽ وڌندي وڌندي، لکن، ڪروڙن سالن جون وڇوٽيون وڌي ويون ۽ وچ ۾ احساسن، جذبن ۽ خيالن جي ڪائناتن جا ناقابل عبور مفاصلا پئجي ويا. اُنهن مان مکيہ ۽ اَت نرالا امتياز چار سڄاتا ويا آهن: عقل (Reason)، آزادي (Freedom)، پيار (Love) ۽ ڪهل (Compassion). انساني زندگيءَ جي اِنهن چئن امتيازي سڃاڻپن مان پهريون بہ انفرادي نوعيت جون ۽ آخري بہ اجتماعي نوعيت جون آهن۔

جيتوڻيڪ ابتدا ۾ اِنهن پوئين ٻن سچاڻپن جي ترغيب، عمل ۽ افاديت جو دائرو پڻ انفرادي ئي هو: عقل ۽ آزاديءَ جي اُمنگ جِي اوائلي اوسر ذاتي جيئڻ ۽ جيئڻ جي ماڻ جي حوالي سان، ۽ پيار ۽ ڪهل جِي پنهنجي جنسياتي ساٿيءَ ۽ اُن ساٿ جي پُوڄ جي حوالي سان. انساني زندگيءَ جي تربيت ۽ عروج جو ڪمال هي آهي تہ اِهي چار ئي اُن جون سچاڻپون، پنهنجي عمل ۽ افاديت ۾ انفرادي دائري کان ٻاهر نڪري، وڌندڙ سماجي وستار سان وڌندي وڌندي، سڌرندي سڌرندي- ڪٽنب، قبيلي ۽ جاتيءَ (ذات) کان ٿيندي- اڄ قومي زندگيءَ جي حوالي سان ئي تورجن ۽ ماپجن ٿيون: بلڪ فردَ (۽ ڪٽنب، قبيلا، جاتيون ۽ ٻيا ڪيئي گروهہ)، وقت پِئي، قومي بقا ۽ بهبود لاءِ قربان ٿيڻ ۾ پنهنجي زندگيءَ جو حاصل بلڪ اُن جو اعزاز سمجهن ٿا:

تِڪَ اندر تاريخ جي، جي تون سَمائين،
متان اِئن ڀانئين، سارا لاش لُڙهي ويا.

سِرُ سَرچيو ساٽيهہ سان، متيءَ سان ماتو
ڪونهي تنهن ڪاتو اوچو آهي اُبَّ کان.

ٽِڙيو ڪٽن تارَ سِرَ اُنهن جا سويَ ۾،
مري ملهيا يارَ ويڙها سڀ واسي ويا.

هي جي جهَجها جهُڙ ٿيا، متيءَ مَهڪ اُٿي،
ڏرتي رتَّ رتي، ڦولي لال لِيار جيئن.

("راڄ گهاٽ تي چنڊ" ص ص 18_17)

يوناني فيلسوف، هرئڪليٽس، جو مشهور قول آهي ته ” هيئر ڪجهه به نه آهي. ٽيڻ سيڪجهه آهي.“ اِن طرح، جيئن بي هر شيءِ تيئن انساني زندگي به، پنهنجي سيڪجهه هيڻ سان- ناٽي، علم سماج ۽ سماج جي دستورن، قانونن ۽ نظامن سان - اُها ڪجهه ئي آهي جو ڪجهه اُها ڪري ٿي، جا ڪجهه اُها ٿئي ٿي: رڳو ’انساني‘ سڏجڻ سان اُن کي انساني (يا فوق الانساني) پَرَ لڳي ڪونه ٿا وڃن- جيئن ’ديني‘ تبليغ ڪارَ ۽ ’معرفت‘ جا دعويدار انسان کي ’اشرف المخلوقات‘ جي ٿلهي پَٻي ڏيئي، ۽ اُن کان ئي مٿي ’الله‘ تائين نيئي، ماڻهوءَ جو مٿو ئي ڦيري ڇڏيندا آهن. پنهنجي پاڻ يا پنهنجي ڪنهن محدود گروهه ۾ ئي گم هجڻ سان انساني زندگي بنهه حيواني يا اُن کان ٿوريءَ ئي مٿيريءَ ڪنهن سطح تائين پهتل شمار جي سگهي ٿي. انفراديت کان اجتماعيت ڏانهن واڌ جي هن انساني زندگيءَ جي تهذيبي سفر جي منزل، بهرحال، قومي اجتماعيت کان اجا هن روشني پاتل ويهين صديءَ جي خاتمي تائين به، اڳتي ڪانه سُري سگهي آهي. پنڊت جواهر لال نهروءَ جي اِن سلسلي ۾ چيل هيءَ ڳالهه اڄ به تاريخي اهميت جي حامل آهي ته ”جديد زندگيءَ لاءِ سڀ کان پهريون ۽ سڀ کان اهم شرط قوميت آهي.“

(Nationalism is the very condition of modern existence)

بين الاقوا اميت، عالمگيريت، آفاقيت اجا خيالن جي سطح تائين واقعي وڏا آدرش ته آهن (۽ سچ ته رڳو اڄ نه پر گهڻي وقت کان آهن)، پر اُنهن لاءِ انساني زندگي پنهنجا گهربل نظامَ دستورَ ادارا اجا قائم ڪري نه سگهي آهي، بلڪ پوريءَ طرح سوچي به نه سگهي آهي- جيئن معروف ۽ جائز قومي سطح تائين پنهنجي اجتماعي چڱائيءَ (Collective Good) لاءِ اُن جمهوريت، قانون جي بالادستي،

سماجي انصاف، ۽ فلاحي يا اشتراڪي نظام تجويز ڪيا آهن ۽ پڻ عمل ۾ آندا آهن.

اياز ۽ اياز جا دوست، اِن سلسلي ۾، ڌرتيءَ جي پنهنجي هن وڏي ۽ وشال خطي کي، جنهن کي تاريخ اڄ 'هند-پاڪ' يا 'ڏکڻ ايشيا' چوي ٿي، ۽ جيڪو تاريخ وٽ، اُن جي مختلف دورن ۾، پارت ورش، اِندوس (Indos)، هند، هندوستان ۽ انڊيا (India) سڏيو ويو، خاص طرح پنهنجي سنڌي قومي سڃاڻپ جي حوالي سان، هڪ قوم جو نه، پر 'قومن' جو گهَرُ سمجهن ٿا. انساني زندگيءَ جي مهربان ماءُ هن ڌرتيءَ تي، ننڍي کنڊ هندستان جهڙا ڪيئي ٻيا به 'قومن جا گهرَ' موجود ٿيا آهن، مثلاً يورپ جو کنڊ سڄو ۽ عظيم ايشيا ۾ خاص طرح روس ۽ چين ۽ مغربي ايشيا، وغيره- يعني، ڌرتيءَ جا اُهي خاص وسيع ۽ عريض خِطا، جتي مخصوص تاريخي حالات ۾ عظيم مذهبي تحريڪون به اُڀريون، پکڙيون، ۽ ماند پئجي ويون: جيئن اسرائيلي مذهبي تحريڪون، مسيحيت ۽ اسلام سميت؛ آريائي مذهبي تحريڪون (برهمنيت، ٻُڌمت ۽ جين ڌرم)؛ ايران ۾ زردشت، ۽ چين ۾ ڪنفيوشس جون تحريڪون، وغيره. هنن سڀني تحريڪن پاڻ سان گڏوگڏ يا پويان پنهنجيءَ جاءِ تي، پنهنجي پنهنجي خطي ۾ يا جتي به اُهي پکڙيون، اُتي لازماً ملوڪيتي نظامن کي جنم ڏنو. مذهبي تحريڪن، ٻين ڳالهين سان گڏ، پنهنجي "مقدس حقّ" جي زبانن ذريعي- جن مان ڪي ته اڄ عام استعمال مان ئي نڪري ويون آهن- برابر پنهنجيءَ پنهنجيءَ برادريءَ کي هڪ طرح جي محدود اجتماعيت ڏني، ۽ پوءِ جي اُڀريل ملوڪيتي نظامن پڻ اُنهن خِطن ۾ پري پري تائين پانت پانت جي ماڻهن کي پنهنجي پنهنجي حڪومتي دٻاءَ ۽ ٻين هيلن وسيلي هڪ طرح جي مرڪزيت هيٺ رکيو- جيئن برصغير ۾ مهاراجا وڪرماجيت، مهاراجا اشوڪ، شهنشاهه اڪبر، ۽ تازي دور ۾

انگريز شهنشاهت. پر قديم دورن کان اُنهن خِطن جي الڳ الڳ علائقن ۽ ابراضين کي پنهنجي تصرف ۾ رکندي، پنهنجي پنهنجي خاص ٻولين ۽ رسمن رواجن ۽ طور طريقن سان رهندڙ ڀانت ڀانت جا اُهي ماڻهو اُنهن مذهبي ۽ ملوڪيتي نظامن کان ٻہ اڳ. توڙي اُنهن جي هلندي ۽ اُنهن جي ماند پئجي وڃڻ کان پوءِ ٻہ. وڌندا ۽ مستحڪم ٿيندا رهيا- تان جو ٿيندي ٿيندي، اُنهن وسيع ۽ عريض خِطن ۾ اُهي ماڻهو علائقيت (Territoriality) ۽ ٻوليءَ (Language) جي بنيادي سڃاڻپ هيٺ. پنهنجي پنهنجي قومي حيثيت اختيار ڪري ويا. برصغير جي وڏي ۽ وشال خطي ۾، سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي ٻہ اها حيثيت هئي- هزارها سالن جي لاڳيتي تاريخي سلسلي سان، ۽ ان دور کان جڏهن عربن سنڌ فتح ڪئي، ۽ تڏهن کان جڏهن انگريزن کان سنڌي قوم جنگ ۾ شڪست کاڌي، ۽ پڻ تڏهن جڏهن، هڪ سؤ سال پوءِ، انگريزن جي اُها هندستاني شهنشاهت (Indian Empire) ختم ٿي، ۽ سنڌ کي ٻيءَ مرڪزيت- مُدي خارج ۽ تاريخ جي آزمايل ۽ مسترد 'مذهبي برادريءَ' جي مرڪزيت- هيٺ قائم رکندي، سنڌي قوم کي واوڪر ڪيو ويو ۽ بنهہ نِست ۽ بي وجود بنايو ويو. سنڌي قوم جو ائين واوڪر ٿيڻ ۽ پنهنجي وطن ۾اِئين مجبور محض ۽ لاچار ٿي پوڻ، انساني زندگيءَ جي جديد تاريخ جو اُهو هڪ الميو آهي، جنهن جو ڪو مثال ملي نٿو سگهي. انساني زندگيءَ جي تسليم ٿيل بنيادي امتيازي سڃاڻپن- عقل، آزاديءَ، پيار ۽ ڪهل- جي عين اُبتڙ، انساني تاريخ جو پنهنجي پاڻ سان ايڏو حيواني انڌير تصور ۾ اچڻ کان مٿي آهي: پر اُهوئي، وري ٻہ، 'سچ جو ڪهاڙو' ٿي، هر ويل اسان جي ڪنڌ مٿان ڪري رهيو آهي، ۽ اجا تہ اسين، ڪنڌ جهڪائي، رتورت ٿي رهيا آهيون.... ۽ ڳوڙها آهن، جيڪي 'ڇپرن جا بند ڀڃي وهندا ٿا رهن.... فراقيل سنڌين جا، اورار ۽ پرار.... رتُ ۽ ڳوڙها، ڳوڙها ۽ رتُ-

توڙ ۾ واھڙ وھي،
هُن پار تون هِن پار مان.
هر رات تنهنجي پارَ ڏي ٿو چنڊُ حسرت مان ڪھي.
تون ڪانہ آن، تون ڪانہ آن، ٿو ڪير تنهنجي گھر رهي!
اي زندگي، تولاءِ ڪو ڪيسين پيو سُهمان سهي!
توڙ ۾ واھڙ وھي،
هُن پار تون هِن پار مان!

(ص. 22)

جڏ تہ ڪا آهين پُڪارَ
جيءَ منهنجي جي جيارَا!
تي سدا مون ۾ رهين.

نانءُ تنهنجو تي جپي جا،
ڪا تہ تَنَ ۾ آهہ تارَا....
وچَ ۾ درياھُ آهي،
ءِ ڪپرَ ڪيڏا اَپارَا!...

مون اِئين ئي آرزوءَ ۾
آ ڳتي ساري چمارَ....
ننڊ توڙي جاڳ ۾ هان
آءُ تنهنجي لاءِ پيارَا!
تي سدا مون ۾ رهين!
تي سدا مون ۾ رهين!
(ص.24)

اڄ تون مان ٻن شعلن وانگر
هڪٻئي منجهه سمايا آهيون،
ڪيڏو دور پرائيءَ ڌرتيءَ
تي هِئن ويجهو آيا آهيون!
دل تہ چوي ٿي سارا ويچا
ياڪر پائي رڪَ ڪريون ها،
سانگ سياست جا آهن جي
تن کي ڪانا ڪکَ ڪريون ها!

ڪيڏي اُڃَ اسان ۾ آ، پر
چاهيون ٿا تہ بہ ڪونہ ملون ٿا!
ڇا ڪا ڌرتي پنهنجي آهي؟
ڇو نہ ملون ٿا؟ ڇونہ ملون ٿا؟
سارو وقت اکين ۾ ڳوڙها
توکي مون کي آيا آهن،
هن دنيا ۾ ڪيئن نہ پنهنجا
هڪٻئي لاءِ پراوا آهن!.....
(ص.83)

تون ڄاڻين ٿو؟ مان
ڳچيءَ تائين رتَ سان
پُريل پيالي جان!

توبن نيرن تي،
ڳوڙها منهنجا شمع جان
منهنجي پيرن تي.

پنهنجي پيار جيان
پوپٽڙو رت- پنکيو
تنهنجي سارَ جيان!
(ٿـ-ستا: ص ص 134-135)

ڇا ڪائي ڪنهن وقت رڙو رڙ
هِن ڌرتيءَ کي ڇرڪائيندي؟
يا هيءَ سانت وَسيهرَ وانگر
ويندي هر شيءِ ڳرڪائيندي؟

آءُ ڪنڌيءَ تي وينو سوچان
ڇا ڪوئي طوفانُ نہ ايندو؟
جيڪو ٻيئي پار ملائي،
ڇا، اهڙو انسانُ نہ ايندو؟
(ص ص 44-45)

اياز جي شعر جو هيءُ چوڏهون، ۽ گذريل پنجن سالن ۾ شايع ٿيندڙ انون مجموعو آهي، جو هاڻي لائق پڙهندڙن جي آڏو آهي. آڪٽوبر 1987ع ۾ "راج گهاٽ تي چنڊ" جي اشاعت پيري، مون ٻڌايو هو تہ هيءُ سندن مجموعو "ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي"، اُن سال جي

آگسٽ ۽ سيپٽمبر جي ٻن مهينن جو رچيل، وٽن تيار هو جو ”عنقريب شايع ٿيڻ لاءِ ڏنو ويندو“. افسوس، جو اِن جي اشاعت ۾ ايتري تاخير ٿي ويئي، ۽ اُن لاءِ گهٽي ياڳي آءٌ ذميوار آهيان. ڇپائيءَ لاءِ بلڪل تيار ٿيل مسودو مون وٽ تڏهن کان پهتل هو پر ڪن اٽٽر مصروفيتن سبب۔ اياز جي بار بار پارتن ڪندي بہ۔ فوري اُن ڏانهن توجهه ڏيئي نہ سگهيس. خاص طرح اُن جي مهاڳ لکڻ ۾ مون کي گهٽي دير پئجي ويئي، جنهن جا بہ ڪي پنهنجي نوع جا سبب هئا. بهرحال، اُن سڀ جو هڪ فائدو بہ ٿيو جو منهنجي صلاح تي، اياز مجموعي کي نئين سر ترتيب ڏني، ۽ هينئر اُهو جيئن حصن ۾ ورهايل ڏسبو۔ ۽ اُهو اُن جي نالي مان ئي پڌرو آهي۔ سو اُن ترتيب جو نتيجو آهي. اِن مان شاعر جي هڪ راءِ جو پتو تہ پڙهندڙن کي ضرور پوندو تہ مجموعي جو پهريون حصو (”ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي“: ص 17 کان ص 129 تائين) شاعر طرفان، وڏيڪ هڪ ڳانڍاپيل شعري پيشڪش طور، پڙهڻ ۽ اُن جي تاثر ماڻڻ لاءِ، ڪين آڇجي رهيو آهي.

اياز جي هن شعري مجموعي کي ڇهن خاڪن سان نقشايو بہ ويو آهي. هونئن تہ سڄي مجموعي جو هر نظم پنهنجيءَ جاءِ تي ۽ پنهنجي پاڻ ۾ پورو نظر ايندو ۽ ان جي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ٻئي ڪنهن نظم ڏانهن ويڃڻ جي ضرورت محسوس ڪانہ ٿيندي؛ پرخاص اُن جي پهرئين حصي ۾ چار (۽ ٻئي حصي ۾ ٻہ) معنيٰ دار خاڪا ڏيئي، اُن سڄي حصي ۾، ۽ ان جي ياڳن ۾ بہ اندروني طور، هڪ طرح جي ڳانڍاپي جي صورت جي نشاندهي ڪئي ويئي آهي. هر خاڪي جي پٺيان اُن ياڳي جي ڪنهن نظم جو هڪ، بہ يا وڌيڪ بند ڏنا ويا آهن: ان نظم ۽ اُن تي مداريل خاڪي ۾ مهربان پڙهندڙ اُن ياڳي جي خاص ڳالهہ ۽ تاثر موجود ڏسي سگهن ٿا. مثلاً ٻئي ياڳي (ص ص 51_82) لاءِ

پيش ٿيل خاڪو صفحي 51 جي نظم تي مداريل آهي ۽ اُن جا ٻه بند، ٻيو ۽ آخري، خاڪي تي ڏنا به ويا آهن. نظم ۾ شاعر 'ٽري نينگرڙي' سان مخاطب آهي، جيڪو ڪارونجهر، پنهنجي گهر، جي واٽ وساري، واريءَ سان ويهي ڪيڏي ٿو. شاعر اُن معصوم کي، ان نادان نينگر کي، سمجهائي ٿو ته 'اِها تر جي (مارئيءَ جي ٿَر جي) ريت ته نه هئي: چونڊي هُن چوڏس جي ڪرڙيل چنبڊ سان ساٿ نباهيو جنهن جي سُهائيءَ ۾ (يا جنهن سان گڏ ويندي ويندي) هو پنهنجو گهر جي واٽ لهي ٿي سگهيو! هن جي گهر ڪي، جي لوڙهو آيل هو ته هو چڪي اُن جو ڏينگهر لاهي به سگهيو ٿي! اِئين آخر ڪيئن ٿي ٿِي سگهيو ته ساري رات هو ٻاهر واريءَ سان ڪيڏندو رهي، ۽ گهر جي واٽ ئي نه وٺي! اُن جي خبر ئي نه لهي! ظاهر آهي، شاعر هتي 'نينگرڙي' جي تمثيل سان 'گهر ڏٽيءَ سان' 'گهر ڏٽين' سان ئي مخاطب آهي- بلڪل ائين جيئن انگريزيءَ جي هڪڙي ٻاراڻي ٻول ۾ 'پکيءَ ماءُ' کي چتايو ويو آهي:

Lady bird, lady bird, fly home!
Your house is on fire!
And your children are alone!

(پکيءَ ماءُ، پکيءَ ماءُ، اُڏر وڃ آکيري!
تنهنجي گهر کي اگ لڳي آهي!
۽ تنهنجا ٻچا آهن بي سهاري!)

اِئين مجموعي جي پهرئين حصي جي هن ياڳي ۾ آيل اڪثر بين نظمن ۾ به اِها ئي گهرَ جي اونَ جِي، ماڳ ڏانهن ويندڙ دڳ جي، مقصد ڏانهن نيندڙ واٽَ جي، ڳالهه ٿيل آهي. خودما ڳ جي يادگيريءَ جي گهٽي قدر پهرئين ياڳي ۾ ڳالهه ڪيل آهي- "عمر ساري ٿي رهيو هان/ آءُ تنهنجو انتظار..." جنهن تي ئي اُن ياڳي جو خاڪو چٽيل آهي.

ائين ٽئين ڀاڱي جي خاڪي تي جو شعر آيل آهي، اُن ۾ ڏک تي هلڻ جِي، پنڌ جي، جاکوڙ جي، جدوجهد جي ڳالهه ڪيل آهي. چوٿين ڀاڱي ۾ ماڪ رسڻ جي پختيءَ اميد ۽ پڪي يقين جي ڳالهه ٿيل آهي. ’نيٺ ته ايندو/ نيٺ ته ايندو/ فصلِ بهاران نيٺ ته ايندو!‘ اهڙيءَ طرح، مجموعي جي هن اهم حصي، ”ٻڙ جي ڇانوَ اڳي ڪان گهاٽي“، جي هر ڀاڱي ۾ اندروني ربط موجود ملندو ۽ چارئي اُن جا ڀاڱا گڏجي به هڪ ڳالهه ڪن ٿا- زندگيءَ جِي، اُن جي ماڪِ جي، ماڪ جي ڏک جي، ۽ ڏک جي ڪٺن سفر، اڳتي وڌڻ ۽ جاکوڙ جي.

اياز جي هن مجموعي جي ٻئي حصي بابت وڌيڪ ٻي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! اُن جي پهرئين ڀاڱي ۾ اياز جا چاليهه ته-سٽا آهن، جيڪي به هڪ لاڳيتي نظم جيان ئي آهن. جيڪو اسان کي پنهنجي محبوب قومي شاعر کان اِن صورت ۾ عطا ٿيو آهي. اُن جي هڪ ته-سٽي- ”ڪينرُ گهٽ نه پانءِ/ ڪوٽ مٿان ڪُنگرا/ جهوڙي وئي جهانءِ!‘- کي اسان جي لائق نوجوان مصوّر فتاح هاليپوٽي، پنهنجي هڪ شاهڪار جي صورت ڏني آهي، جنهن سان ڪتاب جي اِن حصي جي ٻئي ڀاڱي ۾ اسان کي پنهنجي شاعر کان ويهه نظم مليا آهن، جن مان هڪ هڪ پنهنجي سادگيءَ ۽ سونهن ۾ ۽ فڪر ۽ جذبي جي پوترتا ۽ اورچائيءَ ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي. اِن پوئين ڀاڱي جو پويون، ۽ هي سڄي مجموعي جو پويون، پر سچ ته هڪ بهترين نظم، جنهن جي شروعات اياز ٻنهه پنهنجائپ واريءَ ۽ بيحد هڪ محبوبانه شوخيءَ سان ڪئي آهي-

تون جي مون کي ڪو نه مڃيندين
مون کي ڪا پرواهه نه آهي،
آءُ سياٽي لاءِ لکان ٿو

جيڪو نيٺ تہ اڇٽو آهي،
مون تي ميڙو مچٽو آهي۔

اُن سان آءٌ هن پنهنجي مضمون جي پڄاڻي ڪرڻ گهران ٿو. پر اُن کان اڳ اياز جيءِ اِن دلبرانہ شوخيءَ بابت بہ اکر ضرور چوندس.

جيڪڏهن اياز 'مون'، سندس پڙهندڙ کيءِ اِئين بي تعلق ٿي، چوي ٿو "تون جي مون کي ڪونہ مڃيندين/ مون کي ڪا پرواهہ نہ آهي" ، تڏهن کيس منهنجي مڃڻ نہ مڃڻ جو۔ زباني طور ، شخصي طور۔ مڃڻ نہ مڃڻ جو. ڪو شڪ يا اونو ڪونهي، ۽ واقعي بہ نہ ڪا پرواهہ ٿي؛ پر علمي طور سندس 'ڳالهہ' ماڻڻ لاءِ قربانين جي 'ڏڳ' تي نہ هلڻ جو ، هن کي اونو ۽ ڏک برابر آهي، ۽ ڏاڍي وڏي پرواهہ بہ: پر مون مان، منهنجي پيڙهيءَ مان، پنهنجي 'اڄ' مان نا اميد ٿي، وري بہ 'سياڻي' جي پڙهندڙ تي، سياڻي جي جدوجهد تي ۽ جا ڪوڙ تي، اجتماعي چڱائيءَ جي ڏڳ ونڻ تي ۽ وٺي هلڻ تي ۽ پنهنجي نجات جي ماڳ ماڻڻ تي، هن کي پورو پروسو ۽ يقين آهي، ۽ تڏهن ئي پنهنجي اُن آهني يقين سان چوي ٿو "آءٌ سياڻي لاءِ لکان ٿو/ جيڪو نيٺ تہ اڇٽو آهي/ مون تي ميڙو مچٽو آهي...." ۽ پوءِ۔

مِينهَن جڏهن مانداڻ ڪندا، مان
ساري وارياسي تي وَسندس،
ڪارونجهر جي ڪورَ مٿان
سانوڻ جي ڪڪرن سان گسندس۔

(مان جو تنهنجو راڳي آهيان
تنهنجو ٺِي، وڏ۔ ياڳي آهيان.)

جڻ ماٺھوءَ جو ڳوڙھو ڳوڙھو
منھنجين واين مان برسي ٿو
ويڙھو ويڙھو لوڙھو لوڙھو
منھنجن گيتن سان گونجي ٿو۔

منھنجا گيت گلابن وانگر،
جيڪي چوٽين منجھ لڳائي
ٽڙ تان ناري ايندين آھن
پنھنجن پيارن لاءِ سجائي۔
نيٺ تہ تنھنجو مَنُ ڀانئيندا.

چانڊوڪين راتين ۾ مارُو
مون کي ٿَر بَر ۾ ڳائيندا،
بسنت رُت ۾ منھنجون وايون
گليءَ گليءَ ۾ ڦھلائيندا.

وِڄُ وراڪا جيئن ڪائي ٿي
اِئن مان تنھنجا ٽھڪ بہ آھيان،
رُتِ ۾ جئن رابيلَ ٽڙن ٿا
تئن ڌرتيءَ جي مھڪ بہ آھيان۔

مون ڏات انوکي آندي آ

۽ هيءَ ڏرتي نيٺ ته مهڪي
ٿيندي ڪو گُلزار سياٽي،
آءٌ لڪان ٿو
جنهن لئه هاٽي!

- محمد ابراهيم جويو

حيدرآباد، سنڌ
12 مئي، 1988ع

# نارائڻ شيام

نارائڻ شيام جي موت جي اوچتي خبر پڙهي، دل پرجي آئي. هو سنڌي ٻوليءَ جو عظيم شاعر هو ۽ ايڪيتاليهن سالن کان سنڌ جي ڌرتي ڏسڻ لاءِ سِيڏائيندو رهيو هو ۽ جڏهن تاريخ ڪجهه پلٽو کاڌو ۽ سنڌ ۾ هن کي دعوت ڏيئي، هن جو ڪلام هن جي واتان ٻڌڻ جو سوچي رهيا هئاسين، تڏهن هو اسان کي الوداع ڪري، ايترو دور ويجي نِڪتو جو هن جي واپسيءَ جي اُميد ئي نہ رهي. شيام جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي مڌرتا، ڪلپنا جي اڏام، ڌرتيءَ جي سُونهن ۽ سڳنڌ سان لڳاءُ، سنڌ ۽ انسان جي رنگارنگ جذبات جو اظهار مليو ٿو.

شيام سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو ۽ اسان جي ادبي ورثي جو اَٽوٽ حصو آهي. اسان سنڌالاجيءَ وارن تي اصرار ڪريون ٿا تہ هو شيام جا سمورا ڪتاب سنڌ ۾ ڇپائين. سنڌي ٻوليءَ جو سارو سرمايو اسان جي ميراث آهي ۽ ان ڳالهہ جو خيال نہ ڪرڻ گهرجي تہ اُهو ڪٿي تخليق ڪيو ويو آهي.

اسان شيام جي پونئين سان اُنهن جي ڏُک ۾ شامل آهيون ۽ اميد ٿا ڪريون تہ لڏي ويل سنڌي هندو ۽ ڀارت جي سرڪار هن جي عظمت جو اعتراف ڪندي، هن جي پونئين جو جوڳو خيال رکندا.

شيخ اياز ـ محمد ابراهيم جويو

(حيدرآباد سنڌ: جنوري 14، 1989ع).

# جهلڪون!

("اڳتي قدم" سيپٽمبر 1947 جو ايڊيٽوريل)

"اڳتي قدم" جو پهريون پرچو ڏسي پڇيو ويو آهي تہ ڇا، ترقي پسند ادب صرف افادي ادب (Utilitarian literature) آهي. يعني ترقي پسند ادب جو مقصد صرف عوام ۾ بغاوت ڦهلائڻ ۽ مزدور هاري انقلاب جو بنياد وجهڻو آهي ڇا؟ جي ايئن آهي تہ ترقي پسند ادب ۾ ڪهڙو لطف ۽ دلڪشي رهي سگهندي ۽ اهو انسان ذات جي ٿڪل ٽٽل دماغ کي ڪهڙي تراوت پهچائيندو؟

اسان جو جواب آهي تہ صحيح معنيٰ ۾ انقلابي ادب ترقي پسند ادب آهي، پر ترقي پسند ادب صرف انقلابي ادب نہ آهي، انقلابي ادب کي بہ پنهنجو معيار آهي ۽ اهو صرف "هاري مزدور انقلاب زندهہ باد" جي نعري تائين محدود نہ آهي. اسان کي ڏسڻو آهي تہ انقلابي اديب پنهنجي ڪهاڻيءَ يا شعر ۾ ڪيتري دلڪشي پيدا ڪري سگهيو آهي ۽ ڪيتري قدر اسان جي جذبن ۽ احساسن کي اٿلائي پٿلائي، مزاح ۽ طنز، فطرت نگاري ۽ رومانيت، لکڻيءَ جي لچڪ ۽ مضمون جي نوائي ۽ نزاڪت رستي اسان جي دل دماغ تي ڇانئجي، اسان کي انقلاب لاءِ آماده ڪري سگهيو آهي. ادب ۽ آرٽ حسن پيدا ڪن ٿا پر اهو حسن صرف ماحول جي خوبصورتيءَ تي نہ آهي، صرف

الف ليليٰ جي ڪهاڻي جي خوبصورتي نہ آهي، پر اهو حسن آهي شاعر يا اديب جي رنگ، طرز انداز ۽ ڦهلاءَ جدت.

پر جيئن اسان مٿي چيو آهي تہ ترقي پسند ادب صرف انقلابي ادب نہ آهي، ترقي پسند ادب انسان جا نفيس جذبا ۽ لطيف احساس چٽي، هن جي روح کي راحت پهچائي ٿو بشرطيڪ اهي جذبا ۽ احساس حقيقت تي ٻڌل آهن ۽ نہ صرف تصور تي.

ان ڪري اسان اڳئين پرچي ۾ حقيقت نگاريءَ تي زور ڏنو آهي، اياز جا 'ديهاتي گيت' ان جو مثال آهن. پر جي اڄ ڪوئي شاعر سسئي پنهون يا مومل راڻي جا بيت لکي، پنهنجي تصوير جو تاڃي پيٽو پڪيڙي، خوبصورت لفظن جو ڄار وڇائي تہ ان ادب کي رجعت پسند چئبو ڇو تہ اهو ادب اسان کي پنهنجي زندگيءَ کان ڀاڄ ڪارائي، حال ۽ مستقبل کان بي نياز ڪري، ماضيءَ جي دنيا ۾ وٺي وڃي ٿو ۽ ان لاءِ حب پيدا ڪري ٿو. ماضيءَ جو مطالعو ضروري آهي، پر ان جي حب سخت ضرر رسان. جديد تهذيب ۽ ان جي ترقيءَ ۾ مڪمل يقين ئي صحيح ترقي پسندي آهي.

اڇو تہ هينئر هن پرچي جا ليک ادب جي ڪسوٽيءَ تي لائي ڏسون:

"يونئرو" شعر فراري ادب (Escapist literature) جو مثال آهي. ان کان تہ انڪار نہ ڪري سگهبو تہ شعر جي ٽيڪنيڪ دلڪش آهي ۽ ان ۾ روانيءَ جي ڪمي نہ آهي. شعر پڙهندي دل سچ پچ يونئري سان "ڳائي، جهومي، موج لٽائي ٿي" ۽ "سک جي سندر ڦلواڙيءَ ۾ آنند. ناچ نچي ٿي." پوئينءَ سٽ ۾ مرڪب لفظ آنند- ناچ ۽ استعارو "سک جي سندر ڦلواڙي" نهايت دلڪشي پيدا ڪن ٿا. پر اسين ترقي پسند

اديب ۽ هري دلگير هڪ چوٿواٽي تي بيٺا آهيون. دلگير کليو کلايو رجعت پسنديءَ ڏانهن گهلي رهيو آهي. ڪيئن؟....

اهو ته ظاهر آهي ته شاعر کي پونئري سان تشبيهه ڏني ويئي ۽ سندس آدرش چاٽايو ويو آهي:

جڳ ۾ منهنجو سک سوپيا جي گلشن سان ئي مطلب، ڪنڊن کان مان پاڻ بچايان، ڦولن سان ئي مطلب: يعني ته شاعر صرف ”رس جو لوڀي“ آهي، پر زندگي ڪوڙي ذهر جو ڍڪ آهي، ان سان هن جو مطلب نه آهي، شاعر سک، سندرتا ۽ آنند- آشا جو پياسي آهي ۽ هن جو دنيا جي دک درد بدصورتيءَ، بدانتظاميءَ سان ڪو به تعلق نه آهي. شاعر صرف ”ڦولن جي هاڪ ڦهلايان“ پنهنجو آدرش رکي ٿو ۽ هو ڪنڊن کان صفا منهن موڙي وڃي ٿو پوءِ پل ته دنيا ان ٻاٻري ڪنڊ تي پئي چلائي ۽ چيچلائي. هري دلگير جي پونئري ۾ خود غرضي ۽ خود پرستي آهي. هن جي شعر جو آدرش نهايت نڪمو آهي. شاعر حسن جو طالب بيشڪ آهي، پر ساڳئي وقت هن محسوس ڪيو آهي ته هيءَ دنيا هڪ بدصورت ڏائڻ جيئن ڏند ڏيکاري، کيس للڪاري رهي آهي. شاعر حسن جي پرستش ڪري ٿو پر جي هو هن بدصورت دنيا کان ڀاڄ ڪائيندو ته سندس آدرش يعني حسن هن دنيا ۾ ڪيئن اچي سگهندو؟ هو ته هر ممڪن ڪوشش ڪندو ته هن دنيا مان بدانتظامي ۽ بي انصافي نهوڙي وڃي، جيئن اها هر ڪنهن لاءِ ”سک جي سندر ڦلواڙي“ ٿي پوي.

اياز جا ”ديهاتي ۽ برساتي گيت“ سنڌي ادب ۾ هڪ نئين ڳالهه آهي، ديهاتي زندگيءَ جي سادي جذبات، سڌيون تشبيهون، عام فهم ٻولي، مڪاني رنگ (Local_ colour) محبت جا هلڪا هلڪا، مٺا مٺا گيت، الهڙ جوانيءَ جا بي غم، بي پرواهه نغما! ٽيڪنيڪ جي

وڏي خوبي اها آهي تہ تقطيع جي ڇاٽوءَ کي لطف ڏيندا. پر عام ماڻهوءَ لاءِ بہ ساڳيءَ دلچسپيءَ جو باعث ٿيندا.

سنڌي شعر ۾ گهٽيئي ڏينهن سنبل ۽ نرگس جا راڳ ڳايا ويا. ايراني اصطلاح ۽ تشبيهون ڪم آنديون ويون، وصل ۽ هجر، ناز نياز شوخيءَ ۽ حيا، محبت ۽ نفرت جا جذبا اردوءَ تان اڌارا ورتا ويا ۽ سنڌي شعر جي اصليت تي ننولي ڪئي ويئي. هي گيت سنڌ جي دقيانوسي (Orthodox) شاعريءَ ۾ پتي پراڻي غزل گوئيءَ کي للڪاري چئي رهيا آهن تہ سنڌ جو وارياسو وطن، ايران کان گهڻ خوبصورت نہ آهي، هتان جي عوام جي جذبات گهڻ لطيف نہ آهي، احساس گهڻ شديد نہ آهن! اردو شاعريءَ جون روايتون سنڌي شاعريءَ جي اصليت کي نهوڙي نينديون. اسان کي پنهنجي محبوب شاعر شاهہ جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي، جنهن نئون ادب ڏنو ۽ ڪنهن جي بہ پيروي نہ ڪئي. پيروي ادب ۽ آرٽ لاءِ موت آهي. اصليت ۽ نواڻ سان ئي شعر جرڪي اُٿندو آهي ۽ سندس تجليون غيرن جي اکين ۾ ترورا آڻي ڇڏينديون آهن.

شيخ راز ۽ نارائڻ شيام، سنڌ جي بهترين نوجوان شاعرن مان آهن. شيام جي شخصيت تہ ڪنهن بہ تعريف جي محتاج نہ آهي، باقي راز هن مهل تائين گودڙيءَ ۾ لعل جو مثال ٿي رهيو آهي جنس داڻي مان پرکبي آهي تہ راز جي هڪ ئي نظم "اميري ۽ غريبي" مان پتو لڳي ويندو تہ هن جا احساس ڪيترا نہ گهرا آهن ۽ اظهار ڪيترو نہ دلڪش آهي!

بہ تصويرون آهن۔ اوچا اوچا محل ۽ ٺٽ ٻاٽ، چمڪ دمڪ وارا لباس ۽ ليڙون ليڙون ڪتا، وڏيون وڏيون تجوڙيون ۽ ننڍا ننڍا ڪشڪول نفرت آميز وڏائي ۽ حسرت آميز خودداري! پوئين غريبيءَ جي ميراث، پهرين اميريءَ جي سند! شاعر جي مصوري تہ ڏسو!

هوءَ ڏسين ٿي؟ زرو زربفت ۾ ملبوس حسين يعني ساڙهيءَ جي دمڪ.

زر و زيور جي چمڪ
ترورا منهنجي اکين ۾ ٿا اچن
آهه هيرن جي ڪٺين جو هي هار
ڪيئن نه ڇهتي پيو آ گردن سان!

لفظن جو ڪهڙو نه خوبصورت انتخاب! ڇا نه جذبات جي تلخيءِ الفاظ جي شيرينيءَ جي ملاوت! سنڌ ۾ هن مهل تائين ٿي چار سٺا بي قافيہ نظم لکيا ويا آهن ۽ انهن مان هيءُ به هڪ آهي، پر شاعر کي ٽيڪنيڪ تي ضابطو البته گهٽ آهي.

شيام جو شعر ”ڏاءِ ڏاءِ اي لال!“ انساني فطرت جي هڪ دائمي احساس جي ترجماني آهي- پيريءَ جو احساس، گذريءَ جواني جي رنگين. ياد! شعر پڙهي سيسرات اُڀريو وڃي، سٽ سٽ ۾ سوز لفظ لفظ ۾ محبت ۽ مادري شفقت! شعر جو مرڪزي خيال نهايت بلند آهي، شعر جي ماحول سان لفظ به خوب ٺهڪي ٿا اچن. ڇپن جون ڇڳڙون، لڪڙي، نيوڙينمر وغيره (شعر ۾ شفقت جي جذبي جي گهرائي ڏيکارڻ لاءِ ”ڙ“ جو ڪم آڻڻ شيام جي ٽيڪنيڪ جو ڪمال ڏيکاري ٿو.)

ڇا نه درد جي پڪار!
”جنهن جي ڇاتي به ۽ تون پي سو ڪٿي...
ڇهتي سمهہ گل، تہ وڃئي ننڊ ڪچي.“

باقي شعر ۾ رواني اصل نہ آهي. سٽن کي ڇڪي تاڻي وزن تي آندو ويو آهي. اها شيام جي شعر جي وڏي خامي آهي. ان جو سبب شايد اهو آهي تہ شيام تمام گهٽو غور ۽ فڪر ڪري ٿو.

مسٽر لطف الله بدوي "نيڪي" جي تشريح ۾ خود لکي ٿو: "عمر خيام" ايران جي مشهور شاعر پنهنجي رباعي "ناکرده گناه درجهان کيست بگوا" ۾ "نيڪيءَ جي احساس" تي هڪ فلسفي جي نقطہ نظر کان پنهنجي راءِ ڏني آهي. مگر "خليل" پنهنجي غيرفاني تصنيف "پيغمبر" ۾ نيڪيءَ ۽ بديءَ جي تخليق تي پنهنجو رايو ڏنو آهي:

"بديءَ ۽ نيڪيءَ کي ماحول جو ممنون ٿو سمجهي. اهو ئي سبب آهي، جو هو چوي ٿو تہ نيڪي رزق جي تلاش ۾ ٽڪرن ۾ ڀٽڪي ٿي، ۽ ان کي جو اُن حالت ۾ ميسر ٿئي ٿو اهو ان جي پيٽ جي جهنم کي پرڻ لاءِ قبول ڪرڻو ٿو پوي. پياس جي منزل جڏهن موت جي درجي تي پهچي ٿي، تڏهن اجايل کي ڪهڙي ضرورت پئي آهي، جو هو پاڻيءَ جي متعلق ويهي بحث ڪري تہ هي چڱو آهي يا خراب! هن کي ان وقت هڪ ئي خيال رکڻو پوندو تہ پاڻي ڪهڙو بہ آهي، ميسر ٿي سگهي ٿو يا نہ؟ سچ تہ فطرت انسانيءَ جي حقيقي تقاضا بہ اها آهي، جو بديءَ جي فضا ۾ پليو هجي، ان غريب کي ڪهڙي خبر تہ نيڪيءَ جي صورت ڪيئن ٿئي ٿي."

محترم لطف الله بدوي "خليل" جي هن شاهڪار جو سنڌي نظم ۾ ترجمو ڪري رهيو آهي، جو آسان ڪم نہ آهي. سنڌيءَ ۾ اهڙي غيرفاني ڪتاب جي ترجمي جي سخت ضرورت آهي. مگر "نظم ۾ ترجمو"، پنهنجي جذبات تي "شاعر" جو قبضو ڪرڻ ۽ صحيح خيالن کي ٻيءَ زبان جي قالب ۾ وجهڻ ڪيترو ڏکيو هوندو ان جو احساس هڪ اديب ڪري سگهي ٿو. بهرحال ڪتاب جي پوري ٿيڻ جو انتظار آهي، جو شايد سنڌي ادب ۾ هڪ گرانقدر اضافو ٿئي.

زندگيءَ جا ڏينهن ڪاٽي رهي آهي. سندس ڇاتيءَ جا گل مرجهائي ويا آهن. سندس اکين تي ڪجل مُرڪي رهيو آهي تہ "هينئر جواني ويئي، حسن جي قدرداني وئي." جيئڻ جي تمنا، تمنا جي جيئڻ تي مراد رکي ٿي. نہ، نہ. مريم ۾ تمنا تہ مري چڪي آهي، هينئر هوءَ جيئي ٿي ڇاڪاڻ جو جي رهي آهي. "ڪهاڻي گلوڦاڙي پڪاري رهي آهي تہ هر عورت طوائف نہ آهي پر هر طوائف عورت آهي. پر ڇا هوءَ سچ پچ عورت آهي" يا "ڪتيءَ کان بہ وڌيڪ ذليل!"

جڏهن مون رام پنجواڻيءَ جي ڪهاڻي "مگڻو" پڙهي ختم ڪئي، تڏهن ڄڻ تہ ڪنهن دل ۾ ڪتڪتائي ڪئي، ڄڻ ڪنهن ڇهنڊي پاتي، نہ، نہ، ڄڻ نوڪر هنئي، دل ۾ عجيب احساس اٿيا ڄڻ تہ "شولنگ تان برهما، چمبيلي (چنبيلي) گل سوڊو ڦرندو گهرندو قلابازيون کائيندو اچي پٽ تي ڦهہ ڪري ڪريو." (پ) جيئن وسامندڙ ڏيئي جي پوئين لاٽ بہ ٻہ ٽي وڏا پڙڪا کائي وسامي ويندي آهي، تيئن ڪهاڻي پوري ٿي ويئي. جيئن تلاءَ ۾ پٿر اڇلائبو آهي ۽ لهريون ڦهلنديون آهن، تيئن دل ۾ هڪ سوال ڦهلندو وڌو ٿيندو ويو. ان جو مطلب الاجي ڇا هو پر سندس پهريان ۽ پويان اکر ها "اي ڪاش!...."

رام خط ۾ لکيو آهي تہ هو مشهور فرانسيسي اديب موپاسان (Maupassant) جو مطالعو ڪري رهيو آهي. شايد ان مطالعي جو ڪهاڻيءَ تي گهرو اثر ٿو ڏسجي، موپاسان جي هر ڪهاڻي دماغ ۾ چڀٽي وجائي، واتڙو ڪري، ختم ٿي ويندي آهي.

ڏيتي ليتيءَ جي مسئلي تي شايد هيءَ بهترين ڪهاڻي آهي. ان ۾ ڏنگ آهي، ڏينيوءَ جو نہ ماڪيءَ جي مک جو ماڪيءَ لڳل، منو منو ڏنگ!

ڪهاڻيءَ ۾ رجعت پسند عنصر ذرا نمايان آهي. رام کي خبر هئڻ گهرجي تہ موپاسان يورپ جو هڪ زبردست رجعت پسند اديب آهي ۽ ان جو زيادو اثر اسان جي ترقي پسند ادب لاءِ زهريلو ٿيندو ۽ رام خود ترقي پسند ادب جو حامي آهي. هندو ديومالا (Mythology) جي ڳالهہ کي ايتري اهميت ڏني ويئي، جو اها ساري ڪهاڻيءَ تي ڇانئجي وئي آهي. ڪهاڻي آهستي آهستي هڪ ڪوهيڙي ۾ ڇڏبي ٿيندي غائب ٿي وڃي ٿي. ان ڪوهيڙي(ق) ۾ ماضي اشارا ڪري رهيو آهي، خوبصورت وهم کيڪاري رهيو آهي!

ميمن غوث جي "شمع" کي اسين پهريون دفعو سنڌي ادب سان واقف ڪرائي رهيا آهيون. "شمع" جي لکڻيءَ ۾ زور تمام گهڻو آهي. جهڙين سنگين حقيقتن جي ترجماني هو ڪري رهيو آهي. تهڙي تمام ٿورا نوجوان اديب ڪن ٿا. سندس طنز ۾ زهر جو اثر آهي، مثال طور پوئين سٽ "شيطان خدا تي مرڪي رهيو آهي...." زهر ماريندو آهي، دوا بہ ٿي لڳندو آهي. اڳتي ڏسجي. (ج).

# لياز ۽ اڳتي قدم

اياز سان منهنجي غائبانه ڄاڻ 1938ع ڌاري ۽ روبرو ملاقات 1941ع جي آخر ۾، منهنجي پياري دوست جمال صديقيءَ جي وسيلي ڪراچيءَ ۾ ٿي. جمال ۽ اياز وٽي ۾ سنڌ جي شهر شڪارپور جا هئا. ۽ آءٌ ننڍڙي سالڙي شهر ٽيرٽ لڪيءَ جي لڳ سنڌوءَ جي ڪپ سان ڳوٺ "آيلا" جو رهندڙ ٽيٽ ٻهراڙيءَ جو هوس.

سال 1940-41ع ۾ آءٌ بمبئيءَ جي وٽي ٽتڪر مان بي. ٽيءَ جي ٽريننگ پوري ڪري، ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسة الاسلام ۾، جتي آءٌ پڙهيو به هوس ۽ پوءِ ماستر به مقرر ٿيو هوس، موٽي اچي دخلڪار ٿيو هوس. اياز ۽ جمال ٻئي، ڊي. جي سنڌ ڪاليج، ڪراچيءَ ۾ بي اي لاءِ داخل ٿيا هئا.

بمبئيءَ ملن آءٌ ڪامريڊ ايم. اين. راءِ سان متعارف ۽ سندس ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ کان متاثر ٿي موٽيو هوس. ڪراچيءَ ۾ نامگيٽندر ٽلت ويلس ٽالي هڪ گجراتي برهمڻ نوجوان جي تحريڪ ۽ اڳواڻيءَ ۾ ريڊيڪل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي سنڌ شاخ قائم ٿي چڪي هئي، جنهن سان آءٌ ۽ منهنجا دوست ـ گجر ڳالهائيندڙ پورهيا

جماعت جو احمد اي جيواجي، مزدور ليبر ڪونگٽي خطب ۽ اياز جمال ۽ ٻيا ساٿي وچي شامل ٿياسين. وياس هڪ وڏي سيٺ جو پٽ هو ۽ پيار جي شادي هڪ پڙهيل ڳڙهيل سُشيل اڇوت ڇوڪريءَ سان ڪئي هئائين ۽ اُن سبب پيءُ جي گهر مان تڙجي نڪتل هو احمد اي جيواجيءَ ڪان بہ سندس اعتقادي ۽ مذهبي پيءُ ڪجهه رُٺل هو ۽ احمد پاڻ بوهرا جماعت جي هڪ روشن ذهن ستارڪ حاتم علي علويءَ جي زير اثر پنهنجي "آگي قدم" نالي پريس مان "آگي قدم" جي ئي نالي سان ماهوار گجراتي رسالو ايڊٽ ڪندو ڇاپيندو ۽ شايع پڻ ڪندو هو ۽ اياز ۽ جمال ٻئي پنهنجي اَلهڙ جوانيءَ جي ڀرٽين پيار جا ڇپيت ڪاڏل هئا. شعر ۽ شاعريءَ سان دل هُين ۽ علم جي تئين روشنيءَ جي ڪجهه سرسُ چُڪي پيتل ۽ وڏيڪ اُن جا پياسي هئا. ٻيا سڀ اسان جا ڪامريڊ بہ ريڊيڪل پارٽيءَ ۾ اُهڙائي پنهنجي پتهنجي نوع ۾ "حال ڪان ناراض ۽ بهتر مستقبل لاءِ اُتساهيل" جي اچي گڏ ٿيا هئا.

42_1941ع ۾ اسان ريڊيڪل پارٽيءَ جي آواز طور انگريزيءَ ۾ هفتيوار اخبار "فريڊم ڪالنگ" (Freedom Calling) جي نالي سان ڪڍي هئي سون، جنهن کي ڪامريڊ وياس ايڊٽ ڪندو هو ۽ جنهن ۾ وقتي آءٌ بہ لکندو هوس، گمنام ٿي ۽ ڪڏهن پنهنجي نالي سان بہ ٻي مهاڀاري لڙائي (1945 _ 1939) جاري هئي ۽ اسان لاءِ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي پيٽ ۾، شروع ڪان ئي اُها اَئنٽي فاشسٽ (Anti Fascist) جنگ هئي. اسين اُن لڙائيءَ ۾ سرڪار جي حمايت ۾ هئاسين ۽ سرڪار جي نيشنل وار فرنٽ ۾ شامل هئاسين. اسان جو آزاديءَ ۽ جمهوريت لاءِ فڪري خواب تہ طرفو هو. سيڪيولزم ۽ نئشنلزم، سوشلزم جنهن جي ساٻيان لاءِ اسان "هن دنيا ۾، هن ڌرتيءَ تي حق نيڪيءَ ۽ خير جي جنت" بنائڻ تي گهري

ڪامريڊ. ايم. اين. راءِ ان سياست جي فڪري سلسلي کي هيومنزم (Humanism) جو نالو ڏنو هو.

1946ع ۾ مون کي پهريون پٽ منور علي ڄائو جنهن جو پهريون نالو لاڏ پئي "منور اختر" رکيوسين. مون سندس ماءُ کي شاديءَ جي نشانيءَ طور سونا ايرنگ ٺهرائي ڏنا هئا. جن تي پنهنجي سياسي ادا جي تسڪين لاءِ ڪميونزم جي عالمي نشان "ڏاتو ۽ مُترڪو" جڙيل هوا. منهنجي سياسي اعتقاد پٽي جو اُن دور ۾ اهو رنگ هوا!

ان ئي سال مون ٻه ڪتاب لکيا: هڪ ايم. اين. راءِ جي ڪتابن Historical Role of Islam جو سنڌي ترجمو. "اسلام جو تاريخي ڪارنامو" ۽ ان هڪ ئي پنهنجي تحرير جي نه ڇپجڻ جو بلڪ هٿان ئي نڪري وڃڻ جو مون کي سڄي عمر بيحد افسوس رهيو آهي:

ٻيو ڪتاب. 'Save Sindh Save the Continentl' انگريزيءَ ۾ لکيم (جنهن جو ٻيو ڇاپو تازو جنوري 2001ع ۾ شايع ٿيو آهي) ان جي جزا طور مون کي سنڌ مدرسيءَ جي ملازمت تان دستبردار ٿيڻو پيو هو.

1946ع ۾ ئي اسين (وياس. مائي سُشيلا. اياز ۽ ٻيا ڪجهه ساٿي) پراڻي هڪ باربردار لاري. ڀاڙي ڪري. سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ ريڊيڪل پارٽيءَ پاران بيهاريل اميدوار ڪامريڊ عبدالغفور جان سرهنديءَ جي ورڪ لاءِ عمرڪوٽ- سامارو- ڪپرو تڪ ۾ ويا هئاسون. ۽ سڄو مهينو ٿر جي ڀٽن تي اياز جو گيت "او باغي. او راڄ دروهي. ڀارت ۾ ٻلوي جا باني." ڳائيندا رهياسون. جنهن لاءِ اياز پوءِ پنهنجي ڪتاب "ساهيوال جيل جي ڊائري" (1968) ۾ لکيو هو ته "ان ۾ ڪم آندل ٻولي ابراهيم جي صحبت جو اثر هئي." ۽ ٻيو گيت. جو

گڏجي اُتي اسان ڳايو ٿي، سو هو ڊاڪٽر اقبال جي ”جس کيت سي دهڪان کو...“ جو سنڌي ترجمو ”جنهن کيت مان هاريءَ کي ميسر نہ ٿئي داڻو تنهن کيت جي هر ڪڻڪ جي تيلي کي جلايو!“

هن ئي 1946ع جي سال جي آخر ۾ اسان دوستن صلاح بيهاري تہ سنڌيءَ ۾ ترقي پسند، وطن دوست رسالو شايع ڪجي. اياز تيستائين ايل. ايل. بي پاس ڪري چڪو هو ۽ ڪراچيءَ کي ڇڏي، شڪارپور ۽ سکر ۾ پرئڪٽس ڪرڻ جا سانباها ڪري رهيو هو. فيصلو اهو ٿيو تہ رسالي جو نالو ڪامريڊ احمد. اي جيواجيءَ جي گجراتي رسالي ”آگي قدم“ جي نالي پٺيان سنڌيءَ ۾ ”اڳتي قدم“ رکجي. ۽ پوءِ اهو رسالو شڪارپور مان جاري ٿيو ۽ سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پهتو ۽ مقبول ٿيو.

پنجونجاهہ سالن کان پوءِ 2 مارچ 2001ع تي، شيخ اياز جي انهترئين جنم جي ڏينهن تي، ”اڳتي قدم“ جا نڪتل اُهي ٽئي پرچا گڏي، ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا ويا.

محمد ابراهيم جويو

# لڙيو سج لڪن ۾

## ناشر طرفان
[پهريون ايڊيشن]

شاعر شيخ اياز 1975ع جي شروع کان حالتن جي زد ۾ رهيو ۽ خاموش رهيو.

باز گشتم از سخن زيراڪ نيست
در سخن معنيٰ ودر معنيٰ سخت
(فيضي)

اُن کان پنج سال اڳ، 1970ع ۾، "ڪپر تو ڪُن ڪري" جي تخليق کان پوءِ، 1974ع جي آخر تائين، هُن منظوم سنڌي ڊراما "ڀڳت سنگهه کي ڦاسي" ۽ هيءُ زير نظر شعري مجموعو "لڙيو سج لڪن ۾" اسان کي ڏنا. اُنهن پنجن سالن ۾ هن "نيل ڪنٺ اور نيم ڪي پتي" جي عنوان سان ڪيئي اعليٰ اردو گيت ۽ نظم بہ تخليق ڪيا.

جي اجا شايع ٿي نہ سگهيا آهن. پر اُن کان پوءِ، گنريل پنج سال، هن جي شاعريءَ جي "بيوفا سريت" هن کان رٺل رهي ۽ اسين هن جي هر طرح جي شعري تخليق کان محروم رهياسين. هيءُ عرصو هن جو ڏيان، البت، پنهنجي سنڌي شعر جي پنجابي ۽ اردو ترجمن ڏانهن رهيو جيڪي پوءِ ڪتابي صورت ۾ الڳ الڳ "**جو بيجل نے آکھیا**" (مترجم- احمد سلم) ۽ "*حلقه میری زنجیر کا*" (مترجم- فهميده رياض) جي نالن سان شايع پڻ ٿيا. هن عرصي ۾ هُن ڪافي ڪجھ منصبي نوع جا مضمون بہ سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ لکيا ۽ پڻ ڪيئي تقريرون ڪيون، ۽ اُن سڀ کان وڌ، هڪ تاريخي ناول لاءِ مواد بہ ڪٺو ڪيو جو هاڻي وٽس زير تصنيف آهي. هُن جي هنن پنجن سالن جي اُن بي ڪيف جاکوڙ مان اسان جي لکئي ۾ شديد اُن ناول جي امڪان جي لِک ئي آيل هجي- ۽ اُن کي بہ اسين پنهنجي لاءِ وڏي هڪ نعمت شمار ڪنداسين.

هيءُ شعري مجموعو "لڙيو سج لڪن ۾"، جيئن ان جي نالي مان پڌرو آهي ۽ پڻ اُن جي فهرست ۾ آيل واين جي هر ابتدائي پد مان ڏسي سگهجي ٿو، شاعر جي انتهائي نراسائيءَ جي ڪيفيت جو ترجمان آهي: بلڪ نراسائيءَ کان وڌيڪ پڙهندڙ کي، شايد، اُن جي ڪيفيت ناخوشيءَ يا ناراضپي جي محسوس ٿئي. ناخوشي يا ناراضپو شديد کان شديد، ايترو شديد، جو اُن کان وڌ ڪنهن وصال جي تانگهہ ڪنهن تبديل جو اُمنگ ۽ اُن وصال يا اُن تبديل لاءِ وڌيڪ بيءَ ڪنهن تيز آس جو اظهار شايد ئي ڪو ٿي سگهي.

مون کي منهنجي جيئري ئي ملٽو ناهين مور-
پُنءِ ياري، گهر ڏور...
پوءِ بہ ڦلن ڇانوَ آ پرين تنهنجو پور-

يُنءِ ياري، گهر ڏور...

اياز جي شعر جو هيءُ مجموعو هن جي واين جو مجموعو آهي، ۽ سڄي سنڌي ادب ۾ شايد ۽ جديد سنڌي ادب ۾ يقيناً هيءُ پهريون خالص واين جو مجموعو آهي، جو شايع ٿي رهيو آهي. هن مجموعي ۾ جملي ڇاهٺ وايون آيل آهن- ۽ اُميد آهي تہ اسان جا ادب شناس ۽ نڪتہ سنج، محترم ۽ لائق پڙهندڙ ڏسندا تہ اُن جي هر هڪ وائي ۽ هر وائيءَ جي هر هڪ مصرع هڪ روشن لڙهي آهي، جنهن ۾ معنيٰ ۽ جذبي جا موتي پوتل آهن.

دل هر قطره را گر برشگافي
برون آيد آزو صد بحر صافي
(فيضي)

حيدرآباد سنڌ
01.02.1998

---

هيءُ ناشر جو نوٽ محمد ابراهيم جويي، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، حيدرآباد جي صدر جي حيثيت ۾ لکيو هو. (تاج جويو)

# منهنجي خواب جي ساپيان - 1

منهنجي پياري دوست ۽ سنڌ جي سدابهار ۽ سداحيات شاعر شيخ اياز جي شاعريءَ – (ڪوتا ڪليات) جو پهريون جلد، منهنجي خوابن جي تعبير آهي. مون هميشہ پئي سوچيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي سداحيات شاعرن/ تخليقڪارن جون تخليقون، اجتماعي صورت ۾ سهڻن ۽ ديده زيب جلدن ۾ ڇپائي، اسان جي اديبن ۽ عوام جي آڏو آڻجن. شيخ اياز تہ اسان جي ادب، خاص ڪري شاعريءَ جي حوالي سان "نئين سنڌ" جو "نئون آواز" آهي.

جڏهن ثقافت ۽ سياحت کاتي، حڪومت سنڌ جي اڳوڻي ادب دوست سيڪريٽري، عبدالقادر منگيءَ ۽ ان جي ٻانهن ٻيلي اڳوڻي ڊائريڪٽر جنرل ۽ موجوده سيڪريٽري، شمس جعفراڻيءَ، لڳ ڀڳ هڪ سال (جولاءِ 2007) اڳ مون کي فون تي دعوت ڏيندي چيو هو تہ ثقافت کاتي پاران شيخ اياز پبليڪيشن ڪميٽي جوڙي وئي آهي، ۽ آءٌ مهرباني ڪري ان ۾ شرڪت ڪريان، تہ مون خوشيءَ سان اچڻ قبوليو هو.

ائين 17 جولاءِ 2007 تي محترم عبدالقادر منگيءَ جي آفيس، ڪرچيءَ ۾ سندس صدارت ۾، هڪ گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ شيخ اياز جي ڪتابن جي ڇپائيءَ ۽ مزار جي تياريءَ لاءِ ٻه ڪميٽيون مقرر ڪيون ويون.

20 جولاءِ 2007 جي نوٽيفڪيشن نمبر SO(G)CT & SW/17_ 372/06_07/856 موجب "پبليڪيشن ڪاميٽيءَ" تي هيٺيان ميمبر کنيا ويا:

1. محمد ابراهيم جويو (چيئرمين)، 2. شمس جعفراڻي، ڊائريڪٽر جنرل ثقافت کاتو (ميمبر)، 3. مدد علي سنڌي، پريس سيڪريٽري وزيراعليٰ سنڌ (ميمبر)، 4. روحي اياز (ميمبر)، 5.ادل سومرو (ميمبر)، 6. تاج جويو (ميمبر/ سيڪريٽري)، 7. انور فگار هڪڙو (ميمبر)، 8. قاضي منظر حيات (ميمبر)، 9. اعجاز منگي سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ (ميمبر) 10. مختيار احمد ملاح سيڪشن آفيسر، جنرل (ميمبر).

بعد ۾ ڪيترين ڪارائتين گڏجاڻين ٿيون. عزيزم تاج جويي تي شيخ اياز جي شعري ۽ نثري تخليقن (ترجمن سميت) تي مشتمل پي.سي.ون (PC_1) تيار ڪرڻ جو ڪم رکيو ويو جنهن مختصر ۽ مقرر وقت اندر PC_1 تيار ڪري ڏني، جيڪا ڪاميٽيءَ منظور ڪئي.

اپريل 2008ع ۾ اسان جو محترم دوست عبدالقادر منگي، پنهنجي ملازمت جو مدو پورو ڪري رٽائر ڪري ويو ۽ هُو پنهنجي دلي چاهہ ۽ خواهش موجب ٻنهي منصوبن (ڪتابن جي اشاعت ۽ مزار جي تياريءَ) جي تڪميل کان اڳ ئي اسان کي الوداع چئي ويو. پر سندس دعائون ۽ پس پرده سهڪار اسان سان شامل رهيو. خوشقسمتيءَ سان ترت ئي اسان جي ساٿي شمس جعفراڻيءَ، منگي صاحب جي جاءِ تي

آهي ته اسان جا لائق دوست، جن پنهنجي ڪلهن تي هي ڳرو بار کنيو آهي، سي وقت اندر هيءَ رٿا مڪمل ڪري ڏيندا.

سنڌ حڪومت جو ثقافت کاتو هن غير معمولي اشاعتي ڪم لاءِ مبارڪن جو مستحق آهي. شيخ اياز "سنڌ جو آواز" آهي، ۽ اُن آواز کي سنڌ، پاڪستان ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائڻ جو ڪم اسان کي ئي ڪرڻو آهي.

آئون، محترمه سسئي پليجو، وزيرِ ثقافت ۽ سياحت کاتو حڪومت سنڌ، هن کاتي جي لائق سيڪريٽري محترم شمس جعفراڻي، عزيزم تاج جويي، قاضي منظرَ حيات، آسي زمينيءَ ۽ حميده قاضيءَ جو ٿورائتو آهيان، جن هن ڪم کي پنهنجو ڪم سمجهي، نه رڳو مون تي احسان ڪيو آهي، پر سنڌي قوم ۽ سنڌي ادب تي به وڏو احسان ڪيو آهي. هن ڪان پوءِ شيخ اياز جي شاعريءَ جا ٻه ٻيا جلد به اميد ته جولاءِ 2008 تائين ڇپجي ويندا.

حيدرآباد، سنڌ
31 مئي 2008

ـ محمد ابراهيم جويو

# منهنجي خواب جي سايان -2

’اسان جي شاعرَ‘، شيخ اياز جي شاعريءَ (ڪوتا_ڪليات) جو هي ٻيو جلد، هڪ ڀيرو وري بہ دهرائيندس تہ ’منهنجي خوابن جي تعبير آهي‘.

ثقافت ۽ سياحت کاتي حڪومت سنڌ جو هي ڪارنامو سنڌ جي تاريخ ۾ هميشہ ياد رهندو تہ هنن سنڌ جي هن سدا حيات ۽ صدين جي شاعرَ جي سموري ڪلام کي ديده زيب نموني ڇپائڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو آهي.

اياز جي شعر، نثر ۽ ترجمي جي اشاعتي رٿا جو ڪم منهنجي نگرانيءَ ۾ ٿي رهيو آهي ۽ منهنجو قابل اعتماد ساٿي عزيزم تاج جويو، ’شيخ اياز اشاعتي رٿا ڪميٽيءَ‘ جو سيڪريٽري جنهن احسن نموني ڪم ڪري رهيو آهي، ۽ اُن لاءِ هن پاڻ سان جيڪي قابل دوست_قاضي منظر، آسي زميني ۽ نياڻي حميده قاضي-پروفنگ جي ڪم لاءِ ڪنيا آهن، انهن جي ڪم مان آءٌ چڱيءَ ريت مطمئن آهيان.

پبليڪيشن ڪاميٽيءَ جي رٿا موجب:

- شيخ اياز جي سنڌي شاعريءَ جا 11 جلد
- اردو شاعريءَ جا 2 جلد
- شاهہ جو رسالو (منظور اردو ترجمو) 1 جلد
- شيخ اياز جي شعر جي انگريزي ترجمي جو 1 جلد
- اردو ترجمي جا 2 جلد
- شيخ اياز جي نثري تخليقن جا 5 جلد
- نثري تخليقن جي اردو ترجمي جا 2 جلد
- شاعر، مصور، ڪن فيڪون (Illustrated verses of Shaikh Ayaz) 1 جلد

ڇپجڻا آهن. ڪم وڏي محنت، تحقيق ۽ عرق ريزيءَ جو آهي، پر يقين اٿم تہ اسان جا لائق ساٿي، ثقافتي کاتي جي لائق وزير صاحبہ محترمہ سسئي پليجو، سيڪريٽري شمس جعفراڻي، ڊائريڪٽر جنرل مونس اياز ۽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، هن ڪم کي پنهنجو ڪم سمجهي، وقت اندر مڪمل ڪرائيندا ۽ سنڌ ۽ دنيا ۾ اياز شناسيءَ جي ڪم کي متعارف ڪرائيندا.

41_A، صحافي ڪالوني، جيل روڊ، حيدرآباد، سنڌ

- محمد ابراهيم جويو

# اياز شناسي - اڄ جي ضرورت

شيخ اياز جي شاعريءَ جو ٽيون جلد ثقافت ۽ سياحت کاتي حڪومت سنڌ پاران ڇپجي پڌرو ٿي رهيو آهي، هن جلد ۾ شيخ اياز جا هيٺيان ڪتاب ترتيب وار شامل ڪيا ويا آهن:

1. لڙيو سج لڪن ۾
2. پن ڇڻ پڇاڙان
3. چنڊ، چنبيلي ول
4. رڻ تي رم جهم
5. ڀڳت سنگهه کي ڦاسي

هنن ڪتابن مان پهريون ڪتاب 'لڙيو سج لڪن ۾'، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت حيدرآباد پاران مون 1980ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. ۽ ان بعد ان جا ٻه ڇاپا جنوري 1988ع ۾ ۽ سيپٽمبر 1995ع ۾ نيوفيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد ڇپائي پڌرا ڪيا هئا. هيءُ ڪتاب، اصولي طور شيخ اياز جي ڪتابن جي ٻئي جلد ۾ شامل ڪرڻو هو. پر پهريون ڇاپو دستياب نہ ٿيڻ ڪري ان جي ڇپائيءَ جي سال جي ترتيب هيٺ مٿي ٿي وئي. هاڻي هن ٽئين جلد ۾ اهو ڪتاب پهرئين ڪتاب طور شامل ڪيو ويو آهي ۽ ڪوشش ڪئي وئي آهي

تہ اياز جي ڪتابن جي ترتيب ڇپائيءَ وارن سالن جي حوالي سان رکي وڃي.

'لڙيو سج لڪن ۾' ۽ ان کان پوءِ ڇپيل ڪتابن ۾ شيخ اياز جي شخصيت ۽ ذهن جي نراسائي بلڪ ناخوشي ۽ ناراضپي واري ڪيفيت جي جهلڪ پسائين ٿيون. چو تہ اهي سمورا ڪتاب هن وائيس چانسلريءَ واري قيد (سندس چواڻي) مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ لکيا هئا. پوءِ بہ انهن ۾ وصال جي تانگهہ تبديليءَ جي امنگ ۽ آس جو اظهار شدت سان ملي ٿو. جيڪا ڳالهہ ٻڌائي ٿي تہ تخليق ڪار هميشہ هڪڙي ڪيفيت ۾ نٿو رهي ۽ ڪيفيتن جي تبديلي ئي سندس تخليق جي امرتا ۽ دائميت جو ڪارڻ بڻجي ٿي.

شيخ اياز جديد سنڌي شاعريءَ جو ئي نہ پر اسان جو ئي فڪري ۽ تهذيبي تاريخ جو اهم شاعر آهي. سندس شاعريءَ ۾ سنڌ جي فڪري ۽ تهذيبي حسن جي جلوي سان گڏ اُن دور جي تخليقي ۽ سنڌي ٻولي جو ڪرشماتي اظهار بہ آهي.

شيخ اياز جي شاعريءَ ۽ نثري تخليقن کي مختلف ادارن سهڻي نموني ڇپائي پئي پڌرو ڪيو آهي. پر گذريل سال کان ثقافت ۽ سياحت کاتي، جنهن رٿابنديءَ ۽ خوبصورتيءَ سان اياز جي ڪتابن کي مختلف جلدن جي صورت ۾ نئين سر ترتيب ڏيارائي، مارڪيٽ ۾ آندو آهي، ان نہ رڳو هڪ طرف اياز جي شاعريءَ جي افاديت ۽ اهميت کي عيان ڪيو آهي، پر نئين نسل/ پڙهندڙن ۾ 'اياز شناسيءَ' جي شعور کي بہ پکيڙيو آهي. اياز جي ڪتابن کي سهڻي ترتيب ۽ تسلسل سان پيش ڪرڻ جو مقصد بہ اهو آهي تہ نئين دور جو کوجنا ڪار ۽ متلاشي

ذهن، اياز جو اپياس، نئينءَ نظر سان ۽ همعصر دور جي تقاضائن موجب ڪري ۽ پنهنجي تاريخ، تهذيب ماضيءَ جي روايتن ۽ حال جي ڄاڻ حاصل ڪري، مستقبل طرف نئين عزم، حوصلي، ولولي ۽ وطنيت جي جديد احساس، اُتساهه ۽ ويساهه سان اڳتي وڌي.

آءُ ثقافت کاتي سنڌ جي هن نيڪ قدم کي ساراهيندي، شيخ اياز جي مختلف جلدن جي سهيڙ ۽ سنوار ڪندڙ عزيزم تاج جويي کي به جس ڏيان ٿو جنهن کي نه رڳو اياز شناسيءَ جي ساڃاهه آهي، پر هن اياز جي تخليقي پورهيي کي وڌيڪ اجاگر ڪرڻ لاءِ، هنڌ هنڌ جيڪي وضاحتي نوٽ ڏنا آهن، تن ڪتابن جي اشاعت کي ويتر اهميت جوڳو بنائي ڇڏيو آهي.

**محمد ابراهيم جويو**

30_ جولاءِ، 2009

# مون کان سنڌ نه وسري!

"شيخ اياز- سنڌ جو آواز" اهو خطاب ۽ اعزاز سنڌي قوم پنهنجي بي مثال قومي شاعر کي وقت بوقت پيار ۽ پنهنجائپ منجهان اربيو. شيخ اياز هڪ باڪمال ڏات ڏني هڪ محب وطن ۽ سنڌ دوست شاعر طور، پنهنجي ڪل ڄمار قومي سجاڳي ۽ بيداريءَ واريءَ ڪيفيت ۾ گذاري سنڌ سنڌ سنڌ "ٿلات جي لات" ڪڍهن نه اجهاڻي سنڌ سنڌ من ۾ ديس جي محبت جو ڏيئو ڪڏهن به جهڪو نه ٿيو سنڌ سنڌ سياسي وابستگيءَ (Commitment) جو مرڪز ۽ محور سنڌ ئي هئي ۽ سنڌي ماڻهو ئي هئا. انهيءَ وابستگيءَ ۽ پيوستگيءَ جي ڪيفيت ۾ ڪل ڄمار رهيو:

"توکي کهڙي ڪل
جيءَ اچي ته جهل
مون کان سنڌ نه وسري!
اڌرن ٽا ڄنهن جوءِ تي
پالربهر ڄلن ڦل

مون ڪان سنڌ نہ وسري!

ڪونجون ڪٽڪن روھ تي
تارن هينان تَل،
مون ڪان سنڌ نہ وسري!

باکون ساکون سُونهن جون
راتيون روپ رتل،
مون ڪان سنڌ نہ وسري!

تون چا چائين اوپرا،
توکي کهڙي ڳل،
مون ڪان سنڌ نہ وسري!

جهڙي شعر کان پوءِ اياز جي سنڌ سان سچي سِڪ ۽ سنڌ سان سندس سياسي وابستگيءَ تي ڪي بہ ٻہ رايا ٿيا رکي سگهجن ۽ هئڻ بہ نہ گهرجن. اياز پنهنجي جمار جي پڇاڙڪن ڏينهن ۾ بہ ذات جا پلارا بادل برسايا. سندس شعر ۾ وچ وراڪا ساڳيا رهيا. سندس فن جا روپ سروپ تڏهن بہ ملوڪ ۽ من موهيندڙ رهيا. ۽ حقيقت هيءَ آهي تہ انهيءَ پلارن بادلن جهڙي ذات. وچ وراڪن جهڙي شعر ۽ سدا ملوڪ فن وسيلي ئي هو پاڻ سڃاڻڻ جي ڪوشش ۾ هو:

"پائي ڳل ڳرانڙيون، پاڻ سڃاتو پاڻ"

اياز لاءِ خاص طرح پڇاڙڪن ڏينهن بابت گهڻو ڪجهہ چيو ويو آهي، پر حقيقت هيءَ آهي تہ سندس ذات 'جهيڻن اڱارن' وانگي نہ ٿي هئي. ان جي ڄَر ۽ جييءَ ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ آئي هئي. انهيءَ ڏس ۾ ثابتيءَ طور سندس ڪتابَ "چوليون ٻوليون سمنڊ جون" خاص ڏيان لهڻي. اهو ڪتاب سندس نظمن جو مجموعو آهي. ان ۾ سندس

شاعراڻي مشق ڪمال اوج تي پهتل آهي. ان مجموعي ۾ سندس شعر بسنت رت جي باک وانگي، اڇو اجرو من موهيندڙ ۽ فرحت بخش آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ جنهن تڙپ ۽ بيتابيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي، اها ائين آهي جيئن ماڪ جي ڪرشمي تي مڪڙي نڙي، فضائن کي مهڪائي ڇڏيندي آهي. انهيءَ ڪتاب جي پهرئين نظم ۾ اياز پنهنجي پاڻ کي هڪ گهوڙي سوار سان ڀيٽيو آهي، جيڪو وڃي ٿو منزلن اڳيان منزلون لتاڙيندو پر ڪٿي به ساهي نٿو کڻي، ڪٿي به ٽڪجي نٿو ويهي، ائين واقعي به آهي ته اياز جي سڄي ڄمار ائين ئي سرگرميءَ ۽ سرگردانيءَ ۾ گذري، جيئن هن انهيءَ نظم ۾ چِٽي آهي:

اوءِ گهوڙي سوارَ!
تنهنجي منزل ڪٿي آ اڃا
پير ڏرتيءَ لٿو ناهِ تنهنجو اڃا،
هنج ڪنهن جي مٿو ناهِ تنهنجو اڃا
روڪ هاڻي اڏارَ!
اوءِ گهوڙي سوار!
تنهنجي منزل ڪٿي آ اڃا؟

مٿئين شعر ۾ اياز پنهنجي اندر جي بيچينيءَ جو ۽ پڻ پنهنجي لڳاتار شاعراڻي سفر ۽ جهد جو ذڪر بيحد اثرائتي تخليقي انداز ۾ ڪيو آهي. اهڙي بيچيني هر ڪنهن سچي ۽ وڏي شاعر ۾ ڏٺي ويئي آهي. اڃا به لطيف فنن سان لاڳاپيل هر وڏي تخليقڪار ۾ عام طرح ڏٺي ويئي آهي. خاص طرح اهي ديس، سماج ۽ قومون، جيڪي غلام هونديون آهن، جيڪي پروس هونديون آهن، اتان جي تخليقڪارن ۾ اهڙي بيچينيءَ جو هئڻ هڪ لازمي عمل هوندو آهي. اياز هڪ غلام ديس جو شاعر هو ۽ کيس پنهنجي غلام هئڻ جو شديد احساس به هو

جنهن جو اظهار هن پنهنجي شعر ۾ هنڌين ماڳين ڪيو آهي. سندس شاعريءَ جو وڏي ۾ وڏو 'نصب العين' بہ آزادي هئي. آزادي ئي سندس منزل مقصود هئي، جنهن کي پائڻ لاءِ هن پنهنجي شاعراڻي پورهيي وسيلي ڏکيو ۽ گهڻن مرحلن تي تلخ سفر بہ ڪيو ۽ ان ڪري ئي هو پاڻ کي اهڙي گهوڙي سوار سان پيٽيندو پئي آيو جيڪو ڪنهن جاءِ بہ نٿو رڪجي ۽ وچي ٿو ڪاهيندو اڳتي ۽ انهيءَ کان اڃا اڳتي. هڪ ٻئي شعر ۾ پاڻ چيو اٿائين:

شاعري جي روح گرمائي نٿي،
منزل مقصود کي پائي نٿي.

مٿئين شعر ۾ 'روح گرمائڻ' وارو اصطلاح ڌيان لهڻي. ان روح گرمائڻ کي عام معنيٰ ۾ بہ وٺي ٿو سگهجي. يعني شعر اهو جنهن کي پڙهي يا ٻڌي هر ڪو پيو وهوا ڪري ۽ مزو وٺي، پر آءٌ پانيان تہ اها شاعريءَ جي عام ۽ بنهہ سادي تشريح وڃي بيهندي. جيڪڏهن اسين اجتماعي معنيٰ جي لڙهيءَ ۾ پوين تہ ڪنهن چڱي ۽ قبول پوندڙ تشريح تائين رسي سگهنداسين. روح رڳو ڪنهن فرد جو نہ ٿيندو آهي، روح تہ قوم جو بہ ٿيندو آهي، جيڪو پنهنجيءَ گرميءَ ۽ سگهہ سان ڪنهن قوم کي جيارنيدو رهندو آهي ۽ ان کي سدائين متحرڪ ۽ باعمل رکندو آهي. ائين بہ ٿيو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن تاريخي حالتون ڪنهن قوم جي حق ۾ نہ هونديون آهن تہ اها برفجڻ ۽ جمودجڻ لڳندي آهي. انهيءَ انتهائي نازڪ ۽ اهم موڙ تي شاعر پنهنجيءَ قوم جي روح کي برفجڻ کان بچائڻ لاءِ ۽ ان جي اڳوڻي حرارت جي بحاليءَ لاءِ شاعريءَ جو سج اُڀاريندا آهن ۽ پنهنجيءَ قوم ۾ ساڳي گرمي واپس آڻڻ لاءِ هر ممڪن وس هلائيندا آهن. ائين جڏهن ڪو شاعر 'روح

گرمائڻ' جو اصطلاح استعمال ڪري ته ان جو مطلب قوم جيارڻ هوندو آهي. ياد رهي ته جيستائين ڪنهن به شاعر جو شعر، منزل مقصود کي جيارڻ ۽ جاڳائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا نٿو ڪري، تيستائين سندس شعر، منزل مقصود (اهو ماڳ جنهن تائين اجتماعي طرح هر حال ۾ پهچڻو آهي) کي نٿو رسي. اسين اهو به ڏسي چڪا آهيون ته شيخ اياز پنهنجي شعر کي پنهنجيءَ قوم جي روح گرمائڻ لاءِ ئي ڪتب آندو.

ان حساب سان ڪنهن شعر جي مُهڙين ۽ ترجيحي ذميواري به اها آهي ته هو وطن ۽ قوم لاءِ پنهنجي ذات ۽ ڏانءَ کي وڏيءَ حد تائين وقف ڪري. ان ڪان سواءِ هڪ ٻي وڏي ذميواري به شاعر جي حصي ۾ ذمي ۾ اچي ٿي ته هو پنهنجي شعر وسيلي پنهنجي ٻوليءَ جي خدمت ڪري، ان جي بچاءَ ۽ اوسر ۾ پنهنجو تخليقي ڪردار ادا ڪري. چاڪاڻ ته ڪنهن قوم جي بنيادي سڃاڻپ ٻولي ئي آهي. ٻوليءَ کان سواءِ ڪنهن فردن جي گروهه کي قوم قرار نٿو ڏيئي سگهجي. ٻولي قومن جي انفراديت کي اجاگر ڪري ٿي. اڄ به دنيا ۾ گهڻي ڀاڱي قومون پنهنجيءَ ٻوليءَ جي بنياد تي ئي سڃاڻجن ٿيون. وطن دوستيءَ يا حب الوطنيءَ جون ٻيون به ڪي ڪسوٽيون آهن، پر انهن مان اهم ۽ بنيادي ڪسوٽي هيءَ آهي ته ڪير ڪيتريءَ حد تائين پنهنجي ٻوليءَ سان سچو ۽ وفادار آهي. ڪنهن شاعر جو مجموعي طرح چڱو يا لڳو هئڻ الڳ شيءِ آهي، پر جڏهن اسين ڪنهن شاعر کي 'محب وطن' يا 'وطن دوست' قرار ڏيون ٿا ته انهيءَ پرک لاءِ مٿيان به پهلو ضرور نظر ۾ رکڻ گهرجن.

انساني سماج ۾ آزاديءَ سان محبت واقعي به وڏو آدرش آهي، پر غلاميءَ کان نفرت اڃا به وڏو آدرش آهي. جيستائين غلاميءَ کان نفرت، شديد نفرت، نه ڪبي، تيستائين حاصل ۽ موجود آزاديءَ کي برقرار ۽

بدستور رکي نہ سگھبو. پر جيڪڏهن آزادي ڪنهن سچ نہ پر ڪنهن خواب يا تصور جي روپ ۾ آهي تہ ان جو حقيقي طرح ماڻھ بہ غلاميءَ سان نفرت سان مشروط آهي. محبت وانگي نفرت پڻ سگهارو ۽ فيصلائتو جذبو آهي. اسان کي بہ گھرجي تہ آزاديءَ ۽ اُن جي احساس سان محبت تہ رکون، پر ان سان گڏ غلاميءَ ۽ ان جي احساس کي شدت سان محسوس ڪريون ۽ ان کان هر وقت بيزاريءَ جو اظهار ڪريون. ياد رکڻ گھرجي تہ اسان ويجهيءَ تاريخ جو وڏو زمانو غلاميءَ ۾ گذاريو آهي ۽ نہ وسارڻ گھرجي. هيءَ ڳالھہ تہ غلاميءَ جهڙي ٻي ڪا بہ بدعت يا برائي نہ ٿيندي آهي ۽ جڏهن اها بدعت لڳاتار صدين تائين هلندي تہ ٻين بہ ڪيترين ئي بدعتن، اڻگاين، عيبن ۽ غلاظتن کي جنم ڏيندي آهي. غلامي پنهنجي ڊگھي مدي ۾ هڪ قوم کان ان جي حوصلي جي سگھہ، ارادي جي پختگي، تبديليءَ جي خواهش، عمل جي افاديت ۽ سوچن ۽ تصورن جي بلنديءَ کسي وٺندي آهي. اسين گھڻا گھڻا ياڳوند آهيون، جو اسان جي ادب ۽ بئي تخليقي پورهيي آزاديءَ جي پرھہ جهڙي احساس کي ترجيحاتي بنيادن تي پئي جاءِ ڏني آهي، ۽ غلاميءَ جهڙي ڊگھي، گھگھہ انڌيري ۽ سرد رات جي ڪُنڊ جا نياپا پئي ڏنا آهن. اسان جي تخليقي ادبَ، آزاديءَ جي استقبال ۽ غلاميءَ کان بيزاريءَ جو اظهار پئي ڪيو آهي. ان مٿان سندس ڦٽڪار وسندي پئي رهي آهي. خاص طرح اسان جي شاعرن پنهنجي ديس جي آجپي جي سلسلي ۾ گھڻو کُليو ۽ چٽو اظهار پئي ڪيو آهي. اسان جي عظيم شاعر شيخ اياز چيو:

سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو
سهندو ڪير ميارا!
نيٺ تہ ڊهندي، ڪيسين رهندي،

دوکي جي ديوار
جهول جهلي جنهن وقت پتائيءَ،
ڪرندا ڪنڌ هزار
سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو؟!

هن پنهنجي منظوم ڊرامي 'دودي سومري جو موت' ۾ هڪ هنڌ هيئن بہ لکيو آهي:

جي تون وڙهندي ماريو ويندين،
هن وسنديءَ تان واريو ويندين،
دودا! تنهنجو ساهہ تہ ويندو
ماڻهوءَ جو ويساهہ نہ ويندو!

جڏهن اسين حب الوطنيءَ جي ڳالهہ ڪريون ٿا، تڏهن هڪ اهڙي وسيع ۽ ڪشادي احساس کي اظهاريون ٿا، جنهن جا لکها لک اهڃاڻ ۽ آثار آهن. وطن سان محبت جي معنيٰ ان جي هر شيءِ سان پيار، پيرن هيٺ ڌرتيءَ کان وٺي سِر مٿان آڪاس تائين ۽ چوڌسائن ۾ پکڙيل هر شيءِ ۽ هر لقاءُ ان دائري ۾ اچي ٿو. ان ڪري جڏهن اسين وطن دوستيءَ جي ڳالهہ ڪريون ٿا تہ اها رڳو هڪ رخ ۾ نہ هئڻ گهرجي، پر ان تصور کي وسعتون اربجن. وطن جي فطري نظارن، ان جي گلن، پکين، موسمن، اتهاسڪ واقعن ۽ سورمن، ان جي ماضيءَ جي قصن ڪهاڻين ۽ تاريخي اهڃاڻن جا گڻ ڳائجن ۽ ان سان گڏ نئين ۽ بهتر سماج جي تخليق جو پرچار ڪرڻ گهرجي. آئيندي جو اونو رکندي، پنهنجن ماڻهن جي تربيت لاءِ جديد اوچن انساني قدرن جي تبليغ ڪجي. پراڻن ۽ پنهنجو وقت چوڙي ويل خيالن، تصورن، عقيدن ۽ سرشتن جي خلاف تي بيهجي ۽ سماج دشمن ۽ انسان دشمن طبقن

خلاف نفرت جو اظهار ڪجي. اهي مڙئي شيون بہ وطن دوستيءَ ۾ قوم دوستيءَ جي دائري ۾ اچن ٿيون. مٿي ڏنل مثالَ وطن جي حب جي وسيع ياڪر ۾ پرجي اچن ٿا. پر جيڪڏهن اجا بہ پڙهندڙن جي اُڃ نہ اُجهي هجي تہ انهن لاءِ وطن جي تصور ۾ ان جي وسعت جي سلسلي ۾ شيخ اياز جو هيءُ لازوال مسلسل غزل پيش ڪجي ٿو:

ٿتي جي هوا ۾ گلابي بدن،
ڏڪي ڪيئن اجرڪ سچو واس ون!
مياڻي بہ مهڪي مڇيءَ چٽ ۾،
مسافرَ اهو آهہ منهنجو وطن،
نہ 'خسرو' ڏٺو هو نہ غالب ڏٺو
غزل در غزل آهہ منهنجو چمن!
اها سنڌ ڪعبو بہ ڪاشي بہ آ،
چوي ڇا بہ ڪو شيخ يا برهمن!
انهيءَ تي اسان جي خدائي کُٽي،
نہ فردوس بهتر نہ باغ عدن،
جڏهن 'ڪن' چيائون اسان کي ملي،
اها ٿي تہ ڏرتي، اهو ٿي تہ ڏن!
گوالي نہ گوپيءَ ڏٺي هيئن ڪا،
ڏسي جي تہ ساري نہ بنسي نہ بن!
انهيءَ لاءِ بنواس پوڳيون پيا،
انهيءَ سان اسان جو انوکو وچن،
جڏهن سنڌ تي سرمئي راتڙيون،
کسي ننڊ نيڻان اسان جي ڳڳنُ،
ڏسي چيٽ جو چنڊ آڪاسَ ۾،

اسان کي اچي ياد پنهنجو سڄڻ
هتي گيت جيتي ويو موت کي
تنبورو هيو يا پٽائيءَ جو تن!
اني جي هوا آ، ٿڌا ساهه آ،
الا جُهڙ ٿيو مارئيءَ جو ڪفن
چنيسر به دودو به منهنجو ميان!
چوان آءٌ ڪيسين انهن جو چلن

هيءَ آهي اسان جو عظيم شاعر شيخ اياز ۽ هيءَ آهي وطن جو تصور ۽ اها حسن جي وسعت ههڙو شعر ان وقت تخليق ٿيندو آهي جڏهن وطن کي پاڻ ۾ اهڙيءَ طرح جذب ڪري ڇڏجي يا پاڻ ان ۾ ڳليءَ طرح جذب ٿي وڃجي. ڪنهن ڏات ڏٺيءَ جي ڏات ۾ اهڙو رنگ اهڙو رچاءُ، زباني ڪلامي وطن سان سڪ ۽ سنيهه جي اظهار سان نه ايندو آهي. جڏهن وطن کي من اندر پوريءَ طرح لاهبو آهي ته اهو عجب رنگ پسائيندو آهي ۽ انيڪ روپ ۽ پانت پانت درشن ڪرائيندو آهي. وطن جو موهه جڏهن اندر ۾ وار ڪندو آهي ته پيون مڙيئي وايون وسري وينديون آهن ۽ ماڻهو سراپا سِڪَ بڻجي ويندو آهي:

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو چوڏس چٽاڻو
راڻو ئي راڻو ريءَ راڻي بيو ناهه ڪي

.......

ايڪ قصر در لڪ، ڪوڙين ڪٽس ڳڙکيون
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.(شاهه)

آءُ پڇاڙيءَ ۾ شيخ اياز جي منظوم ڊرامي 'رني ڪوٽ جا ڌاڙيل' مان ڪجهه بند ڏيڻ چاهيان ٿو. هن نظم ۾ هڪ پيغام آهي. جيڪو اسان سيني کي وڻهجائڻ کپي ۽ ان تي ويچارڻ کپي. هن نظم ۾ جيڪو سڏ آهي، انهيءَ کي لبيڪ چوڻ ۾ ئي اسان جي قومي مُڪتي ۽ ڇوٽڪارو آهي. هڪ قوم طور اسان مٿان سڀ کان وڏي ذميواري پنهنجي پوڻ ۽ پوڻ واسي بچائڻ آهي. هيءَ نظم جيڪڏهن 'ڪورس' جي انداز ۾ ڳايو وڃي ته وڏيڪ اثرائتو ثابت ٿيندو:

اي معصومو! اي مظلومو!
گهنگهور گهٽائون تي جهومو!
هر ڏونگر تي للڪار ڪيو
۽ اُيري ان تي وار ڪيو!
انڌير نہ ڪوئي رهڻو آ،
۽ پير نہ ڪوئي رهڻو آ...
ڪنهن پاپيءَ جو هن پاڙي ۾،
اڌ رات ڪٽيسين ڌاڙي ۾،
هيءَ باقي رات بہ ڪٽڻي آ،
پر هاڻي بات بہ ڪٽڻي آ.
۽ ويريءَ پويان وجڻو آ،
۽ تنهن جو ڳاتو پڃڻو آ،
سو ماڻهو مور نہ مرڻو آ،
جو ساهہ ڏئي ٿو ننگن تي،
۽ جهانگين تي ۽ جهنگن تي،
۽ پنهنجيءَ کيتيءَ پوکيءَ تي،
۽ پنهنجي ريت انوکيءَ تي،

ڪو سورج ٻاري ايندا سين،
۽ ڏينهن اُپاري ايندا سين،
هيءَ جهنڊو ٻاڙهيءَ مستيءَ ۾،
پل جهولي پنهنجي وستيءَ ۾!
هو ماري ماري ايندا سين،
هو ڏونگر ڏاري ايندا سين!

ايازُ هن دور ۾، ايندڙ دور ۾، اسان جي سڃاڻپ آهي، اسان جي تاريخ، تهذيب ۽ ٻوليءَ جو پاسبان آهي.

اياز شناسيءَ جو ادراڪ، نئين نسل لاءِ ائين ضروري آهي، جيئن لطيف شناسيءَ جو ادراڪ: جيڪو ادراڪ اسان جي زندگيءَ ۽ آجپي لاءِ اشد ضروري آهي.

آءٌ ٿورائتو آهيان، ثقافت کاتي سنڌ جو باهمت ۽ حوصلي مند، اسان جي نورچشمَ نياڻيءَ، وزير ثقافت سنڌ محترمہ سسئي پليجي جو محترم شمس جعفراڻيءَ جو، اڳوڻي سيڪريٽري عبدالقادر منگيءَ جو جن شيخ اياز شناسيءَ جي هن رٿا کي مڪمل ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. آءٌ ٿورائتو آهيان عزيزم تاج جويي جو جنهن وڏيءَ جانفشانيءَ ۽ عشق سان، شيخ اياز جي سموري تخليقي پورهيي کي سهيڙڻ ۽ سنوارڻ ۾، منهنجي نگرانيءَ ۾ ڪم ڪيو- ۽ هيءَ تاريخي فريضو پورو ڪيو.

_ محمد ابراهيم جويو

# پيش لفظ

جديد دور جي باڪمال امر شاعر شيخ اياز جي ترقي پسند سنڌي شعر جي اشاعت جو سلسلو سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي ادبي رسالي "مهراڻ" (سيارو نمبر – 1955ع) سان شروع ٿيو. راقم ڏانهن اُن دور جي پنهنجي هڪ ذاتي خط ۾ لکيو هئائون:

"ادا ابراهيم. تنهنجو خط مليو پر هِن مهل تائين نہ تو جلد جا سيمپلَ موڪليا (پنهنجي اردو شعر جو پهريون ڪتاب "بُوءِ گل نالہء دل" ڇپايائون ٿي، اُن لاءِ جُلد جو نمونو ڏسڻ ٿي گهريائون). نہ سنڌي ادب تي ڪتاب ئي موڪليا. تو مون سان اُنهيءَ ڏينهن، جي ڳالهيون ڳالهايون، اُنهن تي مان تہ ڳنڍ ڪٽي ٻڌي آهي. ٿوري وقت ۾ پنهنجي نظم ۽ نثر جي انتخاب جو هڪ ضخيم ڪتاب توکي ڏئي سگهندس.... سؤ کن شاهہ جي اسٽائيل ۾ جديد موضوعات تي بيت لکيا اٿم. جي ڏسندين تہ ڪافي پسند ايندءِ توکان موڪلائڻ کان پوءِ ٿيهہ

ڪن غزل ۽ نظم به لکيا اٿم، جن ۾ سنڌي ادب جي روايات کي مدنظر رکي، ڪافيءَ ۽ غزل کي نهايت قريب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم - مثلاً:

قيدِ هستيءَ کي ڪيئن ڍاهيان مان!
مارئيءَ جي پڪارَ آهيان مان!

ڪنهين سان ته اوريان ڪنهين سان ته اوريان،
رموزِ حقيقت مگر هوريان هوريان.

ڏيان آگ گرنار کي گاهي گاهي،
وري سِرُ ويايان وري چنگ چوريان.

خبر نه آهي تہ اِها جدِت توکي پسند آهي يا نه.

- تنهنجو مخلص، اياز"

ترت ئي پوءِ ٻيو خط لکيائون:
"ادا ابراهيم، ڪجهه بيت ۽ هڪ گيت "مهراڻ" جي بهار نمبر لاءِ موڪليان ٿو. هڪ ٻن ڏينهن اندر هڪ افسانو "سکر براج جي ٻُٽِين هيٺان" (جي عنوان سان) به موڪليندو سانءِ اڌ لکي ڇڏيو اٿم...

تنهنجو مخلص اياز

ايازَ جا اهي سنڌي بيتَ
"اچي اوت شراب، اٿم اڃ ازل جي،
سنلم روح رباب، سِڪ پيو ڪجهه سُر لاءِ"

جي ابتدا سان، ۽ گيتُ
"گذري وَئي برسات، تو بن گذري وَئي برسات" -

جي ٻول سان "مهراڻ" جي اُن پهرئين پرچي ۾ پڌرا ٿيا. سنڌن هيءَ پهرين پيشڪش هيئنئين مختصر نوٽ سان پهتل هئي، سو اُهو به شاعر جي تعارفي نوٽ طور مهراڻ جي شعري حصي ۾ مُهڙ ۾ شايع ٿيو:

"ڪجهه وقت اڳ، مان اردوءَ کي پنهنجي خيالات جو ذريعو اظهار اِن ڪري بڻايو جو مون سمجهيو ته اردوءَ سنڌيءَ کان وڌيڪ وسعت تي رکي، ۽ منهنجي خيالات جي پيچيدگي ۽ گهرائي اُن ۾ چڱيءَ طرح سمائجي سگهندي. پر گذشته وئيڪيشن ۾ مان به سؤ کن بيت لکيا آهن سنڌيءَ ۾، جن مان مون کي يقين ٿي چڪو آهي ته جيڪي مان پنهنجي مادري زبان ۾ لکي ٿو سگهان، سوڪڏهن به بيءَ ڪنهن زبان ۾ نه لکي سگهندس. ڪيتري پُلڻ پِتڪڻ بعد، مان سنڌيءَ ۾ پنهنجي لاءِ بهترين ذريعو اظهار ڳولي ڪڍيو آهي، جو بيت ۾ لکي سگهبو اِهو گيت، غزل يا نظم ۾ به ڪڏهن نه اچي سگهندو. شيخ مبارڪ اياز"

1960ع ڌاري، ادبي ماهنامي "روح رهاڻ" جو مهورت ٿيو ته اُن ۾ به اياز جي شعري توڙي نثري مواد کي خصوصي جاءِ ملي ۽ ملندي رهي. اياز جا مشهور ٿي شعري ڳُتڪا- "جل جل مشعل جل!"، "هي گيت اُجايل مورن جا" ۽ "رت آئي ڳاڙهن بيرن جي"- به هڪبئيءَ پٺيان ماهنامي "روح رهاڻ" ۾ شايع ٿيا. اُن کان پهرين، اياز جو پهريون شعري مجموعو "پونئر پري آڪاس" 1962ع ۾، ۽ به ڪتاب- هڪ شعر جو ٻيو نمبر مجموعو "ڪلهي پاتم ڪينرو" ۽ "ٻيو خطن جو مجموعو

(نثري)، "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" جي نالي سان -1963ع ۾ پڌرا ٿيا. هي ٽيئي ڪتاب- ٻه شعر جا 1964ع ۾ ۽ نثري ڪتابُ 1968ع ۾ ادبي مخالفن جي تاريڪ خيال، تعصب ۽ چغلخوريءَ جو ٻک ٻڻيا ۽ وقت جي سرڪارين جي عتاب هيٺ آيا ۽ ضبط ٿيا. اُن ئي سلسلي ۾ اياز کي ٽي ڀيرا – 1965ع ۽ 1970ع ۾ – سکر، لاهور ۽ ساهيوال جي جيلن ۾ گهارڻو پيو. سنڌي ادب جي هن اندروني خلفشارَ سبب پورا سَتَ سال، يعني 1963ع کان 1970ع تائين، پيو اياز جو نثر توڙي شعر ۾ ڪتاب ڪونہ ڇپيو. ادبي رسالن ۾ سندس تخليقون لڳاتار ۽ ثابت قدميءَ سان، خاص طرح "مهراڻ" ۽ "روح رهاڻ" ۾ ڇپبيون رهيون.

1964ع جي آخر ڌاري هڪ خط ۾ لکيائون:

"ادا... تنهنجو خط پڙهي، جواب ڏيئي رهيو آهيان. ڪتاب 'آڪ جون ڦلڙيون...' ترتيب ڏيئي، صفحا هٽي، رباني‌ءَ هٿ موڪل. اُنهن نظمن ۾ هڪُ ڇُٽو پاڏياءَ جي نظم جو ترجمو آهي، جنهن تي صفحو نہ هٽڻو پوندو ۽ نہ (متن ۾) اُن کي ڦيرڻون ڏيڻو پوندو... بيماريءَ ڪافي ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي ۽ پريشان بہ ڏاڍو آهيان... هيترين پريشانين جي باوجود رٿُ ڏئي لکجي ٿو. سَوَن سُوئرن ۽ ڪُتن جي نرغي سان منهن ٿو ڏجي، پر پوءِ بہ هِن بي حس ملڪ ۾ ڪنهن رد عمل جي صورت نظر نٿي اچي. ڪيترو نہ آزمائيندڙ آهي اِهو ايندڙ صديءَ جي نسل لاءِ لکڻ! ڪيڏو نہ ڏڪائيندڙ آهي اِهو حقيقت جي مُنهن ۾ ٽُڪ هڻي، ڪنهن خواب پٺيان ڊوڙڻ! اڪيلا تہ پهاڙ بہ اُباٽڪا ٿي پوندا هوندا! اڪيلائي تہ خدا بہ

برداشت نہ ڪري سگھيو. ۽ هيءَ ڪائنات جوڙيائين.
پر اسان وٽ ڪائي 'ڪن فيڪون' تہ ڪانہ آهي.
ڪير ڄاڻي تہ جو اسين چاهيون ٿا، سو وجود ۾ ايندو
بہ يا نہ... تنهنجو اياز"

ڇُٽو پاڏياءَ جي نظم جي ائين نشاندهي ڪري ۽ اُن ڪي سچي ڪتاب جي شروع ۾ 'پيشوا نظم' طور ڏيندي، اياز پنهنجيءَ هن ڪاوش، "اَڪ جون ڦلڙيون، پيچ پني" جي پوري سماجي ڪارج ڪي علامتي انداز سان سمجهائڻ ۽ اُجاگر ڪرڻ تي گهريو – اهڙو منهنجو ويچار آهي. هن مجموعي تي پنهنجو تفصيلي مطالعو موقعي سارُو جدا لکڻ جو ارادو اٿم.

ترت ئي پوءِ جدا هڪ خط ۾ "اَڪ جون ڦلڙيون..." لاءِ هيٺيون پيش لفظ لکي موڪليائين- ائين چئي تہ "هڪ صفحي جو پيش لفظ موڪليان ٿو جي توکي پسند نہ اچي تہ پيو لکي موڪليندو سانءِ" مون کي اُهو واقعي بہ پسند نہ آيو هو جو لفظي ساختِ اِن جي ڪافي سخت ۽ تلخ هئي. پانئجي ٿو تہ اِئين ٻڌايو يا لکي بہ موڪليو هيومانس.

اياز جو "اَڪ جون ڦلڙيون..." لاءِ پيش لفظ:

"تون اِن کي پڙهين يا نہ پڙهين، ساراهين يا نِندِين.
مون کي اِن جي پرواهہ نہ آهي. تو ذَرَ ذَرَ ۾ مون سان
دشمني ڪئي آهي، مون کي وِهُہ پياري آهي، سوريءَ
تي چاڙهيو آهي، جيئري جلايو آهي. مان توکي
چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو اي همعصر! تون غلط ٿو
سمجهين تہ هي ڪلام مون تو لاءِ لکيو آهي. هي
ڪلام مون اُنهيءَ تعصب کان آزاد انسان لاءِ لکيو
آهي، جو توکان مون کان پوءِ ايندو ۽ ضرور ايندو.

جوان ڪي پڙهي هينئين سان هنڍائيندو ۽ منهنجيءَ
مٽيءَ مان جام جوڙي اُنهن مان ميخانا سجائيندو.
تاريخ گواهہ آهي تہ توں فاني آهين، مان باقي آهيان،
۽ فنا کي بقا سان هميشہ بغض رهيو آهي ۽ اُن جي
خلاف فتنہ انگيزي ڪندي رهي آهي.“

اڳتي ٻئي خط ۾ لکيائون:

”ادا .... ’اڪ جون ڦلڙيون...‘ تي مهاڳ لکڻ لاءِ
رسول بخش پليجي کي چئو... رباني ءَ کي چئو تہ مون
سان فون تي ڳالهائي... مان هتي اڪيلائيءَ مان
نهايت تنگ ٿيو آهيان. تنهنجو اياز“

”اڪ جون ڦلڙيون. ڇپجي پئيءَ“ بابت اياز جو لکيل باقي مون وٽ
هڪڙو ئي خط آهي، جنهن ۾ لکيائون:

”سکر، 13 فيبروري (اياز اڪثر پنهنجي خانگي
خطن ۾ تاريخ واضح لکڻ جو خيال نہ ڪندو هو) ...
ادا سائين، اميد تہ تو ’اڪ جون ڦلڙيون...‘ نظر مان
ڪڍيو هوندو. جيترو جلد ٿي سگهي، پنهنجي
مشوري سان رجسٽر پوسٽ ذريعي موڪلي ڏي، ۽
ٻہ سؤ ڪاپيون (ڊيمي سائيز) لاءِ پنو بہ وٺي موڪل-
ڪتاب وڏ ۾ وڏ ٻہ سؤ صفحا ئي ٿئي! ڪوشش
ڪري بهترين فارين پيپر وٺندا، پر جي نہ ملي تہ
بهترين پاڪستاني ڪاغذ وٺندا.... تنهنجو اياز“

”اڪ جون ڦلڙيون...“ بابت مٿينءَ خط و ڪتابت مان محسوس
ٿيندو تہ اياز ڪيترو آتو هو تہ ڪتاب نڪري ۽ ڪيترو اُتاولو هو تہ

جلد نڪريا پر افسوس ائين نہ ٿي سگهيو. شاعريءَ سان ڪامل لڳاءُ ۽ ادب سان اَتوٽ وفا جي عيوض ۾ ڪيس 1965ع ۾ پهريون ڀيرو جيل وڃڻو پيو اُتان نڪرڻ سان سائين جي. ايم. سيد جي اُپريل "بزم صوفياي سنڌ" ۽ "اينٽي ون يونٽ تحريڪ" سان هم خياليءَ بلڪ روز شب عملي شموليت جي پاداش ۾ ٻيهر ۽ ٽيهر قيد و بند جون آزمائشون سَهڻيون پيس. ساڳئي وقت هڪ طرف ادبي اختلافن سبب اُٿيل عدالتي جهمگٽن ۽ ٻئي طرف سنڌن ٻين تازه تر ڪتابن جي تيز ۽ لڳاتار اشاعت ڪاريءَ ۾ "اڪ جون ڦلڙيون..." جي اشاعت جو ڪم پاسيرو ٿي، ڏيان تان لهي، اِلتوا جي ور چڙهي ويو.

اياز جي هيءَ شاعرانہ ڪاوش "اڪ جون ڦُلڙيون، پيچ پني" نثري نظمن جو مجموعو آهي، جنهن کي پاڻ خيال جي رخ پيران، ٽن حصن ۾ ترتيبيو اٿن: "واڳهہ نُک"، ڪچان تہ ڪافر ٿيان" ۽ "سيني تي سنگرام". مون سنڌن هِن اشاعت جي ٻئي حصي مان سَتَ مختصر نثري نظم (ٻن صفحن کن جي مواد جا)، نازڪ مزاج صاحبانِ شريعت جي صحت جو لحاظ رکندي، رهائي ڇڏيا آهن: مون کي خاطري آهي تہ اياز پنهنجي عمر جي آخري سالن ۾ پاڻ بہ ائين ئي ڪرڻ مناسب ڄاڻي ها.

هن مجموعي جي اشاعت سان اياز جي خالص شعري تخليق جي اشاعت ۾ هيءَ ايڪٽيهون ڪتاب ليکجي سگهندو.

ـ محمد ابراهيم جويو
حيدرآباد
19 ڊسمبر 2002

(هي ڪتاب "اڪ جون ڦلڙيون پيچ پني" جو پيش لفظ آهي)

❊❊❊❊❊❊

# سنڌ جو آواز

# اياز کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ - قومي فرض

پينرو ۽ پائرو!

اياز جي وئي ڪانپوءِ طبيعت ايڏي وياڪل ۽ اداس آهي، جيئن انگريزيءَ ۾ هوند چوان: "All sunshine has gone out of my life" (منهنجي زندگيءَ مان سج جي سموري تپش جڻ گم ٿي وئي آهي!)

اياز منهنجو دوست، منهنجو ياءُ ۽ منهنجو عزيز هو. سائٽس سجي عمر، تقريباً سائيڪن سالن تائين، گڏ گذري. منهنجو زندگيءَ جي ٿياسي سال ۾ پير آهي، پاڻ مون کان اٺ سال ننڍيءَ عمر جو هو. مون پنهنجيءَ عمر ۾ ڪافي صدما ڏٺا ۽ سَٺا آهن؛ خاص طرح سان هيءُ واقعو جيڪو اياز جي انتقال جي سلسلي ۾ تعزيتي اجلاس جو آهي. اِنهيءَ ۾ اها ڳالهه ٻڌائڻ ضروري آهي تہ منهنجيءَ عمر ۾ ڪافي دوست، عزيز ۽ قريب مون کان وڇڙي ويا آهن. منهنجو تجربو هيءُ آهي تہ اهڙن واقعن کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن- هفتي ٻن يا مهيني کن تائين- طبيعت گهٽي ملول رهندي آهي، پر پوءِ اها ڳالهہ ٿوري ٿوري ٿي شانت ٿي ٿي وڃي ٿي. پوءِ بہ جيئن ٻن چئن هنڌ اڳ ۾ مون چيو بہ آهي ۽ لکيو

بہ آهي، وڇڙي ويلن جي يادگيرين جو سلسلو تازو ۽ لاڳيتو رهي ٿو. ماڻهو دنيا ۾ اچن ٿا ۽ ماڻهو دنيا مان وڃن ٿا. انسان تہ ڇا پر، ٻي بہ ڪا جيوَت سدائين جيئري نٿي رهي. موت هر جيوَ تي لازم آهي، پر جيستائين عزيزن، قريبن ۽ دوستن جي يادگيري دل تي تازي رهي ٿي، تيستائين اُهي ڪم از ڪم منهنجي لاءِ نٿا مرن، زنده ٿا رهن. ڪجھ وقت کان پوءِ اُها فقط يادگيري ٿي هجي ٿي، جنهن تي پوئتي رهيل جيئري ماڻهوءَ کي راضي رهڻو پوي ٿو ڇو تہ پوءِ اُهو پڇريون لُڇائيندڙ ۽ ڦٿڪائيندڙ غم ۽ اَندوهہ مانو ٿي وڃي ٿو. اياز جي انتقال کي بہ ڏينهن مس گذريا آهن، تنهنڪري طبيعت اڄ نهايت ئي بي مزي آهي ۽ ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ سڀ ڪجھ ئي بي معنيٰ آهي.

عزيزو! اياز کي پنهنجي جيئري شاعر جي حيثيت ۾ ۽ دوستيءَ جي حيثيت ۾ ۽ ٻيءَ بہ هر حيثيت ۾ جيڪا ميڃتا، قدر شناسي ۽ عزت ملي، آءٌ ڀانيان ٿو تہ اها تمام ٿورن خوش نصيبن کي نصيب ٿيندي آهي. اياز جا دوست سندس تمام وفادار دوست هئا. اياز جا علمي ۽ ادبي قدر شناس، سندس شاعريءَ جا متوالا ۽ شائق، ۽ سندس وڪالت جي پيشي جا مداح ۽ ڳولائو ڪافي گهڻا ۽ سدائين موجود هئا. مون کي معلوم آهي تہ پاڻ نهايت ايمانداريءَ سان ۽ ڪامل توجھ سان پنهنجي وڪالت جو ڌنڌو ڪندا هئا. مون تمام ٿورا وڪيل اهڙا ڏٺا، جيڪي پنهنجي مؤڪلن جي سلسلي ۾ پاڻ تي عائد ٿيل فرضن يا ذميدارين کي اياز وانگر نڀائيندا هجن. مون کي ڪيئي ماڻهو گڏيا، جيڪي ان سلسلي ۾ اياز جا پرستار رهيا. آءٌ ان ڳالھ جو هڪ پيرو نہ، پر ڪيئي پيرا پاڻ شاهد آهيان- خاص طرح جڏهن پني عاقل تعلقي ۾ فوجي ڇانوڻيءَ جي قيام جي سلسلي ۾ غريب ۽ ٻي پهچ ماڻهن جي غضب ٿيل زمينن جا سکر ۾ ڪيس هلي رهيا هئا، تڏهن ڪيئن اُهي

ماڻهو پوري اطمينان ۽ اعتماد سان ساڻس اچي ملندا هئا، ۽ هاڻ به هر هنڌ ۽ هر موقعي تي وڪيل شيخ اياز جي ايمانداريءَ بهادريءَ ۽ مهارت جو هو ذڪر ڪندا آهن. اُن سڄي تر ۾ اهي ڳالهيون اڄ به عام جي زبان تي چڙهيل آهن. ان طرح شيخ اياز کي پنهنجي زندگيءَ ۾ انهيءَ ڳالهه جو ڪو افسوس ڪونه هو ته ڪو سندس قدر نه ٿيو بلڪ پاڻ سدائين اهڙو اظهار ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته "ماڻهو منهنجا تمام گهڻا مداح آهن!" ۽ ائين چئي ۽ پنهنجن قدردانن کي ياد ڪري پاڻ گهڻو خوش ٿيندا هئا. جيڪڏهن ڪن خاص حلقن ۾ سندس ادبي ۽ شعري تخليق تي ڪا تنقيد ٿيندي هئي، ته اُن کي هڪ لازمي ۽ دستوري ڳالهه سمجهي، پاڻ نظرانداز ڪندا هئا. پاڻ ڪڏهن به ڪنهن کي موٽائي، لکيت ۾ جواب ڪونه ڏنائون، بلڪ انساني شعور جي اهڙي تنقيدي عمل کي فطري ڳالهه سمجهي درگذر ڪندا هئا ۽ وساري ڇڏيندا هئا ۽ ساڳئي وقت شعور جي امانت کي قدرت طرفان خود پنهنجي لاءِ به اُهڙي ئي فطري عنايت ڄاڻي، پنهنجي فڪري آزاديءَ جو حق به پوري اعتماد ۽ مثبت يقينيءَ سان استعمال ڪندا رهندا هئا.

غلط ۽ صحيح، چڱي ۽ مٺي جي سڃاڻپ جي هيءَ امانت يا صلاحيت جڏهن خاص انسان جي حصي ۾ آئي، ته ڏسو ٿا ته اُن جي استعمال سان انسان جو شرف ۽ سندس ڪاميابيءَ جو عروج ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي رسيو آهي. علم ۽ ڪاريگريءَ جي دنيا ۾ ۽ ٻين به گهڻين ئي ڳالهين ۾ سندس ڪمزورين جي باوجود انسان ڇا ڇا نه ڪري ڏيکاريو آهي ۽ ڪهڙا ڪهڙا ۽ ڪيڏا ڪيڏا معجزا ۽ ڪرامتون نه ڪري ڏيکاريون اٿس! هونئن جيڪي فوق الانساني معجزا ۽ ڪرامتون انسان جي عقل ۽ شعور جون جيڪي حاصلاتون ۽ ڪمال آهن، سي ڪيترا نه عجيب ۽ غريب آهن. اهو انسان جي عقل

۽ شعور جو گهڻ ڪرشمو آهي، جو هو پنهنجا قدم چنڊ تي رکي چڪو آهي! ۽ ان ڪان بہ متي اڄ هو ٻين سوين ۽ هزارين نوري سالن جي فاصلن تي هلندڙ ڦرندڙ گرهن تي پنهنجا ڪمند پيو اڇلائي ۽ اُنهن کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ جون ڪامياب ڪوششون پيو ڪري! هتي هيٺ پنهنجيءَ هن ڌرتيءَ تي سياست جي سلسلي ۾ انسان پنهنجي عقل ۽ شعور جا نِت نوان معجزا ڪندو ۽ ڪرامتون ڏيکاريندو پيو رهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجيءَ هن عظمت کي ٻين جي آڏو رکي ٿو ڇو تہ اُهي ان کي پڙهڻ، ڏسڻ ۽ سمجهڻ جو حق رکن ٿا، تہ هو اُنهن جو اِهو حق بہ تسليم ٿو ڪري، بلڪ اهو انهن ٻين جو فرض ئي ٿئي ٿو تہ اُهي سندس ان عظمت جي باري ۾ پنهنجو ڪو رايو قائم ڪن. جيڪڏهن شيخ اياز جي شاعريءَ جي سلسلي ۾ يا هُن جي شخصي ڳالهين جي سلسلي ۾ ڪو پنهنجو رايو پيش ڪري ٿو تہ اُنهيءَ ۾ ڪا اربعا خطا ڪانهي ۽ آءٌ پوريءَ ذميداريءَ سان چوان ٿو تہ شيخ اياز کي هميشہ اِنهيءَ ڳالهہ جو اعتراف هوندو هو تہ ماڻهن کي اِهو حق آهي تہ اُهي سندس شاعريءَ کي تورين تڪين ۽ اُن جي ڇنڊڇاڻ ڪن، ۽ پوءِ ئي هو اُها سمجهي سگهندا ۽ اُن جو قدر ڪري سگهندا. ڪيس اهو بہ احساس هو تہ ان طرح جا سندس شاعريءَ جي قدر شناسيءَ وارا تمام گهڻا آهن. جيئن توهان کي ۽ اسان کي بہ معلوم آهي تہ ماڻهن پنهنجن سڪيلڌن پٽن جا نالا ئي 'اياز'، 'اياز لطيف' يا 'لطيف اياز' رکيا، ۽ هُن لاءِ ائين بہ پنهنجي محبت ۽ عقيدتمنديءَ جو اظهار ڪيو آهي.

اُن ڪري جيڪڏهن شيخ اياز جي سوچ يا سندس شاعريءَ تي تنقيد ٿئي ٿي تہ اُنهيءَ ۾ انساني عقل ۽ سمجهداريءَ جو حق ادا ٿئي ٿو. ماڻهوءَ کي جيڪا شعور جي امانت مليل آهي، جيڪڏهن ڪنهن اُن جو استعمال ڪيو تہ اُن ۾ ڪنهن جو بہ ڪو هاڃو يا حرج

ڪونهي. ڳالهه فقط هيءَ آهي تہ تنقيد بيجا نہ هجي، پر بجا تنقيد هجي. جيڪڏهن ان جائز ۽ ناجائز تنقيد جي ڪسوٽيءَ کي سامهون رکي ڪو تنقيد ڪري ٿو تہ اها تنقيد مفيد ۽ پلي تنقيد ٿي ليکبي. تنقيد غلط بہ ٿي سگهي ٿي، پر غلط تنقيد بجا بہ ٿي سگهي ٿي ۽ بيجا بہ ٿي سگهي ٿي. اهڙيءَ طرح صحيح تنقيد بہ بيجا ۽ بجا تنقيد ٿي سگهي ٿي. ڳالهه فقط Admissible يعني مناسب ۽ جائز ۽ in_admissible يعني نامناسب ۽ ناجائز تنقيد جي آهي، جنهن جي ڪسوٽي هيءَ آهي تہ تنقيد ڪرڻ وارو ماڻهو پنهنجي ذاتي پسند ۽ ناپسند (Prejudice) يا پنهنجي انفرادي مفاد (Self_Interest) کي سامهون رکي تنقيد ٿو ڪري يا هڪ وسيع، وڏي ۽ اصولي قدر يا قدرن کي سامهون رکي ۽ اجتماعي سماجي شعور سان تنقيد ٿو ڪري يا پنهنجي ذاتي (Personal) يا آراڏي (Alienated) مراد يا نيت سان تنقيد ٿو ڪري. انفرادي ۽ ذاتي مراد ۽ اجتماعي سماجي مراد، انسان جي من جون بہ اڇلون آهن. ۽ اُهي انسان جي ذهن جا بنيادي ڇُلانگ آهن. بلڪ انسان ۽ حيوان جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪو فرق آهي، تہ اِهو ئي آهي تہ حيوان خالص حياتياتي نموني سان (Biologically) پاڻ کي زنده ۽ جيئرو رکڻ ۾ مصروف رهي ٿو جڏهن تہ انسان تي پنهنجي جياپي لاءِ ۽ ان کان مٿي اُيرڻ لاءِ سندس سماجي اجتماعي (Collective يا Social) حيثيت وڏيڪ لازم ٿئي ٿي: ڇاڪاڻ تہ ماڻهوءَ جي وصف ئي اها ڀڌائي ويئي آهي، يعني هيءَ تہ ”ماڻهو سماجي حيوان آهي.“ (Man is a social animal)

جيتريقدر ماڻهوءَ ۾ اهو سماجي شعور وڌيڪ پيدا ٿئي ٿو ايترو ئي هُو انسانيت جي درجي ۾ افضليت ماڻي ٿو. اُن شعور هيٺ ئي هو ائين سمجهندو آهي تہ آءٌ پين لاءِ جيان ٿو جيئن پيا مون لاءِ جيئن

ٿا. ان شعور جي اثر ۾ آيل ماڻهوءَ جو اٿڻ ويهڻ، جاڳڻ سمهڻ ۽ کائڻ پيئڻ بلڪ هن جي عمل جي هر ڳالهه پين جي پلائيءَ لاءِ وقف ٿي وڃي ٿي. پنهنجي ڪٽنب ۾، قوم ۾ ۽ ماڻهوءَ جي ان ڳانڍاپي کي سماجي ڳانڍاپو ٿو سڏجي. سماجي اجتماعيت (Social Collectiveness) ئي انسان ۽ حيوان جي وچ ۾ وڏي ۾ وڏو امتياز آهي. تنهڪري جيڪڏهن تنقيد به سماجي نقطہ نگاهہ کان ٿئي، جنهن ۾ ذاتي حرص ۽ هَوس ڪي، ڪروڌ يا ساڙ ڪي ۽ پنهنجي ذاتي انا يا ذاتي فائدي ڪي دخل نہ هجي، تہ اُها قابل قبول، جائز ۽ مناسب تنقيد جي حَدَ ۾ آيل سمجهبي. پوءِ اُها غلط يا غير صحيح تنقيد ئي ڇو نہ هجي! جيڪا تنقيد اُن مد ۾ نٿي اچي، توڙي اُها صحيح بہ هجي، تہ اُها نشانيل ماڻهوءَ ڪي ڏکوئي ٿي ۽ هن لاءِ قابل قبول نٿي ٿئي.

شيخ اياز اڄ اسان وٽ موجود ڪونهي. سندس يادگيريون اسان وٽ موجود آهن. ذاتي طور واسطي ۾ آيل ماڻهن جون بہ يادگيريون ٿي سگهن ٿيون. تہ قومي طور يا سماجي طور واسطي وارن ماڻهن جون بہ يادگيريون ٿي سگهن ٿيون. شيخ اياز جو شعر، جيڪو جيڪڏهن سڄي جو سڄو ڇپجي تہ گهٽ ۾ گهٽ، تہ بہ پنج پنج سؤ صفحن جا ڏهہ کن جلد گهٽ ۾ گهٽ ٿي سگهن ٿا. سندس نثر بہ شايد ايترن ئي جلدن تي پکڙيل ٿي سگهي ٿو. مٿس اڄ تائين لکيل همعصر ليکڪن جو مواد بہ ڪافي گهڻو آهي تہ سندس يادگيريون اسان وٽ ايڏي تہ پائداريءَ واري حيثيت وٺي چڪيون آهن، جو ڪنهن بہ قسم جو ڪو ڊپ ڊاءُ ڪونهي تہ ڪو اسين شيخ ايازجي پنهنجي ورثي کان غافل رهنداسين، بشرطيڪ اسين اُهي سمورا طريقا ڪم آڻيون، جن سان سندس يادگيرين جو سڄو اُهو مواد پاڻ وٽ محفوظ رکي سگهجي ۽ ان

ڪي مفيد طرح يعني پنهنجي قومي ۽ سماجي ڀلائيءَ لاءِ ڪم بہ آڻي سگهجي.

شيخ اياز جون هي يادگيريون هن دور جون آهن. شاهہ عبداللطيف جو دور جدا هو. هيءَ دور ٻيو آهي، هو دور ٻيو هو. اُهو دور ڪلهوڙن جو دور هو. ان سان لاڳاپيل اڳ وارو مغلن جو دور هو. اسين مغلن جا غلام هئاسون. ڪم از ڪم 15 يا 20 سال لاڳيتا شاهہ سچل ۽ ساميءَ گڏ بہ گذاريا ۽ اهڙيءَ طرح هو هڪٻئي جا همعصر بہ هئا. تنهنڪري جيڪڏهن تنهي جو گڏي مطالعو ڪنداسين تہ اسان کي خبر پوندي تہ شاعريءَ ۾ انهن بزرگن پنهنجي سڄي دور جي صورتحال کي ڪيئن پيش ڪيو. انهيءَ طرح شيخ اياز جي زندگيءَ وارو دور بہ هڪ وڏو ۽ اهم دور آهي. جيئن مغلن جي غلاميءَ جو دور ڪاٽيوسين ۽ انهن جي خلاف وڙهياسين ۽ پاڻ کي ۽ پنهنجي وطن کي انهن کان آزاد ڪرايوسين. انهيءَ سڄي اسان جي مزاحمتي دور ۾ لطيف موجود هو. اهڙو ئي اهم دور اياز کي بہ نصيب ٿيو. اهو هندستان جي اُپکنڊ جي اهم سياست جو دور آهي. سڄي اُپکنڊ جي مزاحمتي سياست جو دور، انگريز فيل مست جي طاقتور حڪمرانيءَ جو دور، دنيا جي ٽن حصن تي اُنهن جي حڪومت ڪرڻ وارو دور، جتي سندن شهنشاهت جو سج لهڻ جي ئي ڪونہ ڪندو هو. انگريزن جي اُنهيءَ حڪومت ۾ اسان کي خبر آهي، ۽ توهان مان ڪن ائين ڪتابن ۾ پڙهيو بہ هجي، تہ سندن تمام وڏو رعب تاب هوندو هو. سندن حڪومت ڪامياب ۽ مضبوط بلڪ اڏول هوندي هئي. اُها دنيا ۾ سندن هڪ وڏي ۾ وڏي امپائر ليکبي هئي. اهڙن جابرن ۽ طاقتور حاڪمن کان جند ڇڏائڻ واري جدوجهد جي نتيجي ۾ اُپکنڊ جو ڪجهہ حصو ڪانگريس کي نصيب ٿيو ۽ ڪجهہ حصو مسلم ليگ کي. صحيح سياست صحيح

طريقي سان ڪنهن ڪئي، ڪنهن نہ ڪئي، فوري ۽ دور رس نتيجا اُن جا ڪهڙا نڪتا، ۽ اُنهن جي سزا ۽ جزا جي سلسلي ۾ جيڪا جدوجهد ٿي، اياز انهيءَ دور جو شاعر هو. 1947ع کان پوءِ اسان وٽ پاڪستان جو دور آهي، جيڪو اسان سيني جي سامهون آهي. انهيءَ جدوجهد جي ردعمل هيٺ انساني ذهن ۾ جيڪي تاثرات، جذبات، امنگ ۽ اتساهہ اُڀريا، اُنهيءَ سياسي ۽ تهذيبي پس منظر ۾ شيخ صاحب جيڪا شاعري ڪئي آهي، انهيءَ جي ڀيٽ اسين جيڪڏهن شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ سان ڪريون تہ اها بلڪل مناسب ۽ دانشمنديءَ واري ڳالهہ ٿيندي. هر دور جا پنهنجا پنهنجا اختلاف ٿين ٿا. اهي اختلاف ڪي خراب بہ ناهن. جيئن فلسفي ۽ سياست ۾ ماڻهو پنهنجو پنهنجو اسڪول يا مڪتب رکن ٿا ۽ پوءِ جيڪو جنهن اسڪول آف ٿاٽ جو ماڻهو آهي، انهيءَ جي روشنيءَ ۾ هو ڪا ڳالهہ ڪري ٿو. اجتماعي ڳالهہ فائدي لاءِ ڪري ٿو ۽ پوءِ اُها جيڪڏهن اختلافي تنقيد بہ آهي، تہ اُها برداشت ڪرڻ گهرجي. اهڙو جانبداريءَ جو عمل اٽل بہ آهي ۽ ان کان ڇوٽڪارو بہ ڪونهي. بلڪ هجڻ ٿي ائين گهرجي، تہ جيئن اُنهيءَ ڳالهہ جي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ موقعا پيدا ٿين، ۽ اڳتي ڪنهن صحيح سمت ۾، وک وڌائڻ لاءِ سازگار ماحول تيار ٿئي. ان سلسلي ۾ جيڪو اياز پنهنجو ڪو پيغام يا فڪر ڇڏيو آهي، تہ اُهو هُن، هِن دور لاءِ ڇڏيو آهي. اُهو اسان کي سمجهڻو آهي.

ڪنهن شاعر جي شعر يا فڪر کي سمجهڻ ڪو آسان ڪم بہ ناهي. شاعريءَ جي وڏي ۾ وڏي وصف ۽ خوبي ئي اها آهي تہ اُن جي ٻولي سادي ۽ سادي هجي، ڇو تہ شاعر شعر چوي ئي اِن لاءِ ٿو تہ ماڻهو هن جي شعر کي سمجهن. جيڪڏهن شاعر ماڻهن جي سطح جي ٻولي استعمال نہ ڪندو تہ اهو شاعر پنهنجي شعر کي جڻ تہ ماڻهن تائين

پهچاڻ ئي نٿو گهري، بلڪ هن جو پنهنجي دور ۾ ماڻهن سان عملي طور ڪو واسطو ئي ڪونه ٿو جُڙي. وڏيڪ هي ته شاعر تمام سڌي ۽ سادي ٻولي به ڪم آڻي ٿو پر پوءِ به اڪثر ائين ٿو ٿئي ته هن جي شعر کي سمجهڻ ڏاڍو مشڪل ٿو ٿئي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ هو علامتي انداز اختيار ڪري ٿو. ان ۾ هو شعري هنرمنديءَ جون گهڻيون ڪي رعايتون وٺي ٿو. اُن ۾ هو پراڻي زماني جون ڳالهيون سامهون آڻي ٿو جن مان هو ڪي معنائون ماڻهن تائين پهچائڻ گهري ٿو ته سادي ٻوليءَ هوندي به شاعر کي سمجهڻ گهڻو مشڪل ٿي پوي ٿو. انهيءَ لاءِ چوندا آهن ته شاعر جي شعر کي هڪ دفعو پڙهڻ ڪافي ناهي. ان جي سادگيءَ تي ڪڏهن ته ماڻهو کِلي به وهندو آهي، ته ”هيءَ ته هُن جي ٻاراڻي ڳالهه آهي: اهڙي ٻولي ۾ اهڙي ڳالهه ته آءٌ به ڳالهائي سگهان ٿو!“ شاعر جو اهو شعر ٻيو دفعو پڙهبو، ٽيون دفعو پڙهبو، وري وري پڙهبو پوءِ وڃي اُنهيءَ شعر جو مرڪزي نقطو يا جوهر ماڻهوءَ کي سمجهه ۾ ايندو آهي. اياز کي به جيڪڏهن اسان کي سمجهڻو آهي ته وري وري هن کي پڙهڻو پوندو ۽ ان لاءِ اسان کي محنت ڪرڻي پوندي. انهيءَ محنت سان شاعر کي پڙهڻ لاءِ اسان کي ڪي علمي ۽ تدريسي طريقا اختيار ڪرڻا پوندا. هن پنهنجيءَ ڳالهه کي ثابت ڪري ڏيکارڻ لاءِ آءٌ اياز جو هڪ غزل توهان کي پڙهي ٻڌائيندس، جيڪو آڪٽوبر 1997ع جي مهيني جي آخر ۾ مون کي سنڌي روزاني اخبار ”سوال“ ۾ پڙهڻ جو موقعو مليو هو. اياز جي پوئين زماني ۾ سندس شعر اخبارن ۾ ڪونه ڇپبا هئا. ”سوال“ اخبار ۾ ڇپيل اُهو غزل بهرحال مان توهان کي واتين ويٺي چئي ٿو ٻڌايان. اوهين ڏسندا ته اهو ڪيڏو نه سادو ۽ سولو غزل آهي! پر مون کي ته ڏهن ٻارهن ڀيرن جي پڙهڻ کان پوءِ ان جي اصل ڳالهه سمجهه ۾ آئي هئي. جيتوڻيڪ مان اياز جي شعر جو شاگرد به

آهيان، بلڪ ان جي زوردار شائق هجڻ جي صورت ۾ مون سندس شعر جي ڪيترن ڪتابن تي ڪافي ڪجهه لکيو به آهي. ڪو زمانو هو ۽ ڪيئي سال ائين ٿيندو هو ته اياز جڏهن به ڪو شعر لکندو هو ته پهرين اُن جي پڙهڻ جو موقعو مون کي ئي ڏيندو هو- ان سڀ جي باوجود هيءَ سادو سولو غزل مون کي ايترو جلدي سمجهه ۾ نه آيو جيستائين مون اُن کي ڪافي گهڻا دفعا نه پڙهيو! اهو غزل هي آهي، چوي ٿو:

درد جي شام آ، سج ويندو لهي،
واءَ ۾ آهه ڪا ڳالهڙي اَڻ ڪهي.

هي ٻٻر پيلڙا، ٿا شفق ۾ ٻرن،
چيلڙا ٿا چرن، ڏئي عجب آڳهي.

پيا لهون لاڙ ۾، آهه رستو سڌو
چنڊ آ چوٽ جو ۽ ڪنڌيءَ جي ڇهي.

وارَ ٿي جا وکيري، اُتر واءَ ۾،
تون انهيءَ کان سواءِ ڪونه سگهندين رهي.

هوءَ جيڪا هوا جيئن آزاد آهه،
سچ چئجانءِ توسان وئي ڪيئن نهي!

ڪيئن زنجير هن تي پيا پيار جا،
ڪا گهڙي ڪان توکان سوا ٿي رهي!

هن غزل کي سمجهڻ جو آءٌ توهان کان امتحان ڪونه ٿو وٺان. آءٌ ماستر ماڻهو ته برابر ٿي رهيو آهيان، پر وري به آءٌ توهان کي ايڏو گهڻو انتظار ۾ رکڻ نٿو گهران. هي تمام وڏو هال آهي، ۽ هتي هيترا

سارا ماٺهو ويٺا آهن. اهو ڏسي طبيعت خوش ٿي رهي آهي. ايڏيءَ سنجيدگيءَ ۽ بردباريءَ سان ۽ ماٺ ۽ صبر سان ۽ فضيلت سان جيڪي بہ هتي ڳالهيون ٿيون آهن ۽ ٻڌيون ويون آهن. اها هڪ وڏي خوش نصيبيءَ جي ڳالهہ آهي. اهڙا موقعا اتفاق سان ملندا آهن. نہ تہ اشتعال، ايجيٽيشن، نعري بازي ۽ سنسني خيزي هن دور جي ڇڻ سڃاڻپ ٿي پئي آهي. ٿي ڪلاڪ کن اوهان کي هِتي ويٺي ٿيا آهن، ۽ آءٌ پوءِ بہ اوهان سان هن غزل جي باري ۾ بيهي سوال جواب ڪريان، ائين مناسب نہ ٿيندو. مان توهان جي صبر کي آزمائش ۾ وجهڻ نہ ٿو گهران. (ويٺل تقرير کي جاري رکڻ تي اصرار ڪن ٿا).

پوءِ بہ توهين ويچار ڪريو. ممڪن آهي تہ توهين غزل کي سمجهي سگهيا هجو. مان تہ پيلي ايترو جلد ان کي ڪونہ سمجهي سگهيو هوس. سو بہ شيخ صاحب جي ڏکيءَ بيماريءَ واري پيچاڙڪي ڪيفيت کي خيال ۾ رکڻ کان پوءِ ساڻن پنهنجي سڄيءَ عمر جي واقفيت، عزازت، دوستيءَ ۽ لاڳيتي آخري وقت تائين ساڻن گڏ رهڻ، سندن ڪاوشن، ڳالهين، تڪليفن، خيالن، جذبن ۽ امنگن ۽ ساڻن لڳاتار ڪچهرين ۽ قرب ۽ پنهنجائپ کي اڳيان رکڻ کان پوءِ بہ، ڏهہ ٻارهن دفعا غزل کي پڙهڻ ۽ اُن تي گهڻي غور ويچار ڪرڻ کان پوءِ ئي مان ان جي جنهن معنيٰ تائين پهتو آهيان، انهيءَ جي توهان کي تشريح ڪري ٻڌايان ٿو. توهين پاڻ پوءِ پنهنجي دل ۾ فيصلو ڪجو تہ واقعي ان جي اها معنيٰ سمجهڻ ڏکي هئي يا سولي هئي، ۽ آخر ۾ پوءِ مان توهان کي ٻڌائيندس تہ شيخ صاحب جي پيغام ۽ فڪر کي سمجهڻ لاءِ اسان کي ڪيتري گهڻي محنت ڪرڻي پوندي.

چوي ٿو: "درد جي شام آ، سج ويندو لهي، واءَ ۾ آهہ ڪا ڳالهہ اڻ ڪهي." شيخ پنهنجي پيچاڙيءَ وارن ڏينهن ۾ سدائين زندگيءَ ۽

موت بابت سوچيندو هو. ”درد جي شام“ معنيٰ ماڻهو پنهنجي سڄي درد پري زندگي، ڄمڻ کان آخر تائين. جيئن قرآن شريف جي هڪ آيت آهي: ”زماني جو قسم آ تہ انسان واقعي خساري ۾ آهي!“ ۽ اُهو ماڻهو جيڪو گهڻو حساس بہ آهي ۽ شعور ۽ تجربي کان پوءِ دنيا جهان کي ڏسي ٿو تاريخون پڙهي ٿو پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جون حالتون ڏسي ٿو. پنهنجيءَ ذات کي هڪ پاسي رکي اجتماعي ڏک کي خيال ۾ رکي ٿو جيئن چيو ويو: ”اي روشنيءِ طبع تو برمن بَلا شديا“ اهڙي زندگي جڏهن اچي پوري ٿيڻ تي بيهي، تہ چئبو تہ ”درد جي شام“ ٿي! شاعر پنهنجي دل جي اها ڪيفيت ٻڌائيندي چوي ٿو: ”درد جي شام آ، سج ويندو لهي.“ حياتي اچي پوري ٿي آهي، ”درد“ جيڪو هڪ وڏي بار جي صورت ۾ منهنجي مٿان پيل هو اُهو مون ڏکيو سکيو ڪاٽيو. ”سج ويندو لهي.“ هاڻي تہ رات ٿيڻ واري آهي. رات کي هتي موت سان مشابهہ ڪيو ويو آهي ۽ ڏينهن کي حياتيءَ سان. ڪيڏي نہ هنن لفظ ۾ احساس جي گهرائي آهي!

”درد جي شام آ، سج ويندو لهي،
واءُ ۾ آهہ ڪا ڳالهڙي اڻ ڪهي.“

شاعر چوي ٿو تہ ”چوڌاري ڏسان پيو تہ منهنجي حياتي ختم ٿيڻ واري آهي! ڪجهہ مڙئي ٿيڻ وارو آهي. ڇا؟ سمجهي هرڪو پيو پر ڇئي ڪوبہ نٿو ٻڌائي!“

”هي ٻير پيلڙا، تا شفق ۾ ٻرن.“ توهان ٻير جا وڻ ڏٺا هوندا، اُنهن تي پيلا گل ڇانئجي ويندا آهن: ۽ جڏهن شام جي شفق جي اُس انهن تي پوندي آهي تہ اُهي چمڪڻ لڳندا آهن.

”هي ٻٻر پيلڙا، ٿا شفق ۾ ٻرن!“. ”چيلڙا ٿا چرن، ڏئي عجب آگهي.“ چيلڙا ٻٻرن جون ٽاريون ڪائيندا آهن. ٻٻر جا ڪنڊا وڏا ننڍا، تکا ۽ سخت ٿيندا آهن. جڏهن انهن کي چيلڙا چرندا آهن، تڏهن اهي ڪنڊن کي پري ڪندا، رڳو اُن جا نازڪ ۽ نرم پن چرندا وتندا آهن. اها چيلڙن جي ڏاهپ آهي! انسان جي باري ۾ شاعر ٿو چوي، بلڪ پنهنجي ئي حياتيءَ جي حقيقت بيان ٿو ڪري. ”هي ٻٻر پيلڙا“ معنيٰ هيءَ اسان جي جيڪا سڄي زندگي آهي، اُنهيءَ ۾ حسناڪي بہ آهي. انهيءَ ۾ ڏک بہ آهن ۽ خوشيون بہ آهن. بلڪ زندگيءَ ۾ انهيءَ جي خوراڪ ۽ غذا جو دارومدار بہ انهن ڏکن ڪانڊ تي آهي. شاعر ٻٻر کي شايد دنيا جي پدارٿن سان ٿو ڀيٽي يا چيلڙن کي ٻارڙن سان ڀيٽيندي، ٻٻرن کي وڏڙن سان ٿو ڀيٽي! ”هي ٻٻر پيلڙا ٿا شفق ۾ ٻرن“ ۽ سڄ اچي لٿو آهي، تڏهن بہ مان ڏسان ٿو تہ مون کي زندگي ڪيڏي نہ وڻي ٿي!

”هي ٻٻر پيلڙا، ٿا شفق ۾ ٻرن.“ سڄ لهي ٿو ڀيو ۽ حياتي اچي پوري ٿي آهي. آخري ڏينهن منهنجي سامهون آهن. موت لاءِ مان تيار آهيان، اُهو آيو کي آيو! پر تڏهن بہ چا ٿو ڏسان!“.... ”چيلڙا“ آهن، سي انهن ”ٻٻرن“ مان فائدو وٺن ٿا ۽ انهن جو ”ٻور“ ڪائين ٿا. ڪهڙي نہ سٺوپري نموني سان هلن چلن ٿا پيا! شاعر اهو جڻ تہ پنهنجي سامهون وارو نظارو چٽيو آهي ۽ پنهنجي غزل ۾ ويٺي ويٺي چٽيو اٿس.

شيخ صاحب کي ٽي نياڻيون آهن، ۽ ٽنهي کي ٻارڙا آهن، ۽ هو اُنهن ٻارڙن سان ڏاڍو پيار ڪندو هو. اُهي هُن جي اڳيان گهمندا، ڦرندا رهندا هئا. ڪانئس خرچيون وٺندا هئا. پنهنجي ناني سان انگل ۽ آرا ڪندا هئا ۽ پنهنجي مائرن سان بہ انگل آرا ڪندا هئا. پنهنجي پاڻ ۾ وڙهندا جهڙندا بہ پيا هئا! هي سيئي هن جي اڳيان جڻ تہ ”چيلڙا“ هئا، جن ڪنڊا پري ڪري ٻُور پئي چنو! ”چيلڙا ٿا چرن، ڏئي عجب

آگهي.“ ..... پنهنجي معصومانه عقل ۽ سمجهداريءَ سان هو پنهنجي زندگي پيا گهارين ۽ سکن ٿا پيا!“ سڪٿو ته انهن کي آهي ئي!

مان هاڻ توهان کي غزل جي سچي ڳالهه ڪري ٻڌائيندس، پوءِ توهين سمجهي ويندا ته شاعر ڪهڙي نه لاڳاپيل نموني هيءَ سچو غزل چيو آهي. غزل جي فني خصوصيت ۾ اها ڳالهه آهي ته اُن جي هڪ بند جو ٻئي بند سان واسطو نه هوندو آهي. پر پوءِ اردوءَ وارن جيڪو نئون غزل پيدا ڪيو- پهرين فارسيءَ وارن به ائين ڪيو ۽ سنڌيءَ ۾ سڀ کان اڳ اياز ئي غزل کي اهو روپ ڏنو جنهن موجب غزل هاڻي لاڳيتيءَ معنيٰ وارو ٿئي ٿو. گيت ۽ نظم وانگر لاڳيتي ڳالهه اُن ۾ هاڻي بيان ٿئي ٿي. هاڻي ٻڌو شاعر ڇا ٿو چوي:

درد جي شام آهه سج ويندو سهي،
واءُ ۾ آهه ڪا ڳالهڙي اڻ ڪهي،

هي ٻبر پيلڙا ٿا شفق ۾ ٻرن،
چيلڙا ٿا چرن، ڏئي عجب آگهي.

پيا لهون لاڙ ۾، آهه رستو سڌو.
چنڊ آ چوٽ جو ۽ ڪنڊيءَ جي ڇِهي!

لاڙ هيٺانهون ۽ لاهيءَ وارو آهي. آخري وقت واريءَ زندگيءَ لاءِ چوندا آهن ته ”بيلي هاڻ ته منهنجا ٻئي پير قبر ۾ آهن!“ ”اسان جو قدم موت ڏانهن وڌي پيو“ ۽ ”آهه رستو سڌو!“ موت ڏانهن ويندڙ رستو سڌو آهي. هيڏانهن هوڏانهن ڪير به اُن کان ڪنڌ ڪڍائي پڇي نه سگهيو آهي.

”پيا لهون لاڙ ۾، آهه رستو سڌو.“

موت جي فرشتي، عزرائيل، لاءِ چوندا آهن تہ اهو ”ڪن جا ساهہ پَٽَ جو رومال سان ڪڍندو آهي ۽ ڪن جا ساهہ ڪنڊيءَ يا ٻير جي ڏنگهريءَ سان روڙي ڪڍندو آهي!“ بنهہ معمولي لفظ آهن، پر انهن ۾ جيڪي علامتون ۽ استعارا آهن، سي محسوس ڪرڻ وٽان آهن. شيخ اياز جي شاعريءَ جي وڏي ۾ وڏي خوبي يا خصوصيت اها آهي تہ سندس بيت هجي، غزل هجي، گيت هجي، نظم هجي، ڏوهيڙو هجي يا وائي هجي، يا سندس ڪا بہ شعري تخليق هجي، پنهنجي الڳ خصوصيت رکي ٿي، جيڪي ماڻهو شيخ اياز جي شاعريءَ کان واقف آهن يا ان جا پڙهندڙ آهن، انهن جي اڳيان ڏهن ويهن شاعرن جا شعر رکو ۽ انهن سان اياز جو شعر بہ گڏي رکو تہ هو هڪدم هٿ رکي چوندا تہ ”هيءُ شعر شيخ اياز جو آهي!“ بلڪل ائين لطيف جي بيت يا وائيءَ لاءِ بہ چئي سگهبو آهي.

اسان وٽ سچل بہ آهي، سامي بہ آهي، ۽ ٻيا بيتن ڏوهيڙن جا شاعر بہ آهن، پر شاهہ جي شعر جي ايڏي سڃاڻپ آهي، جو شاهہ جي شعر جو مطالعو ڪندڙ هڪدم سمجهي ويندو آهي تہ هيءُ ڪي هيءُ شاهہ جو شعر آهي.

پيـا لهـون لاڙ ۾، آهـہ رستـو سـڌو
چنڊ آ چوٽ جو ۽ ڪنڊيءَ جي ڇهي.

عزرائيل ڪنڊيءَ جي ڇهي ڪنيو اسان جي پنيان ڊوڙندو ٿو اچي ۽ ان جي آڏو اسين ياج ۾ آهيون، ۽ پوءِ جڏهن شاعر پنهنجي گهر جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ ڏسي ٿو ۽ پنهنجي پياريءَ گهر واريءَ تي نظر ٿي پويس تہ چوي ٿو:

”وار تـــي جا وڪيـــري اتــــر واءَ ۾،

تون انهيءَ ڪان سواءِ ڪونہ سگهندين رهي.“

وري اُنهيءَ ئي لهر ۾ هو پاڻ کان پڇي ٿو:

”هـوءَ جيـڪـا هـوا جيـئـن آزاد آ،
سچ ڇئجانءِ توسان وئي ڪئن ٿهي.“

هوءَ جيڪا سڄي عمر توسان واڳيل رهي آهي، تو هن تي ڪهڙو جادو ڪيو جو ائين هوءَ بنھ تنهنجي ٿي ويئي؟ اُها جيڪا هوا جيئن آزاد هئي!

هرڪو فرد آزاد آهي. مرد هجي، زال هجي، ٻار هجي، جوان هجي يا ٻيڊو هجي!

پڇاڙيءَ ۾ شاعر پاڻ کان پڇي ٿو:

”ڪيئن زنجير هن تي پيا پيارَ جا.“

۽ تو هن تي پنهنجي پيار جا زنجير ڪيئن جڙيا آهن، وڏا آهن؟ جو سڄي عمر ڪا گهڙي بہ توکان هوءَ پري رهي نٿي سگهي! اڳي هو چئي آيو تہ ”هيءَ جيڪڏهن مون کان وڇڙي وئي: موت ۽ ملاقات تي اعتبار ڪونهي، ٿي سگهي ٿو تہ هوءَ مون کان اڳ ۾ مري وڃي. پوءِ هن کان سواءِ مان ڪيئن جيئندس! هن مون کي هيٽرو سنياليو آهي. مان تہ هن جو محتاج آهيان!“

انساني سماج جا هينئر يعني جديد سماجيات ۾ ٿي وڏا عنصر يا حصا شمار ٿيل آهن: فرد (Individual)، ڪٽنب (Family) ۽ قوم (Nation). انهن جي وچ ۾ ڪا برادري (Community) يا قبيلو (Tribe) آهي، تہ انهن جي سماجياتي نقطي نگاھ کان اج گهٽي ڪا اهميت ڪانهي. انساني چڱائيءَ جا جيڪي بہ محڪم اصول آهن، تہ انهن ٽن عنصرن سان لاڳاپيل آهن. هن وقت اُهي قدر يا سچ سماجي

طور انهن ٽن حصن جي باهمي ڳانڍاپي (Integrity) يا وفاداريءَ (Commitment) جي قدرن طور سڃاڻجن ٿا.

شاعر جڏهن چيو:

”وار ٿـــي جا وکيــري اتـــر واءَ ۾،
تون انهيءَ کان سواءِ ڪونہ سگهندين رهي.“

تہ اها هن ڪٽنب يا خاندان جي يڪجهتيءَ جي قدر جي ڳالهہ ڪئي. اُن جو هڪڙو وڏو مثال اسان جي سامهون آهي، حضرت علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب جن جو. جڏهن مدر ايلسا (اسين سڀ جنهن کي ”مدر“ يعني ”ماءُ“ چوندا هئاسين) گذاري ويئي تہ ان کان پوءِ مرحوم قاضي صاحب ڏاڍو ملول رهڻ لڳو هو. ۽ ترت ئي پاڻ بہ هيءُ جهان ڇڏي ويو!

هڪڙي ئي گهر ۾ جيڪڏهن فيملي انٽيگرٽي يا ڪٽنبي سُبنڌ يا ڳانڍاپو نہ رهيو، باهمي پيار ۽ محبت جو رشتو نہ رهيو، تہ جڻ فرد کان پوءِ سماجي نظام جو ٻيو حصو يعني ڪٽنب اڻ موجود يا واوڪر ٿي ويو. ڪٽنب يا خاندان ۾ جيڪڏهن زال ۽ مڙس (ماءُ ۽ پيءُ) جو سبنڌ نہ رهيو يعني ماءُ جو درجو باعزت يا برابريءَ جو درجو نہ رهيو تہ جڻ فرد کان پوءِ قوم جي ٻئي ترڪيبي حصي ۾ ڦيٽاڙو ۽ فساد اُٿيو ۽ قومي نظام ۾ ڏاريا وگهن پيو.

”وار ٿـــي جا وکيــري اتـــر واءَ ۾،
تون انهيءَ کان سواءِ ڪونہ سگهندين رهي.“

چئي، اياز پنهنجي ڪٽنبي حياتيءَ جا پنجاهہ يا سٺ سال ياد تو ڪري، ۽ هن غزل ۾ ان سلسلي جا وڌيڪ بہ بند يا مصراعون بہ ان ڪيفيت ۾ چيون اٿس:

”هـوءَ جيـڪـا هـوا جيـئـن آزاد آ،
سچ چئجانءِ توسان وئي ڪئن نهي.“

ڪيئن زنجيـر هن تـي پيا پيـارَ جا،
ڪا گهڙي ڪا نہ توکان سوا تي رهي.

هن سڄيءَ ڳالهہ مان اوهين سمجهي سگهو ٿا تہ شاعر جي هن سادي ۽ سولي غزل کي سمجهڻ لاءِ بہ پڙهندڙ کي ڪيتري محنت ڪرڻي پوي ٿي! اياز جي شاعريءَ کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ سچ پڇ تہ اسان کي تدريس جا هڪڙا ڪلاس قائم ڪرڻا پوندا. نہ رڳو اياز جي شاعريءَ کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ، پر سنڌيءَ جي ٻين سيني اعليٰ قومي شاعرن جي ڪاوشن کي سمجهڻ ۽ پڙهڻ لاءِ پڻ پنهنجي تعليمي ۽ تدريسي نظام ۾ پوريءَ ذميداريءَ سان اسان کي اهڙا بندوبست ڪرڻا پوندا.

توهان کي ٻڌائيندي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي، ۽ توهين بہ ان ڳالهہ جا شاهد آهيو تہ سنڌي تعليم جو نظام عملي طور اڄ ڏاڍو بگڙيل آهي. ان سلسلي ۾ انگريزن جو دور ياد ڪريو، اسين انهن جو قدر ٿا ڪريون، تہ انهن ڪم از ڪم اسان کي سنڌي ٻوليءَ جا ابتدائي پرائمري اسڪول قائم ڪري ڏنا هئا. سنڌيءَ کي اسان جي اسڪولي تعليم جي ذريعي وڏو هڪ مان ۽ تسليمي مليل هئي، پر گذريل پنجاهہ سالن جي دوران اسان جي اِن تعليمي نظام ۾ تمام گهڻو ضعف ۽ بگاڙو آيل آهي. جيڪڏهن توهان ۽ اسان اڄ ان سلسلي ۾ پنهنجي اک نہ پٽي، تہ اسان کي وڏي قومي هاڃي سان منهن مقابلو ڏيڻو پوندو بلڪ اڳتي هلي شايد وڏو ڪم ماتم ڪرڻو پوندو.

سچ پچ تہ پنهنجي وڏي ڪان وڏي قومي فرض جي ادائگيءَ طور اسان کي نہ رڳو اياز کي، شاهہ کي، سچل ۽ ساميءَ کي ۽ ٻين پنهنجن قومي شاعرن، اديبن ۽ عالمن کي پڙهڻ لاءِ ڪلاس قائم ڪرڻا آهن، پر پنهنجن ايندڙ نسلن کي سنڌن مادري ٻوليءَ جي پڙهائڻ ۽ سيکارڻ لاءِ پوريءَ ذميواريءَ سان وڏي ڪا جدوجهد، وڏي ڪا جاکوڙ ڪرڻي پوندي.

محترم عزيزو! اوهان جي تمام گهڻي مهرباني، جو ايتري توجهہ ۽ صبر سان منهنجون هي چار ڳالهيون ٻڌيون آئون خدا حافظ! ياد رکندا تہ اصلاحي ۽ افادي تنقيد بجا آهي، جائز آهي، روا آهي، پر فسادي ۽ مفادي تنقيد ناجائز، بيجا ۽ ناروا آهي. شال اوهين، اسين ۽ ٻيا خير جي پاسي هجون ۽ خيريت سان هجون.

(29_ 12 1997ع تي اياز جي تدفين کان پوءِ، حيدرآباد ۾ منعقد ڪيل تعزيتي اجلاس ۾ ڪيل تقرير)

# اياز زنده آهي، هو ڪڏهن به مري نٿو سگهي

محترم بزرگو ۽ عزيز دوستو! اڄ اسان کي هيءَ گهڙي نصيب ٿي آهي ته شيخ اياز جي معصوم روح جي حضور ۾ پنهنجي عقيدتمنديءَ جي گلن جي ورکا ڪريون.

توهان اِها ڳالهه هر هر ٻڌي ۽ پڙهي هوندي ته اياز ۽ لطيف، ٻيئي نالا جڻ گڏگڏ اسان جي سنڌي ادب جي حوالي سان گونجندا رهن ٿا. گذريل چاليهه پنجاهه سالن کان، اهي جيڪي ٻيئي نالا آهن، اِهي گڏگڏ ٻڌڻ ۾ اچي رهيا آهن. ايتري تائين، جو توهان کي اِهو ٻڌي تعجب ٿيندو ته سنڌ ۾ ٻارن تي 'اياز'، 'اياز لطيف' يا 'لطيف اياز' نالا رکيا ويندا آهن. اياز سان جيڪا محبت ۽ عقيدت عوام جي آهي، اُن جي ترجماني اِن مان به ٿئي ٿي.

شيخ اياز کي گهڻيون محبتون، ادب ۽ احترام، عوام جي طرفان مليو آهي ۽ کين ڪڏهن به اها شڪايت نه رهي ته سندس سنڌ ۾ قدرداني يا قدرافزائي نه ٿي.

هاڻي ان 'لطيف ۽ اياز' جي عوامي محبت جو تاريخي پيش منظر اوهان جي اڳيان آڻڻ چاهيان ٿو. اهي ٻڌي اوهان کي حيرت

ٿيندي تہ لطيف اُن زماني ۾ پيدا ٿيو ۽ پاڻ ’شاهہ جو رسالو‘ جوڙيائون، جنهن زماني ۾ مغلن جي شهنشاهت زوال پذير هئي، ۽ اياز جنهن دور ۾ اسان جي اڳيان آيو تہ حيرت جي ڳالهہ آهي تہ ٻي هڪ شهنشاهت، يعني انگريز شهنشاهت، جو زوال هو. مغلن سنڌ تي بيحد ظلم ۽ تشدد ڪيو خاص ڪري پنهنجن زوال وارن ڏينهن ۾ تہ حد کان بہ چڙهي ويا، ۽ انگريزن بہ پنهنجي زوال جي آخري ڏينهن ۾ جيڪي فريب پنهنجي سامراجي سياست جي ذريعي ڪرڻ شروع ڪيا، تن جي ڪري سنڌ ۽ سنڌي عوام کي ناقابل تلافي نقصان برداشت ڪرڻو پيو. اياز اُن انگريز جي زوال پذير سلطنت شاهيءَ جي دور جي پيداوار هو. اياز ۽ لطيف کي اهڙا دور مليا، جن دورن ۾ اشد ضرورت هئي سنڌي قوم کي تہ سندس جيڪي مشترڪ مفاد آهن- سنڌي زبان بہ قوم جو گڏيل مفاد آهي، وطن سنڌ بہ قوم جو گڏيل مفاد آهي- تاريخي طور تي لطيف ۽ اياز ٻنهي کي سنڌي قوم جي رهبري ڪرڻ جو ڪردار ادا ڪرڻو هو ۽ اهو هنن زبردست طريقي سان ادا بہ ڪيو. حيرت جي ڳالهہ آهي تہ لطيف جي زماني ۾ بہ سنڌي شاعريءَ جي هڪ ڪهڪشان اڀري، جنهن ۾ لطيف، سچل ۽ سامي ڪيترا سال تہ همعصر جي حيثيت ۾ بہ رهيا ۽ ان کان پوءِ ڪافي شاعر اسان کي ملن ٿا- هڪ Galaxy of Poets آهي. جيئن لطيف ۽ مغلن جي زوال وارن ڏينهن ۾ سنڌ کي شاعر مليا، بلڪل اهڙيءَ طرح اسان کي انگريزن جي زوال پذير دور کي ڏسون ٿا، جنهن ۾ اياز اسان کي نصيب ٿيو- تہ اياز ۽ ساٿس گڏ بہ Galaxy of Poets آهي. اهو تاريخ جو عجيب ۽ ياڳائتو اتفاق سمجهڻ کپي. جديد دور ۾ سنڌي شاعريءَ کي اياز جيڪا نئين زندگي عطا ڪئي، ظاهر

آهي تہ اهو بہ هڪڙو صدمبارڪ انقلاب هو ۽ گويا سنڌي شاعريءَ کي نئون جنم نصيب ٿيو.

ون يونٽ جي دور ۾، يا اُن جي وچ ۾ جيڪي بہ ٽي اهم واقعا گذريا آهن، ڊڪٽيٽرشپ جا، مارشل لا جا، انهن ۾ جيڪا سنڌ جي عوام جدوجهد ڪئي آهي، انهيءَ سڄي عرصي ۾ نہ رڳو مان ۽ اياز گڏ رهياسين، پر سنڌ جي سڄي جدوجهد ۾ کُلهو ڪلهي ۾ ڏيئي موجود رهياسين، ۽ ان ۾ پنهنجي ساڃاهہ ۽ صلاحيت جي مطابق جيڪو بہ قومي خدمت جو اهم ڪردار هو اهو ادا ڪندا رهياسين. مان ان ڳالهہ کي وڌائڻ نٿو چاهيان، ڇاڪاڻ تہ هيءُ اُن جو موقعو ناهي. مان تہ اڄ رڳو اياز جي ياد ۾ عقيدتمنديءَ جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان. توهان هتي آيا ۽ ايڏو شاندار ۽ باوقار جلسو ڪيو اٿوَ ان ريت مان سمجهان ٿو تہ هڪ فرض جي ادائگي ٿي. مان هن موقعي تي اوهان جي خدمت ۾ شيخ اياز جو هڪ پڇاڙڪو غزل پيش ڪريان ٿو، جيڪو سندس ذاتي زندگيءَ بابت آهي. ان غزل جي پس منظر ۾ مون طويل مضمون لکيو آهي، جيڪو ٽيهن چاليهن صفحن تي آيل آهي. هتي فقط مان اوهان کي اهو غزل پڙهي ٻڌايان ٿو، جنهن مان اوهان تي اهو واضح ڪرڻ چاهيان ٿو تہ اياز ڪيڏو نہ محبتي ماڻهو هو. پنهنجي بيگم صاحبہ سان، پنهنجن ٻارن سان، پنهنجن پٽن پوٽين، ڏهٽن ۽ ڏوهٽين، هڪ وڏي ڪٽنب سان هو ڪهڙي ٻاجهاري طريقي سان، محبت ۽ پيار سان پيش ايندا هئا، اهو اظهار هن غزل ۾ موجود آهي:

درد جي شام آ، سڄ ويندو لهي،
واءَ ۾ آهہ ڪا ڳالهڙي اَڻ ڪهي.

هي ٻهر پيلڙا، تا شفق ۾ ٻرن،
ڇيلڙا تا چرن، ڏئي عجب آگهي.

پيا لهون لاڙ ۾، آهه رستو سڏو
چنڊ آ چوٽ جو ۽ ڪنڊيءَ جي ڇهي.

وار تي جا وکيري، اُتر واءَ ۾
تون انهيءَ کان سواءِ ڪونه سگهندين رهي.

هوءَ جيڪا هوا جيئن آزاد آهه،
سچ چئجانءِ توسان وئي ڪيئن نهي.

ڪيئن زنجير هن تي پيا پيارَ جا،
ڪا گهڙي ڪانه توکان سوا تي رهي!

اياز هر طرح هڪ محبوب شخص هو. سندس زندگيءَ جو شعر جو جيترو گهڻو مطالعو ڪيو وڃي، اهو گهٽ آهي. سندس جيترو ڪلام آهي، اهو هڪ ڪليات جي شڪل ۾ شايع ڪرڻ چاهيون تا ۽ مون اندازو ڪيو آهي تہ اياز جي شاعريءَ جا لڳ ڀڳ ڏهہ واليوم ٿيندا ۽ هر واليوم اٽڪل ڇهہ ست سؤ صفحن تي مشتمل هوندو. شاعريءَ جي رڳو مقدار جي لحاظ کان بہ دنيا ۾ گهٽا شاعر آهن. پر مان سمجهان ٿو تہ ان لحاظ کان بہ دنيا ۾ اياز پنهنجو مثال پاڻ آهي. سندس شاعري مقدار جي لحاظ کان بہ عالمي شاعريءَ جي صف اول ۾ بيٺل آهي، ۽ اياز ڪنهن بہ ريت ٻيءَ درجي جو شاعر بہ ناهي، سندس هر شعر جو هڪ معيار آهي.

توهان کي ڪنهن ٻڌايو هوندو تہ رسول بخش پليجي صاحب چيو آهي تہ "اسان اياز کي ڻاهيو". پليجي* صاحب اِها ڳالهہ نيڪ

---

* رسول بخش پليجو

نيتيءَ سان ڪئي آهي. پليجو نہ رڳو اياز جي شاعريءَ، پر مجموعي ادب جو سنجيده شاگرد رهيو آهي، ۽ هن نثي چاهيو تہ سندس ڳالهہ جو غلط مطلب ڪڍيو وڃي. تنهنڪري پليجي صاحب بئي ڏينهن هڪ مضمون روزاني 'سنڌ' حيدرآباد ۾ لکيو جنهن ۾ هو لکي ٿو تہ "اياز ويهين صديءَ جو نہ رڳو سنڌ، نہ رڳو انڊيا، پر دنيا جو عظيم شاعر آهي."

مان اوهان کي ٻڌائيندو هلان تہ اياز جيڏو ڪم نظم ۾ ڪيو آهي، ايڏو ئي نثر ۾ بہ ڪيو آهي، اها هڪ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهہ آهي تہ ڪو شخص جيڪو وڪالت بہ ڪري. مان ڄاڻان ٿو تہ صبح سويري اياز وڪالت لاءِ تيار ٿي ڪورٽ ويندو هو ۽ هميشہ مقدمي جي پيروي اهڙي دانشوراڻي طريقي سان ڪندو هو جو قابل جج بہ سندس صلاحيتن جو اعتراف ڪندا هئا. هو صبح جو پنجين ڇهين وڳي ننڊ مان جاڳندو هو، مقدمي جي تياري ڪندو هو، ڪورٽ ۾ سڄو ڏينهن رهندو هو. پوءِ ڪهڙي وقت ۾ هو شاعري ڪندو هو، اها هڪ عجيب Mystery آهي، جيڪا هو خود بہ اسان کي سمجهائيندي سمجهائيندي، سمجهائي نہ سگهندو هو. اڄ افسوسناڪ حالت اِها آهي تہ سنڌ جي تعليم زوال پذير آهي، اسڪول بند ٿي رهيا آهن، ۽ سنڌي زبان جي تعليم جي ٻيڙي ٻڏي رهي آهي. اهو تمام وڏو هاڃو آهي سنڌ جو ۽ سڄي پاڪستان جو بہ، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ۽ تدريس جو ايڏو زوال ائين ڏسجي. اِن صورتحال ۾ جڏهن سنڌي زبان هر طرح سان پوئتي ڌڪجي رهي آهي، تنهن ٻوليءَ ۾ نثر ۽ نظم جو ايڏو وڏو اظهار ۽ ايڏي وڏي اُپت ڪري، جيڪو سچ پچ تہ هڪ چِمتڪار آهي، هڪ شخص اسان وٽان رخصت ٿئي، تہ اسين اهو نٿا چئي سگهون تہ هو هاڻي اسان وٽ موجود ڪونهي!

عزيزو! اياز جيئرو آهي، هو ڪڏهن بہ مري نٿو سگهي. اياز جو روح اسان سان زندهہ آهي، اسان سان گڏ آهي ۽ آءُ تہ ان کي پنهنجي اکئين ڏسان ٿو سندس ڪم جي صورت ۾: هن جي شاعري، هن جا ڪتاب ۽ هن جون يادون سدابهار آهن، جيڪي ڪڏهن بہ وسري نٿيون سگهن. هن جي ياد هميشہ اسان سان گڏ رهندي.

(8- جنوري پريس ڪلب ڪراچيءَ پاران
اياز جي ياد ۾ ڪرايل پروگرام ۾ تقرير)

# اياز جي خدمتن جو هڪ مختصر احوال

1955ع جي شروع ۾، سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي رسالي ’مهراڻ‘ جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾، سنڌي اديب دوستن کي خط لکيم، جن ۾ کين گذارش ڪيم تہ وقت بوقت علمي ۽ ادبي نوع جا خط اسان ڏانهن لکي موڪلين، جيئن اُهي ’مهراڻ‘ ۾ اُن خاص عنوان هيٺ شايع ڪري سگهجن. ۽ ’مهراڻ‘ ۾ اهو هڪ مستقل ۽ خصوصي عنوان قائم ٿي وڃي. منهنجي عزيز دوست ”اياز“ کي چڱي مَنَ ۾ پيئي، ۽ هڪڙو نهايت پيرائتو خط لکي موڪليائين. اُن هڪڙي خط کي ڪافي نہ سمجهي، ڪانئس اهڙن پين خطن جي گُهر ڪيم، ۽ اُهو سلسلو ائين شروع ٿيو ۽ ”اياز“ جا پهريان پنجَ خط ”مهراڻ“ 1955ع جي اونهاري واري پرچي ۾ ”اسان جي شاعر جا خط“ عنوان هيٺ پيش ڪيا ويا. اُن کان پوءِ ”اياز“ جا ٽي خط ”ادب لطيف“ جي عنوان هيٺ ”مهراڻ“ 1955ع جي سَرءُ واري پرچي ۾ پيش ڪيا ويا. اهڙيءَ ريت ويهارو کن خط وڏيڪ ڪانئس پهتا، جيڪي ”مهراڻ“ ۾ وقت بوقت شايع ٿيا. اڳتي هلي، انهن سالن کان پوءِ ڊسمبر 1963ع ۾، ”اياز“ کان

پهتل سيئي اُهي خط "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" نالي سان جدا ڪتابي صورت ۾ پڌرا ٿيا.

شروع ۾ ئي، "اياز" جي پهرين پنجن خطن شايع ٿيڻ تي، ڪن ادبي حلقن ۾ عجيب تاءُ پيدا ٿيو جو ٿپي ٿپي، ڪافي دير کان پوءِ وڃي ڪجھ قدر ماٺو ٿيو. ڪن خاص اخبارن ۾ ادبي تنقيد جي نالي ۾ ادارين ۽ مضمونن جا لاڳيتا ۽ ڊگها سلسلا ڇپيا، جن ۾ ادبُ گهٽ، ويڙهَ وڌيڪ، ۽ تنقيد بدران تهمت بازي زياده هئي. ڪن صاحبن تہ "اسان جي شاعر جا خط" عنوان مان، لفظن جي آڙ وٺي، اها بہ تهمت گهڙي ورتي تہ "مهراڻ" وارا رڳو "اياز" کي ئي "اسان جو شاعر" سمجهن ٿا ۽ ٻئي ڪنهن کي شاعر تسليم ئي نٿا ڪن. بهرحال، ننڍي ڪنڌ جي ورهاڱي واري سالَ 1947ع کان پوءِ سنڌي ادبي دنيا ۾ جيڪا چوڌاري ماٺ پئجي ويئي هئي، تنهن ۾ رسالي "مهراڻ" جي وساطت سان خاص طرح "اياز" جي شعر ۽ "اياز" جي نثر جي طفيل هڪ ڀيرو وري هلچل پيدا ٿي، ۽ سنڌي ادبُ، جيڪو پنهنجي بي مثل ڪلاسيڪي شاعرن ۽ نثر نويسن جي گودَ ۾ ننڊ مان اکيون کولي، هيڏانهن هوڏانهن ڏسي، آرَسُ ڀڃي، وري پرڀات جي مِٺيءَ هير تي ٻيهر سمهي رهيو هو تنهن "اياز" جي اُن آواز تي پاسو ورايو ۽ پنهنجي آئنده لافاني زندگيءَ جي پهرئين صبح صادق جو اُٺي سلام ڪيو. آءٌ اياز کي اُن نئين سنڌي ادب جي صبح صادق جو پهرين نديم ۽ پهريون پورهيت ٿو سمجهان.

جون 1962ع ۾ "اياز" جي شعر جو پهريون ڪتابُ "ڀؤنر ڀري آڪاس". پاڪستان رائيٽرس گلڊ طرفان شايع ٿيو. اُن جو مهاڳُ "اياز" پاڻ لکيو جنهن ۾ چيائين:

"منهنجو 1947ع کان اڳ جو لکيل اڻ ڇپيل ڪلام ضايع ٿي چڪو آهي. هِن مجموعي ۾ منهنجو ڪجھ 1947ع کان اڳ جو ڇپيل

ڪلام منهنجي زهر آلود تبسم جي آڳ ۾ جَلي ويو. اُن لاءِ نميوار اُها بي اِنتها مايوسيءَ جي "اکر اڳيان اُپري، واڳون تي وريام" واري ڪيفيت هئي، جنهن جو تفصيل فقط منهنجي زندگيءَ جي ڪنهن زخم پِنهان کي تازو ڪندو، باقي ڪنهن خاص دلچسپيءَ جو باعث نہ ٿيندو........ منهنجي پهرئين شعري مجموعي ۾ بيت، دوها، گيت، وايون، نظم، آزاد نظم، قطعا ۽ غزل آندل آهن........ منهنجي بيت جي هيئت قديم شاعريءَ جي بيت جهڙي آهي، باقي اُن جي موضوع ۾ جدت آهي. بيتن ۾ ڪم آندل ٻولي ٺيٺ سنڌي آهي، ڇو تہ بيت جي ٻوليءَ ۾ فارسي آميزيءَ جي گنجائش بلڪل نہ آهي، ۽ هندي آميزيءَ جي گنجائش بہ گهٽ آهي. بيت سنڌي زبان جي منفرد صنف سخن آهي.....اِهو خيال غلط آهي تہ سنڌي بيت ناموزون شعر آهي، جيتوڻيڪ اُن جو فارسي بحر وزن سان ڪوئي بہ تعلق نہ آهي. بيت جي تقطيع (چند وديا جي اصولن تي) ايتري پختگيءَ ۽ گرفت سان ٿي سگهي ٿي، جيتريءَ سان ٻيءَ ڪنهن صنف سخن جي ڪئي وڃي. دراصل سُٺي سنڌي بيت جي تخليق نهايت مشڪل آهي، ۽ سٺو بيت اُهو ئي لکي ٿو سگهي جنهن کي روح ۾ رواني ۽ ٻوليءَ تي بي انتها قدرت هجي. سنڌي بيت الهامي شعر آهي، آيت آهي. مون سنڌي بيت کي تصوف ۽ رواياتي شاعريءَ جي ڍير مان ڪڍي، اَڇو اُجرو ڪري، نئين رنگ ۽ روپ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اُها ڪوشش ڪيستائين ڪامياب آهي، اُن جو منصف مان نہ آهيان........ منهنجي واين جي هيئت ۽ موضوع پڻ جداگانہ ۽ جديد آهن. منهنجون وايون (اڪثر) فارسي بحر ۾ آهن، پر اُنهن ۾ قديم وائيءَ جو تسلسل آهي، جو درحقيقت وائيءَ جي صنف سخن جي جان آهي........ هن مجموعي ۾ دوهي ۽ گيت جو موضوع بہ ڪلاسيڪي دوهي ۽ گيت کان زياده وسيع آهي......... نظم ۽ آزاد نظم

۾ به مون ترنم ۽ نغمگي برقرار رکڻ چاهي آهي. ترنم جي تخليق لاءِ نه قافيو لازمي آهي ۽ نه نظم جي ڪائي خاص هيئت. آزاد نظم پڻ شعري ڪيفيت جو نه آزادانه جولان آهي، نه بي راهه روي، جيئن عام طرح سمجهيو ويندو آهي. دراصل آزاد نظم ۾ مقفيٰ نظم کان زياده ترنم ۽ فني صلاحيت جي اظهار جي گنجائش آهي........ مان وائيءَ، نظم، آزاد نظم، قطعي ۽ غزل ۾......... فارسي لفظن ۽ ترڪيبن جو محدود استعمال اعتراض جوڳو نٿو سمجهان، ڇو ته گذريل ٻن سؤ سالن ۾ فارسيءَ ۽ اردو زبان ۽ شعر جو سنڌي زبان ۽ شعر تي ڪافي اثر پيو آهي، ۽ اُن کان منحرف ٿيڻ اسان جي ٻوليءَ ۽ شعر لاءِ مُضر ثابت ٿيندو. ساڳيءَ ريت، مان هر مُستعمل هندي لفظ جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي وسعت، حسن ۽ ترقيءَ جو حامل ٿو سمجهان. پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪنهن ڌاري ٻوليءَ، خصوصاً هنديءَ جي موزون لفظن سان تعصبُ، مان ڪج فهميءَ جي نشاني سمجهندو آهيان. هنديءَ جو هندستان- پاڪستان جي زياده تر ٻولين سان قريبي تعلق آهي، جنهن کان اردودان به انڪار نه ڪري سگهندا. ۽ اُن جي مروج ۽ مانوس لفظن ۾ اها شيريني ۽ لطافت آهي، جا شايد ئي ٻيءَ ڪنهن اهڙيءَ زبان ۾ هجي، جنهن جا لفظ اسان پنهنجي ٻوليءَ ۾ بي ساختگيءَ سان جذب ڪري سگهون..... غزل جي فارسي ۽ اردو روايتن کان ڪڏهن ڪڏهن هَٽي، مون اُن کي سنڌي روايتن ۾ رڱيو آهي. اها ساڳي ڪيفيت اردوءَ جي هندي آميز غزل ۾ به ملي ٿي.

فنِ شاعريءَ جي معيار تي سوچيندي، مون کي شاهه جي سِٽ- 'ڪنول پاڙون پاتار ۾، پونر پري آڪاس' ياد پوندي آهي. هر عظيم شاعر جي روح ۾، سندس پوري ماضيءَ ۽ اُن جي فني تخليقات، روايات ۽ فلسفهء حيات جون جَڙون آهن، جي هُن جي شاعريءَ جي

نشونما ڪري، ان کي تڙيل ڪنول جو روپ ڏين ٿيون، ۽ هُن جي فن ۽ فڪر جي انفراديت، پونر جئن پِرنديءَ آڪاش ۾ اُڏامندي ٿي رهي. جڏهن 'ٻنهي سندي ڳالهڙي' راس ٿي اچي، تڏهن هڪ فني شهپارو تخليق ٿئي ٿو. منهنجو ڪلام انهيءَ معيار تي ڪيستائين پورو آهي، اُن جو منصف مان تہ يقيناً نہ آهيان، پر شايد اوهين بہ نہ ٿي سگهو! منهنجي اَنانيت ۽ حد کان زياده خوداعتمادي (جا گهٽو ڪري هر فنڪار ۾ هوندي آهي) ۽ پنهنجيءَ تخليق لاءِ بي انتها محبت منهنجي صحيح اندازي جي راهہ ۾ ضرور حائل ٿينديءَ ۽ شايد اوهان جي دور جا تَوهُمات، فن ۽ زندگيءَ جو مانوس تخيل ۽ پنهنجي همعصر جي فن کي تسليم ڪرڻ ۽ اُن لاءِ تحسين جي اظهار ڪرڻ جي فطري گهبراهٽَ اوهان جي صحيح جائزي ۽ نتيجي تي اَثر انداز ٿين. نہ فقط منهنجي تخليق جو پر هر فنڪار جي تخليق جو منصف فقط وقت آهي. مان فقط ايترو يقين سان لکان ٿو تہ منهنجو فن ۽ فڪر ڪنهن بہ تقليد يا مصلحت آميزيءَ کان ڪوهين دور آهي، ۽ مون اهڙي هڪ سٽ بہ نہ لکي آهي، جا منهنجي روح جي گهراين مان چِيرجي نہ نڪتي هجي.

هيءَ ڪتاب نہ 'برگ سبز' آهي نہ 'تحفهء درويش' ۽ نہ هر بينوا لاءِ آهي. هيءَ ڪويل جي ڪوڪ آهي. ڏسجي تہ اُها رات جي انڌاري ۾ گم ٿي وڃي ٿي يا وقت جي هانوَ ۾ ٻڙڪي ٿي لڳي ٿي."

"پونر پري آڪاس". اياز جو ڀهريون شعري مجموعو هو ۽ اُن جي پيش لفظ طور لکيل سندس مٿيون مضمون گويا سندس ادبي سفر، جيڪو ائين شروع ٿيو هو اُن جو اهو گويا سندس پڌرنامو هو.

اياز جو پهريون نثري ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي". ڊسمبر 1963ع ۾ شايع ٿيو. ساڳئي اُن مهيني ۾، ساڳئي اُن

سال اياز جو ٻيو شعري مجموعو ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ ٻه ڀڏرو ٿيو جنهن جي مهاڳ ۾ ”اياز“ پنهنجي ادبي پڏرنامي ڪي ڪجهه وڏائيندي، پنهنجن پڙهندڙن سان هيئن پنهنجا خيال ونڊيا:

”...... جي سماج کان فرار ممڪن آهي، ته اُهو اُنهيءَ زمين کان فرار آهي، جنهن مان آرٽ جي پرورش ٿئي ٿي. پال گوگيءَ ۽ مايا ڪووسڪيءَ جو فرار آپگهات جا ٻه مختلف طريقا آهن. ٽيون طريقو اُهو آهي، جو مون چونڊيو آهي: پنهنجي ويساهه جي چنڊچاڻ ڪري، بنيادي ڳالهيون ڳولي لهان، هر عارضي ۽ مصلحت آميز ڳالهه کي ٽڏي ڇڏيان ۽ پنهنجيءَ جاءِ تي اَٽل ٿي بيهان، ۽ اُن لاءِ مون کي جيڪي به سَهڻو پوي، اُهو سهان. هر عظيم فنڪار پنهنجي دور کان اڳ ۾ پيدا ٿيندو آهي.“

اُن ئي مهاڳ ۾ پوءِ اياز هڪڙي نثرنويس ۽ ٻن شاعرن جا قول ڏنا آهن:

”تاريخ گواهه آهي ته ڪڏهن به جبر و ستمَ ۽ رسم و رواجَ جي ماني پاڻيءَ زندگي پيدا نه ڪئي آهي. هر دور ۾ اهڙي انسان جي ضرورت آهي، جو اُن ۾ پٽر اچلائي، ولوڙا پيدا ڪري. زندگيءَ جو مدار هميشه اُنهيءَ تحرڪ تي آهي، جو هڪ انوکو اڙٻنگ انسان پيدا ڪري ٿو. اُنهيءَ زندگيءَ جي واسطي هر قوم کي ڪي جوکا کڻڻا آهن ۽ اُن کي ڪفر ۽ بغاوت کي ڪجهه جاءِ ڏيڻي آهي. جي اُن کي زنده رهڻو آهي، ته اُن کي اُهو جوکو ضرور کڻڻو آهي.

(هربرٽ ريڊ جي ڪتاب ”شاعري ۽ انارڪزم“ تان ڪنيل)

ٻيو قول: ”اڄ وڃ ختم ٿي...
مان اڪيلو بيٺو آهيان...

هيءَ جيون کهڙو نہ ڪنئُ، ۽ منهنجو
پٽرائون رستو ڪيترو نہ لنبو آهي!"

ٽيون قول: "مان انهيءَ ساراهہ جو مستحق نہ آهيان:
سچ پچ، منهنجا دوستا! منهنجو جيءَ جلڻ
لڳي ٿو
جڏهن تون منهنجي سچائيءَ جي ساراهہ
ڪرين ٿو
مان انسانَ وانگر رهان ٿو نہ چيتي وانگر.
منهنجيءَ ستم زده دل ۾ خوف جو آستان
آهي.
اعتبار ڪر تہ مان خوفزده آهيان!
مان خوفزده آهيان!
ها، پر –
مون کي موت کان بہ وڌيڪ خود فريبيءَ ۽
ذلت جي زندگيءَ کان خوف ٿئي ٿو."
(هنگريءَ جو شاعر، زولٽن زيلڪ)

انهن ٽن قولن کان پوءِ، اياز پنهنجي اُن بئي شعري مجموعي جو مهاڳ پنهنجن پڙهندڙن کي هيئن چئي پورو ڪيو:

"تون نڪر جي ٿانوَ ۾ پاڻي پي رهيو آهين. مان توکي بلور جي صاف ڪوزي ۾ ميءِ آچيان ٿو. تون منهنجيءَ ميءِ کان ڇرڪين ٿو ڇو تہ تون انهيءَ بينل تلاءَ جي پاڻيءَ تي هِري ويو آهين. توکي اِهو ٻاڙو پاڻي گهر ويٺي ملي ٿو. تنهنڪري تون اِها تڪليف بہ نٿو وٺين تہ تون اُهو شفاف ڇِهرٽو ڳولي لهين، جنهن جي پر تان تنهنجا وڏا ڪجهہ صديون اڳ لڏي آيا هئا. مون اُنهيءَ ساڳئي ڇِهرٽي جي پاڻيءَ تي انگور

جون وليون پوکي، اُنهن جي ميوي جي رَس مان هيءَ ميء جوڙي آهي. تون اِنهيءَ مان چُڪي چَکي ڏس. شايداِها توکي امر ڪري ڇڏي!"

هيءَ پنهنجي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو اياز سيد حسام الدين راشديءَ جي نالي منسوب ڪيو هو هي لفظ ڇٽي:

"سيد حسام الدين راشديءَ جي نالي،
جنهن جي روح مان
اروڙجي مٽيءَ جي ڀِني خوشبوءِ ايندي آهي."

پنهنجي شاعريءَ جو ٽيون ڪتاب "پونر پري آڪاس" (جون 1962ع) اياز مون ڏانهن منسوب ڪيو هو ۽ پنهنجو پهريون نثري ڪتاب، "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" هُن سوڀي گيانچندا ڻيءَ جي نالي منسوب ڪيو هو ۽ ڏانهس شاهه جي امر سِٽ منسوب ڪئي هئائين.

"عاشق زهر پياڪ، وِهه ڏسي وهسن گهڻو!"

اياز جا هي پهريان ٽيئي ڪتاب، "پونر پري آڪاس" 1964ع ۾، "ڪلهي پاتم ڪينرو" 1968ع ۾ ۽ "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" بہ 1968ع ۾، سنڌ دشمن ون- يونٽي حڪومت، سنڌ ۽ سنڌي ادب جي بدخواهن جي چُرچ تي ضبط ڪيا، ۽ اج تائين اُهي ائين ضبطيءَ هيٺ آهن.

اُنهن ٽن ڪتابن جي اشاعت کان پوءِ، اياز جا اٺ شعري مجموعا "جل جل مشعل جل" 1967ع ۾، "هي گيت اجايل مورن جا" 1968ع ۾، "ڪي جو ٻيجل ٻوليو" ۽ "ڪپر ٿون ڪُن ڪري" 1970ع ۾، "وڄون وسڻ آئيون" 1973ع ۾، "لڙيو سج لَڪن ۾" 1980ع ۾، "راج گهاٽ تي چنڊ" 1984ع ۾ ۽ "ٻڙ جي ڇانو اڳي کان

گهاٽي“ 1988ع ۾ شايع ٿيا. جن سيني تي مهاڳن لکڻ جو شرف مون کي نصيب ٿيو. اِن وچ ۾ اياز منظوم ڊرامو ”ڀڳت سنگهه کي ڦاسي“ 1974ع ۾ لکيو جيڪو اسان جي محبوب ساٿيءَ رشيد ڀٽيءَ جي 32 صفحن تي پکڙيل مهاڳ سان آگسٽ 1986ع ۾ شايع ٿيو.

1988ع کان پوءِ لطيف جي لافاني سِٽ ”مَنجهين مُلهه املهہ باهر ڪوجها ڪاپڙي“ جو مثال ٿيندي، پنهنجي املهه زندگيءَ جي آخري نَون سالن ۾ اياز واڌو 26 شعري مجموعا تخليق ڪيا.

ڪو عجب ناهي، جو سڄيءَ عمر جي ايڏي يوگدان کان پوءِ پنهنجي ”الوداعي گيت“ ۾ اياز ائين چئي اسان کان موڪلائي:

جئن سانوڻيون پرجي وسن
ٿر بَر وسائي تو وِچان،
ڇا ڇا وڄون ٿيون وَرَ وڄهن
جئن گيتَ ڳائي تو وِچان،
پر هي ڪُلهي تي ڪينرو
ڪيسين وڄايان!
الوداع!
اي سنڌ توکي الوداع!
اي هند توکي الوداع!
تو ۾ هيو سارو جڳت
اي جندُ توکي الوداع!

عزيزو اوهان جي صلاح هجي تہ پڇاڙيءَ ۾ اياز جو هڪڙو نظم اوهان جي آڏو پڙهان. دل تہ ڏاڍو چاهيندي تہ اُن جو ڪجهه تفسير ۽ ڪجهه تعبير بہ ڪري ٻڌايان. پر اُن لاءِ موقعو ۽ مهل شايد اڄ ميسر نہ

هجي- چو ته هن کان پوءِ اياز متعلق پنهنجو هڪ مختصر انگريزيءَ ۾ لکيل تاثر به پڙهڻو اٿم. هيءَ ٽن بندن جو مختصر نظم آهي- ڪو عنوان ڪونه اٿس- سندس شعري مجموعي ”راج گهاٽ تي چَنڊ“ جي صفحي 222 تي آيل آهي. هيءَ سڌو صاف ۽ سادو ۽ مختصر نظم هيئن آهي:

وڻ به ساڳــو واسُ به ساڳــو  
مَن به ساڳــو ماسُ به ساڳــو  
ڌرتـي ۽ آڪـاس به ساڳــو  
۽ ارتــو اتهـاس به ساڳــو  
پنهنجو جيءَ جياپــو ساڳــو  
پنهنجو ناسُ وِناسُ به ساڳــو.

هڪ ٻئي کي ڇا لاءِ مَٽيون ٿا؟  
هڪٻئي سان گڏ ڇو نه جيون ٿا؟  
هڪٻئي جو هَٿُ ڇو نه وٺون ٿا؟  
هڪٻئي کي سَڏُ ڇو نه ڏيون ٿا؟  
پَرَ ساگَرَ جا پول ڏسي پي،  
هڪٻئي جو هَڏُ ڇو نه ٿيون ٿا؟

هڪٻئي سان گَڏُ ڇو نه جيون ٿا؟  
هڪٻئي کي سَڏُ ڇو نه ڏيون ٿا؟  
هڪٻئي جو هَڏُ ڇو نه ٿيون ٿا؟

هاڻي، اوهان جي اجازت سان اياز بابت پنهنجو انگريزيءَ ۾
مختصر تاثر عرض ٿو ڪريان. عنوان اٿس:

# The Person Like unto the Sun

People in crisis often stumble on their Saviours, their Healers. The point is not that they deserve them or don't deserve them. The point is that times need them. Shaikh Ayaz born on the eve of the second quarter of twentieth century, was such a needed rarity for the people of Sindh.

Sindh and her people, through centuries of history, have had series of such periods of devastating bondage and life-giving turns of freedom, each such alternate of fall and rise producing persons of glorious fame, the shining jewels of their history.

The immortal Latif of the later part of seventieth and the early half of the eightieth century was one of such Saviours. It was the worst period of Mughal tyranny, and ended in liberation of Sindh under Kalhora martyrs- the heroes of her freedom struggle. Latif was the poet par excellence of that period of Sindh history.

The times of Shaikh Ayaz, the poet par excellence of modern Sindh, were the times, when the Sindhi people were engaged in their fight for independence – their foes, if not as vicious and tyrannous as the Mughals, far surpassed them in treachery and deceptiveness. The separate electorate system matching with the two-nation

theory, the off-shoots respectively of the policy of Imperialist rule and the sick reach of Islamic reaction, reinforced by the tempting carrot of sovereignty and autonomy in Pakistna, disintegrated Sindhi people, and caught them and their land in the lasso thrown by Sir Muhammad Iqbal for "Consolidation and amalgamation of four provinces- Punjab, Sarhad, Balochistan and Sindh- into on province, within the British Empire or without the British Empire" for "organizing them to achieve the Islamic Rights!" (Ref. his Lahore and Allahabad Speeches, 1930).

The combined strategy of British Imperialism and the unprincipled ways of their native lackeys- both from the Congress and the League platforms won the day, leaving no chance for their victims- the up-coming, living, vibrant nations of Indian sub-continent- to be saved except turning them within for strength to survive their adverse days, socially and culturally. Shaikh Ayaz, on several occasions in his last days said to me that he had built a "Chinese Wall for his beloved motherland, Sindh and her simple-minded and innocent people to remain protected and un-harmed in their humanism, till they emerged in time safe and sound, and came into their own as a united, sovereign and autonomous people, within Pakistan or without Pakistan."

To this end he gave to his people 39 collection of matchless poetry including 3 collections in Urdu, one being the Urdu translation in verse of Shah-jo-Risalo, apart from some 16 books in prose inclusive of 8 yet unprinted.

Indeed, it could be in this light that the last words of his full poem of farewell, poem of high vision and deep pethos, could be received and cherished by all men of good-will and love in Pakistan (Sindh) as well as in India:

اي سنڌ توکي الوداع
اي هند توکي الوداع
تو ۾ هُيو سارو جڳت
اي جندُ توکي الوداع.

Oh Sindh, farewell to thee
Oh Hind, farewell to thee
My entire Universe was in thee
Oh thou, my Persona, farewell, farewell.

(پيپلس پارٽي شهيد ڀٽو جي چيئرپرسن
محترم غنويٰ ڀٽو جي صدارت هيٺ، هوٽل
انڊس ۾ اياز صاحب جي ياد ۾ منعقد ڪيل
گڏجاڻيءَ ۾ تاريخ 28 فيبروري 1998ع تي پڙهيل.)

---

# آءُ توکي دعا تو کريان، سنڌڙي!

شاعري انساني تهذيب جو اهڃاڻ ۽ انسان جي سڀ کان لطيف ۽ اعليٰ آدرش، تصورن ۽ محسوسات جي ترجمان رهي آهي. اُها جتي حسن جي تخليق جي مُنتها آهي، اُتي انسان، سماجَ توڙي تهذيب ۽ ثقافت جي داخلي جوهر جي ارتقا جي تاريخ بہ آهي. اهو ئي سبب آهي، جو شاعريءَ کي انساني تهذيب جي دائمي حاصلات ۾ نہ رڳو ڳڻيو ويجي ٿو پر اُن کي بنيادي حيثيت پڻ ڏني ويجي ٿي. ڏکڻ ايشيا جو ننڍو کنڊ زندگيءَ جي ٻين شعبن سان گڏ ثقافتي طرح ۽ اُن ۾ بہ خاص طور شاعريءَ جي ميدان ۾، صدين کان ڏاڍو مالامال ۽ زرخيز رهيو آهي. اُن جي سيني وڏين ٻولين، جهڙوڪ سنسڪرت، هندي، بنگالي، اردو، تامِل، پنجابي، سرائيڪي ۽ سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعري، اُنهن روايتن، قدرن، تصورن ۽ لطيف محسوسات جو سرچشمو بہ رهي آهي ۽ امانتدار پڻ، ۽ انڪري، اُن کي ننڍي کنڊ جي ثقافت، تهذيب ۽ سدياءَ جي ڪاڻ چئي سگهجي ٿو.

اسان کي خبر آهي تہ شاهہ، سچل ۽ساميءَ پنهنجي پنهنجي دور ۾ سنڌ لاءِ خاص طرح ۽ مجموعي طور انسان ذات لاءِ، حسن، جاڳرتا

۽ ادراڪ جي روشني مهيا ڪئي، پر اُهي اڄ بہ ۽ ايندڙ زمانن تائين اسان جا توڙي انسان ذات جا سونهان آهن ۽ رهندا.

اِن ئي طرح سنڌ جي روان دور جو اڳواڻ شاعر شيخ اياز اسان جي ٻهڳڻيءَ ٻوليءَ ۾ ان جي اعليٰ شاعريءَ جي سدا وهندڙ نديءَ جو وهڪرو بہ آهي، ۽ جديد دور جي اڳتي وڌيل عالمي روايتن ۾ انسان دوست قدرن جو ترجمان شاعر بہ آهي- هڪ اهڙو بي مثل ۽ يگانو شاعر، جنهن جي فڪر ۽ فن جي ڳنڍيل جون ڳنڍيون ماضيءَ سان بہ ڳنڍيل آهن تہ مستقبل جي مستقبل سان بہ. اِن لحاظ کان سنڌ توڙي ننڍي کنڊ جي ڪلاسيڪي ۽ جديد شاعريءَ جو تخليقي امتزاج آهي.

هر زنده ٻولي پنهنجي وسعت ۽ عظمت جي اظهار لاءِ ڪي نہ ڪي ڪرشما ڪندي آهي، ۽ اياز جي شاعري بيشڪ هن صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ڪرشمو آهي. اياز جتي پنهنجي يگانيءَ شاعريءَ ۾، شاعريءَ ۽ ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي مزاج، روايتن ۽ سياءَ کي نئين سِر اُجاريو اُتي هن سنڌي شاعريءَ ۽ ٻوليءَ کي جدتون ۽ نيون توانايون بخشيون.

سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ وانگر اياز جي شاعريءَ جو فڪري دامن وسيع آهي، جيتوڻيڪ هُن بہ هر عظيم شاعر جيان پنهنجي وطن، قوم ۽ عوام جا ڳڻ ڳايا ۽ سندن عظمت جا اَمر گيت چيا آهن؛ پر پنهنجي جامعيت ۾ هو آفاقي شاعر آهي. هُن جي شاعريءَ ۽ شعور جي پنڌ جا سڀ رَند، اُن منزل ڏانهن وڃن ٿا، جنهن کي ”ڪُلَ“ جي حيثيت ۾ ”انسانيت“ چئجي ٿو. اڄوڪو انسان جيڪو ترقيءَ جي ڊوڙ ۾ چٽاپيٽيءَ ۾ پنهنجا بنيادي انساني ۽ سماجي ماڻ ۽ قدر وڃائيندو يا ڪم از ڪم ڪمزور ڪندو ٿو وڃي، تنهن کي وڌ ۾ وڌ وڏي ضرورت بہ انهيءَ آفاقي اُتساهہ ۽ پيغام جي آهي؛ جيڪا اياز جي شاعريءَ جو محور ۽ محرڪ آهي- يعني انساني شعور ۽

ضمير جي جاڳ ۽ ترويج ۽ اُن جي وقار جو قيام ۽ ميتا. اياز پنهنجي شاعريءَ ذريعي جتي سنڌي معاشري جي ماضيءَ کي حال سان ڳنڍي ٿو اُتي اُن جي حال کي مستقبل لاءِ ذميوار ٻڌائي ٿو. انساني سماج ۾ ماڻهپو سهپ، رواداري، سُچيتائي ۽ زندگيءَ سان سِرسيتائي- اوائل کان وٺي انساني تهذيب جي اعليٰ شعور جا اُهي قدر ۽ آدرش رهيا آهن، ۽ شيخ اياز جي شاعري اُنهن جي ئي آئينہ دار آهي. دراصل اِها ئي اُها ڳالهہ آهي، جا اياز کي شاعريءَ جي عظمت جي بلندين تي رسائي ٿي.

اياز رڳو وڏو شاعر ئي نہ پر ادب، شاعريءَ ۽ فنون لطيف جو بہ وڏو ڄاڻو ۽ عالم هو. سنڌيءَ سان گڏ هن کي انگريزي، هندي، فارسي ۽ اردو ٻولين تي دسترس هئي، ۽ اُن سبب هن جو دنيا جي ادب ۽ شاعريءَ جو مطالعو بيحد وسيع هو.

سنڌي شاعريءَ سان گڏ اردوءَ ۾ بہ اياز جي طبعزاد شاعري جوڳي مقدار ۾ بي مثل آهي. اردو شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جو مزاج گهڻي ڀاڱي فارسي آميز رهيو آهي، جڏهن تہ اياز جي اردو شاعريءَ ۾ جديد اردو ٻوليءَ جڻ تہ نئون جنم ورتو آهي. اياز جي اردوءَ ۾ فارسيءَ جي آميزش کان وڌيڪ هنديءَ جي آميزش آهي، ۽ ائين اياز اردوءَ جو ناتو اُن ڌرتيءَ سان ڳنڍيو آهي، جتي اُن جنم ورتو. اردوءَ جي هندي ٻوليءَ سان آميزش سان اياز اردوءَ کي ثقافتي طرح اجنبيت ۽ اوپرائپ مان ٻاهر ڪڍيو آهي. نہ رڳو ٻولي، پر خود شاعريءَ جي مزاج جي حوالي سان بہ اياز جي اردو شاعري، هڪ بنهہ نئون ۽ عجيب تجربو آهي. مثال طور، اياز جو هيءُ نظم:

دور کیلاش سے          میرے نکوے چلے

چاند ہیمنت کا
میرے من کو ہمیشہ بلاتا رہا
میں کہ رنبیر تھا
لو میں لڑتا رہا
برچھیوں کے تلے
جھپکیاں نیند کی
مجھ کو راس آگئیں
رن پہ سورج کے نکھ
جب چمکنے لگے
میں نے چہرہ نہ اُن سے چھپایا کبھی
ریت تانبا بنی

برچھ کی چھاؤں میں میں نہ بیٹھا کبھی
گھاؤ جب بھر گئے، میرے ہر انگ پر
کتنے کالے گلابوں کے پودے ملے
بیریوں نے کبھی یہ شکایت نہ کی
میں نے لڑتے ہوئے وار اوچھے کئے
مارنے سے کبھی ہچکچاہٹ نہ تھی
اور نہ مرنے کا ڈر
ہاں مگر
رن کی جلتی ہوئی ریت پر
دور کیلاش سے
چاند ہیمنت کا
میرے من کو ہمیشہ بلاتا رہا!

اردوءَ ۾ اياز جو اهڙو تازه دم، بي مثل ۽ اسان جي ثقافت جي هڳاءَ سان واسيل نظم خود اردو شاعريءَ لاءِ ڪنهن ياڳ کان گهٽ ناهي. سياڻي، جڏهن به ڪنهن سنجيده محقق ۽ نقاد جديد اردو شاعريءَ تي تحقيق ڪئي ته اهو ضرور واضح ڪندو ته اياز سنڌيءَ سان گڏ اُردو شاعريءَ کي به نئون ڏَسُ ۽ جوت عطا ڪئي آهي.

ادب، شاعري هجي يا نثر- افسانو ڊراما، مضمون يا تنقيد ئي هجي- انساني معاشري ۾ هر مرحلي تي مهذب انسان جي تربيت جو مقصد اُن جي سامهون رهي ٿو. مهذب انسان يا انسان ڪامل جي وڏندڙ تصور جي قريب ويندڙ انسان، انساني معاشري لاءِ، سدا هڪ ڏورانهون نشان (Ideal) رهيو آهي- اول ته هر پيءُ ماءُ جو پڙ استاد جو شاعر ۽

اديب ۽ عالم جو پيغمبرن جو ۽ سڀ کان وڏيڪ خود خدا جي رضا جو۔ خدا جيڪو استادِ ازل مڃيل آهي: اُهو نئون مهذب انسانُ، جيڪو حيوان جي سطح تان اُڀري، انساني سطح تي به پاڻ تائين محدود يا ڪافي نه، پر قومي، عالمي ۽ آفاقي دائرن ۾ پنهنجي ڪردار جي لحاظ کان پورو ثابت ٿيل. انسانيت جي عروج تي رسڻ لاءِ، اول کان ائين انسانن جي امنگ ۽ جذبي، فڪر ۽ عمل جي تاديب ۽ تدريس ٿيندي آئي آهي، ۽ ٿيندي ئي رهندي اِن انساني تهذيبي ۽ تربيتي عمل جي حوالي سان، انساني معاشري جي مهذب فرد جي حيثيت ۾ هڪ شاعر جي پنهنجي تخليقي عمل ۽ ڪردار جي اِفادي بلندين جو احاطو ۽ وزن به تي سگهي ٿو. اِن سلسلي ۾ اياز جي املهه زندگيءَ جي آخري دور جا رچيل شعر هن موقعي تي پڙهڻ جي اجازت ٿو گهران، جڏهن وري وري پاڻ اسپتال ۾ داخل ٿيندا تي رهيا، ۽ پوءِ به پاڻ پنهنجي ذاتي نجات جي اوني ۽ اُلڪي کان وڏيڪ پنهنجي وطن، قوم ۽ بني نوع انسان جي اجتماعي آزاديءَ، خير ۽ فلاح جا گيت رچيندا رهيا.

اسپتال ۾•

اوندهه ۾ جو ڪويل ڪوڪي
وڻ تان اکٽ تارن هينان
آءُ اڳهائيءَ منجهه اڪيلو
اُن کي وينو ساتي سمجهان:
اُن وانگر مون ڪُوڪي ڪُوڪي
ساري رات گذاري آهي

---

• 1991_1992ع جي دؤر جي چئن مهينن ۾ رچيل ۽ شعري مجموعن "ڪتين ڪر موڙيا جڏهن"۔ جلد پهرئين ۾ ۽ ٻئي تان ڪنيل گيت ۽ نظمَ- جيڪي به ترتيبوار پوءِ 01.10.1991 ۽ 01.10.1992 تي ڇپيا.

## مون ڏانهن لنوڪي آندي آ

ها، پَرَ ڪيڏو باڪَ پري آ!
پر هيءَ ڪويل، تنهنجون سارون
ڪيڏيون منهنجي مَن آٽي ٿي!
ماڪَ جيان ڪجهه تازا آنسو
اڄ منهنجي لاءِ اُماٽي ٿي:
تون آهين، تون ايندينءَ مون ڏي
باڪ ڦُٽيءَ جون شاخون ٽيندينءَ!
يا تون منهنجي لاءِ سدائين،
ڪمري منجهه سلاخون ٽيندينءَ؟

•

ڪاش صحت هجي مان وڙهان!
ڇا ڪريان!
بستري تان پيو لکان
جنگ منهنجي اڄا
آ قلم جي ذريعي هتان!
هَڏَ پوڙها ٿيا
هوڏَ پوڙهي نہ ٿي.
هيءَ ڳلي آهہ آزاديءَ جي ڳلي
ڪِٿِ بہ سوڙهي نہ ٿي
ٿي اڳي کان ڪشادي وڃي،
گيتُ منهنجو ائين جڻ مُنادي وڃي

•

هي وسامي نہ ويندا ڪڏهن،
هي صدين ۾ بہ ڪامي نہ ويندا ڪڏهن

## مون ڏات لنوڪي آندي آ

آڳ آهن اَزل جي اِهي
ماڳ آهن اَبد جا اِهي
جاڳ مان ٿا جُڙن
جاڳ، جا نند ۾ تير جئن
ٿي نشانو ڇُٽي
ٻاک جئن ٿي ڦُٽي،
اِينءَ تقدير ۾
راڳ مون لاءِ ڪنهن
هي لکيا ها جڏهن،
آءٌ تنهن وقت کان
ٿو اُهي ڳوليان!
هي لِکي،
چانهه پي! چانهه پي!
ڪونہ ايندا وري
هي پکي دور ديسَ تان
جئن فرشتا اچن
هي اُنهيءَ ويسَ سان
ڪونہ آڪاس مان
هيٺ ايندا وري!
موت تي ڪنهن ڪٿي آ سواري نہ هِئن،
ڳَنَ ڪولي، گلابي گلن جا ڪڏهن
زندگي! زندگي! ڪنهن پڪاري نہ هئن
واٽَ ڦاٽي ويو
چڙهه تہ درياهہَ جو

آءُ ڳاتو جڏهن،
نانگ جئن شوَ ڳچيءَ منجهه پاتا هئا،
ڪيترا گيت آتا هئا!
جڙ جوالا مُکيءَ منجهه گُنجارَ هئي،
ڪير چوندو تہ هيءَ جندڙي هار هئي؟
گيتَ هي جيت ها، موت تي وار ها

●

تنهنجي آزادگيءَ لاءِ ڳايان پيو
گيت هارن جيان
جڙ پٿا ڪارتوسن منجهان
تو پري پائيان!
ديس توتي اچا
جيستائين جيئان
شاعريءَ کي پيو گهوريان
هر گهڙيءَ کي پيو گهوريان
گيت تولئہ ائين مان چڏيان
پير لاهين نہ تون
پٿرن تان ڪڏهن
ڪنهن بہ قالين لئہ
پنهنجي آزادگيءَ کان سوا!

●

هيءَ ڇاتي تہ ڏس لَکَ کُورا آتي،
جي جڳت ۾ برن سي سمورا آتي؛

## مون ڏات اڻوکي آندي آ

اوءِ نورا* اُتي!
ٻول ٻڌڻا آتي، ٻڌُ پورا ُتي!
تون لِکي، وچ پريندو سوين پِجرا
هي پکي پار جا
ڪونہ ايندا وري
هئين هوا تي تري!
ٻول منهنجا جُڳا جڳ پيا جرڪندا
جيئن تاندا هجن،
(سي بہ ڪاندا هجن)
هي پيا جَرڪندا
(هيءُ سنسارُ سِگريءَ جيان آهہ جڻ
گيت سڀ باهہ جڻ)
گيت للڪار ها،
ڪا سُتل سار ها۔
مان ازل جي اُها جاڳ هان
جا ابد تي بہ کُٽڻي نہ آهي ڪڏهن،
ننڊ مان ڪِئن اَڪيچار هي گُلَ ڦُٽا؟
نِنڊ ٻئي ڪنهن ڪويءَ جي ائين ناهہ ڦِٽڻي ڪڏهن!
ڪيتريون مون ولڻيون
آگ جون
ٻوڪيون
گيت سنسارَ جا
اِئن ڪڙي پيا، ڏياٽيون ٻَريون،

* شاعر پنهنجي دل واري دوست نور احمد ڪوجي کي مخاطب آهي.

ڪو شوالو پيا هيٺ روشن ڪريون،
هيٺ ڌرتيءَ مٿان!
هيٺ ڌرتيءَ مٿان!

●

ٻانهن تنهنجي وٺي
آءُ توکي دعا ٿو ڪريان سنڌڙي!
لَهَس ايندي نہ توکي ڪڏهن!
ٻاهہ ۾ تون تَپي،
اُيرنديءَ نيٺ گلزار ٿِي.
آءُ جا اڳڪٿي
آ ڪئي،
آهہ ڪوڙي نہ ٿِي،
آهہ ثابت ڪيو
وقتَ اُن کي سچي.
سنڌڙي سنڌڙي!
جڳ جي جِندُڙي!
تون نہ مرنديءَ ڪڏهن!
تون نہ مرنديءَ ڪڏهن!
آءُ ٻَلهار تو تان ٿيان
سَوَ دفعا گهورجان،
نيٺ وَرنديءَ ڪڏهن،
نيٺ ورنديءَ ڪڏهن!

نوان مهذب انسانَ سماج ۾ نهن يا پيدا ڪجن، اِها خواهش تہ هر ڪنهن جي آهي- ماءُ پيءُ، استاد، صحافيءَ، سياستڪارَ ۽ شاعر،

اديب ۽ عالمَ، پيغمبرن، ۽ خود خدا جي رضا جي، جيڪو استادِ ازل آهي سڀ جو. انساني ڏُرين وٽ فرصت ٿوري، سندن سکڻ سيکارڻ جي اهليت ناڪافي، برتريءَ ۽ ڪمتريءَ جي احساسن جو حجاب جدا. ۽ سڀ کان وَڌ اڻپورو مهذب سماجُ، جنهن جي تربيت جي رفتار سُست ٿي رهي. 'استادَ' گھٽجي ٿي متاڪُٽ ڪن ۽ 'شاگرد' کٽي سڀ ميجين ته تاديب ۽ تدريس مان سچو فائدو سندن آهي ۽ 'استادن' جو ڪو مفاد اُن ۾ ڪونهي، پر گھڙيءَ ٻن جي عُمر، اَٿاهه وقت جي آڌو داٽو چڳيو نه چڳئي جھڙو پَرندي طور اُڏريو وڃي. تربيت جو عمل تنهنڪري اُهو ئي گھاٽي جي ڊِگي جي رفتار سارُو "ڊِگو پيرُ پيران!" سو جُڳن جا جُڳ کپن، جو انساني سماج ائين پنهنجي آزادي، خيرَ ۽ آفاقي فلاح ۽ نيڪيءَ جي سمجھ جي ساپيان جو معراج ماٽي سگھي! استاد، شاعر، انسان دوست ماٽهو ائين پنهنجو پنهنجو بي لوث پورهيو اڻپورو ڇڏيو دل ۾ اٿاهه درد کنيو الوداع ڪن ٿا، ۽ شاگرد، تهذيب جي واٽ ۾ نسلن پٺيان نسل هڪ اڌ قدم اڳتي ٿي، پنهنجي محروميءَ تي ماتم ڪندي رهجي ٿا وڃن. ۽ دراصل اِها صورت ٻه طرفين لاءِ غنيمت سمجھبي، ڇو ته پوئتي رهجي ويل پوءِ جيڪي ڪندا، سو وري ٻه پنهنجي لاءِ ئي ڪندا.

اياز جي آخري هڪ اردو نظم ۾ اهڙيءَ ئي هڪ طرح جي استغنائي ڪيفيت اظهاريل آهي:

آج کیوں پھول لانے لگے  
اور عقیدت کی شمعیں جلانے لگے  
میری برسی منانے لگے!  
جاؤ جی، جاؤ جی!

مون ڏلت لنو ڪي آندي آ

اپنی بیوی کے رانوں پہ ہاتھوں کو گرماؤ جی!
اس کا سینہ نگاہوں سے برماؤ جی!
اب اشاعت گھروں میں کتابیں مری کوئی چھاپے تو کیا
راکھ پر ہاتھ تاپے تو کیا
مجھ کو پیمانۂ وقت ناپے تو کیا
خاک سے لَو لگائے تو کیا
پھول لائے تو کیا
اب تو آدھی صدی ہو گئی ہڈیوں کو ٹھٹھرتے ہوئے
قبر پہ گاؤں کی چاندنی کو نکھرتے ہوئے
اوس کے آنسوؤں کو بکھرتے ہوئے
اب مجھے انتظارِ شناسِ سخن ہی نہیں
پاسِ فن ہی نہیں،
کوئی اپنے لئے حسنِ ظن ہی نہیں!

سندس هڪ سنڌي نظم به ان پسمنظر ۾ ڏجي ٿو.

سوچئين تون مٿان
مون مٿان مقبرو!
چنڊُ، تارا، ڪتيون
سڄ جون مشعلون
مون مٿان
روز برنديون پيون،
روز مون تي ڪندا سوجهرو!
روز مون تي شفق پڙ پائي زريءَ جا،

عقيدت جو اظهار مون سان ڪندي،
ڏينهن جو روز سورجَ مُکين جئن
پئي زندگي جر ڪندي،
رات رابيل جا گُل نڇاور ڪندي
آءُ هوندس جِتي!
تون متان هِن گنهگار کي،
ڪنهن وڏي پيرَ سان پيٽئين،
شاعري ريٽئين،
جنهن هزارين بزرگيون متائي ڇڏيون،
سجّ هيٺان ڳڪر جئن لڪائي ڇڏيون،
سمنڊ ۾ ريت وانگر ڇُپائي ڇڏيون،
جي نہ ڪوئي بُجهائي سگهي،
۽ نہ طوفان ڪوئي بہ تن کي وسائي سگهي!

(شيخ اياز سيمينار ڀٽ شاھ تي پڙهيل تقرير: 13 مارچ 1998ع)

# عظيم سنڌي شاعر: شيخ اياز

شاعر ۽ شعر بابت اڪثر ائين چيو ويو آهي ته ٻئي اُهي ڳجهارتون آهن، ۽ عام سمجهه کان مٿي آهن: البت اُن لاءِ ڏَسُ اهو ڏنل آهي ته ٻنهي مان ڪنهن به هڪ کي سمجهڻو آهي ته پهرين ٻئي کي سمجهڻ ڪپي!

هن موقعي تي پهرين مون شاعر شيخ اياز کي سمجهڻُ ۽ ڪجهه ڪجهه سمجهائڻ چاهيو آهي- گهٽي قدر خود سنڌس لفظن ۾. هونئن اها ڳالهه هر ماڻهوءَ ۽ ان جي زندگيءَ لاءِ- جيئن هر مفڪر ۽ اُن جي فڪر لاءِ، هر ڪاريگر ۽ اُن جي ڪاريگريءَ لاءِ بلڪ هر پورهيت ۽ اُن جي پورهئي لاءِ به- اوتري ئي صحيح چئي سگهجي ٿي، بشرطيڪ اُنهن ان لاءِ ڪو روشن نشان، ڪو سچو مواد ڇڏيو هجي. بيو نه ته سنڌن ڪي اهڙا آثار يا ڪو هڪ اڌ اهڙو ڪم يا ڪا هڪ نه بي اهڙي ڳالهه ئي اُن لاءِ ڪافي ٿي سگهي ٿي. اسين ته خوش نصيب آهيون، جو اسان جي قومي زندگيءَ جي مُک دائرن يعني سياست، مذهب ۽ تهذيب مان هر هڪ ۾ اسان جي ڪيترن ئي محسنن اسان لاءِ گهڻو ڪجهه پوئتي پئي ڇڏيو آهي، جنهن کي ياد ڪري، سمجهي، اُن سنڌن نقش قدم تي هلي، هُنن لاءِ هر دم پنهنجي عقيدت جو اظهار

ڪري ٿا سگهون ۽ ائين پنهنجي زندگيءَ جي راهه جو قدم قدم روشن به ڪري ٿا سگهون. قومي زندگيءَ جو ليکو ۽ اُن جي ساڃاهه به ائين جُڙندي ۽ مضبوط ٿيندي آهي.

شيخ اياز صغيرسنيءَ ۾ جڏهن هو چوڏهن سالن جو هو پنهنجو پهريون شعر رچيو. اُهو سندس تاثراتي غزل نما شعر هو ۽ 1938ع ۾ شڪارپور مان شايع ٿيل ٻارن جي رسالي ”سُدرشن“ ۾ ”مردِ خدا“ جي عنوان سان ڇپيو هو:

نه غم دنيا جو آ ان کي، نه دنيا کان ڪنارو آ،
نه ڏيٺو آ نه ونٺو آ، نه حيلو آ نه چارو آ،

نه پنهنجن سان محبت آ، نه نفرت غير سان اُن کي،
سين ۾ ذات حق ڏسٺو اهو اُن جو نظارو آ،

نه آهي شاهه شاهيءَ ۾، گدائيءَ ۾ نه غم اُن کي
جو آهي سو آهي بهتر، اِهو اُن جو نظارو آ،

ڪفر اسلام کان فارغ، نه ملت سان غَرضُ اُن کي،
نه هندو آ نڪي مسلم، سين کان پنٿ نيارو آ.

شيخ اياز جو ٻيو نظم نما شعر به اُنهيءَ ئي سال ماهوار رسالي ”سنڌو“ ۾ شايع ٿيو.

سفيدي سبزپوشي اڄ ڪکَر ڪٺن تان ڪري آيا،
گُوالن جٺن مٿي تي موڙ جيان مَٿڪي ٻري آيا،
برهمڻ ڪعبي لئه ڪوزو گنگاجل مان ڀري آيا.
پئي هڪ بُوندَ باراني صدف جي وات وهه وهه!
اڙي! برسي آ بَرسن کان وري برساهه وهه وهه!

## موهن ڏلت لنوڪي آندي آ

عجب رنگت اچي وئي آ، نظر ڪر ڏس جهان ۾ جئن،
ڳلي ڪوچي ڪچي رستي ۽ هر ڪون ومڪان ۾ جئن،
نظاري نور نرمل سان، ڪٿي ڏس آسمان ۾ جئن،
رتل پوتي ستارن سان رَسيلي رات وهہ وهہ وها
اڙيا برسي آ بَرسن ڪان وري برساهہ وهہ وهہ وها

لُڏي لامُن تي لَٽڪي مان، عجب ڪوئل ترانو آ،
’پيا پيا‘ پريم مان ٻولي، پپيهي شادمانو آ،
ڪري گفتار گاڏيرڻ، چيو ”ماضي فسانو آ“،
چمن ۾ چوڄ مان بلبل، برهہ جي بات وهہ وهہ وها
اڙيا برسي آ بَرسن ڪان وري برساهہ وهہ وهہ وها

بيابان آهہ تيو بُستانُ، تيو آ گاهہُ گلزاري،
چمن ۾ اڄ بهاريءَ، جو ڏئي تي دادُ ديداري،
اُفق جي ۽ شفق جي پڻ، عجائب آ مزيداري،
پرستان جي پريزادي، پَسو پريات وهہ وهہ وها
اڙيا برسي آ بَرسن ڪان وري برساهہ وهہ وهہ وها

الاهي عشق جو ٿي چؤطرف جوش و جنون آهي،
چيو هر خون جي قطري، پڪاريو لُونءَ لون آهي،
جتي جانب وڃان ٿو اُت، ترانو تُون ئي تُون آهي،
’مبارڪ‘ جي زبان کي پڻ سنڌءِ ٿي تات وهہ وهہ وها
اڙيا برسي آ بَرسن ڪان وري برساهہ وهہ وهہ وها

شيخ اياز ڇهه ست سال پوءِ، جڏهن هُو شڪارپور ڇڏي ڪراچيءَ ۾ بي.اي پڙهڻ آيو. تڏهن هُن 1944_1945ع ڌاري ”او باغي، او راج دروهي، پارت ۾ بلوي جا باني!“ نظم رچيو. 1946ع جي سنڌ اسيمبليءَ لاءِ پهرين چونڊن ۾ شيخ اياز ۽ ٻيا دوست۔ آءُ بہ ساڻن گڏ هوس۔ ٿر ۾ عمرڪوٽ، ساماري، ڪپري جي تڪ لاءِ هاري ورڪر ڪامريڊ عبدالغفور سرهنديءَ جي حمايت ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ وياسين، تڏهن اياز جو ٻيو رچيل انقلابي نظم:

”انقلاب! انقلاب! ڳاءِ انقلاب ڳاءِ!“

سڄيءَ چونڊ واري تڪ ۾ سڀ ڏينهن گڏجي ڳائيندا ٿي رهياسين.

1947ع ۾ ڪراچيءَ جي ساٿين جي صلاح ۽ رٿا سان شڪارپور مان، شيخ اياز جي زير ادارت ۽ سندس اتان وارن ساٿين جي تعاون سان، ترقي پسند رسالي ”اڳتي قدم“ جو اجراءُ عمل ۾ آيو. هن رسالي جا فقط ٽي پرچا ئي نڪتا. اُن گهڙيءَ سنڌي قوم ۽ سنڌي سماجُ پنهنجي تاريخ جي هڪ وڏي نازڪ مرحلي مان گذري رهيا هئا. هن رسالي پنهنجي اُن مختصر وقت ۾ وطن پاڪ سنڌ، اُن جي ٻوليءَ، ثقافتي ورثي، دفاع ۽ مستقبل جي فروغ لاءِ جيڪو ڪردار ادا ڪيو اُن بابت مون هڪ موقعي تي لکيو آهي تہ اُن رسالي ”سنڌي ادب جي نڪ ۾ غلاميءَ جي ناڪيلي پيل هئي، سا لاهي ڦٽي ڪئي ۽ اُن کي اڳتي وڌڻ لاءِ پنهنجو مقصد، پنهنجي راهہ ۽ پنهنجو ارادو عطا ڪيو.“

1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي سماهي ادبي رسالي ”مهراڻ“ جو ڪراچيءَ مان اجراءُ ٿيو. جنهن ۾ شيخ اياز جون پهريون رچيل وايون، بيت ۽ دوها شايع ٿيا. ۽ ائين سنڌي ٻوليءَ ۾ اُن جي اصلوڪن شعري

گهاڙيتن سان گڏ اياز جا نت نرالا گيت، نظم، غزل وغيره- سندس بيتاب باغي روح جون املهه رچنائون- هر پيري ۾ سالن جا سال شايع ٿينديون رهيون، ۽ اڄ تائين اُها ئي روايت سنڌي رسالن جي ادبي صفحن جي زينت بنجندي پئي آئي آهي.

پنهنجي پهرئين شعري مجموعي ”ڀؤنر ڀري آڪاس“، جو پيش لفظ پاڻ لکندي، شيخ اياز پنهنجي شعر بابت لکيو:

مون سنڌي بيت کي تصوف ۽ روايتي شعر جي ڍير مان ڪڍي، اڇو اجرو ڪري، نئين رنگ ۽ روپ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي... منهنجي ’واين‘ جي هيئت ۽ موضوع بيئي جداگانه ۽ جديد آهن... هر عظيم شاعر جي روح ۾ سندس پوري ماضيءَ ۽ اُن جي فني تخليقات، روايات ۽ فلسفهءِ حيات جون جَڙون آهن، جي هن جي شاعريءَ جي نشونما ڪري، اُن کي شگفته ڪنول جو رنگ روپ ڏين ٿيون ۽ هن جي فن ۽ فڪر جي انفراديت ڀونر جيئن ڀِرندي، آڪاش ۾ اُڏامندي ٿي رهي. جڏهن ’ٻنهي سنڌي ڳالهڙي‘ راس ٿي اچي، تڏهن هڪ فني شهپارو تخليق ٿئي ٿو...“

شيخ اياز جو ٻيو ڪتاب- سندس نثر جو ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ نالي سان- 1962ع ۾ شايع ٿيو. اُن ۾ ايڊيٽر سماهي ”مهراڻ“ ڏانهن لکيل سندس خط گڏ ٿيل هئا ۽ ”نوٽبڪ جا ورق“ عنوان هيٺ 25 صفحن تي ادب بابت سندس پنهنجا ۽ دنيا جي اديبن ۽ عالمن جا خيال پيش ٿيل هئا. جن مان هڪڙو اقتباس شيخ اياز جي پنهنجن لفظن ۾ هن موقعي تي گوش گذار ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان:

"... هو اُهو ديوانو شاعر هو، جو هر پيشرؤ جو پيرو ڊاهي، منزل ڏانهن اڳتي وڌندو هو. مون هن کي هڪ دفعي 'غالب' جو هيٺيون شعر ٻڌايو:

لازم نہیں کہ خضر کہ ہم پیروی کریں،
مانا کہ اِک بزرگ ہمیں ہمسفر ملے۔

هن فوراً شدت سان چيو، 'غلط! غالب غلط آهي. هر عظيم شاعر پنهنجو خضر پاڻ آهي، هن کي نہ رهبر جي طلب آهي، نہ همسفر جي.'

"سنڌ جي ڪلاسيڪي ادب متعلق گفتگو ڪندي، هڪ ڀيرو ڏيئي هُن چيو: 'سنڌ جو ڪلاسيڪي شعر! آخر اِهو آهي ڇا؟ ڪنهن جهوني جُڳ جون ڏندڪٿائون- منصور جو سوريءَ تي چڙهڻ، ذڪريا جو ڪرت سان چيرجڻ، حضرت يونس جو مڇيءَ جي پيٽ ۾ رهڻ! ڪجهہ روحاني ڏاڪڻيون- شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت- ناسوت، جبروت، ملڪوت، لاهوت! فقط بي معنيٰ لفظ..'

هن ۾ هڪ منفرد اديب جي انانيت ۽ خوداعتمادي هئي. هن جو روح اُها چولي هئي، جا ڪچ ڪوڏيءَ ۽ موتيءَ کي ساڳيءَ طرح ٽُڏي، چنڊ کي چُمڻ لاءِ اُيرندي آهي. ظاهري طرح هو واقعي ديوانو ٿي لڳو پر هر عظيم شاعر اُهو ديوانو آهي، جو جنون جي بي انتها جوش ۾ پٿر اڇلائي، عرش عظيم جا در دريون ۽ روشندان ڀڃي وجهندو آهي.

مون هُن جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو، 'ڪنهن حد تائين مان توسان متفق آهيان، پر سنڌي ڪلاسيڪي شاعري فقط تصوف جو مُربو تہ نہ آهي، ۽ تصوف جو بنيادي نظريو بہ تہ آفاقي آهي. انسان جي انسان سان محبت، انسان جي ڪنهن ازلي حقيقت جي جستجو- جي

اِهي انسان مان ويا. تہ باقي هن ۾ ڇا رهيو؟ اهي شاعريءَ جا ابدي موضوع آهن. ائين صحيح آهي تہ تصوف جو نظريو نہ فقط سنڌ ۾، پر ڪيتريءَ حد تائين هر هنڌ مضحڪ خيز آهي، پر ان جي معنيٰ اها نہ آهي تہ شاهہ جو 'مومل راڻو' ۽ 'سسئي پنهون' اُن ڪري بي معنيٰ آهن. ڇاڪاڻ جو شاهہ جي شاعريءَ جو محرڪ تصوف جو ڪو نظريو هو. جيڪڏهن تون عينيت جو غلاف هٽائي ڏسندين، تہ توکي شاهہ جا ڪيترائي بيت مجاز جا مجسما نظر ايندا، جن ۾ خالص حسن آفريني ۽ فطرت نگاري پيئي بکي. شاهہ ۾ فطرت سان ڪيتري نہ محبت آهي؟ مون فرانس جي عظيم شاعر 'بادليئر' جي ڪلام جو مجموعو 'گناهہ جا گل' پڙهيو آهي ۽ اُن جي هڪ شعر جا لفظ اڃا تائين منهنجي ذهن ۾ محفوظ آهن:

"تون سڀ کان وڌيڪ ڪنهن سان محبت ڪندو آهين؟
پنهنجي پيءُ، پنهنجي ماءُ، پنهنجي ڀيڻ يا پنهنجي ڀاءُ سان؟'
'مون کي نہ پيءُ آهي، نہ ماءُ، نہ ڀيڻ نہ ڀاءُ.'
'پنهنجن دوستن سان؟'
'تون اُهو لفظ ڪم آڻي رهيو آهين، جنهن جي معنيٰ کان اڃا تائين ناواقف آهين.'
'پنهنجي وطن سان؟'
'مون کي خبر نہ آهي تہ اهو دنيا جي ڪهڙي حصي ۾ آهي.'
'سُونهن سان؟'
'سونهن کي جيڪر دل سان چاهيان ها، ڇو تہ اُها ديوي آهي ۽ امر آهي.'
'سون سان؟'
'سون کان ايتري نفرت آهي، جيتري توکي خدا کان.'

’اي اجنبي انسان! تنهن تنهنجي ڪهڙيءَ شيءِ سان محبت آهي؟‘

’منهنجي بادلن سان محبت آهي! بادل، جي ويندا رهندا آهن- ازلي، حيرت انگيز بادل!‘

”هيءَ بادليئر جو شعر منهنجي روح جي سيپاري جو هڪ ورق آهي. پر اُنهيءَ جي مقابلي ۾ شاهه جو ’سر سارنگ‘ رکي ڏس، ۽ اها سِٽ پڙهه:

’آڳميو آهي، لڳهه پس، لطيف چئي!‘

”چا، توکي ان سِٽ ۾ اُها ڪيفيت محسوس نٿي ٿئي، جا ’بادليئر‘ جي نظم ۾ آهي؟ هر شاعر ۽ اديب جي تخليقات ۾ هُن جي ماحول جون روايتون ۽ توهمات پوشيده آهن- توڙي هو قديم شعراء مان هجي يا جديد مان. ڪن جو روح اُهو تلاءُ آهي، جنهن جي چَر هيٺان سَرَ ۽ چڪٽي مٽي آهي: تون اُن چَرَ کي چاندوڪيءَ وانگر چمي ڏس، اُن جي سَرَن ۽ چڪٽي مٽيءَ کي ڇا ڪندين؟ تون ان ۾ هنج وانگر ٽُبي ڏي تہ توکي موتي ملن. فقط ڪنهن ڪانوَ جي ڪانگيري ۾ ويهي ڇو ٿو چيخ پڪار ڪرين؟ بهتر آهي تہ ڪلاسيڪي شعر جي انهيءَ حصي کي نظرانداز ڪري ڇڏ، جنهن ۾ آفاقيت نہ آهي، جنهن ۾ شاعر جي دور جا توهمات ۽ بي ڪيف تصورات آهن. [نہ وسار تہ] عين ممڪن آهي تہ هڪ صديءَ کان پوءِ تنهنجي منهنجي ڪلام لاءِ بہ ڪئنچيءَ جي ضرورت پوي.“

”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ ڪتاب مان هڪ ٻيو ٽڪرو بہ پانيان ٿو تہ اوهان جي آڏو آڻي ڇڏيان. آگسٽ 1961ع جي ستينءَ تاريخ تي اياز مون ڏانهن خط لکيو جيڪو اِنهيءَ ڪتاب جي ص 64 کان 73 تائين آيل آهي. اُن خط ۾ هڪ هنڌ مون کي لکن ٿا:

”منهنجا ادا! منهنجو جدلياتي ماديت (Dialectical Materialism) ۾ اعتبار نہ آهي ۽ مان اديب ۽ فنڪار جي مڪمل آزاديءَ جو دلداده آهيان. مان چاهيان ٿو تہ هر اديب ۽ فنڪار کي ايتري آزادي ڏني وڃي، جو هو پنهنجي برسر اقتدار طبقي، قوم ۽ وطن سان اختلاف راءِ جو اظهار ڪري سگهي، انهن جي فلسفہ حيات ۽ سياسي نصب العين خلاف آواز اُٿاري سگهي؛ ۽ جيڪي بہ هو سچ سمجهي، اُن کي سچائيءَ سان پيش ڪري سگهي. پر اِها آزادي هر مطق العنان حڪومت ۾ ناممڪن آهي. شايد سنڌي اديب انسانيت (Humanism)، يڪسانيت (Equalitarianism)، بين الاقوامي (International)، ماديت (Materialism)، غرض تہ هر غيرمانوس فلسفہ حيات کي اشتراڪيت ٿا سمجهن. دراصل اِها اشتراڪيت جي خوش نصيبي آهي تہ هتي زندگيءَ جو هر بهترين نظريو اشتراڪيت سان منسوب ڪيو وڃي ٿو. توڙي اهو اشتراڪيت جي منافي ئي ڇو نہ هجي.“

ڊسمبر 1963ع ۾ اياز جو ٽيون ڪتاب ’ڪلهي پاتم ڪينرو‘ شايع ٿيو ۽ اُهو سنڌس شعر جو پيو مجموعو هو. هن مجموعي ۾ اياز دنيا جي چند عالمن ۽ اديبن جا قول ۽ پنهنجا بہ ان طرح جا ئي مختصر ’قول‘ درج ڪرايا آهن. اهي بہ کيس هڪ شاعر طور سمجهڻ لاءِ پڙهندڙ جا مددگار ٿي سگهن ٿا. سندس پنهنجا پيش ڪيل قول هن طرح آهن:

” جي سماج کان فرار ممڪن آهي تہ اُهو انهيءَ زمين کان فرار آهي، جنهن مان آرٽ جي پرورش ٿئي ٿي. يا گوگي [مغربي مصور]، مايا ڪوسڪي [روسي شاعر] جي فرار يعني آپگهات جا بہ مختلف طريقا آهن. ٽيون طريقو اهو آهي، جو مون چونڊيو آهي: پنهنجي ويساهہ جي

چندچاڻ ڪري بنيادي ڳالهيون ڳولي لهان. هر عارضي ۽ مصلحت آميز ڳالهه کي ٽڏي ڇڏيان ۽ پنهنجيءَ جاءِ تي اٽل ٿي بيهان، ۽ ان لاءِ مون کي جيڪي به سهڻو پوي، اُهو سهان.

”هر عظيم فنڪار پنهنجي دور کان اڳ پيدا ٿيندو آهي.

”تون، نڪر جي ٽانوَ ۾ پاڻي پي رهيو آهين، مان توکي بلور جي صاف ڪوزي ۾ مي آڇيان ٿو. تون منهنجي مَي کان ڇرڪين ٿو ڇو ته تون انهي بيٺل تلاءَ جي پاڻيءَ تي هري ويو آهين. توکي اِهو ٻاڙو پاڻي گهر ويٺي ملي ٿو تنهنڪري تون اها تڪليف به نٿو وٺي ته تون اُهو شفاف جهرڻو ڳولي لهين، جنهن جي پر کان تنهنجا وڏا ڪجهه صديون اڳ لڏي آيا هئا. مون انهيءَ ساڳئي جهرڻي جي پاڻيءَ تي انگور جون وليون پوکي، انهن جي ميوي جي رس مان هيءَ مَي جوڙي آهي. تون انهيءَ مان چُڪي چکي ڏس. شايد اِها توکي امر ڪري ڇڏي“

اياز جا اهي ٽي ئي ڪتاب پاڪستان جي ون- يونٽي حڪومت ضبط ڪيا هئا. ”پؤنر پري آڪاس“ کي 1964ع ۾، جيڪو خود حڪومت پاڪستان جي پنهنجي قائم ڪيل ”پاڪستان رائٽرس گلڊ“ 1966ع ۾ پڌرو ڪيو هو ۽ ”جي ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙي“ ۽ ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ جيڪي به ٽي ڊسمبر 1963ع ۾ شايع ٿيا هئا، تن کي به پنج سال پوءِ 1968ع ۾. آءٌ ياد ڪريان ته ون يونٽ حڪومت جي آرڊرن تي جڏهن آءٌ پهرين حيدرآباد مان بدلي ٿي جيڪب آباد ۽ پوءِ 1968ع جي شروع ۾ سرحد صوبي جي ڪوهاٽ موڪليو ويو هوس، ته اُتي ڪوهاٽ ۾ منهنجي عزيز دوست غلام رٻانيءَ ڪتابن جي ضبطيءَ جا اُهي آرڊر مون ڏانهن جوابن تيار ڪرڻ لاءِ، ڏياري موڪليا هئا. چنانچہ تنهي آرڊرن جا جواب تيار ڪيا هئم ۽ ڏانهس موڪليا هئم، جن جو ماحصل هيءُ هو ته حڪومت جا احڪام

غلط بيانن ۽ غلط فهمين تي ٻيٺل هئا. ظاهر وارا دانهوڙي ۽ چغل خور خاص مفادن جا حامي، حق ۽ خير جي ڳولائن، قوم ۽ وطن جي جان نثارن، حسن ۽ عشق جي متوالن خلاف. اڳي توڙي هاڻي، ان طرح جا غبار ۽ غوغاءَ اٿاريندا رهيا آهن. جن تي جيڪڏهن اهڙا تعزيراتي قسم جا احڪام جاري ٿين ۽ حق بجانب سمجهيا وڃن ته دنيائي اسلام توڙي عالم انسانيءَ جا سڀئي اعليٰ علم ۽ فن جا صاحب، شاعر ۽ اهلِ قلم ۽ اُنهن جون شهره آفاق سڀ تصنيفون ۽ تخليون الزام هيٺ اچي وڃن ۽ فنا ٿي وڃن.

شيخ اياز جي ڪُل شعري مجموعن بمع 'پڻ پري آڪاس' ۽ 'ڪلهي پاتم ڪينرو' شايع ٿي چڪا آهن. انهن ۾ "هينئڙو ڏاڙهون گل جيئن" خود شاعر جي حياتيءَ ۾، سال 1990ع جي آڪٽوبر مهيني جي پهرئين حصي ۾ لکيو ويو هو. ان جي مهاڳ ۾ پاڻ لکن ٿا ته "رات جي نوين بجي کان صبح ڇهين بجي تائين لکندو هوس، جيستائين مؤذن بانگ ڏيندو هو. ائين محسوس ٿيندو هو ته منهنجي عبادت پوري ٿي. 20 آڪٽوبر 1990ع تي مان شاهه سچل، سامي سيمينار جي افتتاح لاءِ بمبئي ويو هوس ۽ هڪ ڪتاب جو قلمي نسخو پاڻ سان کڻي ويو هوس..... مشهور ترقي پسند اديب، اتم، بمبئيءَ ۾ مون کي چيو هو ته منهنجا ڪتاب "پڻ پري آڪاس کان وٺي اج تائين پڙهيا. ته انهن ۾ ڪيترن هنڌن تي تصوف ۽ ويدانيت جو اظهار ملندو ۽ اها ڳالهه منهنجي شاعريءَ جي ترقي پسنديءَ کي گهٽائي نه ٿي. اي ڪاش! هتان جا اديب (ب) اهو سمجهي سگهن ته هن وهيءَ جي موڙ تي مون ۾ انسان جي انت ۽ ان کان اڳتي تي سوچ ۽ ويچار فطري آهي ۽ ڏرتيءَ سان منهنجي ڪمٽمينٽ جي آڏو نٿو اچي.

"مارڪس جي ماديت اچ هڪ مدي خارج فلسفو ٿي چڪو آهي، پر جنهن وقت اهو ادب کي اُتساهيندو هو تنهن وقت به دنيا جي عظيم ڪميونسٽ شاعريءَ ۾ ڪيترائي اهڙا شعر ملندا. جي ان فلسفي سان مطابقت نه ٿا رکن ۽ اڳتي جي اسرار ۾ ويڙهيل آهن...

"شايد هن دور جا اديب 'حافظ' جو هيءُ شعر هيئن سان هنڊائي، ان جي تهه تائين پهچي سگهن: "وجودِ ما معما است 'حافظ' و تحقيقش فسون است وفسونا!.... سنڌي اديب... پوني ۾ ٽي ڏينهن رهي، ريل تي بمبئيءَ کان موٽي رهيا هئاسين. سفر دوران ادب تي ڳالهائيندا آياسين.... [گُني سامتاڻيءَ] هڪ ڳالهه اِها ڪئي ته جڏهن هيءُ دور گذري ويندو، تڏهن منهنجي سياسي شاعريءَ جي ڪهڙي اهميت رهندي؟ جنهن تي مون هن کي چيو ته منهنجي ڪيتري شاعري سياسي نه آهي، ۽ اُها ته صاف بچي ويندي، سياسي شاعريءَ جي باري ۾ به منهنجو اهو چوڻ آهي ته فن، جيڪو سياست سان واڳيل آهي، اهو هرويرو امرتا کان وانجهيل نه آهي. پولنڊ جي موسيقار شاپن، پنهنجي موسيقي پولنڊ جي آزاديءَ ۾ ڪم آندي هئي، پر اجا به اڳي وانگر زنده آهي. توڙي نه رگوزار پر ڪميسار به ختم ٿي ويا. جي منهنجي سياسي شاعري اردو شاعر 'چڪبست' جي معيار واري آهي ته پوءِ ان جي اهميت ايڏي نه رهندي، پر جي ان جو معيار اُن کان مٿي آهي ته ان جي پائندگي ناممڪن نه آهي... مون گُني کي وڌيڪ چيو ته سنڌ، جنهن جي هر سنگِ لحد هيئنان تاريخ پوريل آهي، ۽ جنهن کي تاريخ جي صفحن تان ميسارڻ مشرف جي وڏي ۾ وڏي حماقت ٿيندي، مون کي جند جان کان وڌيڪ پياري آهي. اُها نه رهي ته سنڌي ٻولي ڪٿي هوندي ۽ منهنجي شاعريءَ جي اهميت ڪهڙي رهندي؟.... سامتاڻيءَ مون کي اهو به چيو ته منهنجي شاعريءَ ۾ چنڊ جو ذڪر گهڻو آيو آهي.

مون هن ڪي چيو تہ دنيا جي شاعريءَ ۾ بہ چنڊ بار بار علامت تي آيو آهي.... چنڊ مون لاءِ اُڪر ۽ پهچ ڪان پري جي علامت آهي ۽ ڪنهن وقت دور تان نظاري جي.... ٻي علامت شاعريءَ ۾ "ازل" آهي، جيئن منهنجي شاعريءَ ۾ بہ آئي آهي.... مون "سمنڊ" کي بہ بار بار علامت ڪري ڪم آندو آهي، ان ڪان سواءِ منهنجي شاعريءَ ۾ ٻيون اڪيچار علامتون آهن، جي مان مستقبل جي نقادن جي تبصري لاءِ ڇڏيان ٿو."

---

# شيخ اياز: پنهنجي تحريرن جي آئيني ۾

ويهين صديءَ جي سنڌ ۽ سنڌي قوم جي تقدير تي ٽن اول نمبر شخصيتن نهايت اُونها نقش رقم ڪيا آهن- اُهي هي آهن:

محمد علي جناح، سيد اعظم جي.ايم.سيد ۽ صديءَ جو شاعر شيخ مبارڪ علي 'اياز'. سنڌ جي ڄائي ۽ عالمي شهرت پاتل جناح صاحب جي سوچ ۽ ڪم بابت ڪتابن ۽ يادداشتن جي ڪمي ڪانهي. سنڌ جي عظيم سيد ۽ سنڌ جي شاعر 'اياز'، پنهنجي فڪر ۽ سياسي/ ادبي ڪردار جا پنهنجا ئي لکيل ڪيئي ڪتاب ۽ داستان اسان لاءِ ڇڏيا آهن. هنن ٽنهي جي زندگيءَ جو باخبر مطالعو ان معنيٰ ۾ اسان لاءِ وڏي سبق ۽ آئيندي لاءِ بنيادي رهبريءَ جو ڪم ڏيڻ وارو آهي.

شيخ اياز جو پهريون نثري ڪتاب 'جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي' ۽ سندس پهريان اٺ شعري مجموعا منهنجن لکيل مهاڳن سان شايع ٿيا. اُنهن ۾ پويون مجموعو 'ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي' مئي 1988ع ۾ پڌرو ٿيو. ائين سندن چاليهارو کن شعري مجموعا ۽ ٽيهارو کن نثري ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. پاڻ پنهنجو تيرهون شعري

مجموعو ’اڪن نيرا ڦليا‘ مون ڏانهن منسوب ڪندي، آڪٽوبر 1988ع ۾ شايع ڪرايائون. ۽ لکيائون تہ اُن مجموعي ۾ آيل سندن شعري تخليق بابت پاڻ پنهنجي نثري ڪتاب ’ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون‘ (فيبروري 1989ع) ۾ ڪافي ذڪر ڪيو اٿن. اڄ، هِن موقعي تي، آخر ۾ آءٌ اُن سندن مجموعي ’اڪن نيرا ڦليا‘ جا ڪجهہ منتخب شعر اوهان کي پڙهي ٻڌائڻ گهرندس. پر پهريائين اُن بابت ذڪر ڪيل سندن نثري ڪتاب ۾ جو ڪجهہ لکيو اٿن، اُن جو اختصار سندن ئي عبارت ۾ لفظ لفظ اوهان جي ملاحظي لاءِ پيش ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان: ڇو تہ شاعر ۽ سندس شعر ٻنهي جي مطالعي لاءِ سندس پنهنجي زباني، جو ڪجهہ چيل هجي، اُن کان ٻيو ڪو بهتر بيان ٿي ئي نٿو سگهي.

’ڪراچي جا ڏينهن ۽ راتيون‘ ۾ مهاڳ جي ٻن لفظن طور اياز لکيو: ”مون هي ڪتاب آگسٽ 1988ع جي وچ ڌاري پورو ڪيو هو. ہہ سال اڳ جڏهن مون حيدرآباد ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي ساليانې ميڙ ۾ پهرين صدارت ڪئي هئي تہ مون من ۾ فيصلو ڪيو هو تہ پنهنجي صحت کي مدنظر رکي، هڪ سياستدان وانگر تہ مان سياست ۾ ڀرو نہ وٺندس، ۽ ون يونٽ واري دور وانگر ساريءَ سنڌ جي شهر شهر ۾ ادبي مجلسن ۾ شريڪ ٿي، پنهنجي ادب کي ڪاٻيءَ ڌر جي سياست جو همرڪاب نہ بڻائي سگهندس، پر ڏينهن رات پورهيو ڪري، ڪتاب لکي، اُنهن جي اشاعت سان هن دور جي ترقي پسند سياست کي هٿي ضرور ڏيندس... جي منهنجو ادب اُن وقت سنڌ کي ڪم اچي سگهي، جنهن وقت سنڌ جو وجود خطري ۾ هجي، تہ مون کي اِن جي پرواهہ نہ آهي تہ اُهو [سياست آميز ادب هئڻ سبب] صدين تائين زندهہ رهي يا نہ...“

28 جولاءِ 1988ع جي تاريخ هيٺ اُن ڪتاب ’ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون‘ ۾ لکن ٿا: ”.... لڳاتار برسات جون اوڙڪون وسي رهيون آهن. چاهيان ٿو تہ روزنامچا (Journals) لکان... هاڻي ڪجهہ ويسر ٿي پئي آهي، ۽ وقت پوي ٿو تہ گهڻو ڪجهہ وسري ٿو وڃي....“

ٻئي ڏينهن 29 جولاءِ 1988ع ۾ هيئن لکن ٿا:

”تازو فلسطين جي جلاوطن شاعر محمود درويش جي منتخب نظمن جو انگريزي ترجمو پڙهنديءَ مجموعي ۾ هن جي هڪ نظم جو هيٺيون بندُ [مون کي] ڏاڍو وڻيو:

’دنيا
’ڪنهن سنهڙيءَ چيلهہ مان
’تلوار جي پار وڃڻ کان بہ
’وڌيڪ ننڍي آهي
’۽ هڪ پيغمبر جي خيمي کان بہ
’وڌيڪ ڪشادي آهي.
’مان پنهنجي پنيان بہ ڪنهن کي نٿو ڏسان،
’پنهنجي اڳيان بہ ڪنهن کي نٿو ڏسان،
’مان [ماڻهن جي] ميڙ ۾ اڪيلائي ٿو محسوس ڪريان
”منهنجو ديس منهنجو پوپون لڪيل نظم آهي‘

”جڻ تہ هُن پنهنجي ڪتاب ’ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي‘ کي هڪ سٽ ۾ سمايو هو- ’پنهنجو ديس منهنجو پوپون لڪيل نظم آهي!‘...

”... پنهنجي ديس سان بيحد محبت ۽ آزاديءَ جي اَٽمت جذبي مون کي [هڪ منزل تي] بچائي ورتو هو ۽ ڪجهہ سال فرار کان پوءِ

وري حقيقت جي دنيا ۾ موٽي آيو هوس. ۽ پنهنجي آدرش جي ڪري ڀرپور زندگي گذارڻ لڳو هوس... مون کي اجا تائين سولزي نٽسن جي ڪتاب The Witness and the Prophets جون هي سٽون ياد آهن: 'نہ ماضيءَ تي اک نہ پڇُ! ماضيءَ لاءِ ائين سوچيندين تہ تنهنجي اک هلي ويندي.. [بلڪ] ماضيءَ کي وساريندين تہ تنهنجون ٻئي اکيون هليون ويندون.' نہ ڄاڻان مون سولزي نٽسن جا هينيان شعر بہ پڙهيا هئا. جي مون ڊائريءَ ۾ بہ نوٽ ڪري ڇڏيا هئا: 'ڇا، اديبن جو اِهو فرض نہ آهي تہ هو ڪجهہ سيکارين؟ ڇا، ائين ئي هميشہ نہ سوچيو ويو آهي؟ ڪنهن ملڪ ۾ هڪ وڏي ليکڪ جو هئڻ هڪ ٻيءَ سرڪار جي هئڻ برابر آهي. اِن ڪري ئي حڪومتون وڏن ليکڪن سان نہ فقط نندين ليکڪن سان پيار ڪنديون آهن.'

'مون کي روس جي اقتصادي ترقيءَ ۽ روسي عوام جي اقتصادي خوشحاليءَ جي باري ۾ تہ ڪوئي شڪ شبهو ڪونہ هو. مون پاڻ روس ۾ عوام جي خوشحالي اکين سان ڏٺي هئي. روسي ٻئي ڪنهن جي رت تي نٿا پلجن. ۽ پيداوار جا ذريعا هنن جا پنهنجا آهن. مون کي رڳو اِهو اعتراض هو تہ اُتي فن ۽ فڪر جي پوري آزادي نہ آهي ۽ خاص ڪري استالن جي دور ۾ تہ اُها بلڪل کسي ويئي هئي. هينئر گورباچوف ايترو فرق آندو آهي، جو منهنجو ڪميونزم سان ڪوئي اختلاف ئي نہ رهيو آهي... مان ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر تہ نہ ٿيندس.... پر مان اُن ۾ همسفر ضرور آهيان....

"مون سراج کي [بہ] چيو آهي تہ 'اِهو اسان جو وڙ نہ آهي تہ وڪالت ڪندي مري وڃون. اسين اِن کان بهتر ڪم لاءِ پيدا ٿيا آهيون. ائين نہ ٿئي تہ موت اوچتو مٿان اچي بيهي ۽ دل جي دل ۾ رهجي وڃي. اجا اسان کي گهڻو ڪجهہ لکڻو آهي.' دراصل مان پنهنجو نئون

ڪتاب پيهر نہ پڙهندو آهيان... ۽ ائين سوچيندو آهيان تہ مون کي اجا لکڻ جي شروعات ڪرڻي آهي. اجا بيو ڪجهہ بہ لکڻو آهي، جو اڳي کان وڏيڪ پائدار هوندو... بيو تہ اسين ٻئونءَ پرڻ لاءِ تہ نہ ٿا وڙهون، جيئڻ جي حق لاءِ ٿا وڙهون، ۽ بهتر ٿيندو تہ سارو ڏيان اُن ويڙهہ تي ڏيون....

".... مون 1977ع کان 1980ع تائين شاعري نہ ڪئي، ڇو تہ اُن دور ۾ مان وائيس چانسلر هوس ۽ شاعريءَ ۾ مون اڌ سچ نٿي چوڻ چاهيو. مون اِهو رڪارڊ نٿي رکڻ چاهيو تہ مون شعر ۾ هڪ سٽ بہ اهڙي لکي آهي، جنهن ۾ مان پنهنجو پاڻ نہ آهيان، جنهن ۾ منهنجي نظرئي حيات جو ڀرپور اظهار نہ آهي، جا سچو سچ چئي نٿي سگهي ۽ منهنجي سياسي، سماجي ۽ فلسفيانہ تاجي پيٽي ۾ ڪُپي نہ ٿي اچي..... نوڪريءَ واري عرصي منهنجي طبيعت جي اُها رواني ختم ڪري ڇڏي هئي، جا منظوم شاعريءَ جي تخليق لاءِ ضروري آهي... جڏهن کان شاعريءَ لاءِ ضروري رواني موٽي آئي، تہ منظوم شاعري مون وٽ مينهن وانگر وسندي آئي ۽ نظم ائين ڪاغذ تي لکيا ويا، جيئن ننگرپارڪر وٽان نديون ارڙاٽا ڪري وهنديون آهن....

"مون کي فخر آهي تہ مون وٽ انقلاب جو ڀرپور نظريو آهي.... ائين آهي تہ مون لاءِ طبقاتي جدوجهد بہ ثانوي حيثيت رکي ٿي. قلب و نظر جي انقلاب جي اولين حيثيت آهي، ۽ مان اعتماد سان چئي سگهان ٿو تہ برصغير ۾ قلب و نظر جي انقلاب جو اهڙو ڀرپور تصور ايتري جرئت منديءَ سان اهڙيءَ واڪي ٻوليءَ ۾ ٻئي ڪنهن بہ شاعر اڄ تائين نہ ڏنو آهي....

".... اردوءَ ۾... شاعري مون تڏهن ڪئي هئي، جڏهن ورهاڱي کان پوءِ سنڌي اديب ۽ شاعر ٽٽر بٽر ٿي ويا هئا ۽ سنڌ ۾ مون لاءِ سوڀي

گيانچنداڻيءَ ۽ ابراهيم جويي کان سواءِ ڪوئي اهڙو اديب نہ رهيو هو جنهن سان مان ڳالهائڻ چاهيان ها.....

".... [مان] پاڪستان جي حالتن ۾... ميان ٿو تہ تصوف اسان جي تاريخ ۾ هڪ انقلابي حقيقت ٿي رهيو آهي. ان ڪري مون ڪي سال اڳ... واعدو ڪيو هو تہ مان جهوڪ واري شاهہ عنايت جي شهادت تي ڊرامو لکندس... پر اڃا... لکي نہ سگهيو آهيان. مان اڃا سوچيندو رهيو آهيان تہ اهڙا انسان جڏهن گهريءَ کڏ ۾ گهوري ڏسن ٿا، تڏهن اُنهن کي ڇا ٿو نظر اچي؟ هو موت کي ڇا ٿا سمجهن ۽ ڇو اُن جو آڌرڀاءُ ڪن ٿا- موت، جو هر ڏيئي کي وسائي ٿو ڇڏي ۽ انسان کي ڪنهن ڪاري ڪارونڀار ۾ ڌڪي ٿو ڇڏي! ڇا، اُن ڪارونڀار جو ڪوئي ساحل آهي؟ ڇا اُهي شهيد پنهنجي شهادت کان اڳ ۾ اُن ساحل جو شعوري احساس رکن ٿا يا... هو فقط تاريخ ۾ زنده رهڻ چاهين ٿا. تاريخ، جا هن پوريءَ ڌرتيءَ يا ڌرتيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن حصي جي آهي- ڌرتي جا هن ڪائنات ۾ هڪ ٽبڪي برابر بہ نہ آهي! انسان ڪيئن خوشيءَ سان جيئڻ تان آسرو پلي وڃن ٿا، درختن جي ڇانوَ تان، گلن جي سڳنڌ تان، پکين جي اُڏار تان. اِهو ڇو نٿا سوچين تہ جڏهن گهٽيءَ ۾ شهنايون وڄنديون، گيت گونجندا، ٽهڪڙا ايندا، تڏهن هو نہ هوندا، هنن جو لاش قبر ۾ پيو هوندو. ڇا، اسين هميشہ لاءِ مرون ٿا يا موت کان پوءِ بہ زندگي آهي؟ ڇا، اِهو جواب مون کي فقط موت جي آغوش ۾ وڃي ملي سگهندو؟ ڇا زندگيءَ ۾ مان اِن حقيقت کي سمجهي نٿو سگهان، جا ڪن ڪن انسانن پنهنجي شهادت کان اڳ سمجهي آهي ۽ شاهہ عنايت وانگر ڇٽي سِرُ ڏنو اٿائون:

سر در قدمِ يار فداشد چہ بجاشد،
اين بار گران بود اداشد چہ بجاشد

”مان ان تي سوچي رهيو آهيان، اجا سوچي رهيو آهيان... ۽ منهنجا وار اڇي اڇا ٿيا آهن، منهنجي ديد ڪمزور ٿي رهي آهي ۽ ٿورو لکي ٿڪجي ٿو پوان!.... مان هن زندگيءَ ۾ ڪائي اندروني معنيٰ ڳولي نہ سگهيو آهيان، پر ادب جي مسلسل تخليق سان اُن کي ڀرپور معنيٰ ڏئي سگهيو آهيان ۽ پنهنجي جيئڻ لاءِ جواز پيدا ڪري رهيو آهيان. مان ڀانيان ٿو تہ مان جيستائين دلچسپيءَ سان لکي سگهندس، مان نہ مرندس، پر جنهن وقت اها دلچسپي ختم ٿي وئي، يا دلچسپيءَ جي باوجود مون ۾ لکڻ جي سگهہ ختم ٿي وئي، اُن وقت عزرائيل جا گهوڙا هڻڪارون ڪندا ايندا ۽ مون کي اُن جي رٿ تي ڪَنيي ڪٽي ويندا.

”هن سال [1988ع] مئي جي مهيني ۾ مان چئين بجي صبح کان ڇهين بجي صبح تائين ساندهہ هڪ مهينو شعر لکندو رهيس... مون نہ رڳو ڪيترائي نظم لکيا، پر ٿر جي پسمنظر سان پنج ڇهہ سو بيت لکيا، جن ۾ مون انسان جي گوناگون جذبات کي سمايو. اُنهن بيتن ۾ ڀِٽائيءَ جي لوڪ ڪهاڻين جو ڪوئي پس منظر نہ آهي ۽ اُنهن ۾ ورلي ڪوئي اهڙو اهم لفظ ڪم آندل آهي، جو ڀِٽائيءَ يا ڪنهن ٻئي شاعر اڳ ڪم آندو آهي. مون سوچيو آهي تہ ائين سنڌ جي سمنڊ، ڪوهستان، لاڙ وچولي، اتر جي پس منظر سان ٻيا بيت لکان، جن سان هن ڌرتيءَ سان ’من تو شدم تو من شدي‘ واري ڪيفيت پيدا ڪريان. مون ڪتاب جو نالو ’اکن نيرا ڦليا‘ رکيو ۽ اُن جي هڪ ڪاپي حيدرآباد جويي صاحب کي ڏياري موڪلي. ابراهيم جويو سنڌي شاعريءَ جو اَبو آهي. مان جڏهن بہ نئون شعر لکندو آهيان تہ چاهيندو آهيان تہ اُن تي پهرين نظر سنڌ جي هن عظيم دانشور جي پوي، ۽ اُهو شعر ابراهيم کي پسند ايندو آهي تہ مون کي اُن جي امرتا جي پڪ ٿي

ويندي آهي. منهنجي اڳئين ڪتاب ’ٻڙ جي ڇانو اڳي ڪان گهاٽي‘ ۾ شامل هڪ نظم ’چاندني راتين ۾ ڪنهن رابيل جي ٻوٽي جيان- تون هئينءَ‘ جي شرح جنهن خوبصورتيءَ سان هُن ڪئي آهي، اهڙي ورلي ڪوئي ڪري سگهندو ۽ اُن ۾ آندل لفظن ’ماڳ‘ ۽ ’دڳ‘ جي پرک پروڙ جيئن هن وٺ آهي، ائين ٻيو عظيم دانشور رسول بخش پليجو ڪري ته ڪري، باقي ٻئي جي وس جي ڳالهه نه آهي....

”.... اڄ جويي جو خط پهتو آهي، جنهن ۾ هُن لکيو آهي ته هن ’اڪن نيرا ڦليا‘ پڙهيو- ’نهايت خوبصورت بيت آهن‘. اُن خط سان گڏ جويي هندستان جي سنڌي اخبارن جا ڪجهه تراشا موڪليا آهن، جن ۾ اُتان جي اديبن ۾ هلندڙ واد وواد به آهي ۽ اُتم جي ’ڀڳت سنگهه کي ڦاسي‘ ۽ ’راڄ گهاٽ تي چنڊ‘ جي ساراهه به آهي.... رات جو مان، سراج ۽ تاجل کي ’اڪن نيرا ڦليا‘ جا سياسي پس منظر وارا بيت ڏهين بجي رات تائين پڙهي ٻڌايا، ڇو ته سراج جي اُنهن ۾ گهڻي دلچسپي هئي... ٻنهي جو رايو هو ته بيت بيمثال آهن ۽ اڳ اهڙا نه لکيا ويا آهن. هڪ بيت تي سراج ڇرڪ پري ’وهه واهه‘ ڪئي ۽ اهو هو:

هِت به اسرائيل جئن، رهندو نه رڻ پَٽُ،
جڏهن لاٿو ڳَٽُ، سيڪجهه هوندو سُترو.

”.... پهرين جولاءِ تي آرٽس ڪائونسل [ڪراچي] ۾ [منهنجي شعر جي موسيقي] ڪئيسٽ جو مهورت هو جو وائسز گروپ (Voices Group) پريو هو. وائسز گروپ جو روح روان بيدل مسرور آهي، جو شڪارپور جو آهي... اُن ڪئسيٽ ۾ منهنجا نظم ’سچ وڏو ڏوهاري آهي‘، ’مان ڏوهي هان‘، ’ڏيئا ڏيئا ڳاٽ اسان‘، ’هڙڪ هلو هو ڏيمان هلو هو‘، ’همرچو‘، ’جت لڪ لڳي، جت اڪ تپن‘ ۽ ’وڃو ڪنويليو وڃو‘ ۽ منهنجا اردو نظم ’آج يہ کہہ دي‘ ۽ ’ميري ديده ورو

ميري دانشورو' شامل هئا... مون لکيل تقرير پڙهي... اُن ۾ مون سامعين کي ٻڌايو تہ شاعري منهنجي صليب بہ رهي آهي تہ تلوار بہ رهي آهي. تقرير جي آخر ۾.... مون فيض صاحب سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪيو جو منهنجي نظر ۾ ناظم حڪمت ۽ پبلو نرودا جي پايي جو شاعر آهي، ۽ اردوءَ جي لاءِ مون چيو تہ 'روسي زار جي ٻولي بہ هئي، پشڪن جي ٻولي بہ هئي. زارن کي تاريخ مليا ميٽ ڪري ڇڏيو پشڪن اڃا تائين روس جو عظيم شاعر آهي. مون سامعين کي پنهنجن ڪتابن 'راج گهاٽ تي چنڊ' ۽ 'ٻڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاٽي' مان ڪيترائي نظم بہ ٻڌايا. مان نظم ٻڌائي چڪس تہ موسيقيءَ جو دور شروع ٿيو. اسين اسٽيج تان لهي هيٺ اچي ويناسين. منهنجي هڪ پاسي پليجو ۽ ٻئي پاسي سراج ۽ سوڀو ويٺا هئا... مون پليجي کان پڇيو:

'سيد سان وقت ڪيئن ٿو گذري؟'

'ڏکيو ٿو گذري'، پليجي جواب ڏنو.

'هون' چئي، مون خاموشي اختيار ڪئي.

"مون سوچيو تہ 'سنڌ جو ماڳ ڪيترو دور آهي؟ اُن ماڳ جي دڳ تي ڪير آهي؟ هو اُتي پاڻ پهچي سگهندو بہ يا نہ؟ مستقبل جي ڪُک ۾ ڇا آهي؟ اُنهن سوالن جا جواب منهنجي شاعريءَ ۾ تہ آهن، پر ڪيترا تہ مبهم آهن! ڇا، مان ولاديمير ماياڪوفسڪيءَ وانگر ڪجھ ڏۏنڪي جي چوٽ تي چئي سگهان ٿو؟...

"صبح جو ڇئين بجي جاڳ ٿي. ڪنن ۾ پنهنجي سِٽ 'اٿ! اٿي لڪ! اٿ! اٿي! اٿ! اٿي لڪ! جي بہ آهين ڏينهن چار- ٻُري رهي هئي. ڪمري ۾ اليومينم جي دريءَ مان رستي تي ويندڙ ايڪڙ ٻيڪڙ

ڪار تي نظر پئي پئي ۽ اُنهن جي بتين جون روشنيون رستي تي پيل برسات جي پاڻيءَ ۾ چمڪنديون تي گذري ويون. پاهران تہ ائين ٿو لڳي تہ مان هِن دور جي سياست کان پري رهيو آهيان ۽ منهنجي ڪنهن بہ سياسي پارٽيءَ سان ڪمٽمينٽ نہ آهي. **پر مان پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ سياسي پارٽي آهيان، هڪ وطن آهيان، هڪ حڪومت آهيان، جنهن انسان جي دل کي پنهنجو تخت گاهہ بڻايو آهي.**

”مون کي يقين آهي تہ تاريخ کي پنّتي ڏڪو نہ ڏئي سگهجي ٿو پر اُن جي شڪست ناممڪن آهي. سچ لُڏندو آهي، ٻڏندو نہ آهي. دراصل سچ نہ لڏندو آهي، نہ ٻڏندو آهي. ڇا، گليلو لُڏي ويو هو؟ محاسبي وقت هن پنهنجي بچاءَ لاءِ زبان سان ڇا بہ چيو هجي، پر هن جو ذهن بلڪل صاف هو ۽ هن کي چئي رهيو هو: ’تون سچ تي آهين: هيءَ دور جنهن ۾ ڪوڙ پنهنجيءَ فتح تي ڪُڏي رهيو آهي، عبوري آهي ۽ نيٺ گذري ويندو.‘

”اڄ فقير محمد لاشاري.. سنڌيءَ جو نوجوان اديب... جنهن جو مطالعو ڪافي وسيع ۽ سياسي شعور گهرو آهي ۽ هو ڪافي وقت محمد ابراهيم جويي جي صحبت ۾ رهيو آهي... هو پيشہ ور صحافي آهي... هُن چاهيو ٿي تہ هڪ پوري ڪتاب جيترو منهنجو انٽرويو وٺي... سوچيائين ٿي تہ هو سؤ کن سوال مون کي ٺاهي ڏئي....

”[شاعر جي شعور ۽ لاشعور جي سوال تي] مون ڪيس ٻڌايو هو: ’اِهو ممڪن نہ آهي تہ شاعر جي لاشعور تي هن جي شعور جو اثر نہ ٿئي... شعر جي تخليق تہ هڪ پراسرار ڳالهہ آهي، پر پوءِ بہ شاعري شاعر جي مشاهدي، مطالعي ۽ تجربي جو نتيجو ئي آهي. ويهين صديءَ پنهنجي ديس ۾ ۽ عالمي سطح تي ڇا ڇا نہ ڏٺو آهي! ڪيڏا نہ لاها چاڙها، ڪيڏي نہ سماجي ڪشمڪش، ڪيڏيون نہ جنگيون ۽ انقلاب،

جوانيءَ ۾ انسان دوستيءَ جا ڪارناما، ڪيترين نہ انسان دشمن ڪارروايون، جوهري بمَ، ڌرتيءَ جي چوڏاري ڦرندڙ مصنوعي سَيارا، زندانَ جي سيخُن پنيان ظلم جي زنجيرن ۾ جڪڙيل انسان ۽ خلا ۾ پرواز ڪندڙ پکين کان هزار ڀيرا وڌيڪ تيز خلاباز! ڇا اِن مشاهدي جو شاعر جي شعور... تي اثر نہ ٿيندو!

”ڇا جيڪي اسان جي ديس ۾ ٿيو آهي، دلين جون جدايون، محبتن ۽ رفاقتن جا ورهاڱا، خونريزيون، زالن جا ڪپيل ٿڻ ۽ ڪوڙيل متا، ٻارن جا سنگينن تي اڌو اڌ بدن، ريل گاڏين تي حملا، سرحدن تي ننگا، بڪايل، لُٽيل ڦريل قافلا، فوجي تاناشاهيون، ڪتابن تي بندشون، نظربنديون، قيد، سياسي قتل، مذهب جي آڙ ۾ هر آزاديءَ جي گُهٽ ٻوسات، ڌرتيءَ جي دلالن جي چهري تي سر خوشي، افسر شاهيءَ جي ڦرلٽ، لوٽ کسوٽ، ڇا اهو سڀ شاعريءَ تي اثر نہ وجهندو؟ شاعر گونگا، ٻوڙا ۽ انڌا تہ نہ هوندا آهن! مون بہ فيض وانگر ڏٺو آهي تہ مغرور حسينائن جا برف جهڙا جسم ڪيئن نہ گرم هٿن جي حرارت ۾ پگهرجي ٿا وڃن. پر ڇا ذاتي زندگيءَ ۾ گم ٿي، انسانُ اهو دک درد وساري ٿو سگهي، جو هن جي چوڏاري چيخون ڪري رهيو آهي؟ نہ. ڌرتيءَ جون دانهون منهنجي رڳ رڳ ۾ سمائجي چڪيون آهن. ٻاهران ڏسجي ٿو تہ منهنجي شاعري الهام وانگر لڳي ٿي. شايد ٿي دنيا جي ڪنهن شاعر ايتري دنيويءَ مصروفيت هوندي، ايتريءَ تيزيءَ سان لکيو هوندو. پر پوءِ بہ منهنجي شعور ۽ تحت الشعور ۾ اُهي مشاهدا ۽ تجربا آهن، جي منهنجا آهن، جي مون کي پنهنجي ديس ۽ ڌرتيءَ کان مليا آهن ۽ جي سالها سال رچي ريتا ٿي اپڙڪا ڪائي، ڪنهن حبشيءَ وانگر ظاهر ٿين ٿا ۽ گهڙيءَ جو گهڙيءَ ۾، هن صدين کان خشڪ ڌرتيءَ کي سرسبز ڪندا وڃن ٿا. مون وٽ آيتون نہ آهن، بيت آهن، پر پوءِ بہ

**اِهي هِن ڌرتيءَ سان واڳيل آهن، اُن جي ڏک سک جو پڙلاءُ آهن، پنهنجي روحانيت جي باوجود مادي آهن. هِن ڌرتيءَ جي مِٽي آهن ۽ اُن وانگر امر آهن.**

”جڏهن مان ڪاليج ۾ پڙهندو هوس تہ مون کي ابراهيم جويي ايم.اين راءِ جو هڪ ڪتاب Revolutionary History پڙهڻ لاءِ ڏنو هو جنهن ۾ اُنهن سيني ڪتابن جي فهرست ڏني وئي هئي: جي هن پڙهيا هئا، نہ رڳو انگريزيءَ ۾ پر روسيءَ، جرمن، فرينچ وغيره ٻولين ۾ بہ... مان چاهيان ٿو تہ مان بہ اُنهن هزارن ڪتابن جي لسٽ ڪتابي صورت ۾ ڇپايان، جي مون پڙهيا آهن ۽ جن کي هر نوجوان سنڌي اديب ۽ شاعر کي پڙهڻ گهرجي. نہ رڳو اِهو پر اُنهن سَوَن فلمن جي لسٽ بہ ٺاهيان، جي هنن کي ڏسڻ گهرجن. هيءُ وڊيو جو دور آهي. فلم ڪتاب کان وڌيڪ اثر ڇڏي ٿي. وڊيو جي اهميت تي مون يونيورسٽيءَ ۾ هڪ لنبي تقرير بہ ڪئي هئي....

”مون تازو حيدرآباد ۾ ٻين ٻجي رات تائين ابراهيم سان گڏ، ابراهيم جي جاءِ تي، ”ناچ ميوري“ فلم ڏٺي هئي. ’مِيوري“ هنديءَ ۾ مورٽيءَ کي چوندا آهن. فلم هڪ نرتڪيءَ جي زندگيءَ جي باري ۾ هئي، جنهن جا پير ڪپجي ويا هئا ۽ هن نقلي پير وجهائي، نهايت محنت سان نِرت لاءِ ڪوشش ڪئي هئي، نيٺ ڪامياب ٿي هئي. مون هن جو ناچ ڏسي ساهہ سان سوچيو هو تہ ’اسان ڇا ڇا نہ وڃايو آهي!‘

”منهنجي برصغير جي پوريءَ ثقافت سان اٿين والهانہ محبت آهي، جيئن يوناني شاعر ڪازان زاڪس کي يونان سان هئي. ڪيئي ڀيرا منهنجي دل چاهيو تہ اردوءَ جي مشهور اديب ديوندر ستيارٿيءَ وانگر هن برصغير جو ڳوٺ ڳوٺ گهمان ۽ اُن جا لوڪ گيت ٻُڌان، اُن

جا پهاڙ نديون، محل، سرايون، مندر مسجدون، گردئارا ڏسان ۽ اِن جي ساري ڌرتيءَ کي پنهنجي گيتن ۾ سميٽي اچان. مون کي اُها ديومالائي مورتي ڏاڍي وڻندي آهي- سرسوتي هنس تي ويڃي رهي آهي، هن کي هڪ هٿ ۾ بنسري ۽ ٻئي ۾ ڪوئي ڪتاب آهي. مان ٻانيان ٿو ته مان به گيت لکندي لکندي هِن پؤساگر مان پار تري ويندس ۽ پنهنجو موڪش پائيندس.

”ڪيتري نه رنگارنگي آهي هن ديس ۾! مون پنهنجي شعر و ادب کي هن برصغير جو آئينو بنائڻ چاهيو آهي. پر زندگي ڪيتري ته مختصر آهي!

”مون کي اُهو دور به ياد آيو جڏهن مان ۽ حَشو ساريون راتيون سياست ۽ ادب تي ڳالهائيندا هئاسين. ٿي شخص آهن، جن منهنجي ننڍيءَ عمر ۾ تربيت ڪئي آهي، جي مان اُنهن سان نه ملان ها ته مان، مان نه هجان ها، ۽ اُهي آهن- حشو سوڀو ۽ ابراهيم. اُنهن سان منهنجي عقيدت ۽ محبت ائين رهي آهي، جيئن روميءَ جي شمس تبريز سان رهي هئي. اِهي ٽئي ٽي ماٿهو آهن، جي مون کان جيون جي لکي چوکي ونڻ جا حقدار آهن.“

---

# سنڌ جو آواز - شيخ اياز

شيخ اياز جي شاعري جو پهريون مجموعو ”ڀؤنر ڀري آڪاس“ جون 1962 ۾ ”پاڪستان رائيٽرس گلڊ“ وارن ڇپرايو هو جو سنڌ جي ون يونٽ حڪومت ۾ ڪن جي چرچ تي، ٻه ورهيه پوءِ مئي 1964ع ۾ ضبط ڪيو ويو.

سندس ٻيو مجموعو ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ 1963ع ۾ شايع ٿيو جنهن کي پڻ پنج سال پوءِ 1968ع ۾ ساڳيءَ حڪومت ساڳين ماڻهن جي چوڻ تي ضبط ڪيو. تنهن کان پوءِ سنڌ جي هن يگاني شاعر ڪافي ڪجهه شعر چيو جيڪو وقت به وقت، خاص طرح ماهاني شعر، جنهن ۾ ”جل جل مشعل جل!“

”هي بيت اُجايل مون جا“ ۽ ”رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي“ جا ننڍا ڳٽڪا ۽ ڪيترو ئي ٻيو ڪلام شامل آهي ۽ جيڪو مارچ 1969ع ۾ لڳل ٻئي مارشل لا واري دؤ اندر رچيل آهي. ”وڄون وسڻ آئيون!“ نالي هيٺ گڏ ڪيو ويو آهي ۽ اميد ته الڳ ڪتابي صورت ۾ پيش ڪيو ويندو:

تازو شيخ اياز جي ٽيون مجموعو ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“ نالي

سان نڪري نروار ٿيو آهي. ان ۾ جيڪو به شعر آندل آهي. اهو مارچ 1979ع کان پوءِ جي ٻن مهينن جي عرصي ۾ تخليق ٿيل آهي.

شيخ جي شعر جي پهرين ٻن مجموعن جي ضبطيءَ کان سواءِ اياز جو هڪ نثري ڪتاب "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" پڻ 1963ع ۾ شايع ٿيڻ کان پنج سال پوءِ، خالص سنڌ سان دوستيءَ جي سزا طور، 1968ع ۾ ضبط ٿيو. ڏسجي ته هاڻي سندس تازي ڪلام جي اشاعت تي سنڌ، سنڌي عوام ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي عداوتي حضرات جو ڪهڙو ٿو ردعمل ٿئي! لاشڪ! اياز جي هن شعر ۾ به وطن تان سر گهورڻ جي سڌ کي ترجيح ڏني ويئي آهي.

آگسٽ 1947ع ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو. 1949ع ۾ سنڌ کي ڪراچيءَ کان ڇني ڌار ڪيو ويو. 1955ع ۾ سنڌ کي چؤڪنيو ٻڌي، ون يونٽ جي آڏو اڇلايو ويو. سنڌ جي سنڌي ٻوليءَ جي جاءِ تي اردوءَ جا وڏي طمطراق سان طبل وڄڻ شروع ٿيا. سنڌي ٻارن کي اردو زوريءَ سيکارڻ جاري رکي ويئي ۽ اردو ٻارن کي سنڌي سيکارڻ بند ڪئي ويئي! عوام جي تنگ گذراني وسيلن تي قبضا ٿيا. ماڻهن جي زبانن تي ماٺ جون مهرون لڳنديون رهيون. ايوب شاهي پنهنجي ننگي روپ ۾ نڪري نروار ٿي. پاڪستاني ۽ مسلماني جي نالن ۾ عوام جي نالن ۾ عوام جي هر قومي امنگ کي نهوڙڻ جي ڪوشش عمل ۾ آئي. اختيار ۽ اقتدار جي صاحبن پنهنجي پوري طاقت ان تي خرچ ڪئي ته سنڌ پنهنجي ذهني ۽ سياسي غلاميءَ مان آزاد ٿي نه سگهي. اهڙيءَ اوندهه ۽ انڌڪار ۾ سنڌي شاعر ۽ سنڌي اديب اميد جو ڏيئو ٻاريو ۽ اهو ٽمڪندو رهيو.

هي ڪارو ڪارونيار ته ڏس، ڏورانهون ڏهڪاءَ ته ڏس!
مون ڪيڏيءَ جر جي جهاڳ، مٿان هيءَ ديپ جلايو آ پيارا!

تان جو نومبر 1968ع ۾ سحر ٿيو. عوام جون اکيون کليون ۽ عوام اٿيو. ڍاڍ ۽ ڍهڪاءَ جا قلعا پرڻ شروع ٿيا. نومبر 1969ع ۾ ون يونٽ جي شڪنجي مان پاڪستاني قومن جي ڇوٽڪاري جو اعلان ٿيو ۽ پهرين جولاءِ 1970ع تي ٻين صوبن سان گڏ سنڌي عوام جو سڳورو سنڌ ديس پڻ ٻيهر دنيا جي نقشي تي اڀريو ۽ بحال ٿيو.

اياز جو شعر وطن جي تسليميءَ وطن جي بچاءَ وطن جي آبروءَ ۽ عظمت (شان مان) جو شعر آهي. اهو محب وطن نوجوان، ٻارن ۽ ٻين کان هر قسم جي جهد ۽ قربانيءَ جي طلب ٿو ڪري. ان ۾ وطن جي غدارن ۽ وطن جي دشمن لاءِ اڄهل نفرت ۽ بي پناهه غصو موجود آهي. انهيءَ ڪري وطن جا غدار ۽ وطن جا دشمن اياز ۽غ اياز جي شعر کي برداشت نٿا ڪري سگهن ۽ هر وقت ٻنهي کي خاموش ڪرڻ لاءِ ويهن ننهن جو زور لڳائيندا رهيا آهن.

1954ع ۾ ته- ماهي رسالو مهراڻ شروع ٿيو ۽ جيئن ان ۾ اياز جو ۽ ٻين قومي شاعرن جو شعر باقاعدي اچڻ شروع ٿيو، تيئن هنن مخالفتين پنهنجا زهريلا ڏنگ نئين سر هڻڻ شروع ڪيا. پر وطن جي چمن ۾ آزاد فضا ۽ بسنت بهار واپس اچڻي آهي، ڇاڪاڻ ته وطن جا باغبان ۽ وطن جا پاسبان ان فضا پيدا ڪرڻ لاءِ هر پل پاڻ پتوڙيندا رن ٿا ۽ سر ترڻيءَ تي کڻي هر گهڙيءَ اڳتي وڌندا رهن ٿا. آزاديءَ ۽ انسانيت جو ادب ۽ فن ۽ ان ادب ۽ فن جا اُپائيندڙ اديب ۽ شاعر ائين ئي اڄهل ۽ اڏول، پنهنجا ڪنڌ اوچا ڪيو اڳتي وڌندا رهن ٿا.

اياز تي ۽ سنڌ ۾ ذهني سجاڳي ۽ سياسي خودداري پيدا ڪندڙ فڪر تي پهريان وار جن ڪيا ۽ جتان ٿيا، اهي ڪنهن کان ڳجهان ڪونهن. هنن هيءُ سڄو عرصو پنهنجيءَ سڄيءَ ڪاوڙ ۽

ڪدورت جو نشان اياز کي ۽ سنڌ لاءِ پيغام رکندڙ هن جي نئين شعر ۽ نئين ادب کي بڻايو آهي.

اڄوڪيءَ سنڌ جي پاڪ ڌرتيءَ تي، ادب ۽ فن جي ميدان ۾ سچ ۽ ڪوڙ جي جنگاهہ ۾ مخالفتين جا سيئي وار اياز اڳتي وڌي پاڻ ڏانهن موڙيا ۽ پنهنجي اڪيلي سر تي سٺا آهن. اسان اڄ سمورا ساٿي خود اهي جيڪي بنهہ مهڙ ۾ هئا. سي سيئي مخالفتين جي مورچن منجهان چٽل تيرن کان گهٽي قدر محفوظ رهيا. چاڪاڻ جو اياز سندن تيرن آڏو پڻ پنهنجو سينو سپر سهائي بيٺو. پاڪستان جي 23 سالن ۾ سنڌ جي شايد سڄيءَ تاريخ ۾ نجي فن ۽ ادب لاءِ، ڪنهن ڪان ايتري قرباني نہ ڪڏهن گهري ويئي ۽ نہ ورتي ويئي. گلائون ۽ گاريون ۽ دڙڪا ۽ داٻ، تهمتون ۽ نظر بنديون، ڪال ڪوٺڙيون ۽ شهر نيڪاليون اياز سڀ خوشيءَ سان سٺيون. هن مانجهي مڙس سڀ ڪجهہ ٻڌو ڏٺو ۽ سٺو ۽ ان کان پوءِ بہ نہ هيڻُ ٿيو ۽ نہ راهہ تان هڪ پير بہ هٽيو يا هچڪيو. سچ آهي تہ مقصد روپي مومل کي ماڻڻو آهي تہ دهشت ڀرئي درياهہ پيچ لهرن جا لوڏا سهڻا ئي پوندا. پنهنجي پنهل کي پهچڻو آهي تہ ڪيچ مڪران جا جبل جهاڳڻا ئي پوندا. ملير جي مارن سان ملي مرڪڻو ۽ مهڪڻو آهي تہ عمر جي قيد جا ڏکڙا ڏسڻا ئي پوندا.

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري،
جنين جي ورونهن، سڄڻ آيو مون ڳري

1956ع ۾ ون يونٽ نهڻ کان پوءِ، سنڌ سان جيڪو ناحق ٿيو ان خلاف جدوجهد سنڌ ۾ ساڳي بغاوت جاڳائي، جيڪا انگريز سامراج جي خلاف سڄي ڀارت ۾ ڀڙڪي اٿي هئي. سنڌ جي تهذيب 7 زبان تي ڏاڍي ڪنهن نحس ستاي جو پاڇو پئجي ويو ۽ ائين تي لڳو تہ

سنڌ جا شاعر ۽ اديب ڄڻ ڪنهن ڌاري ٻوليءَ ۽ ڪنهن ڌاري تهذيب جا ٻنهه ٽرڊ ڪلاس نقال بنجي رهندا.

عين ان آزمائش جي گهڙيءَ ۾ اياز جي شاعريءَ، سنڌين کي پنهنجيءَ ٻوليءَ جو آلاپ، پنهنجي سنڌيت جو احساس، پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجو آڪاس موٽائي ڏنو. ان کان اڳ جو جديد سنڌي شاعري، گويا شيراز ۽ لکنؤ جو ڪولوڊيل آواره لڳندو هو جنهن جي ٻولي تي حصا اردو ۽ فارسي، جنهن جي شاعريءَ جو رنگ ڍنگ غير سنڌي هئا. ان جا گل ۽ ٻوٽا، وڻ ۽ ٽڻ درياءَ ۽ جبل ادبي اشارا ۽ تمثيلون، روايتون ۽ ڪردار سڀ غير سنڌي هئا. انهن جي هر ڳالهه مان ڌاريائپ جي ڌپ تي آئي.

سنڌ جي نجات ۽ آبروءَ لاءِ، انهيءَ ڪري پهرين ڳالهه ضرور هئي تہ سنڌ جي ادب کي سنڌي ڪري جياريو وڃي، ۽ ان ۾ پنهنجائپ پيدا ڪئي وڃي. ان ۾ سنڌ جي ڪارونجهر ۽ ڪيرٿر، منڇر ۽ ڪينجهر، اڪيچي ۽ ڪوهستان، ڪراچي ۽ ڪيٽي بندر سنڌ جي لاک رتي لوئي ۽ اجرڪ سنڌ جي سونهن ۽ ست سان سينگاريل سهاڳڻين جي هار سينگار ۽ ڳهن ڳٽن، سنڌ جي سدا ملوڪ جوان مردن جي پٽڪن ۽ کهاڙين، سنڌ جي همرچي، موري ۽ هو جمالي، پکين ۽ پسن ۽ انهن جي آزاد اُڏام ۽ هلچل، سنڌ جي وڻن ٻوٽن ۽ گلن ڦلن جي پر باهر رنگينين ۽ ساهه سيبائيندڙ سڳنڌ جو ورائي ورائي ذڪر آندو وڃي ۽ جڏهن سنڌ اڳيان اهڙو شعر پيش ٿيو. تڏهن دنيا ڇاڻي تي تہ سڄي سنڌ جهومي اٿي ۽ ان جي لوڻ لوڻ رباب جيان وڄڻ لڳي.

"سنڌ جو آواز- شيخ اياز"، اڄ نئين سنڌ جو هڪ عوامي نعرو بڻجي چڪو آهي ۽ جتي بہ سنڌ ۾ ڪو عوام دوستن جو جلوس يا انقلاب پسند ماڻهن جو جلسو يا ميڙ ٿئي ٿو اتي وڏي جوش ۽ اوچي آواز سان اهو نعرو ٻري ٿو.

"سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو!
سهندو ڪير ميار، او يار!
"سنڌ ديس جي ڌرتي توتي،
پنهنجو سيس نمايان، مٿي ماٿي لايان!"

آهي ۽ بيا ڪيئي لافاني قومي گيت اڄ سنڌ جي هر راڳيءَ جا دلپسند ترانا بنجي پيا آهن. اهو ساڳيو اياز جنهن کي پنج سال اڳ حيدرآباد منجهان گهڙيءَ جي نوٽس تي پنجاهہ پوليس وارن جي پهري هيٺ، شهر بدر ڪيو ويو هو. سو جڏهن ڪراچي جيل مان ڇٽي، جنگشاهي اسٽيشن تي پهتو تڏهن هزارها ماڻهن "جيئي سنڌ!" جا نعرا هنيا ۽ سندس ريل گاڏيءَ کي زوريءَ روڪائي، ڪانئس "سهندو ڪير ميار! او يار! سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو" جو سڪ پريو گيت ڳارايو. ان کان پوءِ ڪوٽڙيءَ جي اسٽيشن تي انبوهن سندس آجيان ڪئي. جڏهن هو حيدرآباد اسٽيشن تي پهتو تڏهن ويهن هزارن ماڻهن سندس مرحبا سان آسمان ڏاري ڇڏيو. اسٽيشن تان ڪيس جلوس ۾ نيئي وٺي ويا. قلعي ۾ سنڌ جي امر سپاهيءَ هوشو شيديءَ جي قبر تي. آڻي، ويهاري، شيخ اياز جي شيدائن ڪانئس سندس شعر ٻڌو ۽ عقيدتمنديءَ جي جذبي سان سرشار ٿيل لکن ماڻهن حيدرآباد کان سکر تائين اياز کي هر اسٽيشن تي مان ڏنو ۽ سکر اسٽيشن تان ڪلهن تي کڻي، ڳائيندي، نعرا هڻندي، پراڻي سکر ۾ سندس گهر تائين ڪيس پهچايو.

قومي جدوجهد جي هر دؤر ۾ اياز ڪي اهڙيون تہ تز تڙق پيدا ڪندڙ سٽون چيون آهن، جو اهي ان دؤر جي تاريخي روح جو ترجمان هئڻ سان گڏوگڏ شاعري، فن ۽ لطف جي بلنديءَ جو نشان پڻ بڻجي پيون آهن.

---